سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ



مختيار احمد ملاح

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ

Soorih Sindhi Adab

مختيار احمد ملاح

ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" اڪيڊمي شڪارپور / ڪراچي
مارچ 2024ع

Book No:36

حق ۽ واسطا ليکڪ ۽ اداري وٽ محفوظ

ڪتاب:	سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ
موضوع:	ادبي تاريخ
ليکڪ:	مختيار احمد ملاح
ڪمپوزنگ:	جواد احمد
لي آئوٽ:	قاضي عابد علي
ٽائيٽل:	مرتضيٰ لغاري
ڇاپو:	پهريون
تعداد:	500
مهينو سال	مارچ، 2024ع
ڇپائيندڙ:	ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" اڪيڊمي شڪارپور/ڪراچي

ملھ: 800 رپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ: ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" اڪيڊمي شڪارپور/ڪراچي 073529117 0، سمونڊ پبليڪيشن ڪراچي، دانيال ڪتاب گهر قاسم آباد حيدرآباد، مرتضيٰ ابڙو بوڪ اسٽور لکيدر شڪارپور، سنڌيڪا بوڪ شاپ گھنٽا گهر سکر، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، وسيم ڪتاب گهر مسڪين شاھ محلو شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي واڳڙو در شڪارپور، عزيز ڪتاب گهر سامهون اي سيڪشن ٿاڻو سکر، پيڪاڪ ڪتاب گهر حيدرآباد، ڪول پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌيا ڪتاب گهر شڪارپور، تهذيب ڪتاب گهر خيرپور.

Soorth Sindhi Adab

ارپنا

هي ڪتاب ارپيان ٿو

پنهنجي ٻارن اسوه احمد ۽ احمد مجتبيٰ کي، جن کي هر هفتي هڪ آڌي

ٻڌائڻ منهنجي ڊيوٽيءَ ۾ شامل آهي.

۽ هي ڪتاب ارپيان ٿو ادب جي هڪ معياري ۽ مستقل ماهوار رسالي

”گل ڦل“ کي.

اگر ”گل ڦل“ به مستقل نه هجي ها ته

شايد سنڌي ٻارڙن ادب اڃان به پوئتي

رهجي وڃي ها!

مختيار احمد ملاح

Soorh Sindhi Adab

فهرست

مختيار جنڪشن	محمود مغل	14
پبلشر نوٽ	وحيد محسن	16
پنهنجي پاران	مختيار احمد ملاح	17
ٻاراڻي ادب جي اهميت ۽ سرچشما		27
• ٻاراڻي ادب جون خوبيون		30
• ماءُ /گهر		31
• اسڪول /استاد		32
• ادب /ڪتاب		34
سنڌي ٻوليءَ ۾ آڳاٽو ٻاراڻو ادب		36
• لوڪ گيت		37
• لولي		37
• پرولي		38
• ڳجهارت		39
• لوڪ ڪهاڻي /آکاڻي		40
• پتلين جو تماشو		42
انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر		44
• درسي ڪتابن جو دور		45
• انگريزن عملدارن جون ٻاراڻي ادب لاءِ لکيتون		45
• بادشاهت جي پرچار: ترجمي وارو ادب		46
• ٻارن جي اصلوڪن ڪهاڻين جي شروعات		47
• مختلف ٻولين مان ترجمي جو رجحان		48
• ٻاراڻي ادب ۾ موضوع جي وسعت		48
انگريزي دور ۾ سنڌي ٻاراڻي شاعري		51
• مرزا قليچ بيگ		53
• پيرومل مهرچند آڏواڻي		54
• ڪشنچند "بيوس"		56

Soorih Sindhi Adab

- محمد صديق "مسافر" 57
- جمعو خان "غريب" 58
- هري "دلگير" 59

انگريزن جي دور ۾ ٻارن لاءِ آکاڻي نويسي 61

- درسي ڪتابن جون آکاڻيون 62
- هندستاني ٻولين تان ترجمو ٿيل آکاڻيون 62
- اصلوڪيون ۽ سماجڪ آکاڻيون 65
- مغربي آکاڻين جا ترجما 68

انگريز دور ۾ ٻاراڻو ناول 71

انگريز دور ۾ سنڌي ٻاراڻو ناٽڪ 76

انگريز دور ۾ ٻارن لاءِ مضمون نگاري 80

انگريز دور ۾ ٻارن لاءِ لکندڙ اديب 84

- ننديرام ميراڻي سيوهاڻي 84
- اڌارٿانورداس "حيدرآبادي" 85
- سيد ميران محمد شاهه (اول) 86
- ديوان ڪيولرام سلامتراءِ 87
- روچي رام گجومل 89
- ديوان ڪوڙومل ڪلناڻي 89
- مرزا قليچ بيگ 91
- نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي 94
- پرمانند ميوارام 95
- امام بخش "خادم" ٻڏوي 96
- محمد صديق ميمڻ 96
- اوڌنمل ٻترامداس سڌاڻي 97
- ڏيارام وسڻمل ميرچنداڻي 98
- ڪشنچند گلاب سنگهه 98
- ميلهارام واسواڻي 99
- نارائڻ داس ملڪاڻي 100

- ليلارام ولايت راءِ سپاهيملاڻي 100
- ايم. آر مائيداساڻي 101
- ويرومل هيمون ملاڻي 102
- بهاري لال ڇاٻڙيا 102

انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻي ادب جا اشاعتي ادارا،

مخصوص تنظيمون ۽ رسالا 105

- هريسنگ ڏنگومل سکر وارو 105
- پوکرداس اينڊ سنز شڪارپور وارو 106
- سستو عمدو ساهت مالا 106
- سنت ڌرما سيا 106
- ٻالڪ ميگزين، شڪارپور 107
- اخلاقي تعليم 108
- سندر ساهتيہ منڊل 108
- ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل 109
- ماهوار گلزار حيدرآباد 109
- سنڌ ڌرم سڀا، حيدرآباد 110
- دادا شيوڪ ڀوڄراج ـ ٻاراڻي ادب جي تنظيمن جو باني 110
- ٻالڪن جي ٻاري 111
- ماهوار گلستان جو ٻارن جي ادب ۾ ڪردار 112
- ٻالڪن جي ٻاريءَ جون سنڌ کان ٻاهر سرگرميون 113

آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ ٻاراڻو ادب 116

- عبوري دور 116
- ترقيءَ جو دور 118
- نئين جستجو جو دور 124

آزادي کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب جا مسئلا ۽ انهن جا حل 127

- ٻار بذات خود اديب 127
- ماحول ۽ اتساهہ 128
- اشاعت جو مسئلو 128

- مارڪيٽنگ جي اڻ جاڻائي 129
- سينئر ليکڪن جو ٻاراڻي ادب لاءِ نہ لکڻ 129
- سنڌي ميڊيم تعليم جو ڪرندڙ معيار 130
- اسڪولي مخزنن جو خاتمو 130
- موضوعيت 131
- معيار جو مسئلو 131
- ادبي تنظيمن جي اٿھوند 132
- مالي مسئلو 132
- سائنسي گيجٽس (ڪيڊوٽن) جو وڌندڙ اثر 132
- ايوارڊ ۽ انعام 133
- تحقيق جو فقدان 133
- مسئلن جي حل جي تلاش 133
- اسڪولن ۾ ادبي ماحول جوڙڻ 134
- ٻارن جي ادب جا آسان ڪيل ڪتاب 135
- ٻارن جي ادبي بورڊ جو قيام 135
- صوبائي سطح تي ٻالڪن جي ٻاريءَ جو قيام 136
- سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ذميواري 136
- سنڌي ادبي بورڊ جي ذميواري 137
- اين. جي. اوز جي ذميواري 137
- ڪتابن جي آسان خريد ۽ فروخت 137
- ٻاراڻي ادب جون فلمون ۽ ڪارٽون 138
- ورهاڱي کان اڳ ڇپيل ٻاراڻي ادب کي جلدن ۾ شايع ڪرڻ 138
- لوڪ ڪهاڻين کي تخليقي انداز سان ٻارن لاءِ پيش ڪرڻ 139
- ٻاراڻن رسالن، ڪتابي سلسلن ۾ ڇپيل مواد کي شايع ڪرڻ 139
- مغربي ڪلاسيڪل ٻاراڻي ادب کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ 139
- دنيا جي نامور ٻاراڻو ادب سرجيندڙ تخليڪارن کي سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرائڻ 140
- عالمي اتساھيندڙ ٻاراڻو ادب سنڌيءَ ۾ آڻڻ 140

- مشرقي ڏاهپ جي ڪتابن ۾ شامل ڪردارن ۽ ڪهاڻين کي متعارف ڪرائڻ 141

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب جا موضوع 142

- اخلاقي ۽ نصحيت واريون رچنائون 142
- تعليم جي اهميت ۽ مسئلا 143
- رومان واريون رچنائون 144
- جاسوسي ادبي رچنائون 145
- فئنٽيسي رچنائون 145
- سائنسي رچنائون 147
- سماجي حقيقت نگاري 150
- ديني ۽ عام معلومات وارا ڪتاب 150
- تاريخي ادبي رچنائون 151
- طنز ۽ مزاح واريون رچنائون 153
- سوانحي رچنائون 153
- سفري ڪٿائون 156

آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻي شاعري 159

- بردو سنڌي 162
- سليم "ڳاڙهوي" 162
- نثار "بزمي" 163
- نياز همايوني 163
- تنوير عباسي 164
- استاد بخاري 165
- شمشير الحيدري 166
- امداد حسيني 166
- مقصود گل 167
- ادل سومرو 168
- ذوالفقار سيال 169
- سوسن مرزا 170

- اياز گل 171
- نصير مرزا 171
- غلام محمد غازي 172
- آصف مٺياڻوي 173
- مختيار ملڪ 173
- نياز پنهور 174
- زاهد شيخ 174
- اختر درگاهي 175
- آزاد بخاري 175
- مختيار سمون 175
- اقبال شينو 176
- خليل عارف سومرو 176
- علي محمد "درد" سولنگي 177
- علي دوست "عاجز" 177
- مشتاق بخاري 178
- ممتاز عباسي 178
- بيخود بلوچ 178
- پريل دايو 179
- قمرالنساءِ جوکيو 179
- ملهار سنڌي 180
- ياسر قاضي 180

آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻيون ڪهاڻيون 183

آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻو ناول 194

آزادي کان پوءِ ٻاراڻو ناٽڪ 205

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن لاءِ مضمون نگاري 210

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن جا ڪي مشهور نثري ليکڪ 214

- آغا تاج محمد خان 214
- محمد بخش "جوهر" 214

- حاجي حقير ابن مگڻ 216
- محمد اسماعيل عرسائي 217
- نذير حسين پنهور 218
- مقبول پنهور 219
- فدا سرهيو 220
- اياز پاتولي 220
- عنايت الله عباسي 221
- ولي محمد طاهرزادو 222
- عمرالدين "بيدار" 222
- مراد علي مرزا 223
- اسماعيل بن واصف 223
- محبوب علي جوکيو 224
- امرجليل 225
- ڊاڪٽر نواز علي "شوق" 226
- عطا محمد ڀنڀرو 226
- بلاول "پرديسي" 227
- الطاف شيخ 227
- شمس الدين عرسائي 228
- حسام سومرو 229
- عبدالرحمان جتوئي 230
- اڪبر جسڪاڻي 231
- 'معمور' يوسفاڻي پلي 232
- شمس سومرو 232
- امير بخاري 232
- بشير احمد پنهور 233
- ادل سومرو 233
- عبدالعليم پنهور 235
- علي مرتضىٰ ڏاريجو 235

- زيب سنڌي 236
- پروانو سيوهاڻي 237
- الاهي بخش ٻانيڻ 237
- مشتاق مسرور باريجو 238
- ارباب علي "عادل" چوهاڻ 239
- محمود مغل 239
- منظور بيدار 241
- ظفر عباسي 241
- نذير شورو 241
- آغا قيوم 242
- اسرار شام 242
- آزاد جتوئي 243
- قربان منگي 243
- عرفان مهدي 244
- محمد صالح کهڙو 244
- يوسف سنڌي 245
- فيروزه سمون 245
- عبدالجبار 'عبد' سومرو 246
- حبيب سنائي 246
- انور ابڙو 247
- عبدالواحد سومرو 248
- الطاف ملڪاڻي 249
- خالد ڀٽي 249
- شگفته شاهه 250
- طارق قريشي 251
- عابده گهانگهرو 251
- ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي 251
- ذوالفقار ڀٽي 253

- وحيد محسن 253
- خالد آزاد 254
- عبدالحئي پلئو 255
- عبدالغفار سومرو 255
- غلام مصطفي سولنگي 256
- دليپ ڪوٺاري 256
- عبدالسلام ٿهيم 257
- هوش محمد پلئي 257
- اويس پلئو 258

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن لاءِ اشاعتي ادارا، جماعتون ۽ مخصوص رسالا 262

- آر.ايڇ. احمد برادرس، حيدرآباد 262
- اداره گلشن ادب ،ٽنڊو محمد خان 266
- سنڌي ادبي بورڊ 268
- گل ڦل رسالي جو تاريخي ڪردار 272
- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 273
- سنڌي لينگئيج اٿارٽي حيدرآباد 275
- آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد 277
- پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور 278
- ڇٽنگ پبليڪيشن، سن 279
- سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 280
- مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور 282
- ڪجهه ٻيا اشاعتي ادارا 284
- ٻارن لاءِ نڪرندڙ خصوصي رسالا 286
- اخبارن جا ٻارن لاءِ خصوصي صفحا 290

آزاديءَ کان پوءِ هند ۾ ٻاراڻو سنڌي ادب 292

- ٻاراڻي شاعري 293
- ٻاراڻي آکاڻي 294
- ٻاراڻو ناول 295

- ڀاراٿو ناٽڪ 296
- ڀارن لاءِ مضمون نگاري 296
- جيوت گوگيا "جوتي" 297
- ڪمل پياسي 298
- گووردن "ڀارتي" محبوباڻي 298
- جڳديش لڇاڻي 298
- پڳوان "ترِدوش" 299
- هوندراج بلواڻي 299
- ڄيٺو لالواڻي 301
- ونمي سدارنگاڻي 301
- ڊاڪٽر روشن گولاڻي 302

مختيار جنڪشن

ادا مختيار احمد کي بہ رب ڪريم جلشانہ ڪيئن نہ محنتن ۾ خودمختيار رکيو آهي. سندس محنتن کي ڏسجي ٿو تہ حيرتن جا ٽاڪيا پنهنجو پاڻ ڳلي پوَن ٿا. هن پارا‍ن ڪيل ڪنهن بہ علمي پورهيي کي هٿ ۾ کڻندئو تہ هٿن کي، بصارت کي ۽ شعور کي وزن جو احساس ٿيندو اهو وزن، جيڪو اصل ۾ علمي بصيرت ساڻ هوا سان سيني تائين کڻي اچي ٿو ۽ ڪيس ذري بہ ايساهي نٿي ٿئي. هتي تہ الاءِ ڪيترا وجود، ڪجهہ ورق لکي سهڪي پوندا آهن.

تحرير جي پورهيي ۾ اسين 'سهيڙ' جي عمل کي الائي ڇو نثر ۽ نظم لکڻ جي عملن کان ٿورو گهٽ محسوس ڪندا آهيون. دل مان اها دري ڳالهندي آهي تہ 'سهيڙيو' ٿي تہ اٿس... ڪهڙو پاڻ لکيو اٿس!؟... ان ۾ ڪهڙي مغزماري ڪئي اٿائين..' اهو خيال سيني وٽ نہ بہ هجي، تہ بہ پڙهندڙن تورڙي لکندڙن جو هڪ وڏو انگ، سوچ جي بارش ۾ ان خيال جي ڇٽي کڻي، پانهن لوڏيندي گهمندو آهي، پر جيڪڏهن دل تي هٿ رکجي تہ سچي ڳالهہ تہ اها بہ آهي تہ هي بہ وڏو جوکم آهي، ڪا ڪوٽ ٽوٽ ٿي تہ سڄو جملا هڻندڙن جي ڪابہ ڪوٽ ٽوٽ ڪونہ ٿيندي.

اهي سڀ فڪر پنهنجي جاءِ تي، پر سهيڙيندڙ انهن سيني کان 'بي فڪرو' ٿي ئي پنهنجو ڪم ڪري سگهي ٿو هڪ اهم ڳالهہ اها بہ هوندي آهي تہ جيڪڏهن ڪو ليکڪ، پنهنجي نثر يا نظم جو ڪُتڪو ڇپائڻ گهرندو آهي تہ هڪ جاءِ تي وٽس چوندي ۾ 'فُل اسٽاپ' اچي ويندو آهي. جڏهن تہ سهيڙيندڙ جڻ سڄي عمر 'ڪاما' جو شڪار رهندو آهي. اڳيان وهندڙ رستو پيو نظر ايندو آهي. عقل و هنر کي ڪُتب آٿي، ڪنهن جاءِ تي تہ ڏاڍو بہ ڪرڙو پوندو آهي ۽ اها ئي سهيڙ جي منزل سڏرائيندي آهي.

۽ ڇا تہ ڪمال ڏاڍو آهي اسان جي ادا مختيار ملاح جي هن 'سنڌي پاراٽي ادب جي تاريخ' جو جنهن ۾ هن پنهنجي پاران پورهيي ۾ ڪابہ جاءِ ڪونہ ڇڏي آهي. جي راهہ اڃا بہ اڳتي ٿي سگهي ٿي تہ بهرحال هي بہ ڪا عام رواجي اسٽيشن ناهي، گهٽ ۾ گهٽ تہ 'جنڪشن' آهي. تقريبن 326 صفحن تي مشتمل هي 'سنڌي پاراٽي ادب جي تاريخ' هڪ ضخيم مسودو آهي، جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ ادا مختيار ٺور نچويو آهي.

هن تاريخ ۾ ڇاويهه باب آهن ۽ هر باب پنهنجي جاءِ تي تاريخ جي اظهار جي انداز ظاهر ڪري ٿو موضوعاتي حوالي ڪان هڪ وسيع ڪئنواس، مختيار ملاح چونڊيو آهي. تنهن کان سواءِ ٻي اهم ڪاوش، انهن پروفائلس جي آهي. جيڪي هن تاريخ ۾ ڏنا ويا آهن. ’انگريز جي دور ۾ ’ٻاراڻي شاعري‘ باب ۾ ڇهه پروفائلس، ’انگريز دور ۾ ٻارن لاءِ لکندڙ اديب‘ باب ۾ ويهه پروفائلس، ’آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻي شاعري‘ باب ۾ ٽيٽيهه پروفائلس، ’آزاديءَ کان پوءِ ٻارڙن لاءِ ڪي مشهور نثري ليکڪ‘ باب ۾ ستر پروفائلس يعني ڪل هڪ سئو اٺتيهه ليکڪن جا پروفائلس پنهنجي جاءِ تي خاص اهميت رکن ٿا. تنهن کان سواءِ چوويهن ادارن جي ڪارڪردگيءَ جو مختصر جائزو به پنهنجي جاءِ تي خاص رنگ رکي ٿو طبعزاد نثر، ترجمو شاعري، ناول، ناٽڪ، مضمون نگاري ۽ سوانحي ادب جي موضوعن کي ٻاراڻي ادب جي پاڪر ۾ پيري سائين مختيار احمد ملاح هڪ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، جنهن لاءِ جس لهڻي ٿو.

هن جنڪشن تي پهچي، اسان ۽ اوهان تائين هڪ خوبصورت ڪاوش کي پهچائڻ تي ڪيس مبارڪون هجن. مون کي ذاتي طور لڳي ٿو ته هوا تي ترسندو ڪونه ۽ جيئن ريل تازي توانائي ٿي، پنهنجي وقفي وٽڻ کان پوءِ، اڳتي رواني ٿيندي آهي. ائين ئي هو به جاڻ کي لکڻ جي ٽيبل تي پهچي، واليوم ٻئو جي تياري ڪندو.

ڪيس سندس هي پورهيو ۽ ايندڙ ڪوششون مبارڪ هجن. سهيڙ جي دنيا ۾ هو جنڪشن بڻجي پيو جيڪا حيثيت گهڻ ماڻهن کي نصيب ٿيندي آهي.

رب ڪريم ڪيس دائمي، درمي، ڪرمي صرف پنهنجو محتاج رکي_ آمين.

محمود مغل

پبلشر نوٽ

سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ تي هن ڪتاب کان اڳ ۾ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي جو ڪتاب "سنڌي ٻال ساهتيه" 2005ع ۾ شايع ٿيو اهو ڪتاب پي ايچ ڊي جي ٿيسز آهي جيڪا 1992ع ۾ لکي وئي. غلام مصطفيٰ سولنگي جو ڪتاب "سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي" 2007ع ۾ شايع ٿيو خالد آزاد وگهيي ٽن جلدن ۾ "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" جي نالي سان لکي جيڪا 2016ع ۾ شايع ٿي.

مختيار احمد ملاح سنڌي ٻوليءَ جو سڄاڻ اديب ۽ محقق آهي جنهن وڏي ڪوشش ڪري "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" لکي آهي جيڪا اڳ ۾ لکيل ادبي تاريخن جيان منفرد ادبي تاريخ آهي جنهن ۾ ليکڪ آڳاٽي دور کان وٺي موجوده دور تائين ٻاراڻي ادب تي ويچار ونديا آهن.

ليکڪ انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر جنهن ۾ ڪهاڻيون، آکاڻيون، ناول، ناٽڪ، مضمون نگاري، ترجمو ۽ شاعري تي ترتيب وار ادبي تاريخ جي ڪوشنا ڪئي آهي جنهن کي مختلف بابن ۾ ورهايو ويو آهي.

مون کي انتهائي سرهائي ٿي رهي آهي جو ٻاراڻي ادب جي تاريخ تي ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" اڪيڊمي شڪارپور/ڪراچي طرفان ناماياري اديب محقق مختيار احمد ملاح جو ڪتاب "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ کي شايع ڪري رهيا آهيون جيڪو هڪ ڪارائتو ڪتاب آهي. انهيءَ اميد سان ته پڙهندڙ اسان جي هن قدم تي سرها ٿيندا ۽ پنهنجي قيمتي مشورن سان نوازيندا.

وحيد محسن/ ڪراچي
03073529117

پنھنجي پاران

دنيا جي ڪنھن بہ ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب کي نظرانداز ڪري نہ تہ ادب، نہ وري اھو معاشرو نہ وري اھا ٻولي ترقي ڪري سگھي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب ڪا خاص ترقي نہ ڪئي آھي، پر ان جي باوجود ڪتابن جي اشاعت جي لحاظ کان علائقائي ٻولين جي ڀيٽ ۾ ان کي پوئتي بہ چئي نہ ٿو سگھجي. وقت بہ وقت رسالا، تنظيمون، اخبارون ۽ اشاعتي ادارن جي معرفت سان نہ رڳو مقدار جي لحاظ کان اھم رھيو آھي، پر 1970ع کان 1990ع وارو دور معيار جي لحاظ قابل تعريف آھي. جڏھن تہ 1990ع کان پوءِ اشاعت ۾ بھتري آئي آھي، پر خود "ٻار" ھڪ اديب ھجڻ وارو رجحان تيزيءَ سان گھٽيو آھي. ان کان علاوہ، 1990ع کان پوءِ سينئر ۽ نالي وارن اديبن ٻارن لاءِ تمام گھٽ لکيو آھي. سنڌن ذھن ۾ شايد اھو ويھجي ويو آھي تہ ٻارن جي لاءِ لکڻ ۾ سنڌن معيار ڪري پوي ٿو.

سنڌي ادب جي شايع ٿيل تاريخن ۾، ادب جي تقريبن سڀني موضوعن جو ذڪر ملندو پر ڪنھن بہ تاريخ نويس، ان ۾ ٻارن جي ادب جو ذڪر ڪرڻ مناسب ئي نہ سمجھيو آھي. ٻاراڻي ادب جون دور جديد ۾ ھڪ بہ ادبي تاريخون جڙيون آھن ۽ ڪي چند مضمون بہ لکيا ويا آھن، پر انھن محض ھڪ ٻئي تان مدد ورتي آھي، پر انھن ۾ ٻاراڻو ادب جيترو بہ لکيو ويو آھي، ان حساب سان انھن ادبي تاريخن ۾ ان جو ذڪر نہ آيو آھي. ان ڪري ٻاراڻو ادب صحيح نموني ڊاڪيومينٽ ٿي نہ سگھيو آھي. مطلب تہ ٻاراڻي ادب کي تاريخي ڪتابن جي حوالي سان پڻ نظر انداز ڪيو ويو آھي. ھتي اسان سڀ کان پھرين ٻاراڻي ادب تي ٿيل تحقيق جو مختصر جائزو وٺنداسين:

انگريزن جي دور کان 1970ع واري ڏھاڪي تائين ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ جي حوالي سان ڪي خاص مضمون بہ لکيل ڪونھن، البتہ ڪجھ مضمونن ۾ مختصر معلومات آيل ھئي. انگريزن جي دور جي حوالي سان ٿوري گھڻي معلومات پروفيسر منگھارام ملڪاڻيءَ جي "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ ملي ٿي. بھرحال بعد ۾ ڪجھ مضمون لکيا ويا آھن، انھن ۾ ڪي ھن ريت آھن:

1. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: "سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب" ، ماھوار پيغام، سنڌ سڌ سماع کاتو ڪراچي، مارچ 1979ع
2. غلام محمد لاکو: "سنڌي ۾ ڇھجنڌڙ ٻاراڻو ادب"، ماھوار گل ڦل، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1979ع

3. ليلاحسن علي: "سنڌي ٻار ۽ ٻاراڻو ادب"، ماهوار نئين زندگي، جون 1979ع
4. جمال رند:"سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جا مسئلا"، ٽه ماهي مهراڻ 1_1973/2ع
5. ادل سومرو: آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ ٻاراڻو ادب"، مهراڻ، 2، 1984ع
6. ادل سومرو: "سنڌيءَ ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون" (اسين مسافر پيار جا)، 1991ع
7. ناز سنائي: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو ماضي، حال ۽ مستقبل"، ماهوار ڪينجهر، حيدرآباد، آڪٽوبر 1993ع
8. مهرخادم: "سنڌي ٻالڪ ساهت جي مختصر تاريخ"، مهراڻ، 4، 1994ع
9. اياز گل: "سنڌي ۾ ٻارن جي شاعريءَ جو مختصر جائزو"، مهراڻ، 4، 1996ع
10. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو: "انگريز راڄ ۾ شڪارپور ۾ ٻاراڻو ادب"،گل ڦل فيبروري 1987ع
11. بشير پتي: "ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر"، نئين زندگي، آگسٽ 2001ع
12. نيلم شيخ: "سنڌي ادبي ڪيتر ۾ ٻار جي اڪيلائي" (روزانه ڪاوش ۾ شايع ٿيل)
13. ظفر جوڻيجو: "سنڌي ٻاراڻو ادب ڪجهه صلاحون"، افيئر، 31 ڊسمبر، 2012ع
14. دليپ ڪوٺاري: "سِنڌِي ٻاراڻو اَدبُ ۽ ٻالڪ سڄاڳ تنظيمن جو متحرڪ ماضِي" (فيس بوڪ تي رکيل)
15. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب ۾ ٻارڙن لاءِ لکيل آکاڻين جي اهميت"، ڪارونجهر جرنل، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي، 2011ع

مٿي ذڪر ڪيل ڪان سواءِ ٻيا به ڪجهه مضمون شايع ٿيل آهن، پر انهن ۾ هڪ ٻئي تان ڪنيل ورجاءُ گهڻو آهي. مثال طور انگريزن جي دور جي آکاڻيءَ جي تاريخ سڀني پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي "سنڌي نثر جي تاريخ" تان ڪنئي آهي. اهڙي طرح ڪجهه ادبي تاريخن جا ڪتاب شايع ٿيا آهن ۽ ڪي ايم.فل وغيره جي سلسلي ۾ لکيل قلمي صورت ۾ موجود آهن، انهن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو:

ٻال ساهتيه جو وڪاس (ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي)

ٻارن جي ليکڪ مشهور اديب ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي جو ٻاراڻي ادب جي اوسر بابت لکيل هيءُ ڪتاب، 1986ع ۾ گجرات ساهتيه اڪيڊمي گانڌيڌام (ڀارت) جي مالي مدد سان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ٻارن جي ادب جي

اهميت، ٻاراڻي نفسيات ۽ ٻاراڻي ادب، ڪشنچند بيوس جي ٻاراڻي ادب، هري دلگير جي ٻاراڻن گيتن، ٻاراڻن ناٽڪن، ٻاراڻي ادب ۽ ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ اپاءَ، عنوانن تي مشتمل ست باب شامل آهن.

ٻال ساهت ۽ سنڌيءَ ۾ ان جي اهميت (هوندراج بلواڻي)

هي 44 صفحن تي مشتمل ڪتابڙو، هوندراج بلواڻي جو مرتب ڪيل آهي، جنهن ۾ ٻاراڻي ادب ۽ ان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهميت بابت ڪيرت مهرچنداڻيءَ، ڄيٺي لالواڻيءَ، ڄيٺانند لعلواڻيءَ، سيتل ورما، لڇمڻ ڪڪڙيجا، نانڪ مدناڻيءَ ۽ هوندراج بلواڻيءَ جا مضمون ڏنل آهن.

سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو (فيروزه سمون)

هيءَ ٿيسز دراصل فيروزه سمون جي ايم.فل جي سلسلي ۾ لکيل آهي، جيڪا هن 1988ع ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جي نگرانيءَ ۾ ڪئي هئي. هيءَ ٿيسز شايع نہ ٿي آهي، پر گل حيات انسٽيٽيوٽ جي ويب سائيٽ تي رکيل آهي. هن ٿيسز ۾ آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ادب جو جائزو ورتل آهي. پوري ٿيسز پنجن بابن ۾ ورهايل آهي، جن مان پهرين باب ۾ "ٻاراڻو ادب تعارف ۽ ارتقا، ٻئي باب ۾ "سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي ترقي"، ٽئين باب ۾ ٻاراڻي ادب جو تجزيو ۽ تنقيدي جائزو"، چوٿين باب ۾ ٻاراڻي ادب جي ليکڪن جي معلومات ۽ سندن شايع ٿيل مواد جي معلومات ڏنل آهي ۽ پنجين باب ۾ اشاعتي ادارن جي خدمتن جو جائزو ورتل آهي. مجموعي طور تي هن ٿيسز ۾ 1947ع کان 1975ع تائين ٻارن جي ادب جي ڊيٽا ڪليڪشن جي حوالي سان بهترين معلومات مهيا ڪري ٿي.

سنڌي ٻال ساهت هڪ نظر (منوهر نهالاڻي)

منوهر نهالاڻيءَ جو ڪتاب "سنڌي ٻال ساهتيہ هڪ نظر"، گجرات سنڌي اڪادمي، پاران 1992ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ورهاڱي کان پوءِ هند جي ٻاراڻي ادب ۾ "ٻال ڪوتائن"، "ٻال ڪهاڻين"، "ٻال ناول"، "ٻال ناٽڪ"، "ٻال جيونين"، "ٻال رسالن" ۽ "ٻال رسالن" جي تاريخ ڏنل آهي.

سنڌي ٻال ساهتيہ (ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي)

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي ٻاراڻي ادب تي 1992ع ۾ ٿيسز لکي ۽ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي، سندس ٿيسز 2005 ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي. هوندراج بلواڻيءَ جي مقالي جو عنوان"سنڌي ٻال ساهتيہ (ورهاڱي کان 1992ع

تائين) آهي. سموري ٻال ساهتيہ جي ورهاست 12 بابن ۾ ڪندي، ٻال ساهتيہ جي هرهڪ صنف ڇهندي، هرهڪ باب جي تز نظريي سان هر ڪنڊ، هر پهلو کان ڪوجناتمڪ عينڪ پائيندي، چنڊ چاڻ ڪندي، تحقيق ڪئي اٿائين. بابن جي ورهاست هن ريت آهي:باب پهريون – "ٻال ساهتيہ"، باب ٻيو – "ٻال منوو وگيان جي چاڻ سان ٻال ساهتيہ جي رچنا"، باب ٽيون – "ٻال گيت"، باب چوٿون – "ٻال ڪهاڻيون"، باب پنجون– "ٻال ناول"، باب ڇهون – "ٻال ناٽڪ"،باب ستون – "ٻال ساهتيہ جون ٻيون صنفون"، باب اٺون – "ٻارن لاءِ رسالا"، باب نائون– "ٻال ساهتيہ جي وڪاس ۽ چوڏس ڦهلاءُ"، باب ڏهون – "ترجمو ٿيل ساهتيہ"، باب يارهون – "ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيہ" ۽ باب ٻارهون ڪن "مخصوص جي مدنظر".

سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي (غلام مصطفيٰ سولنگي)

هيءُ ڪتاب ليکڪ ۽ صحافي غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو ترتيب ڏنل آهي. هي ڪتاب 2007ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي ناميارن ليکڪن جا ٻارن تي لکيل نظم ۽ انهن جو مختصر تعارف پيش ڪيو ويو آهي، جن ۾ مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهر چند 'غريب'، ڪشنچند بيوس، محمد صديق 'مسافر'، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، شيخ اياز، نارائڻ شيام، استاد بخاري، نياز همايوني، سيد منظور نقوي، محمد خان غني، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، امداد حسيني، ڊاڪٽر نواز علي شوق، اياز گل، ادل سومرو، ڪلاپرڪاش، محمد خان مدهوش، سلطان بخاري، علي محمد مجروح، مقصود گل ۽ ٻيا شامل آهن.

سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ (ٽي جلد، خالد آزاد)

خالد آزاد نوجوان شاعر ۽ محقق آهي، پر سندس گهڻي سڃاڻپ ٻارن لاءِ ادب تخليق ڪندڙ، ٻارن جو سرگرميون ڪرائيندڙ، ٻارن جا رسالا ۽ تنظيمون هلائيندڙ آهي. هن ٽن جلدن "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" سهيڙي آهي، جيڪا سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران 2016ع ۾ شايع ٿيل آهي. هيءَ ادبي تاريخ، انتهائي ڪارائتي، شانائتي ۽ چاڻ سان ڀريل آهي. محقق، هن تاريخ کي موضوعن جي حساب سان ٽن جلدن ۾ ورهايو آهي. ٽنهي جلدن ۾ تمام گهڻي معلومات ڏنل آهي، جيڪا مختلف دورن ۽ مختلف بابن ۾ ورهايل آهي. خالد آزاد، جي هن پورهئي مان محسوس ٿئي ٿو تہ هن اهي سيئي رسالا، اخبارون ۽ ڪتاب پنهنجي اکين سان ڏٺا ۽

پڙهيا آهن. ڇو ته انهن جي سالن، مهينن ۽ ليکڪن جي بنيادي ڄاڻ بهترين نموني ڏنل آهي. هن ته جلدي تاريخ ۾ جيڪا کوٽ محسوس ٿئي ٿي، اها آهي ته ٻاراڻي ادب جي موضوعن، رجحانن ۽ لاڙن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي.

سنڌي ادب ۾ ٻارن جي ڪهاڻين جو تحقيقي اڀياس (صبا پروين)

هي ۽ هڪ ايم. فل لاءِ لکيل ٿيسز آهي، جيڪا صبا پروين (صبا شاهه)، سنڌ يونيورسٽي جي شعبه سنڌي جي پروفيسر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا جي نگرانيءَ ۾ لکي وئي آهي. صبا شاهه سنڌي ادب جي ليڪچرار آهي. سندس هيءَ ٿيسز اڃا شايع ٿيل نه آهي. ان ۾ مقالانگار 1980ع کان 2000ع تائين شايع ٿيل ٻاراڻين ڪهاڻين جو جائزو ورتو آهي.

سنڌي ٻاراڻي ادب جي ڏيڍ صدي (هوش محمد ڀٽي)

نوجوان اديب، شاعر، مترجم هوش محمد ڀٽي، مختلف رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن ۾ آيل ٻارن جي ادب جي تاريخ جي حوالي سان مقالا ۽ مضمون گڏ ڪري سهيڙيا آيا آهن. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي نالي وارن ليکڪن جا لکيل مضمون ۽ مقالا آهن. هي ڪتاب اڃا شايع نه ٿيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي هڪ اهڙي تاريخ لکڻ جي ضرورت آهي، جيڪا ٻاراڻي ادب جي سموري اتهاس کي سموئي، ان ۾ ٻارن جي ادب جي موضوعن، صنفن، لاڙن، تحريڪن، جماعتن، رجحانن، مشهور اديبن جي خدمتن، اشاعتي ادارن ۽ رسالن جي ڪردار تي سماجي، سياسي، مذهبي، مقامي، عوامي ۽ غير القوامي لحاظ کان روشني وجهي. ٻاراڻي ادب جي مسئلن کي ڀرپور نموني جانچي، مسئلن جا حل ٻڌائي ۽ اهو به ٻڌائي ته "سنڌي ٻار" بذات خود اديب ڇو نه ٿي سگهيو آهي يا ٿي سگهيو آهي يا تمام گهٽ ڇو ٿيو آهي؟

مون جڏهن هن ٻاراڻي ادب جي تاريخ لکڻ جو فيصلو ڪيو ته ساڳيا سوال مون پاڻ کان پڇيا ته اگر مان اها تاريخ لکان ته انهن سوالن جا جواب ڏئي سگهندس يا نه؟ جواب اهو مليو ته مان به انهن سوالن جا جواب ڏئي نه سگهندس، ڇو ته منهنجو ٻاراڻي ادب سان سڌي ريت تعلق ڪڏهن به نه رهيو آهي. مون شاگردن جي امتحانن جا ڪيترائي مددي ڪتاب لکيا آهن، پر انهن کي ٻاراڻي ادب ۾ شامل ڪري نه ٿو سگهجي. البته پنهنجي ننڍپڻ ۾ مون کي آکاڻين ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. پنهنجي ڪلاسين، همعمر مائٽن، دوستن ۾ ويهي آکاڻيون ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو وڏو

مشغلو ڪندو هوس.نندپڻ ۾ مون کي تمام گهڻيون آکاڻيون ياد هونديون هيون. آکاڻين ٻڌائڻ جو ٻيو دور شاديءَ کان پوءِ ٻارن جي سمجهه وارو ٿيڻ کان پوءِ ٿيو. ان سلسلي ۾ مون پوين ڏهن سالن کان پنهنجي ٻارن: اسوه احمد ۽ احمد مجتبيٰ جي فرمائش تي، ٻهريان پنج سال روزاني جي بنياد تي پوءِ هفتيوار "لاکو ۽ ٻاکو جي ڪهاڻي" رات جو سمهڻ کان اڳ ٻڌائيندو رهيو آهيان. اڄ ماشاءَ الله منهنجي نياڻي اسوه انٽر ۽ پٽ احمد مجتبيٰ ڪلاس ميٽرڪ ۾ پڙهنو آهي، پر هر هفتي ڪهاڻي ٻڌڻ کان سواءِ نه سمهندا آهن. ڪهاڻي نه ٻڌائڻ جي صورت ۾ ناراض ٿي ويندا آهن. مان ڪڏهن به ڪهاڻيڪار نه رهيو آهيان، البته يونيورسٽي جي زماني ۾ شايد 2004ع ۾ منهنجون ٻه ڪهاڻيون پندرنهن روزه عبرت ميگزين ۾ شايع ٿيون هيون. ٻارن لاءِ"لاکوءَ ۽ ٻاکوءَ جي ڪهاڻي" ٺاهيندو رهيو آهيان. منهنجو خيال آهي ته مان ٻارن کي اٽڪل 500 کان مٿي ڪهاڻيون ٻڌائي چڪو آهيان. هر دفعي منهنجا ٻار زور ڀريندا رهندا آهن ته مان اهي ڪهاڻيون لکان، پر افسوس ته اهي ڪهاڻيون لکي نه سگهيو آهيان. لاکو ۽ ٻاکو غريب گهراڻي جا ٻه ٻار آهن، سندن سوٽ ولو ۽ ڪاڪو پڻ غريب آهن. هو ٻاڻ ۾ هم ڪلاسي آهن ۽ ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ غريب ۽ تعليم ۾ جڏا آهن. هنن ڪهاڻين ۾ ڳوٺ جا ساڳيا اسڪولي ڪردار هوندا آهن، جن جون هر دفعي الڳ الڳ مزاحيه، اصلاحي، سفري، مهم جوئي، سائنسي، تعليمي، معاشي ۽ معاشرتي موضوعن تي ڪهاڻيون هونديون آهن. بهرحال، انهن ڪهاڻين کي پنهنجي ڪا ادبي ميراث نه ٿو سمجهان. مٿي ذڪر ڪيل سوالن جي جواب جي سلسلي ۾ مون شايع ٿيل ٻاراڻي ادبي تاريخون، ڪي قلمي ڪتاب، رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل مضمون تلاش ڪري هٿ ڪري ورتا، پر سچي ڳالهه اها آهي ته انهيءَ سموري مواد مون کي مطمعن نه ڪيو. اهو سمورو مواد اشاعتي ادارن شايع ٿيل ڪتابن ۽ اديبن جي معلومات ته فراهم ڪري ٿيو پر فڪري ۽ ادبي لاڙن جي لحاظ کان گهڻ معلومات ڏنل آهي. بهرحال، ٻاراڻي ادب جي هڪ سٺي تاريخ لکڻ جو سمورو ڪم، اهو ئي عالم ڪري سگهي ٿو جنهن سموري زندگي ٻارن جي ادب جي خدمت ۾ گذاري هجي. اسان وٽ اهڙا اڄ به ڪيترائي اديب آهن، جيڪي اسڪالر به آهن. اهي چاهين ته ٻاراڻي ادب جي سٺي تاريخ لکي سگهن ٿا.

سچي ڳالهه اها آهي ته منهنجي لکيل هيءَ ادبي تاريخ هڪ قسم جي سيڪنڊري ريسرچ (ٻئي درجي جي تحقيق) آهي، جنهن ۾ اڳ شايع ٿيل ڪتابن،

مضمونن ۽ ڪجهہ اصل مواد تان سڌي ريت مدد ورتل آهي. ادبي تاريخن لکڻ جي تجربي جي ڪري، ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ڪجهہ قدر ٻارن جي ادب جي مسئلن ۽ مونجهارن ۽ ادبي لاڙن ۽ مشهور اديبن جي لکتن ۾ آيل مواد ڪي حوالا ڏئي پيش ڪجي. ۾ اها پيشڪش تنقيدي حوالي سان ڪيل نہ آهي.

هن ڪتاب ڪي مختلف حصن ۾ دورن ۾ ورهايو ويو آهي. سڀ کان اول ٻاراڻي ادب جي اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ٻاراڻي ادب جي وصف کان وٺندي، ٻاراڻي ادب جي خوبين ۽ سرچشمن کي بہ بيان ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ آڳاٽي ٻاراڻي ادب جو مختصر احوال ڏنل آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪري قديم سنڌ جي تعليم ۽ لوڪ ادب جا ڪجهہ مثال آيل آهن، جن ۾ لولي، ٻرولي، ڳجهارت، لوڪ آکاڻي وغيره مثال ڏئي پيش ڪيو ويو آهي.

اسان کي خبر آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکت ۽ باقاعده تعليم جو سرشتو انگريزن جي دور کان شروع ٿيو ان حوالي سان پهريون انگريزن جي دور ۾ تعليم کاتي جو ٻارن لاءِ درسي ۽ ادبي ڪتابن جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي تہ تعليم کاتي جون ٻارن جي درسي ۽ ادبي ڪتابن لاءِ ڪهڙي پاليسي هوندي هئي ۽ ٻارن جي ڪتابن ۾ ڪهڙو ادبي مواد ڏنو ويندو هو. اهڙي طرح ٻئي حصي ۾ انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻي ادب جو مختصر جائزو ورتل آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ٻاراڻي ادب جي شروعات ڪهڙي نموني سرڪاري سرپرستي کان ٿيندي خانگي ادارن ڏانهن پهتي، ان دور ۾ ڪهڙين صنفن ۾ ٻارن لاءِ مواد لکيو ويو، ان ادب جا ڪهڙا موضوع ۽ لاڙا رهيا. انهن کي بہ مثالن سان آندو ويو آهي. بهرحال، هن حصي ۾ ڪافي اهڙي بہ معلومات آهي، جيڪا اڳ گهٽ ڪتابن ۾ آيل آهي. ان کان بعد ۾ شاعري، ناول، آکاڻي، ناٽڪ، مضمون نگاري، سوانح نگاري، سائنسي مواد تي ڪافي ڌيان ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي موضوعن ۽ خوبين سان گڏ مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهر چند آڏواڻي، ڪشنچند "بيوس"، محمد صديق مسافر، جمعو خان' غريب ۽ ڪجهہ ٻين شاعرن جو ٻاراڻي شاعريءَ ۾ يوگدان جي حوالي سان جائزو ورتل آهي. اهڙيءَ طرح انگريزن جي دور ۾ آکاڻي نويسي، ناول نويسي، ناٽڪ ۽ مضمون نگاريءَ جا جهڙوڪ الڳ باب ڏنل آهن، جن ۾ انهن ادبي صنفن جو صرف ٿي صرف ٻارن جي حوالي سان جائزو ورتل آهي. آخر ۾ انگريزن جي دور جي ڪجهہ اهم اديبن جي نثري لکڻين جو احوال ڏنل آهي، جن ٻارن لاءِ آکاڻيون، ناول، ناٽڪ يا ٻيو

مواد لکيو هتي اهو پڌائڻ بہ ضروري آهي تہ هن ڪتاب کانَ اڳ ڪنهن بہ ادبي تاريخ جي ڪتاب توڙي مضمون ۾، باقاعده انگريز دور جو ٻاراڻو مواد آيل نہ هو. هن حصي تي ڪافي محنت ڪيل آهي ۽ سنڌ آرڪائيوز لائبريري، سنڌالاجيءَ جي لائبريري ۽ ڪجھہ دوستن ۽ واقفڪارن جي ذاتي لائبريرين تان استفادو ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ مان انهن سڀني سڄڻن جو ٿورائتو آهيان.

انگريزن جي دور ۾ ٻارن جي ادب لاءِ ڪافي جتن ڪيا ويا هئا، ان سلسلي ۾ ٻاراڻي ادب جي چند مشهور اشاعتي ادارن، تنظيمن ۽ رسالن جو انتهائي مختصر جائزو ورتل آهي. ان سلسلي ۾ ٻالڪ ميگزين، شڪارپور،اخلاقي تعليم رسالو،سندر ساهتيہ منڊل، ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل، ماهوار گلزار، حيدرآباد،سنڌ ڌرم سڀا، حيدرآباد ۽دادا شيوڪ ڀوڄراج_ ٻاراڻي ادب جي تنظيم جي حوالي سان معلومات ڏنل آهي.

ڪتاب جو اهم ۽ تفصيلي حصو آزاديءَ کان پوءِ واري مواد بابت آهي. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب جا ٻہ ميدان ٿيا، هڪ هتي سنڌ ۾، ٻيو هندستان ۾. هندستاني ادب تي هوندراج بلواڻي صاحب جي بهترين تاريخ لکيل آهي، جنهن ۾ ادارن توڙي ڪتابن جو فني ۽ فڪري جائزو ورتل آهي، پر اسان وٽ هندستاني ٻاراڻو ادب اڻ لڀ آهي، ان ڪري انتهائي مختصر نموني، مختلف حوالن جي آڌار تي هندستاني ٻاراڻي ادب جو جائزو ورتل آهي، ان ڪري هن ڪتاب ۾ هندستاني سنڌي ٻاراڻي ادب جي ڪافي کوٽ بہ محسوس ٿيندي. جڏهن تہ هتي سنڌ ۾شايع ٿيل مواد کي ڪافي حد تائين پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ شروع ۾ آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جو تفصيلي جائزو ورتل آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ آزاديءَ کان پوءِ شروع ۾ ٻاراڻي ادب کي شروع ۾ ڪهڙا مسئلا در پيش آيا، پوءِ ڪهڙن مرحلن مان گذري ٻاراڻي ادب جي نئين جستجو ٿي، ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ سرڪاري توڙي غير سرڪاري سطح تي ڪهڙا قدم کنيا ويا، ٻاراڻي ادب ۾ ڪهڙا موڙ ۽ موضوع آيل آهن ۽ انهن سڀني کي ٽن حصن يعني عبوري دور آزاديءَ کان ون يونٽ تائين، ٻيو ترقيءَ جو دور يعني ون يونٽ ٽٽڻ کان ويهين صديءَ جي پڄاڻي تائين ۽ ٽيون دور ايڪويهين صديءَ جي دور ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ طرح سان ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ٻاراڻي ادب کي تازهڪاري (اپڊيٽ) ڪري پيش ڪجي.

ان کان پوءِ انتهائي تفصيل سان، آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻي اب جي مسئلن تي بحث ڪيو ويو آهي. ماهرن جي راين سان ڪيترن ئي مسئلن ۽ مشڪلاتن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. آخر ۾ ممڪن حل به پيش ڪيا ويا آهن.

هن ڪتاب ۾ ڪوشش ڪري فڪري ۽ موضوعاتي مواد جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ جيڪي به موضوع پيش ٿيا آهن. مثال طور جاسوسي ادب، سياسي، ادب، نصحيت ۽ اخلاق وارو ادب، فئنٽيسي ادب، طنز ۽ مزاح نگاري وارو ادب، سوانحي ادب، تاريخي ادب، حقيقت نگاريءَ وارو ادب، رومانوي ادب، سائنسي ادب، مطلب ته هر قسم جي حوالي سان مثال ڏئي ادبي تاريخ لکي وئي آهي. دراصل، جڏهن مان ٻاراڻي ادب جو مطالعو ڪيو ته مون کي اهي موضوع گهٽ ، مختلف دورن جا ادبي لاڙا محسوس ٿيا. جيئن جيئن تعليم ترقي ڪئي، سائنسي شين جو واڌو وڌيو، فون، ريڊيو، ٽي. وي، موبائيل ۽ ٽيب جي استعمال ۾ اضافو ٿيو ته ٻارن جي پسند ۾ تبديلي ايندي وئي ته اسان جي ليکڪن انهن موضوعن کي لاڙن وانگر وٺي لکڻ شروع ڪيو ۽ اهي لاڙا سموري سنڌ جي ادب تي هڪ جهڙو اثرانداز ٿيندا هئا.

آزاديءَ کان پوءِ موضوعن، لاڙن جي گهٽائي سبب شاعري، ناول، ناٽڪ ۽ ڪهاڻي ۾ تجربا ٿيا آهن. ان ڪري آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻي شاعريءَ واري حصي ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي خوبين سميت ٻارن جي نالي وارن شاعرن جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي. ساڳئي نموني آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻيون ڪهاڻيون، ناول، ناٽڪ ، مضمون نگاري ۽ سوانحي ادب جا الڳ الڳ باب طور ڏنا ويا آهن. جن ۾ انهن نثري صنفن جي شايع ٿيل ڪتابن، موضوعن، تحريڪن ، لاڙن وغيره جو مختصر احوال ڏنل آهي. ان تسلسل ۾ آزاديءَ کان پوءِ ٻارن جي ڪن مشهور نثري اديبن جي حياتي، سندن شايع ٿيل ڪتابن ۽ سندن فڪري توڙي فني خوبين جو مختصر جائزو ڏنل آهي.

آخر ۾ ٻارن لاءِ اشاعتي ادارن، جماعتن ۽ مخصوص رسالن جو جائزو ورتو ويو آهي. ان سلسلي ۾ خالد آزاد جي ادبي تاريخ ۾ بهترين ڊيٽا ڏنل آهي، مون کي اعتراف آهي ته مان خالد جيتري ڊيٽا هن ڪتاب ۾ ڏئي نه سگهيو آهيان. هتي صرف چند سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن جهڙوڪ آر.ايڇ احمد برادرس ،اداره گلشن ادب، سنڌي ادبي بورڊ، گل ڦل رسالي جو تاريخي ڪردار،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي لينگئيج اٿارٽي،اگر پبلشنگ ايجنسي ،پوپٽ پبلشنگ هائوس

خيرپور، چٽنگ پبليڪيشن، سنڌيڪا اڪيڊمي، مهراڻ اڪيڊمي، ڪجهه ٻين ٻاراڻن اشاعتي ادارن، ٻارن لاءِ نڪرندڙ رسالن ۽ اخبارن جا ٻارن لاءِ خصوصي صفحن جي حوالي سان انتهائي مختصر معلومات ڏنل آهي.

مجموعي طور تي هي ڪتاب سنڌي ٻاراڻي ادب جي ڪا مڪمل تاريخ نه آهي، پر ڪافي حد تائين معلومات مهيا ڪندڙ ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٻاراڻي ادب جا مختلف پاسا ڏنا ويا آهن. هن ڪتاب جي سهيڙ ۾ ڪيترن ئي دوستن، واسطيدارن جو ساٿ آهي. ڪجهه اديبن پنهنجا شايع ٿيل ڪتاب منهنجي گذارش تي ڏياري موڪليا، ڪجهه لائبريرين مان هٿ ڪيا. ٻاراڻي ادب تي شايع ٿيل مضمون ۽ ڪتاب پڻ حوالي طور هن ڪتاب ۾ ڪتب آندا آهن. مان انهن سڀني مانوارن اديبن، استادن ۽ دوستن جو شڪرگذار آهيان.

منهنجي خواهش آهي ته اسان جو ٻاراڻو ادب گهٽ ۾ گهٽ ترقي ڪري، ان سلسلي ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري سطح تي ڪوششن جي ضرورت آهي. ڇو ته ٻاراڻي ادب سان ئي سنڌي ٻوليءَ بقا ۽ ترقي ممڪن ٿي سگهي ٿي. هن ڪتاب جي پروف ريڊنگ جي حوالي سان وحيد محّسن جي مدد شامل رهي آهي. ان کان علاوه، مان شڪر گذار آهيان، سائين ڊاڪٽر محمود مغل صاحب، جنهن هن ڪتاب کي پڙهي پنهنجي طرفان ڪتاب تي رايو لکي ڏنو. ان کان علاوه مانواري شاعر ۽ ٻاراڻي ادب نالي واري اديب وحيد محسن ۽ ڊاڪٽر محمد شريف شاد سومري، چيئرمين ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" اڪيڊمي شڪارپور / ڪراچي جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان، جن منهنجي هن ادنيٰ ڪوشش کي شايع ڪري توهان تائين پهچايو آهي.

مختيار احمد ملاح

ڪراچي

ٻاراڻي ادب جي اهميت ۽ سرچشما

ڪنهن به معاشري جي ترقيءَ ۾ ٻار جو ڪردار اهم هوندو آهي. ٻار قوم جي سڀ کان وڏي دولت ۽ سنسار جي سونهن هوندا آهن. جنهن معاشري جا ٻار زندگيءَ جي مختلف ميدانن ۾ پوئتي رهجي ويندا آهن، اهي معاشرا ڪڏهن به ترقي ڪري نه سگهندا آهن. جڳ مشهور انگريز شاعر وليم ورڊس ورٿ ٻار کي "آئيندي جو ابو" سڏيو آهي، ڇو جو اهو جيڪو اڄ ٻار آهي، سڀاڻي وڏو ٿي ڪيس ٿي پيءُ جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي ۽ معاشري جي مختلف محاذن تي ڪيس خدمتون سرانجام ڏيڻيون آهن. رابيندر ناٿ ٽيگور ته ايترو به چيو آهي ته "هر نئون ڄاول ٻار پاڻ سان اهو پيغام آڻي ٿو ته خدا اڃا انسان مان مايوس نه ٿيو آهي". هين لفظن ۾ ٻار نه رڳو خوشحال آئيندي جي سڃاڻپ آهي، پر هو ڪائنات جي بقا جي علامت پڻ آهي. ٻار پاڻ سان گڏ سڪون، خوشي، ايماندار، نيڪي ۽ پيار کڻي اچي ٿو ان حساب سان ٻار قدرت جي سڀ کان وڏي نعمت آهي، انهن جي مناسب تعليم ۽ تربيت سنڌن والدين جو پهريون فرض بڻجي ٿو اڄ جي ترقي يافته معاشري ۾ ٻارن جي مشقت (Child Labour) کي ناپسند ڪيو وڃي ٿو ٻارن جي استحصال جي خلاف تنظيمون جڙيل آهن. ٻارن جي تربيت ۽ تعليم لاءِ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون، راندين جا ميدان، نصابي ۽ غير نصابي سرگرميون، ڪتاب، رسالا، فلمون، ناٽڪ، ڪارٽون، لائبريريون، علمي ۽ ادبي مقابلا، ڪمپيوٽر، موبائيل فونون ۽ ٻيون گهڻو ڪجهه سرڪاري ۽ غير سرڪاري طور موجود آهن.

اسان جي سنڌي معاشري ۾ مختلف دور جا ٻار مختلف راندين ۽ سرگرمين ۾ مصروف هوندا هئا. موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ ٻين هنڌن تان ڏاند گاڏين جا بيشمار پتلا مليا، جيڪي ٻارن جي راند ڪيڏڻ لاءِ ٺاهيا ويا آهن. محمد ادريس صديقي لکي ٿو ته "سنڌو ماٿري جا ٻار اڄ جي ٻارن جي مقابلي ۾ وڌيڪ خوشبخت هئا. هتان بيحد گهڻا ڪيڏوڻا مليا آهن. جنهن مان پتو پوي ٿو ته ان زماني جا ماءُ پيءُ ٻارن جي وندر ۽ راند روند جو ڪافي خيال رکندا هئا. هتان مٽيءَ، سپ، پٿر ۽ عاج جا رانديڪا مليا آهن، جن جي بناوت مان سمجهي سگهجي ٿو ته تن ڏينهن ۾ اها ڪاريگري گهڻي ترقي تي هئي".[1] پر اڄ جو ٻار اڳين ٻارن کي سائنس، ٽيڪنالاجي جي حوالي سان اڳتي آهي. اڄ جي ٻار وٽ سکيا لاءِ سائنسي ڪيڏوڻا آهن، ڪمپيوٽر، ٽيبليٽ ۽

موبائيل فونون آهن. دنيا جهان جا چاڻ سندن هٿ ۾ آهي. ان ڪري اڄ جو ٻار وڏيڪ ذهين ۽ تعليم جي حوالي سان اڳڀرو آهي. پر ادبي طور سندس ڪردار انتهائي غير مطمعن ڪندڙ آهي.

ٻاراڻي نشونما جو سڌيءَ ريت اثر سندس شخصيت ۽ ادبي سگهه تي پوندو آهي. ٻاراڻي ادب ڪانسواءِ دنيا جو ڪوبه علم ۽ ادب ترقي ڪري نه ٿو سگهي. ادب ڪانسواءِ ٻارن ۾ تخليقي ۽ مشاهداتي عمل ڏکيو ڪم آهي. ٻين لفظن ۾ چئجي ته ٻاراڻو ادب ڪنهن به ٻوليءَ لاءِ آڪسيجن وارو ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ آڪسيجن کان سواءِ زندگي ممڪن نه آهي، تهڙي ريت ٻاراڻي ادب کان سواءِ ٻوليءَ ان جي ادب جي ترقي ممڪن نه آهي. ياد رهي ته ٻاراڻي ادب مان اسان جي مراد اهڙو ادب آهي، جيڪو ٻارن لاءِ هجي. اهو ٻارن جي ذهني سطح مطابق هجي، انهن ۾ ٻارن جي نفسيات جو عنصر شامل هجي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ لکي ٿو ته "مختصر لفظن ۾ ٻاراڻي ادب جي وصف ائين بيان ڪري سگهجي ٿي ته اهو ادب جيڪو ٻارن جو هجي ۽ ٻارن لاءِ هجي، تنهن کي ٻاراڻو ادب چئبو آهي. ليڪن حقيقت ۾ اها اڌوري ۽ اڻ پوري وصف آهي. ڇو ته وقت ۽ حالتن کي نظر ۾ رکندي جيستائين اسان اهو فيصلو نه ٿا ڪريون ته ڪهڙو ادب ڪهڙي ٻار کي ڏئي رهيا آهيون، ان وقت تائين اسان ٻاراڻي ادب جو مفهوم سمجهي نه سگهنداسين." [2] ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻيءَ ٻاراڻي ادب جي وصف کي وڌيڪ سادو ڪري هن ريت پيش ڪيو آهي: "ٻال ساهت مان مراد اهڙي ساهتيه آهي، جيڪو ٻار جي من ۾ گُٽن، ملهن جي سلن کي اپاري ڦهلائي ۽ پشپ گل بڻائي. ٻاراڻو ادب معنيٰ ٻارن جي ساهتيه جيڪو ٻارن جي نفسيات، چاهه، خواهشن ۽ آزمودي آڌار ٻارن کي ٿي نظر ۾ رکي قلم بند ڪيل ادب. ٻاراڻو ادب ٻارن جي عمر آڌار ٻارن جي ٻاهرين توڙي اندروني شخصيت ۽ ذهني اوسر ۾ مدد روپ ٿيندڙ هجي. مستقبل جي ترقي ۽ تصورن جي آڌار تي رکندڙ هجي. ٻاراڻو ادب اهو آهي، جيڪو تخليقي پرڪريا کي جوڙي احساسن ۽ تخيل جي سگهه جڙواو ڪري سيل، سيپڪ لفظن ۾ جڙيل هجي. اديب جي تخيل جي سگهه جيتري وسيع، جذبا، احساس، محسوسات جيتري وڌيڪ گهري، جيون نظريو جيترو وشال هوندو ٻاراڻو ادب اوترو ئي اعليٰ درجي جو معياري هوندو." [3]

ظفر جوڻيجي موجب "ٻاراڻي ادب جون وصفون هڪ کان وڌيڪ ٿي سگهن ٿيون، پر سڀ کان قابل قبول هيءَ وصف آهي ته "ٻاراڻو ادب ، اهڙي ادب کي چئجي ٿو

، جنهن کي ٻار ٻارهن سالن جي عمر تائين دلچسپيءَ سان پڙهن. اهڙن ڪتابن ۾ گهڻو ڪري خاڪا، چٽر ۽ تصويرون ڏنل هجن " پر ائين به ٿيو آهي ته ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب وڏن جي دلچسپيءَ جو سبب بڻيا آهن ۽ وري وڏن لاءِ لکيل ڪتاب ٻارن ڪي به وڻيا آهن. ان حوالي سان مارڪ ٽوائن جو لکيل ڪتاب "ايڊوينچرس آف هڪل بيريفن" جو نالو ڪڍي سگهجي ٿو. هن اهو وڏن لاءِ لکيو هو، پر هاڻي ٻارن جو پڻ من پسند ڪتاب آهي. اهڙي طرح ليوي ڪيرول جي ڪتاب ايلس ان ونڊر لئنڊ" جو مثال به ڏئي سگهجي ٿو. جنهن کي هن وقت ٻار ۽ وڏا ٻئي پڙهي رهيا آهن.

ٻاراڻي ادب جي ورڇ ڊاڪٽر نينسي اي. انڊرسن (ايسوسيئٽ پروفيسر ڪاليج آف ايجوڪيشن يونيورسٽي آف سائوٿ فلوريڊا)، پنجن ڀاڱن ۾ ڪئي آهي:

1. تصويري ڪتاب (الف بي، انگ، مختلف نمونن وارا ڪتاب، اکرن بنا تصويري ڪتاب وغيره)
2. روايتي ادب (ڏند ڪٿائون، لوڪ ڪهاڻيون، جنن ڀوتن ، ديون ۽ پرين جون ڪهاڻيون)
3. افسانوي ادب (تجسس پريون ڪهاڻيون ۽ عام ڪهاڻيون)
4. غير افسانوي ادب (آتم ڪهاڻيون ۽ جيون ڪهاڻيون وغيره)
5. شعر ۽ شاعري وغيره".[4]

اسان مٿي ذڪر ڪيل پنجن حصن جي حوالي سان جيڪڏهن موجوده سنڌي ٻاراڻي ادب تي نظر وجهنداسين ته خبر پوندي ته اسان جو ٻاراڻو ادب گهڻو پوئتي نظر ايندو. اسان اردو ٻار جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻار کي وڌيڪ بهتر ادب ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيا آهيون.

بين الاقوامي ته ڇا، پر علائقائي سطح جو ٻاراڻو ادب، موضوع، مواد، مواد جي ڇپائيءَ جي خيال سان پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهيون. ان جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. ڊاڪٽر ظفر جوڻيجي پاڙيسري ملڪن سان اسان جي ٻاراڻي ادب کي پيٽيندي لکيو آهي ته: "اسين پنهنجي پاڙيسري ملڪن خاص طرح انڊيا ۽ ايران کان تمام گهڻو سِکي سگهون ٿا. پر ڏڪ آهي ته متان انڊيا جي مختلف ٻولين ۾ تخليق ٿيندڙ عالمي معيار جو ٻاراڻو ادب اسان لاءِ اتساهه جو سبب بنجڻ بجاءِ ڪٿي اسان کي مايوس نه ڪري وجهيا پر ايران ۾ سرجندڙ ٻاراڻو ادب به گهٽ ڪونهي، اهو ته هر خيال کان عاليشان آهي، ۽ ان مان گهڻو ڪجهه سکي سگهجي ٿو ايراني ٻاراڻي ادب

جي معيار جي پرک انٽرنيشنل ڊجيٽل چلڊرينس لائبريءَ کي وزٽ ڪندي ڪري سگهجي ٿي. انٽرنيشنل ڊجيٽل چلڊرينس لائبريءَ تي 49 ٻولين جا ٽن هزارن کان وڌيڪ ٻاراڻا ڪتاب رکيل آهن ۽ انهن ڪتاب مان 407 ڪتاب ايران جا فارسيءَ ٻوليءَ ۾ مختلف عمر جي ٻارن لاءِ آهن. جنهن مان 307 تہ اهڙا آهن، جن کي مختلف انعام ۽ اعزاز ملي چڪا آهن. انهيءَ ڊجيٽل لائبريءَ ۾ ڇهہ ڪتاب تہ اهڙا آهن، جيڪي سڄيءَ دنيا جي ٻارن جا پسنديده ڪتاب آهن، جن کي هڪ سال جي عرصي ۾ ڇهہ لک پنجاهہ هزار ماڻهن پڙهيو آهي ۽ اِنهن ڇهن ڪتابن مان ٻہ ڪتاب ايراني ٻاراڻا ڪتاب آهن. هاڻي اسان کي اندازو ٿي چڪو هوندو تہ زنده قومون پنهنجي مستقبل لاءِ ڪيتريون نہ سنجيده آهن. ڇا اسين ٻاراڻي ادب کي ايران جي حوالي سان نٽا سڪي سگهون؟ "[5]

ٻاراڻي ادب جون خوبيون

ٻاراڻي ادب جون پنهنجون خوبيون ۽ ادبي روايتون ٿينديون آهن، جن ڪري ٻاراڻو ادب، وڏن جي ادب کان الڳ هوندو آهي:

سادگي: ٻاراڻي ادب جي خاص ڳالهہ سادگي ٿيندي آهي، ان ۾ ڏکيو مشڪل لفظ، علامتون ۽ ڊگها جملا ڪونہ ٿيندا آهن.

جدت: ٻاراڻي ادب ۾ جدت مان مراد نئين کان نئين جديد موضوعن کي پيش ڪرڻو هوندو آهي. اگر موضوع پراڻو آهي تہ ان کي جديد انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي.

ونڊر: جنهن ٻاراڻي ادب ۾ ونڊر ناهي، اهو ٻاراڻو ادب ئي نہ رهندو.

عام رواجي زندگي: ٻاراڻي افسانوي ادب ۾ عام رواجي زندگي وارين موضوعن کي وڌيڪ پسند ڪيو ويندو آهي.

نصيحت: ٻارن کي ادب ٻڌائڻ ۽ پڙهائڻ جو مقصد اهو آهي تہ کيس اخلاق، فهم ۽ ڪردار جي اهميت سمجهائجي.

پهلواني: ٻاراڻي افسانوي ادب ۾ بهادرن ۽ سورهين جي ڪهاڻين کي ترجيح ڏني ويندي آهي.

سچ جي فتح: ديو، جن، ڀوت ڀلي طاقتور هجن، پر هڪ ڪمزور انسان کين آخر ۾ ختم ڪري ڇڏيندو آهي، جو تہ مافوق الفطرت مخلوق بديءَ جي علامت آهي ۽ انسان نيڪي جو پيروڪار آهي.

کل پوڳ: ٻاراڻي ادب ۾ کل خوشيءَ جو هجڻ تمام ضروري آهي. نه ته خشڪ ڳالهيون ٻارن کي بور ڪري وجهنديون. ٻارن ۾ لطيفا، چرچا ۽ مزاحيه ڪردار وڌيڪ پسند ڪيا ويندا آهن.

انساني لاڳاپا: ٻاراڻي افسانوي ادب ۾ انساني رشتن جي مثبت پهلو کي ڪنيو ويندو آهي. ڇو ته ٻار کي اهڙو ادب پڙهائجي، جنهن سان مستقبل ۾ ڪيس انساني رشتن ناتن جو قدر ٿئي.

ڪشالو: ديو مالائي قصن ڪهاڻين ۾ ڪشالا ڏيکاريا ويندا آهن ته انسان ڪيئن جبل جهاڳي ٿو ٿر ۽ صحرا تي سفر ڪري ٿو سمنڊن ۽ درياهن مان گذرندي، گرمين ۽ سردين جو مقابلو ڪري ٿو. جنگهن ۽ ميدانن مان گذري ديون، بلائن ۽ جانورن جو مقابلو ڪري ٿو.

ٺڳي ۽ چالبازي: انساني جبلتن ۾ نيڪي ۽ بدي ٻئي شامل آهن. ڪيٰ انسان نيڪ ٿيندا آهن ته ڪي ٺڳ ۽ چالباز ٿيندا آهن ۽ هو سادن ۽ ابوجهن کي پنهنجي مڪاري سان ٺڳيندا آهن. اهڙا ڪردار ٻاراڻي افسانوي ادب سان ڀريا پيا آهن.

عقل ۽ بخت: عقل ۽ بخت جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. انسان تدبيرن سان پنهنجي تقدير بدلائي ڇڏيندو آهي. ٻاراڻي ادب ۾ ٻارن جي سکيا لاءِ اهڙا موضوع جوڙيا ويندا آهن. جنهن سان هو پنهنجي عقل سان پنهنجي بخت کي جوڙي وجهي.

ٻاراڻي ادب جا سرچشما

ٻاراڻي ادب جا ڪيترائي فائدا آهن. ٻارن ۾ تخليقي سگهه وڌي ٿي. مطالعي جو شوق وڌي ٿو جنهن سان عقل، فهم ۽ سمجهداريءَ ۾ اضافو ٿئي ٿو. علمي ڪتاب چاڻ وڌائن ٿا، پر ادبي ڪتاب ڏاهپ وڌائين ٿا. اڄ جي ادبي دنيا صرف هڪ ٻوليءَ تائين محدود نه رهي آهي، اڄ جو ٻار ادبي ڪتابن سان پڙهي ۽ پرکي سگهي ٿو ته يورپ جو ٻار ڇا ٿو سوچي، ايشيا جي ملڪن جا ٻار ڪٿي بيٺا آهن ته آفريڪا ۽ آمريڪا جا ٻار ڇا ۾ دلچسپي رکن ٿا. اگر ڏٺو وڃي ته ٻاراڻي ادب جا ٽي سرچشما ٿين ٿا، جن ۾: ماءُ /گهر، اسڪول /استاد ۽ ادب /ڪتاب شامل آهن.

ماءُ /گهر:

ماءُ جو ٻار سان فطري پيار هوندو آهي. سياري جون ڏگهيون راتيون ۽ اونهاري جا ڏگها گرم ڏينهن جاڳي ٻه ٻچي کي ننڊ ڏياري سمهاريندي آهي. ٻاراڻي

ادب جي ابتدا ماءُ جي لولين ۽ ناني جي آکاڻين مان حاصل ٿئي ٿي. ٻار پنهنجي گهر ۾ مڪمل طور ڳالهائڻ، اخلاق جا نُڪتا، ڳجهارتون، پهاڪا ۽ روزمره جا سبق سکي وٺي ٿو. جيڪي ڪهاڻيون ماءُ ٻار کي ڀاڪر ۾ ڀري ٻڌائيندي آهي، انهن ڪان وڌيڪ سٺيون ڪهاڻيون ٻار کي ڪو به ٻڌائي نه سگهندو آهي. ماءُ جي لولي ڪان وڌيڪ ڪا شاعري نه آهي. سنڌس لولي ۾ فطري رنگ سمايل هوندا آهن:
جيحل جهولي، ڏئي پئي لولي.

لولي لال جيئڻ شال!
بسم الله ست، تو ۾ آهي، رب جي برڪت
بسم الله جي رتي، توکي واءُ نه لڳي رتي
توکي ڪوسا نه لڳن جهولا
رب ڏيکاري نه ڏينهن اولا

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته: "ڇتي سانير آهي، مثلاً ڪي ڪهاڻيون نانين ڏاڏين ٻڌايون 'الڙ بلڙ'، 'هيتلي ڪيتلي'، 'جهرڪ ۽ جهرڪي' ۽ 'وندر ۽ ريجهه' ڪهاڻيون جي نهايت ئي ڏکدائڪ يا نهايت ڪلائيندڙ هونديون هيون جن جو اثر وڏي ڄمار تائين به دل تي ڇانيو پيو آهي". (6)

موجوده دور ۾ ڳوٺن توڙن شهرن جو ماحول ئي مٽجي ويو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار جلباڻي لکيو آهي ته: "ڪو دور هو جنهن کي ماضي قريب چئون جو نانيون، ڏاڏيون، مائرون ۽ وڏين عمرين جون بزرگ عورتن جون ٻڌايل زباني آکاڻيون وڏي اهميت واريون هونديون هيون، جنهن سان ٻارن جي ذهني ۽ فڪري تربيت ٿيندي هئي. اڄ گهرن ۾ انهن ٻڌڻين جون ڳالهيون گهٽ ٻڌيون وڃن ٿيون، ننڍا ٻار به موبائل، ڪمپيوٽر ۽ ليپ ٽاپ جو استعمال ڪن ٿا. ڪنهن وٽ به ڪنهن لاءِ وقت ڪونهي هرڪو پنهنجي مصروفيتن ۾ گم سم آهي. اهو دور هو جو گهرن، اوطاقن توڙي ذاتي ڪچهرين ۾ مٺو هڪٻئي سان ملن مائٽن، اوڙي پاڙي، راڄ ڀاڳ ۽ دوستين جي پرم کي بحال رکڻ جون ڳالهيون ٿينديون هيون سي سڀ تبديل ٿي ويون آهن. هردور جي پنهنجي گهرج هوندي آهي. اڳيون دور اسان موٽائي ته نه ٿا سگهون پر انهيءَ کي ساري ۽ ياد ڪري، هن جديد دور ۾ ڪي سٺا اخلاقي قدر قائم ڪري سگهون ٿا". (7)

اسڪول / استاد:

تعليم جو مقصد ٻار کي پيش ايندڙ حالتن کي منهن ڏيڻ ۽ عملي زندگيءَ ۾ ذميوارين لاءِ تيار ڪرڻ هوندو آهي. استاد ڪيس دنيا جي علمن سان گڏ اخلاقي ۽

سبق آموز ادب پڙهائي ٿو. ڪيس دنيا جي ادبي دنيا مان ڏنل سبق سيکاري سندس عقل کي وڌائي ٿو ۽ ڪيس ادبي ماحول لاءِ پڻ راغب ڪري ٿو. ٻار جڏهن ماءُ جي گود ڇڏي ٿو تہ ڪيس اڪثر حالتن ۾ استاد سان مڪتب ۾ هٿ ملائڻو پوي ٿو. جيتوڻيڪ مڪتب يا مدرسي ۾ ٻار کي گهڻو ڪجهه بہ پڙهڻو پوي ٿو. پر پوءِ بہ ان کي غير منظم ٻاراڻو ادب نصيب ٿئي ٿو ۽ ڪيس چوڻو پوي ٿو تہ:

جو ڪير پيئي، سو وير ٿئي،
ڏند زور وٺن، سنا سهڻا لڳن.
اکين جوت وڌي، ڏاڍي سونهن ٿئي،
وٺي زور بدن، لڳ چست ٿين.
ڪير صفا سٺو، واه ڏاڍو مٺو.
ٻارو اچو پيئون، پري ڪير وٺيون.
سڀ زور وٺون، پيو ڪير وڌون.
ڏي ڪير امان، پي پڙهڻ وڃان.

سنڌ جي تاريخي اتهاس ۾ ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻارن جي تعليم جا مختلف طريقا رهيا آهن. آرين جي دور جي تعليم ۽ نصاب جي حوالي سان گنگارام سمرات لکي ٿو تہ "هتي تعليمي ادارن جي ذريعي ۽ پيو سنياسن جي ذريعي، ڪي سڄاڻ پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو تعليم ۽ تدريس ۾ صرف ڪري، تعليمي ادارن مان رٽائر ٿي، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ روحي سنياسي بڻجي راجا توڙي رعيت کي ڌرمي ۽ اخلاقي تعليم ڏيندا هئا".[8] مطلب تہ اهڙو علم ۽ ادب پڙهايو ويندو هو جنهن ۾ صرف اخلاقي تربيت رکيل هجي. قديم دور کان ڳوٺن ۾ بہ تعليم جو بندوبست ڪيو ويندو هو. تعليم ايتري تہ عام هئي جو لکت جو سرشتو پوري ملڪ ۾ رائج هو. موهن لعل ڪيمچند انهن دورن جي تعليم جي طريقي ۽ علمي ادبي نصاب جي متعلق لکيو آهي تہ: "اتهاس ڏي نهاريندا سين تہ هر ڪنهن نموني جي تعليم ڏني ويندي هئي. صبح جو سويل اٿي وديارٿي ۽ گرو گڏجي ايشور جي پرارٿنا ڪندا هئا. تنهن کان پوءِ هرهڪ وديارٿي ورزش ڪندو هو جيئن هرڪو ٻلوان ٿئي ۽ تندرست گذاري. تنهن کان پوءِ اشنان ڪري ٻاهر پوڄا کان واندا ٿي تعليم وٺندا هئا. تنهن کان پوءِ گرو انهن وديارٿين کي ڌرمي شاستر، ويد، پراڻ، رامائڻ ۽ مهاڀارت جي سنسڪرت جي شلوڪن جون سمجهاڻيون ڏيندو هو. شام جي وقت

سپ ودپارٽي ٻهاڙن تي گروءِ سان گڏ ويندا هئا، جتي سهڻن نظارن کي ڏسڻ پسند ڪندا هئا ۽ ڪن چڱين ۽ اخلاقي ڳالهين تي بحث ڪندا هئا.“ (9)

ادب ۽ اديب /ڪتاب

اديب معاشري جو عڪاس هوندو آهي، جنهن جي مطالعي سان ٻار به اثر قبول ڪري ٿو ۽ سماج بابت حقيقتون ڄاڻي ٿو. سندس تخليقي سگهه کي وڌائي ٿو ڪيس سائنس فڪشن، مافوق الفطرت دنيا، معاشرتي مسئلن کان آگاهه ڪرڻ، نيڪي ۽ بديءَ جي جنگ ۾ نيڪي جي ترغيب ڏيڻ، معاشري ۾ ٻار جي اهميت کي مڃتا ملڻ، مستقبل کان آگاهي ڏيڻ وغيره سميت بيشمار موضوعن کان آشنا ڪري ٿو. ٻاراڻي ادب جي ليکڪ ڪارپال هجارڊ پنهنجي ڪتاب Books Children and Men ۾ لکيو هو ته ”مان اهڙي ڪتاب کي پسند ڪيان ٿو جيڪو تاريخ سان اهم آهنگ هجي، جيڪو ٻارن ۾ اعليٰ انساني جذبن جو احساس ڏئي ٿو ۽ جيڪو گيان سان اخلاقي گڻن سان پريوي آهي.“ (10)

ڪتابن کان وڌيڪ ڪو به بهترين دوست نه ٿيندو آهي. ٻاراڻو اَدب جيترو نصيحت ڀريو هوندو اوترو ئي صحتمند معاشرو تعمير پائيندو ۽ اڳتي وڌندو ترقي ڪندو رهندو. اسان جي اديبن تي وڏيون ذميواريون آهن. هو ٻاراڻي ادب ۽ نصاب کي تروتازو رکندا اچن جو هردور جي نمائندگي ٿيندي رهي ۽ اسان جو ٻار وڏو ٿي دنيا جي سمورن شعبن ۾ پنهنجو نالو روشن ڪري، اهڙو ادب نندڙن توڙي نوجوان ٻارن لاءِ وندر سان گڏ ذهني پرورش به مهيا ڪري ٿو علمي ۽ ادبي لحاظ کان نظم، گيت ۽ بيت توڙي نصيحت ڀريا سبق جي اڄ گهرن ۾ جي نه ٿا ٻڌايا وڃن ته، اسان وٽ ٻيا به ذريعا آهن، اخبارون، ٽيليويزن، رسالا، فيس بڪ، واٽس ايپ وغيره وغيره اڇي وڃن ٿا.

حوالا:

1. محمد ادريس صديقي :"سنڌو ماٿر جي سڀيتا". تعارف (مترجم شمس سرڪي).سنڌي ادبي بورڊ 1995 ع، ص 138
2. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: "سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب". ماهوار پيغام، سنڌ سڏ سماع کاتو ڪراچي، مارچ 1979 ع، ص 45
3. ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي: سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر" (سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس _مقالا، ترتيب پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ پروفيسر سليم ميمڻ)، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي 2016 ع، ص 263
4. ظفر جوڻيجو: "سنڌي ٻاراڻو ادب، ڪجهه صلاحون". افيئر 31 ڊسمبر 2012 ع، ص 52
5. ساڳيو حوالو ص 52
6. ملڪاڻي منگهارام :"سنڌي نثر جي تاريخ" (ڇاپو ٽيون)، روشني پبليڪيشن حيدرآباد، 1993 ع، ص 37
7. ڊاڪٽر ذوالفقار جلباڻي:"ٻاراڻي ادب ۾ اديب، استاد ۽ نصاب جو ڪردار". ماهوار مئگزين همسري، جون 2022 ع، ص 20
8. ڪنگارام سمرات:"آريه ورت"، ڇيٽين ديوورما حيدرآباد، 1946 ع، ص 126
9. موهن لعل ڪيمچند سوميا: "آڳاٽي ۽ هاڻوڪي تعليم"، جاڳرتي، 3 آگسٽ 1968 ع، ص 12
10. Paul Hazard:" Books Children and Men", 1972, online reading

سنڌي ٻوليءَ ۾ آڳاٽو ٻاراڻو ادب

اسان وٽ قديم سنڌي ٻاراڻي ادب تي ڪا خاص تحقيق نہ ٿي آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ لکيو آهي تہ: "سنڌي ۾ ٻاراڻي ادب جي تاريخ جي ان حصي تي اسان جي عالمن ۽ اديبن اڃا تائين ڪا جوڳي تحقيق ڪا نہ ڪئي آهي. گهر جو ديواريءَ کان وٺندي جو چوياريءَ تائين ادب پيدا ٿيندو رهي ٿو ان جي پالنا بہ اتي ٿي ٿي هئي. باقي اسان جو تخليق ڪيل ٻاراڻو ادب اسان جي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ آهي." (1)

دنيا ۾ ٻاراڻي ادب جي شروعات سترهين صديءَ ۾ ٿي ۽ ان دور جا ٻہ ڪتاب هڪ "آربس پيٽڪس"، جيڪو 1658 ع ۾ "جين ايموس ڪي" لکيو جنهن ۾ پهريون ڀيرو چتر ڏنا ويا هئا. ٻيو ڪتاب "جان نيوبيري" ڇپيو جنهن جو عنوان هو "اي لٽل پريٽي پاڪيٽ بوڪ". موجوده ٻاراڻي عالمي ادب تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ پرڏيهي ملڪن ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر، اشاعت، تخليقي سگهہ، سطح، ان جي واڌ، اثرن، نفسيات وغيره خاصيتن تي ڪافي غور، فڪر مطالعو ۽ تجربا ٿيندا رهيا آهن، اتي اسان جو سنڌي ادب نظرانداز رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جو پهريون ڪتاب "باب نامو" 1854 ع ۾ شايع ٿيو جنهن جو ليکڪ ديوان ننديرام هو. پر اسان کي پنهنجي ٻاراڻي ادب جي تاريخ پنهنجي لوڪ ادب مان ڳولهڻي پوندي، ڇو تہ سنڌي ٻوليءَ ادب جي تاريخ ايتري قديم آهي، جيتري سنڌي لوڪ ادب جي تاريخ قديم آهي.

لوڪ ادب جي معنيٰ آهي: عام لوڪن جو اهڙو ادب، جيڪو زباني روايتن ذريعي هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين منتقل ٿي محفوظ ٿيو هجي. هي ادب روايتن، عقيدن ۽ ڏندڪٿائن جو اهڙو مجموعو آهي، جنهن ۾ روايتي قصا، آکاڻيون، ٻِجهارتون، چوڻيون، لوڪ گيت ۽ ٻيون شاعراڻيون صنفون شامل هونديون آهن. جن جو تخليقڪار هڪ عام ماڻهو خاص ڪري ٻهراڙيءَ جو اڻ پڙهيو. پر سياڻو فرد/ سگهڙ هوندو آهي.سنڌي ٻوليءَ ۾ لوڪ ادب جو تمام وڏو ذخيرو موجود آهي. جنهن ۾ سنڌي ماڻهن جي لوڪ ڏاهپ ۽ قومي ثقافت جا اولڙا ڏسي سگهجن ٿا." (2)

سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ ادب ۾ شاعري توڙي قصن ۽ آکاڻين ۾ ٻاراڻي ادب جون بيشمار صنفون، موضوع، سکيا ۽ وندر وارو ماحول ملندو اهو ادب اڄ جو نہ آهي،

پر ان ۾ سنڌ جو تاريخي اتهاس سمايل آهي. اهو ادب سنڌ جي ٻارن صدين کان پنهنجي سيني ۾ سانڍيو آهي ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل کي منتقل ڪندو رهيو آهي. سنڌ جي ٻاراڻي لوڪ ادب مان، ٻاراڻي ونڊن، نفسيات، ڄاڻ، لغت، دلچسپي، شغل، جانور، مافوق الفطرت مخلوق، راندين، رسمن، ڏند ڪٿائن ۽ لوڪ ڏاهپ جي معلومات به ملي ٿي. هتي ڪجهه اهم لوڪ ادبي صنفن جي حوالي سان ٻاراڻي ادب جو مختصر جائزو وٺبو:

لوڪ گيت:

لوڪ گيت، هر ملڪ ۽ ان جي ٻوليءَ جي لوڪ ادب جو اهم ۽ قيمتي سرمايو هوندا آهن. سنڌي لوڪ گيت، سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌين جي عوامي ادب جو آئينو آهن، جن ۾ سنڌ جي عام زندگيءَ جو عڪس نمايان طور تي نظر اچي ٿو. لوڪ گيت سڄي سنڌ ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳايا وڃن ٿا. جمالو سڄي سنڌ جو عام مقبول لوڪ گيت توڙي لوڪ ناچ آهي. 'ڇلو' خاص طرح اتر جو لوڪ گيت آهي ۽ ميرپور ماٿيلي کان وٺي نوابشاهه ضلعي تائين هلندڙ آهي. 'مورو' بنيادي طور ڪوهستان جو لوڪ گيت آهي، اهو ڪوهستان جي ايراضيءَ سان گڏ، سنڌ جي اترئين حصي ۾ پڻ رائج ٿيو ۽ اڄ تائين اتر توڙي ڪوهستان ۾ رائج آهي". (3)

لوڪ ادب ۾ گهڻو تڻو زالن ۽ ٻارن جو عڪس ملي ٿو ان ئي ادب ۾ ريتن رسمن جي جهلڪ پڻ ملي ٿي. جڏهن ننڍڙيون ڇوڪريون گول گول ڦري ڳائين ٿيون:

چيڪلو چرو ـ گلابي پرو
پاپيءَ پٽ پيٽ ۾ ـ ڄائو آهي جيٽ ۾
مڱيو آهي مانگهه ۾ پرڻيو آهي پوهه ۾

جڏهن ته ڇوڪريون گڏين بابت گيت ڳائي چون ٿيون ته :

منهنجي گڏي آڇو ـ روپ ۾ مڙهائجو
سون ۾ تورائجو ـ سا ماڙيءَ تي وهارجو

لولي:

لولي، سنڌ جو قديم ۽ پيارو گيت آهي، جيڪا سنڌي ۽ ٻين زبانن ۾ ڇٺي ويندي آهي. لوليءَ ۾ هڪ ماءُ پنهنجي اولاد لاءِ انتهائي پيار، سوز، امنگ ۽ احساس سمايل هوندو آهي. ماءُ کان سواءِ لوليءَ جا جذبا ٻين لاءِ به ٿيندا آهن، پر ماءُ جي اولاد لاءِ لولي

وڏي اهميت واري هوندي آهي. لوليءَ جا ڪيترائي قسم ٿيندا آهن. سنڌي شاعري ۾ اڄ به قديم لوليون مشهور آهن:

لولي ويٺي ڏيان،
آئون گولي تنهجي ٿيان،
آئون گولي تنهجي ٿيان،
لولي ويٺي ڏيان.
انبن جهليو ٻور،
مون ڪان نه ٿجا ڏور،
ڪنهن ڪي نه ڏجا سور،
لولي ويٺي ڏيان.

لوليءَ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ لکيو آهي ته: "ٻال ساهتيه اوترو آڳاٽو آهي، جيترو ماءُ. ڇاڪاڻ ته مائرون پنهنجي ٻارن کي صدين کان لوليون ڏيئي ننڊ ڪرائينديون پيون اچن. ٻار ماءُ جي گود ۾ يا پينگهي ۾ لولي جي آواز کان متاثر ٿئي ٿو. ان خيال کان لولي کان ٻال ساهتيه جو ابتدائي روپ چئي سگهجي ٿو. اڳتي هلي ٻار ماءُ کان آکاڻيون به ٻڌي ٿو. نه صرف ماءُ پر ناني، ڏاڏي يا ڪنهن ٻئي ڪنهن وڏڙي کان به آکاڻيون ٻڌي ٿو. اسان جو وڏڙيون نانيون، ۽ ڏاڏيون ٻارن کي رات جو راڄا راڻين ۽ پرين جي آکاڻين جا ڪيترا قصا به ٻڌائينديون هيون. تنهن کان سواءِ سنڌ ۾ ڪيترا چارڻ ۽ ميراثي وغيره به ماڻهن کي قصا ٻڌائيندا هئا. لولين، آکاڻين ۽ قصن سان گڏ سنڌيءَ ۾ اڪيچار لوڪ گيت، ٽوٽڪا ۽ ڀروليون وغيره ٻارن جي ونڊر لاءِ موجود هئا. سنڌيءَ ۾ ٻارن جي لاءِ ڇپيل اهو ساهتيه ڇاپي هيٺ اچڻ کان اڳ زباني روپ ۾ موجود هو." (4)

ڀرولي:

ڀرولي سنڌي لوڪ ادب جي صنفن مان هڪ اهميت واري ۽ مقبول صنف آهي، جيڪا نثر توڙي نظم ۾ هوندي آهي. ڀرولي هڪ ڳجهارتي فن آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اهو جملو جنهن ۾ لهندڙ ڪا معنيٰ رکي، جا سندس ذاتي معنيٰ کان ڳجهي هجي ۽ جتي ٻاهريون ۽ اندريون مطلب ڪڍيو وڃي." (5) ڀرولي هڪ قسم جي وندرائيندڙ ۽ ذهني معيار کي جاچڻ جو فن آهي. ڀروليءَ جا ڪيترائي قسم

آهن سنڌي ۾ ٻارن لاءِ بيشمار پروليون آهن. جيڪي قديم دور کان رائج آهن. پرولين ۾ ٻارن لاءِ وندر سکيا ۽ ذهن جي قوت بہ جاچبي هئي. مثال طور:

اڳي هيس هڪ سائو ويس
هاٽي پيلي ساڙهي ڪيس
سهڻي سنڙي منڙي نار
ملڪ ملڪ ۾ ناماچار
ڪيس پيٽ ۾ آهي ٻار
تہ بہ گھٽڻُ جو هن سان پيار
چوسڻ لاءِ، پيئڻ لاءِ
پن سوغات ڏيڻ لاءِ (جواب: انب)
گھر گھر ۾ لڏڙو ليٽي (ڦرهيو يا پهارو)

"پرولي سولي هجي يا مشڪل. ٻارن جي ذهني نشونما لاءِ بيحد مفيد آهي. پرولين جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي سگهڙن ڪهڙي نہ ڪارائتي شيءِ تخليق ڪئي آهي. موجوده سائنسي دور ۾ ٻارن جي ذهانت (Intelligence) معلوم ڪرڻ لاءِ I.Q ٽيسٽ ناهيا ويندا آهن ۽ مختلف نمونن سان ذهني معيار معلوم ڪرڻ جا طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن. پر قديم سنڌ جا ماڻهو ٻارن جي ذهني جاچ پرولين سان ڪندا هئا. پرولي ٻار لاءِ راند بہ هوندي هئي تہ رهاڻ ۽ تعليم بہ پروليءَ ذريعي ٻارن جي عقل، ذهني قوت ۽ صلاحيت کي وڌايو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پروليءَ ۾ ڌمڪي يا خوف بہ ڏنو ويندو هو. جيئن سندن ذهن تيز ٿين:

اڌ ڪاٺ جو اڌ لوهہ جو جيڪو نہ پڇي پٽ ڳوهہ جو (جواب ڏاٽو) ".[6]

هن وقت تائين پرولين جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ مرزا قليچ بيگ جو "ٻارن جي وندر يا پروليون" (1922ع)، ڪيمچند پيرو مل لوهاڻي جو "پروليون" (1954ع) ۽ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو "پروليون" (1954ع)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو "پروليون، ڏٺون، معمائون ۽ ٻول" (1965ع) اهم آهن.

ڳجهارت:

ڳجهارت، "سنڌي پروليءَ" جو هڪ قسم آهي، پر اها پروليءَ کان ڳوڙهي ٿيندي آهي. ڳجهارت فني ۽ معنوي لحاظ کان معياري ۽ نهايت ڳوڙهو فن آهي. پروليءَ جو بنياد تشبيهہ ۽ استعاري تي آهي ۽ ڳجهارت جو مدار تجنيس

۽ تلميح تي آهي. ڳجهارت جي پرک پروڙ لاءِ زندگيءَ جي مختلف شعبن: سماجي رسمن رواجن، عام قصن ڪهاڻين ۽ خاص داستانن جي تلميحي ٽاڻن ۽ اهڃاڻن جو علم، سنڌي لغت جي گوناگون لفظن ۽ محاورن جي واقفيت ۽ انسانن جي باهمي رشتي جي مختلف مرحلن تي رٿن ۽ ارادن، خوشين ۽ معيارن، ڏکن ۽ ڏوراپن جي ڄاڻ پڻ ضروري آهي".(7)

ڳجهارتون ٻارن لاءِ به ٺيڻديون آهن ته وڏن لاءِ به ٺيڻديون آهن. ڳجهارت جو مثال:

سٽ جو چنو ڪاٺ جو لڙيو، حاڪيماڻي جو الله

پڇڻي: سٽ جو :تنگ، ڪاٺ جو: هنو حاڪيماڻو: سوار

تنگ چنو هنو لڙيو سوار جو الله!

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳجهارتن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ "سنڌي ڳجهارتون" (ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي، 1901ع)، "بهترين ڳجهارتون" (اي. ايم. بزمي، 1969ع)، "دلپسند عجيب ڳجهارتون" (بدرالدين ابڙو 'واصل'، 1970ع)، " ڳجهارتون" (ڊاڪٽر پرسو گدواڻي 1987ع)، " آڏ اکري ڳجهارت" (جشن لعل شواڻي، 1988ع)، " ڳجهارتون" (ڪلاڌر متوا)، ڳجهارتون (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، ڳجهارتون (2 حصا، محمد عثمان چنيهه عباسي) ۽ "ڳجهارتون" (محمد صالح ڪهڙو ،2016ع) اهم آهن. هنن ڪتابن ۾ وڏن سان گڏ، ٻارن لاءِ به ڳجهارتون ڏنل آهن.

لوڪ ڪهاڻي /آکاڻي:

سنڌي لوڪ آکاڻين جي تاريخ انتهائي قديم آهي، جنهن ۾ اڪثر دلچسپ ۽ نصيحت واريون ڪهاڻيون ملن ٿيون ،جن جا چار قسم آهن: "ڏند ڪٿائون"، "ديون ۽ پرين جون آکاڻيون"، "روايتي يا نيم تاريخي عشقيه ڪهاڻيون /داستان" ۽ "جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون". اهي آکاڻيون ٻارن ۽ وڏن جي دلچسپيءَ جو باعث رهيون آهن، جيڪي اڪثر گهر جون وڏڙيون ٻڌائينديون آهن يا وري ٻار پنهنجي سنگت ۾ ويهي هڪبئي کي ٻڌائيندا آهن. اهڙيون آکاڻيون سينه به سينه هلنديون آهن".(8) ليلا حسن علي ٻاراڻي ادب جي حوالي سان لوڪ آکاڻين بابت لکيو آهي ته:"تاريخي نقطه نگاهه سان ڏٺو ويندو ته اسان جي ٻار کي "ٻاراڻو ادب" ٻن طريقن سان ملندو رهيو آهي. پهريون "گهرڏياڻي" کان ۽ ٻيو "قلم ڏڻين" کان. ڪتابي زماني، خاص طور 1853ع کان اڳ ماءُ، ناني ۽ گهر جي ڪا ٻوڙهي عورت ئي ٻار

جون گھرجون پوريون ڪندي هئي. هوءَ ٻارن کي سمهارڻ کان اڳ جنن ۽ پرين، شهزادن ۽ شهزادين، بادشاهن ۽ وزيرن جي ڳالهين ۽ آکاڻين ٻڌائڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي مشهور داستانن، سسئي ۽ پنهون، مومل ۽ راڻو، نوري ۽ تماچي، عمر ۽ مارئي کي قصن جي نموني بيان ڪري ٻارن ۾ همٿ، مرادنگي، وطن دوستي ۽ انسان دوستي جا گڻ پيدا ڪندي هئي".(9)

سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سامهون رکي وئي، جيڪا 1956ع ۾ منظور ٿي ۽ 1957ع ۾ لوڪ ادب جي سهيڙ جو ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ شروع ٿيو. ان تجويز هيٺ گهٽ ۾ گهٽ ڇهن جلدن ۾ اهي ڪهاڻيون/آکاڻيون شامل ڪيون ويون، جيڪي سڌي يا اڻ سڌي ريت ٻاراڻي ادب ۾ شامل آهن. ان حوالي سان "لوڪ ادب_1" (بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون، 1960ع)، "لوڪ ادب_2" (بادشاهن، وزيرن، ۽ سوداگرن جون ڳالهيون، 1963ع)، "لوڪ ادب_3" (پرين، ديون، جادوگرن، ڏائڻين ۽ نجومين جون ڳالهيون، 1963ع)، "لوڪ ادب_4" (بادشاهن، شاهوڪارن، ڏاهن، نڀڳن جون ڳالهيون)، "لوڪ ادب_5" (ٻاراڻيون آکاڻيون)، ۽ "لوڪ ادب_6" (جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون، 1964ع) شامل آهن.

هنن ڇهن ئي جلدن ۾ ڪل 296 آکاڻيون آيل آهن، جيڪي قديم دور کان سنڌي سماج ۾ سينه بہ سينه هلنديون پئي آيون. هنن آکاڻين ۾ قديم سنڌ ۽ پاڙيسري ملڪن جو تاريخ اتهاس ۽ سماجي قدر ۽ تهذيب جا اهڃاڻ اچي وڃن ٿا. اهي آکاڻيون وڏن توڙي ٻارن ۾ هڪ جيتريون مقبول رهيون آهن، ڇو تہ انهن ۾ وندر سڪيا، هنر، جادوگري، نيڪي بدي، لوڪ ڏاهپ، رومانس، تجسس، مهم جوئي، وغيره جا عنصر اچي وڃن ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان علاوه، ٻين بہ ڪن عالمن لوڪ ڪهاڻين تي ڪم ڪيو آهي، جن ۾ ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ جو "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" (1960ع)، ڊاڪٽر مرليڌر جيتليءَ جو "اوائلي شايع ٿيل لوڪ ڪهاڻيون" (1986ع)، سترام داس 'سائل' جو "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" (1986ع)، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" (1990ع) ۽ ڪي ٻيا ڪتاب پڻ شامل آهن.

لوڪ ادب کي ڪتابن ۾ سانڍڻ ڪانسواءِ اڄڪلهہ تہ ڪيتريون ئي آکاڻيون ڪمپيوٽر اينيميشن ذريعي ڪارٽونن وغيره جي صورت ۾ پڻ ٻارن لاءِ ٺاهيون ويون آهن. اهو پڻ لوڪ ادب کي سانڍڻ جو سٺو ذريعو آهي. سنڌيءَ ۾ لوڪ ڪهاڻين کي

ڪارٽونن ذريعي ساندڻ جي بهترين ڪوشش آشا چاند طرفان ڪئي وئي آهي، جنهن ُپنج تنترجون آکاڻيون' جي نالي سان اهي ڪهاڻيون سي ڊين جي صورت ۾ پڌريون ڪيون آهن. جيڪي' سنڌي سنگت 'نالي سندس ويب سائيٽ تي پڻ موجود آهن.

پتلين جو تماشو

قديم ٻاراڻي ادب ۾ پتلين جو تماشو به اچي وڃي ٿو ڪاٺ، ڪپڙي يا پلاسٽڪ وغيره جي ٺهيل گڏن ۽ گڏين يعني پتلين کي سنهن ڌاڳن يا تارن وسيلي ناچ ڪرائڻ جو سانگ. هندن جي خوشيءَ جي موقعن تي تماشي وجهندڙ پنهنجن ڪرتبن ذريعي ماڻهن جي خوب دل وندرائيندا آهن. ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي لکي ٿو ته "جيئن اچ مهاراشٽر پرانت (علائقي)۾ تماشو بيحد لوڪ پريه (مقبول) آهي. تيئن سنڌ ۾ به "تماشو" ٿيندو هو مسلمان اميرن جي شادين جي موقعن تي ڳائڻيون اچي ڳائينديون نچنديون هيون، جنهن کي 'تماشو' سڏيو ويندو هو جيوٽي سنڌ جي لوڪ پريه ڳاٿڪا هوندي هئي، جيڪا ناچ به ڪندي هئي ۽ ڳائيندي به هئي تماشي ۾ وايون، ڪافيون وغيره ڳايون وينديون هيون. هند جي سنڌين ۾جيتوڻيڪ تماشو موجود ڪونهي، پر اچ ڪلهه امير سنڌي شادين يا ٻين شڀ موقعن تي 'سنگيت محفل' ضرور مچائيندا آهن".(10)

قديم سنڌ جو معاشرو گهڻو تڻو ڳوٺاڻو ۽ زرعي معاشرو هو زراعت جو دارومدار برسات، درياهي ٻوڏن ۽ کوهن تي هوندو هو چوپايو مال ڌارڻ ۽ گڏجي کيتي ڪرڻ سنڌن ڪرت هوندو هو شام جو واندا ٿي لوڪ ڪهاڻين ۽ لوڪ شاعريءَ سان دل وندرائيندا هئا. جنن، ڀوتن، ڏائڻ ۽ مافوق الفطرت مخلوق ۽ داستانن جو مٿن اثر هوندو هو ان دور جي ادب ۾ ٻهراڙي جي ماحول جي عڪاسي ملي ٿي. ان دور جي ٻاراڻي قصن ۽ آکاڻين، ڳجهارتن، ٻرولين ۾ سکيا سان گڏ خوف ۽ رحم جو عڪس ملي ٿو.

حوالا:

1. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: "سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب" ، ماهوار پيغام، سنڌ سڏ سماع کاتو ڪراچي مارچ 1979ع، ص 46

2. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، نيو ڪاڇياواڙ بوڪ اسٽور ڪراچي 2006ع، ص 669

3. ساڳيو حوالو ص 571
4. ڊاڪٽر هوندراج بلوڻي: "سنڌي ٻال ساهتيه"،ماڊرن پرنٽرز احمد آباد، 2005ع، ص 44
5. پروفيسر مظهر سليم : "سنڌي لوڪ ادب ۽ ان جون صنفون"، ماهوار نئين زندگي نومبر 2001ع، ص 22
6. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، نيو ڪانڀاواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 675
7. پروفيسر مظهر سليم : "سنڌي لوڪ ادب ۽ ان جون صنفون"، ماهوار نئين زندگي نومبر 2001ع، ص 23
8. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ"، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2015ع، 54
9. ليلا حسن علي: "سنڌي ٻار ۽ ٻاراڻو ادب"، ماهوار نئين زندگي، جون 1979ع، ص 16
10. جيٺو لالواڻي: "ناٽڪ ڪلا جو ورڪاس"، جيٺو لالواڻي پبلشرز ڪبير نگر احمد آباد، 1982ع، ص 14

انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر

انگريزن سنڌ تي 1843ع ۾ قبضو ڪيو ۽ 1847ع ۾ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملائي ڇڏيو. سنڌ جو پهريون ڪمشنر آر. ڪي پرنگل دفتري معاملن کي سڌارڻ ۾ ڪافي دلچسپي ورتي. پرنگل وٽ وڏو مسئلو اهو هو ته سنڌي ماڻهن ۽ انگريز حڪمرانن لاءِ فارسي زبان ۾ نظام هلي رهيو هو ان ڪري هن سرڪار کي گذارش ڪئي ته سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري درجو ڏنو وڃي. اپريل 1848ع ۾ بمبئي جي گورنر جارج ڪلرڪ اعلان ڪيو ته سنڌ ۾ سرڪاري زبان سنڌي هوندي. هن سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ارڙهن مهينن ۾ سنڌي سکي وٺن."[1]

13 جولاءِ 1853ع ۾. بي.ايچ ايلس واري ڪاميٽيءَ طرفان مقرر ڪيل الف-بي جي سرڪاري منظوريءَ سان اسڪول کوليا ويا. ڪتاب لکيا ويا. اخبارون ۽ رسالا جاري ٿيا. ليٿوگرافڪ پرنٽنگ پريسون قائم ٿيون . جنهن سان سنڌي ڪتابن جي ڇپائي جو سلسلو شروع ٿيو. انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻي سنڌي ادب جي شروعات سرڪاري سرپرستي ۾ ٿي. انگريز سرڪار نصاب تيار ڪرائڻ شروع ڪيو جنهن ۾ سنڌن اطاعت جو درس ڏنل هئو. عبدالله مگسي لکي ٿو ته "انگريزن جو سنڌ تي قبضو سنڌي ادب جي بدلجڻ ۽ سنوارجڻ جي حق ۾ هڪ پيش خيمو ثابت ٿيو. جيتوڻيڪ اڳوڻي ملڪي نظام، معاشري ۽ تعليمي ماحول جي تشڪيل ۽ صورتحال سان سنڌي زبان پوريءَ طرح نهڪيل هئي، ليڪن ان هوندي به اسان جي زبان اجا ايتري ترقي يافته ڪانه هئي، جو جديد زماني جي بدلجندڙ حالتن سان هلي سگهي ۽ ان جي سيني تقاضائن ۽ ضرورتن کي پورو ڪري سگهي. چنانچه انگريزي حڪومت جڏهن ملڪي ۽ سياسي ضرورتن جي بناءَ تي سنڌي زبان کي سنڌ جي تعليمي درسگاهن ۽ سرڪاري محڪمن ۾ رائج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تڏهن ان تي عمل ڪرڻ ۾ ڪين ڪيتريون دشواريون درپيش ٿيون."[2] انگريزن سنڌ تي اٽڪل هڪ صدي حڪومت ڪئي، ان دوران سنڌي ٻاراڻي ادب جا مختلف موڙ، لاڙا،

رجحان ۽ موضوع رهيا. آن ڪري انگريزن جي دور حڪومت ڪي ٻارن جي ادبي اوسر جي حوالي سان مختلف دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

درسي ڪتابن جو دور:

1853ع ۾ اسڪول کلڻ شروع ٿيا ته درسي ڪتابن جي اشاعت شروع ٿي. مقامي استادن سرڪاري حڪمن تي اهڙا ٻاراڻا ڪتاب تيار ڪيا. جنهن ۾ انگريز سرڪار جي حڪمن جي پابنديءَ سان ترقيءَ جي ڳالهه ڪيل هئي. درسي ڪتابن جي تياري ۽ ڇپائيءَ جي ڪم کي هٿي ڏيڻ لاءِ سن 1868ع ۾ تعليم کاتي جي زير نگراني ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ جو قيام عمل ۾ آيو، اهڙيءَ طرح درسي ڪتابن ۾ اڄ تائين بيت، نظم، مضمون ۽ معلوماتي مواد شامل هوندا آهن. درسي ڪتابن جو ٻاراڻي ادب ۾ اهم ڪردار آهي. ٻاراڻي وهي ۾ درسي ڪتابن ۾ بيت ۽ نظم هر ٻار کي هميشه ياد رهندا آهن. درسي ڪتابن ۾ مضمون ۽ سکيا جا آيل سبق سيکارڻ جو بهترين ذريعو هوندا آهن.

انگريزن عملدارن جون ٻاراڻي ادب لاءِ لکڻيون

شروع شروع ۾ انگريزن عملدارن سنڌي ٻوليءَ جا گرامر لکيا ۽ لغتون تيار ڪيون، پوءِ هنن پاڻ ڪي قصا ۽ ڪهاڻيون لکيا. جن ۾ گهڻيون آکاڻيون تبليغي نوعيت جون هيون. سنڌي ادب ۾ جيڪي پهريون چار آکاڻيون ڇاپي هيٺ آيون، انهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ ۾ سنڌي ٻولي جي محسن جارج اسٽئڪ (1819_1853ع) جو هٿ هو. هن "سنڌي ٻوليءَ جو گرامر" جو ڪتاب انگريزي - سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيو. جيڪو 1849ع ۾ شايع ٿيو اهي آکاڻيون آن کان اڳ زباني طور ته موجود هيون، پر لکت ۾ ڪونه آيون هيون. پهرين آکاڻي" ۾ هڪ ٻار تان جهڳڙو آهي، جنهن ۾ ٻن عورتن مان هر هڪ جي دعويٰ ته ٻار منهنجو آهي. آن آکاڻيءَ ۾ قاضيءَ جي ذهانت، انصاف جي تقاضا وارو رجحان ملي ٿو. "ڪيپٽن ايڊورڊ پينفولڊ آرٿر 1852ع ۾ ڪتاب "دوساپائي جا جملا" شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ ليفٽيننٽ ڊڪسن جو ترجمو ٿيل آکاڻيون پڻ شامل هيون. جيڪي هن گليڊون فرانسس جي "پرشين منشي"(حڪايات لطيف) تان ترجمو ڪيون هيون. هن ۾ پنجاهه

آکاڻين جو سنڌي ترجمو شامل هو ان حساب سان ٻارن لاءِ آکاڻين جو ڇاپي هيٺ بيو حوالو هن ڪتاب جي معرفت ملي ٿو." (3)

سن 1854ع ۾ "ايسپ جون آکاڻيون" ننديرام ميراڻي ۽ مسٽر ايلس گڏجي ترجمو ڪري شايع ڪيو هو مگر ڪتاب جو ٻهريون ڇاپو بي.ايڇ ايلس جي نالي سان ٿي شايع ٿيو هو هن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ ٻه سئو ٻه (202) مزيدار آکاڻيون (Fables) آهن. اهي توڙي جو جانورن، جيتن ۽ ٻي جان شين جي واتان بيان ڪرايل آهن، ته به انهن ۾ انسان ذات لاءِ ڪيترائي عقلي، اخلاقي ۽ سياسي سبق ۽ نصيحتون سمايل آهن. هنن آکاڻين ۾ سنڌي نثر ڪي هڪ سادو ۽ صاف اسلوب ڏنو هتي سنڌس آکاڻي "گدڙ ۽ ڊاک جي" مان مثال ڏجي ٿو:

"هڪڙو بکايل گدڙ گهمندي گهمندي، اوچتو ئي ڪنهن ڊاک کي منهه هيٺ اچي سهڙيو. اتي جان ڪٿي مٿي نهاري، ته ڇا ڏسي جو سهڻا ۽ عمدا ڊاک جا ڇڳا پيا لڏن ۽ لٽڪن پانيائين ته تپو ڏيئي ڇني کاوان؛ پر ڊاک جو منهن جو تمام مٿي هو سو هيءُ ٽپا ڏيئي ٿڪجي پيو پر هڪڙو ڇڳو به نه مليس. نيٺ ڇوڻ لڳو ته "جنهن کي وٺي سو وڃي ڇني کائي، مون کي ڪين گهرجن: ڇا ڪو ته کٽا آهن." (4)

بادشاهت جي پرچار: ترجمي وارو ادب:

شروع شروع ۾، انگريز سرڪار ٻارن جي ڪورس توڙي وندر لاءِ اهڙو ادب تخليق يا ترجمو ڪرايو جنهن سان ٻارن جي ذهن ۾ اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌن مٿان انگريزن جي شهنشاهت خدا طرفان مقرر ٿيل آهي. اگر هتان جا ٻار جيڪي اسڪولن مان پڙهي نوڪرين ۾ لڳندا. اهي سرڪار جا وفادار ٿيندا ته سرڪار به سنڌن قدر ڪندي. ان ڏس ۾ هنن ڪي قصا ترجمو ڪرايا. جن ۾ اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ چاهي ته سنڌ وارن تي هنن زوريءَ حڪومت نه آندي آهي.

ان سلسلي ۾ بي. ايڇ. ايلس قديم انگريزي ڪهاڻين جو ترجمو "ايسپ جون اکاڻيون" جي نالي سان ترجمو ڪيو "ايسپ جون آکاڻيون" قديم سماج جي حوالي سان ڪهاڻيون آهن جن ۾ عقل ذهانت ۽ نصيحت ملي ٿي. اڳتي هلي هڪڙي آکاڻي "ٻنيي زميندار جي ڳالهه" 1854ع ۾ غلام حسين قريشيءَ ترجمو

ڪئي. "ڀنڀي زميندار جي ڳالھ" ۾ زميندار جي ڪردار کي اڀاريو ويو جيڪو جاگيرداري نظام جي اهم ڪڙي آهي. انگريز زميندارن ۽ جاگيردارن جي زور تي حڪومت ڪندو رهيو انهن آکاڻين جو بنيادي نقطو انگريز راڄ سان سهڪار ڪرڻ هو. ٻي آکاڻي "سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالھ" 1855 ۾ ميران محمد شاھ ترجمو ڪئي هئي. هن آکاڻيءَ ۾ سٺن لڇڻن واري ٻار ۽ خراب صحبت واري ٻار جي زندگي بيان ڪئي وئي هئي. "سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري" جي ڳالھ ۾ آفيسر شاهي واري ذهنيت جو پرچار ڪرڻ ۽ وقت جي حاڪم جي قوت کي بہ تسليم ڪرائڻو هو."سپا جو سينگار". سوڀراج هاسارام 1894ع ۾ ترجمو ڪيو "سپا جو سينگار" جو مرڪزي خيال اهو آهي تہ بادشاهي نظام کي ڪيئن قائم رکجي. تنهن لاءِ چوڏهن هدايتن کي قصي جو موضوع بنايو ويو آهي. "طوطي نامو" (اڌارام) ۽ "بيتال پچيس" جنهن مان پهريون سنسڪرت ۽ ٻيون هندي تان سنڌي ۾ ترجمو ڪيا ويا. هنن ۾ الف ليليٰ جهڙي افسانوي ماحول سان گڏ نيڪي ۽ بدي جي جنگ ۾ ڪشمڪش ڏيکاريل آهي. "طوطي نامو" ۾ هڪ عورت جو دلچسپ قصو آهي." (5)
اخلاقي تربيت ۽ سڌاري لاءِ خاص ان خيال سان لکيل ڪتاب "دل بهار" (پرمانند ميوارام) ۽ "عجيب نڪتا" (روچيرام گجومل) اخلاقي موضوع تي لکيل آهن. ان ساڳئي موضوع تي لکيل ڪتاب "گل" ديوان ڪيولرام سلامت راءِ جو آهي. هنن ڪهاڻين جو انداز لوڪ ڪهاڻين جهڙو آهي ۽ سادو بيانيہ انداز رکن ٿيون.

ٻارن جي اصلوڪن ڪهاڻين جي شروعات

ديوان ڪوڙومل چندن مل پهريون سنڌي ليکڪ هو جنهن 1891ع ۾ اصلوڪيون "ٻاراڻيون آکاڻيون" لکيون. انهيءَ کان پوءِ 1947ع تائين جن ليکڪن، شاعرن ۽ اديبن ٻاراڻي ادب ۾ قلم ڪنيو تن ۾ مرزا قليچ بيگ، نارائڻ داس ملڪاڻي، هوتِ چند منگهواڻي، ٿهلرام لوڪومل پنواڻي، ڏيئومل محبوب راءِ، نارائڻ داس ڀمڀاڻي، ايم. آر. مائيداساڻي، جشن مولچنداڻي، ڀڳوان سڪراڻي، ويرومل ملاڻي، شيوڪ ڀوڄراج، رام پاونداس، ڪماري ٻاروتي گدواڻي، محمد صديق مسافر وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن." (6)

مختلف ٻولين مان ترجمي جو رجحان

1925ع کان 1940ع تائين هندستان جي ٻولين مان ترجمي ڪرڻ جو رجحان وڌيو. ان ڏس ۾ اردو، هندي، بنگالي، گجراتي ۽ مرهٽي وغيره مان سوين ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيون. جن مان ڪجهه حصو ٻارن جي ڪهاڻين جو هو. ٻئي طرف مغربي علم ۽ ادب جي ڦهلاءَ سبب هن دؤر ۾ ناول، افسانه، ڊراما، تنقيد، تحقيق، سفر نامه، مضمون، مقالا، سوانحي ادب، ترجمه نگاري ، صحافت، تاريخ، جاگرافي، مطلب ته هر قسم جا نثري ڪتاب نه صرف لکيا ويا، پر ٻين ٻولين تان ترجمو به ٿيڻ لڳا.

ٻاراڻي ادب ۾ موضوع جي وسعت

جيتوڻيڪ، هي دور ٻاراڻي ادب جو بنيادي اوسر جو دور هو، ان جي باوجود، هن دور ۾ ٻاراڻي ادب ۾ ناول، ناٽڪ، مضمون، سوانح، آکاڻي، شاعري جهڙيون صنفون لکيون ويون ۽ انهن ۾ تجربا ڪيا. هن دور جي ٻاراڻي ادب ۾ مختلف لاڙا ۽ رجحان به موجود آهن. خصوصي طور تي ٻاراڻي ادب ۾ موضوعن جي به گهڻائي آهي. ان ڪان علاوهِ ٻاراڻي ادب ۾ لوڪ ڪهاڻين، لوڪ شاعري، ڳجهارتن ، ڀرولين، مزاحيه خاڪن ۽ لطيفن جا ڪتاب به جهجهي تعداد ۾ ملن ٿا. هنن شروعاتي دور جي ٻاراڻي ادب تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته انگريز سرڪار هتي اهڙو ٻاراڻو ادب تخليق يا ترجمو ڪرايو. جنهن مان ٻارن جي ذهن ۾ اثر وهي ته سرڪار سنڌن ڀلي لاءِ جاکوڙي رهي آهي. هنن اهڙو ادب لکرايو جنهن ۾ سنڌن سماجي، تعليمي ، ادبي ۽ معاشي اصلاحات نظر اچن. هنن ان ڏس ۾ کي قصا، ناول، ڪهاڻيون، ناٽڪ، مضمون، تاريخ جا ڪتاب ۽ پڌرناما لکرايا يا ترجمو ڪرايا، جن ۾ ڄاڻايو ويو هو ته سنڌ جو عوام سنڌن تعبيداري ڪري ۽ دنگي ۽ فساد کان پاسو ڪري ۽ آرام سان ترقي ڪري، ڇو جو هنن جي تعبيداري ۾ ئي سنڌس ڀلو هوندو. اهڙن ڪتابن جي ليکڪن ۽ مترجمن کي خاص معاوضا ڏنا ويا.

ٻاراڻي ادب جي حوالي سان اهڙا قصا، آکاڻيون يا ناول لکيا ترجمو ڪيا ويا، جن ۾ عشقيه، طلسماتي ماحول ۽ حيرت ۾ وجهندڙ واقعا بيان ٿيل آهن. انگريزي ادب جي مطالعي ڪري رومان ۽ عشقيه موضوع سنڌي ادب ۾ آيا. عشقيه موضوع

ابتدائي صورت ۾ عام محبت ۽ فراق جي بنياد تي شروع ٿيا، پر پوءِ رومان (Roman) کي وسيع مفهوم ۾ ورتو ويو ٿو، جنهن ۾ انسان جي مجموعي حيثيت ۾ ان جي عزت وقار، سورهيائي کي پڻ بيان ڪيو ويو ۽ اها ادب ۾ هڪ تحريڪ جي صورت ۾ نمودار ٿي. ان دور ۾ مرزا قليچ بيگ جون اڪاڻيون رومانوي فضا ۽ ماحول تي ٻڌل آهن، جنهن ۾ قديم سماج جي صورت بلڪل واضح طور ڏسي سگهجي ٿي. هن ۾ جاگيرداري نظام سان سندس وابستگي جو احساس ملي ٿو. هن "شهزادي قدمبرگ"، "عجيب اڪاڻيون"، "واقف" ۽ "عذرا" وغيره عشقيه ڪهاڻيون آهن.

انگريزن جي دور ۾ ٻارائتي افسانوي ادب ۾ تاريخي ورثي کي ورجائڻ جو رواج عام هو. ان ڏس ۾ ناولن ۽ آڪاڻين جي هڪ تحريڪ هلندڙ هئي، جن ۾ تاريخي ۽ نيم تاريخي واقعن ۽ ڪردارن تي ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا ويا. ان ڏس ۾ هندو اديب اڳڀرا هئا، هنن سنسڪرت، هندي، بنگالي ۽ اردو مان به ڪيترين تاريخي آکاڻيون ترجمو ڪيون. اهڙيءَ طرح ڪجهه مسلمان اديبن ٻارن لاءِ اسلامي تاريخ جي پسمنظر ۾ به آکاڻيون لکيون. مثال طور غلام محمد شاهواڻيءَ جو ڪتاب "ترڪن جي بهادري" 1942ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جو مقصد اهو ٻڌايو ويو ته سنڌ جي مسلمانن جا ننڍا ٻار اهڙن واقعن ۽ قصن کي پڙهي، اسلام جي خوبين کان واقف ٿين ۽ پنهنجي اخلاق کي سنوارين.

ٻارن جي ادبي ترقي لاءِ غيرسرڪاري طور تي، ڪيترائي ادارن، تنظيمون ۽ جماعتون قائم ٿيون، جن پنهنجا رسالا به جاري ڪيا. انهن پنهنجي ادارن ٻاران ڪيترن ئي موضوعن تي ٻارن لاءِ تمام ڪارائتا ڪتاب شايع ڪيا. اسڪولن، ڪاليج ۾ مخزن نڪرندا هئا. اسڪولن جون به ادبي سوسائٽيون هيون، جن ۾ علمي ۽ ادبي سرگرميون ٿينديون هيون. ٻارن جي ناولن ۽ ڪهاڻين سان گڏ پرولين، ڇهڇتن، چرچن، گيتن جا انيڪ ڪتاب هر طبقي لاءِ ٻارائتي لوڪ ادب، چاهي ٻارائتي معياري ادب جا ڪتاب قلم بند ڪري شايع ڪيا ويا.

مجموعي طور انگريزن جي دور ۾ ٻارن جي ادب لاءِ ڪيترين ڪوششون ورتيون ويون. ادب جي هر صنف ۾ ٻارن لاءِ ادب تخليق ڪيو ويو. ادارا قائم ٿيا. رسالا جاري ٿيا. مختلف صنفن ۾ وڏي تعداد ۾ ڪتاب شايع ٿيا. جن سيني تي لکڻ لاءِ

SOORIH SINDHI ADAB

هڪ الڳ ڪتاب جي ضرورت پوندي. ٻارن لاءِ درسي ضرورتن تحت آڪاڻين جا ڪتاب جاري ٿيا، جيڪي سبق آموز هئا. بعد ۾ طنز مزاح سان ڀرپور سڪيا ڏيندڙ اڪانيون شايع ٿيون. ان سلسلي ۾ ڪهاڻين جي حوالي سان ادل سومرو لکي ٿو ته "مجموعي طور هن دور ۾ ٻارن جي نفسيات آڏو رکندي ڪهاڻيون لکيون ويون ۽ ڪتابن ۾ ڪشش پيدا ڪرڻ لاءِ انهن کي مورتن سان پڻ سينگاريو ويو ان ريت انهيءَ دور ۾ ٻارن لاءِ معياري ڪتابن جي اشاعت جي ابتدا ٿي."(7)

حوالا:

1. مختيار احمد ملاح: "سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ". سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،حيدرآباد، 2013ع، ص 267،266
2. عبدالله مگسي: "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1994ع، ص 199
3. مختيار احمد ملاح: "اڻويهين صديءَ جي سنڌي نثر جي تاريخ" بلوز انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نوابشاهه، 2017ع، ص 136
4. تنديرام ميراڻي : "ايسپ جون آکاڻيون"،سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1996ع، ص 54
5. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ". ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2015ع، ص 83
6. ليلا حسن علي: "سنڌي ٻار ۽ ٻاراڻو ادب". ماهوار نئين زندگي، جون 1979ع، ص 16
7. ادل سومرو: "اسين مسافر پيار جا". سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 1991ع، ص 93

SOORIH SINDHI ADAB

انگريزن جي دور ۾ سنڌي ٻاراڻي شاعري

انگريزن جي دور ۾ سنڌي شاعري نه صرف گهڻي ترقي ڪئي، پر شعر جو وڏو تعداد وجود ۾ آيو ۽ محفوظ ٿيو. هن دور ۾ شاعرن جي اظهار ۾ وسعت ۽ گهرائي آئي. شاعري ۾ پراڻين صنفن ڪانسواءِ ڪيترين ئي نيون صنفون ۽ نوان موضوع وجود ۾ آيا. شاعرن شاعريءَ ۾ نيون تحريڪون، نوان لاڙا ۽ رجحان پيدا ڪيا. هن دور ۾ ڪيترائي شاعر پيدا ٿيا، جن نالو ڪمايو. ان دور ۾ سانگيءَ غزل کي فارسيءَ ۾ سنڌي ماحول ڏانهن ڪڍي آيو. هن پنهنجي غزل ۾ سنڌ جي قدرتي نظارن جو بهترين ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ٻارن جي مزاج کي به ويجهو هو:

وسي مينهن ڪيو ملڪ سڀ سرسبز،
سير حاصل ٿيو سڄو ڪهسار.
سنڌ جي تيئن جبل تي آهي گاهه،
جيئن سهڻن جي آهي سينڌ جا وار.

انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻي شاعريءَ ۾ به نواڻ آئي. اها شاعري نه صرف محفلن ۾ آئي، پر ڪتابي صورت ۾ آئي ۽ شاگردن جي ڪورس ۾ شامل ٿي. جڏهن درسي ڪتاب لکجڻ ۾ آيا، تڏهن ديوان اڌارام ٿانورداس، ديوان ڪوڙيمل، مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهرچند، محمد صديق مسافر، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ ٻين درسي ڪتابن لاءِ بيت، پروليون ۽ نظم لکيا. ٻاراڻي درسي سنڌي ڪتابن جي شروعات ديوان اڌارام 1853ع کان ڪئي، جڏهن سندس "سنڌي پهريون درجو" ۽ "سنڌي ٻيو درجو" شايع ٿيا. هن انهن ڪتابن ۾ ٿورو ناصحاڻو شعر لکيو ۽ ٻارن پڻ سکيادائڪ ڪهاڻيون بيتن ۾ لکيون. سندس شعر سليس آهي، پيش آهن سندس ٻه بيت:

جي ٻائين سپيتو ٿيان نه ڪوڙ ڪين ڳالهاءِ،
نندي وڏي نينگر سان سدا سچ الاءِ
نه ته سزا ملنديءِ، ٿينديں بڇڙو لوڪ ۾.
بڇڙو ٿيندي لوڪ ۾ ڪو نه ڪنديءِ اعتبار،
جيڏن ۽ سرتن ۾ ٿيندي گهڻو خوار،
اها ڳالهه تڪرار ڪٿي هنداءِ هنيئن سان".[1]

ديوان پرپداس به ڪيترائي درسي ڪتاب لکيا. هن پنهنجي جوڙيل ڪتابن ۾ پرپداس "احقر" تخلص استعمال ڪيو آهي. سندس شعر ۾ ٻه ٻارن لاءِ وقت جي قدر جي اهميت بيان ٿيل آهي:

"وقت وڃيئي ٿو ائين هٿان
ڪان وڃي جئن سينگ منجهان
موٽي ملندءِ ڪين بهار
اپٽ اکيون ڪي ٿي هشيار
"وقت آهي تان سڀ ڪي آهه
وقت ويو تان سڀ ڪي بساه
وقت وقت ڪان روئندي زار
اپٽ اکيون ڪي ٿي هشيار"
"جيڪا پوک تون هت پوکيندي
قيام ڏهان سان اُت تون لڻندين
چوي احقر تون ڪر ويچار
اپٽ اکيون ڪي ٿي هشيار".(2)

انگريزن جي دور ۾ ٻارن جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو "ٻاراڻا گيت". ڪوڙي مل چندنمل کلناڻيءَ جو 1891ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپيو. شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب "ٻاراڻا اولاڻا عرف ٻاراڻا گيت" آهي، جيڪو واحد بخش جو لکيل آهي. جنهن ۾ ٻارن جا اولاڻا ۽ ڪوڏاڻا گيت ڏنل آهن. هيءَ ڪتاب پوڪرداس، پوڪر پريس شڪارپور مان 1898ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. مرزا قليچ بيگ ۽ پيرومل جي ٻاراڻي شاعري به شايع ٿيل آهي. 1940ع ۾ ارجن ايسراڻيءَ رابندرناٿ ٽئگور جي ٻارن جي شاعريءَ جي ڪتاب "Crescent" جو ترجمو "ٻال چندرما" جي نالي سان ڪيو.

حقيقت اها ته ٻارن لاءِ سندن عمر مطابق ادب رچڻ جي شروعات ڪشنچند بيوس ڪئي. ٻارن لاءِ رسالا به نڪتا، ڪتاب به شايع ٿيا. پر هن دور ۾ ٻاراڻي ادب ۾ نثر جي ڀيٽ ۾ شاعريءَ جا ڪتاب گهٽ شايع ٿيا. ان حوالي سان اياز گل لکيو آهي ته: "انگريزن جي دور ۾ جيتوڻيڪ ٻارن لاءِ نثري ڪتابن ۽ لکڻين جو ڳاٽيتو جهجهو

رهيو، پر نظم جي ڪتابن جي شديد کوٽ رهي، جو اها مڃيل حقيقت آهي تہ نثر کان نظم اثرائتو ٿئي ٿو خاص طور تي ننڍڙن ٻارن کي تہ بيت ۽ گيت ڏاڍا وڻندا آهن. منجهن آيل حقيقتون ۽ نصحيتون ٻارن جي دل ۽ دماغ تي گهرو اثر ڇڏينديون آهن ۽ اهي ٻارن کي پڙهڻ، جهونگارڻ ۽ ياد ڪرڻ ۾ سولا ٿيندا آهن. ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ اسان کي ٻارن جي درسي ڪتابن ۾ جيڪي شاعرن جا گيت ملن ٿا، تن ۾ مرزا قليچ بيگ، محمد صديق مسافر، ڪشنچند بيوس، ليکراج عزيز، پيرومل مهرچند، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، جمع خان غريب، هوندراج دکايل، پرسرام ضياءِ ۽ هري دلگير جا نالا اهم آهن. درسي ڪتابن جي ضرورت کي آڏو رکي، انهن ذڪر ڪيل سجاڳ ذهن شاعرن جا لکيل بيت، گيت، ۽ نظم ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيا ۽ اڄ تائين رهندا پيا اچن." (3)

انگريزن جي دور ۾ درسي ڪتابن کان سواءِ ڪيترائي رسالا ۽ اسڪولي مخزن جاري ٿيا، جن ۾ پڻ ٻاراڻا نظم، گيت، پروليون ۽ بيت لکيا ويا. ٻارن جي نظمن ۽ گيتن ۾ مختلف موضوع هوندا هئا، ان سلسلي ۾ دعائيہ نظم، قدرتي نظارن جا گيت، پکن پسن جا گيت، راندِ روند جا گيت، مٽن مائٽن تي گيت، ڪمين ڪاسبين تي گيت، مهاپرشن تي گيت، قومي گيت، سبزين ۽ ٻوٽن تي گيت، سائنس تي گيت، لولي گيت ۽ ٻيا موضوع هوندا هئا. ان کان علاوه ناصحاڻا نظم، سکيا وارا نظم هوندا هئا. ڪشنچند 'بيوس' جي شاعريءَ ۾ روايت کان بغاوت جا بلڪل چٽا اهڃاڻ ۽ ابتدائي ترقي پسنديءَ جا لاڙا بہ ملن ٿا، جنهن ۾ ٻاراڻي شاعري بہ اچي وڃي ٿي. انگريزن جي دور ۾ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن، جن جي شاعريءَ جا مجموعا بہ شايع ٿيا، انهن مان ڪجهہ جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

مرزا قليچ بيگ (1853_1929ع)

مرزا قليچ بيگ جو جنم ٽنڊي ٺوڙهي، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. نثر سان گڏ ٻاراڻي شاعريءَ ۾ بہ سندس بنيادي ڪردار آهي. سندس شاعري "چندن هار" (1916ع) ۽ "ٻاراڻا گل ڦل" (1936ع) ۾ شايع ٿيا. سندس ٻاراڻي شاعريءَ کي الڳ ڪري ڊاڪٽر مخمور بخاري جو ترتيب ڏنل مجموعو "علم جي دولت" سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ پاران 2012ع ۾ شايع ٿيو

مرزا قليچ بيگ جي ٻال ڪوتائن ۾ ٻار لاءِ هڪ پيغام سمايل آهي. هن

خاص طور تي ٻارن جي تعليم جي تلقين ڪئي آهي، ڇو ته ان وقت سنڌ اندر انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ مرزا صاحب قوم جي مستقبل کي تعليم جي حاصلات لاءِ چئي رهيو هو جو تعليم واحد ذريعو هو پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجن وسيلن کي ڌارين کان آزاد ڪرائي خود انهن جي مالڪي ڪرڻ جي. علم، استاد ۽ ڪتاب متعلق مرزا صاحب جي شعرن ۾ 'علم جي تعريف'، 'علم امير ٿو بنائي'، 'علم جي دولت'، 'ڪتاب جي اهميت'، 'استاد جا حق' شامل آهن. جن ۾ علم جي اهميت، ان جا فائدا بيان ڪيا ويا آهن."[4] والدين جي ادب جي ضرورت لاءِ چيو اٿائين ته :

ادب ماءُ پيءُ جو آهي ضرور
ڪجو ڪونه ٻارو انهيءَ ۾ قصور
انهن کان پيو ڪو به بهتر نه آهي
بزرگيءَ ۾ تن جو ڪو همسر نه آهي

پيرومل مهر چند آڏواڻي(1875_1950ع)

پيرومل مهر چند آڏواڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. ٻاڻ ويهين صدي ناليوارو اديب هو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن جو تعداد 75 کان مٿي آهي. پيرومل مهرچند ٻارن لاءِ نه صرف درسي ڪتاب جوڙيا، پر شاعري ڪئي ۽ آکاڻيون به لکيون. پيرومل مهر چند کي مختصر آکاڻيون به لکيون، جن مان اڪثر نقادن ۽ محققن جي اڀياس هيٺ نه آيون آهن. سندس ٻاراڻين آکاڻين ۾ "حڪمتي ماجسٽريٽ"، "شيطان منجهان انسان"، "موتين جي مالها"، "ڏي ۽ وٺ"، "سنڌ جون سوکڙيون" وغيره جا نالا وٺي سگهجن ٿا. سندس آکاڻي "ڪئن جي ڪانفرنس" (1929ع)سنڌي ساهت سوسائٽي جي رسالي ۾ شايع ٿي هئي. اها آکاڻي ڏاڍي مشهور ٿي هئي. 1914ع ۾ پيرومل مهرچند جي مشهور آکاڻي "پريم جو مهاتم" شايع ٿي، جيڪا اخلاقي ۽ سماجي سکيا سان ڀرپور هئي.

ان دور ۾ پيرو مل جي شاعريءَ جو ٻاراڻن بيتن جو پهريون مجموعو "گلزار نظم" 1919ع ۾. پيو جوهر نظم به شايع ٿيل آهي. پيرومل بنيادي طور ٻارن لاءِ جيڪي به شعر چيا، اهي ان وقت جي نصابي ضرورتن پٽاندر هئا، پر تنهن هوندي به منجهن شاعراڻي خوبصورتي، رواني ۽ سلاست موجود آهي. سندس اهڙن مشهور

نظمن ۾ گيتن ۾ 'منهنجي امڙ'، 'وقت چئي آءُ بادشاهه '، 'شهنشاهه ۾ مسخرو'، 'فرمانبردار پٽ'، 'بلبل جو فرياد ' خاص طور عام مقبول آهن. جن مان گهڻا سندس هڪ مجموعي 'نوبهار' ۾ شامل آهن. جن ۾ پيرومل نہ رڳو ٻار جي سوچ سمجهہ مطابق ٻولي جو استعمال ڪري منجهس رس چس پريو آهي، پر ان سان گڏ ٻار کي نصيحت آميز پيغام پڻ ڏنو آهي جنهن کي سمجهڻ ٻار لاءِ ڪنهن بہ ريت ڏکيو ناهي. پنهنجي مشهور نظم "منهنجي امڙ" جهڙي مقدس رشتي ۾ ان جي ٿڌي ڇانو جهڙي ممتا جو اظهار ڪمال خوبصورتي سان ڪيو آهي."[5] پيرو مل جي امر رچنا "منهنجي امڙ" تمام گهڻي مشهور ٿي:

مون کي ڪنهن ٿي ڪير پياريو؟
پيار منجهان ٿي گود وهاريو؟
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو! منهنجي امڙ.....
ننڊ ڦٽي مون جڏهن ٿي پيئي،
ڪنهن ٿي سمهاريو لولي ڏيئي،
ڇڏي نہ مون کي ڪيڏانهن ويئي! منهنجي امڙ.....
پنڌ ڪندي جي ڏکو ڪاڏم ،
ڪنهن ڪٽي ٿي ڇاتيءَ لاتم؟
پيار منجهان ٿي ڀاڪر پاتم! منهنجي امڙ.....
ٿيس جڏهن ٿي آئون بيمار،
دوا ڪرڻ لئي ٿي، ٿي تيار،
ننڊ ڦٽائي رهي هوشيار! منهنجي امڙ.....
صبح سانجهيءَ سار لڌائين،
ڪاڏو پيتو ڪيئن ٿي ڏنائين،
مون تي پنهنجو ساهہ ڇڏيائين! منهنجي امڙ.....
تو ڪئي مون سان آ ڀلائي،
تنهن لئي ڪريان شڪر سدائي،
مور نہ وسري تنهنجي چڱائي! منهنجي امڙ.....
وڏي جڏهن آئون وڏو ٿيندس،
سک سوين آئون توکي ڏيندس،

توتي پنهنجو ساهه ڇڏيندس، منهنجي امڙ.....

سندس مجموعو "نوبهار" 1926ع ۾ "شايع ٿيو جنهن ۾ ڪجهه بيت انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل پڻ آهن. هيءَ ڪتاب به تعليم کاتي ٻاران درسي ڪتاب طور منظور ڪيو هو.

ڪشنچند "بيوس" (1885_1947ع)

ڪشنچند بيوس ڪتري کي جديد سنڌي شاعري جو ابو چيو ويندو آهي. سندس جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ڪشنچند "بيوس" پرائمري استاد هو ۽ هيڊ ماستر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. سندس شاعري جو پهريون مجموعو 1937ع ۾ "شيرين شعر" شايع ٿيو ان کان علاوه "موجيءَ جا گيت"، "شيرين ڪلام"، "ڦولداني" اهي مجموعا آهن. جيڪي ٻين سان گڏ ڇپيل اٿس. ان کان علاوه ڪشنچند بيوس جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعريءَ تي مشتمل هڪ ڪتاب "ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون" ڪي نصير مرزا ترتيب ڏنو آهي. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ٻاران 2001ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ مختلف عنوانن سان ايڪيتاليهه نظم شامل آهن. نصير مرزا لکي ٿو ته: "نه فقط جديد شاعريءَ جو بنياد ڪشنچند بيوس رکيو هو. پر انگريزن جي دور ۾ 1843ع کان 1947ع تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ باقاعدي ٻاراڻي ادب جو بنياد جن شاعرن رکيو. انهن سڀني ۾ ڪشنچند بيوس جو نالو مٿاهين جڳهه والاري ٿو. بيوس جو وڏو ڪارنامو اهو آهي ته هن ٻين شاعرن تي پڻ اثر وڌو." (6)

هن نج ۽ ٺيٺ سنڌي لفظن کي پنهنجي ڪلام اندر نهايت ئي ڪماليت ۽ هنرمندي سان استعمال ڪيو ڦاڙ نه ڦوڪٽو ۾ نج سنڌي لفظ ڪتب آڻيندي چوي ٿو ته:

ڦوڪي ڦاڙ نه ڦوڪٽو
منهنجو آهي ملوڪڙو
ڦاٽي پوندو سبي نه سگهبو
ڪونئر لٺيءَ سان لنبي نه سگهبو
ٽونڪر ڏيندي ٽوٽڙو
ڦوڪي ڦاڙ نه ڦوڪٽو

سندس ڪيترائي نظم ٻارن جي درسي ڪتابن ۾ رکيا ويا آهن. مثال طور قدرتي نظارن کي هيٺن چيو اٿائين:

سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ قدرت وارا
نرمل جوتي نور نظارا ، قدرت وارا
ڪوٽان ڪوٽ بڻايئي ڌرتيون
سهسين سج چنڊ تارا ڪتيون
جن جو انت نہ پارا، قدرت وارا
گلن اندر سرهاڻ ڌرين ٿو
موتين سان مهراڻ ڀرين ٿو
چمر چمر جا چمڪارا، قدرت وارا

محمد صديق "مسافر" (1879_1961ع)

محمد صديق مسافر ولد گلاب خان جو جنم ٽنڊي باگي، ضلعي بدين ۾ ٿيو. استادي جي مقدس پيشي سان وابستہ هو. سنڌس تخليق ڪيل ٻاراڻو ادب، خاص طور تي سنڌي پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين ڪتاب جا سڀ نظم ۽ ڪي نثر ۾ لکيل سبق، پونا ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي درسي ڪتابن ۾ شامل ڪيا ويا. انهي جي مڃتا طور ڪيس ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن بمبئي طرفان نقد انعام ۽ آفرين نامو ڏنو ويو."[7] محمد صديق مسافر ٻارن لاءِ ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون آکاڻيون لکيون، جيڪي الڳ ڪتابي صورت ۾ نہ اچڻ ڪري گمنام رهيون. جن ۾ "سپاهي زاده"، "گلبدن"، "رحمدل بادشاهہ" (آکاڻيون) ، غلامي آزاديءَ جا نظارا" (آکاڻيون)، اهم آهن. سنڌس آکاڻين جا ڪي ڪتاب ڪجهہ سال اڳ شايع ٿيل آهن، جن ۾ "رحمدل بادشاهہ"، "سوپ" ۽ "خوني" (2004ع) شامل آهن.

ٽريننگ ڪاليج ۾ نوڪري دوران اتان نڪرندڙ ماهوار "اخبار تعليم" جي ادارت جا ڪيترائي سال فرائض بجا آڻيندو رهيو جنهن ۾ سنڌس بيشمار مضمون ڇپيا. انهن مان گهڻا ٻارن لاءِ هئا. ان سلسلي ۾ "عالمن جا قول" (آگسٽ 1906ع)، "ڏاهي پڙهيل زال" (جون 1908ع)، "هار ۾ جيت" (ڊسمبر 1910ع)، "وقت جو قدر" (جولاءِ 1911ع)، "همدردي عجيب گڻ آهي" (جون 1910ع)، "انسان جي من جي حقيقت" (مئي 1912ع)، "ٻري جي برائي" اهم آهن. سنڌس طرز تحرير بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ "مسافر صاحب سليس ۽ عام فهم عبارت توڙي روزمره واري گهرو ٻولي جي ڪري سنڌ ۾ سڀ ڪنهن کي

وٽندو هو. ٻاراڻي ادب ۾ انيڪ چيزون، هن جي خدا داد قابليت ۽ جوهر جو بي نظير مثال آهن. علمي ۽ ادبي مقالن ۽ تقريظن ۾ هن جا مٽ ڪي ٿورا هئا". (8) سنڌي ليئنگيج اٿارٽي پاران سنڌس ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو "اسيمبليءَ جو راڳ" شايع ٿيل آهي. سنڌس نظم "ويساک جو مهينو" ۽ اسڪولي ٻارن لاءِ اسيمبليءَ جو راڳ شاهڪار آهن:

تون اجهو آڌار آهين، جڳ سڄي جو اي ڌڻي،
جيسي مٽ تنهنجو نہ هرگز جوڙ ٻيو ڪو اي ڌڻي.
ساڻ ڪرم احسان تنهنجي رات گذري خير سان،
ڏينهن پڻ سک سان گذارج اسان جو سارو اي ڌڻي.
وات نيڪيءَ جي هلائج جنهن مان حاصل جس ٿئي،
ڏوهہ پاپن کان اسانکي رک تون آجو اي ڌڻي.

جمعو خان "غريب" (1885_1953ع)

ناميارو شاعر ۽ استاد جمعو خان' غريب'، ڳوٺ مريد خان لاکير، تعلقي ميهڙ، ضلعي دادوءَ ۾ ڄائو عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڪيائين. شمس الدين' بلبل جي صحبت جي ڪري علم ادب ۽ شاعريءَ ڏانهن راغب ٿيو ٻارن لاءِ سنڌس شاعريءَ جو ڪتاب "گل نؤبهار" 1933ع ۾ ڇپيو هو. جيڪو اڳ ۾ هاءِ اسڪول جي شاگردن کي ڪورس طور پڙهائڻ لاءِ بہ منظور ڪيل هو. سنڌس نظم "دماغ جون ايجادون، تمام گهڻو مشهور ٿيو هو:

"هلائين ڪلون ٻاڦ جي زور سان
سي ڪم ڪن وڏا زور ۽ شور سان
هلن هيج مان آگ گاڏيون، جهاز
رهڻ جا ٿيا تن ۾ بندوبست سا
گهڻو زور بجليءَ جو بالا ٿيو
هنر هر ڪنهن ۾ سوا اعليٰ ٿيو
عجب ڪٿس اگرن مان بتجي پيو
سڄو ملڪ ان سان بہ روشن ٿيو". (9)

هري "دلگير" (1916_2004ع)

هري درياڻي "دلگير"، ڪشنچند "بيوس" جي مڪتبہ فڪر جو هڪ اهم شاعر آهي. سندس جنم لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو. 1935ع ۾ هن ڪشنچند بيوس سان گڏ "موجيءَ جا گيت" (گيتن ۽ نظمن جو مجموعو) شايع ڪيو. ان کان علاوه "مزيدار گيت" (1983ع)، "گيت گلابي" (1987ع) ۽ "پرولِيون" (1991ع) شايع ٿيل آهن. ٻارڙن جي ٻاري جي جي سهاري نڪرندڙ ٻارن جي رسالي "گلستان" جي شاعريءَ واري حصي جو انچارج هوندو هو. سندس گيتن ۾ خيال جي ترتيب، عام فهم ٻولي جو استعمال ۽ رواني ايتري تہ موجود آهي جو نہ رڳو ٻار پر وڏڙا بہ ان کي دلچسپي سان پڙهن ٿا. هري دلگير جا شعر 'ڪاٺ جو گهوڙو'، 'پينگهہ تہ منهنجي مزيدار'، 'ٻہ ٻائر'، يا 'آسمان'، 'هفتي'، 'لغڙ'، 'ٻال' بابت گيت، بيت يا چوسٽا يا سندس ٻال ڪوتا ۾ پروليون ۽ ٻيا ڪيترائي شعر ٻارن ۾ خاصا مقبول رهيا آهن. 'ڪاٺ جو گهوڙو ڏاڍو مشهور ٿيو:

عجب منهنجو گهوڙو مزيدار گهوڙو
جڏهن آءُ چاهيان، تڏهن تيار گهوڙو
هلي تيز تکڙو ٿي هروار گهوڙو
پلي هي پيارو وفادار گهوڙو" (10)

اهڙي طرح، انگريزن جي دور ۾ ٻيا بہ ڪيترائي ٻارن جا شاعر هئا. جن ۾ سوڀراج نرملداس "ڦاني" بہ هن دور جو اهم شاعر هو. هن جي مجوعي "چٽ ڦلواڙي" ۾ ٻاراڻا نظم ڏنل آهن. حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ ٻارن لاءِ انتهائي سمجهاڻي ۽ نصحيت وارا گيت لکيا. پرسرام "ضياء" جا ڪيترائي نظم ٻارن ۾ مقبول هئا. ليکراج ڪشنچند "عزيز" جي ڪليات شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ ٻاراڻا شعر بہ آهن. جڏهن تہ سندس هڪ نظمن جو ڪتاب "ٻهڳڻ ٻول" ڪشنچند بيوس سان گڏ شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ سندس ٻاراڻا گيت ۽ نظم آهن. هوندراج دکايل جي شاعريءَ جو مجموعو "سنگيت ڦول" (1946ع) ۾ ٻارن لاءِ ٻي ٻها نظم شامل آهن. ڪبوتر متعلق پنهنجي هڪ نظم ۾ منظر ڏيندي ٻڌائي ٿو تہ ڪبوتر پنهنجي اڃائي سبب ئي چار ۾ ڦاسي ٿو پوي:

سفر فلڪ جا خوب ڪرين ٿو
ڌرتي تي پڻ ڏيان ڌرين ٿو

كيتن ۾ انار تكين ٿـو
اڙجي لالچ منجهه لهين ٿـو
توٽي ٻانيو جنهن کي چوڳو
نكتو آخر ۾ سو دوكو
دور كان پر كي ايندو ماري،
دور كان پڻ كسكڻ جي كري ٿـه پـهـه تياري،
مگر وچ ــــايل چوڏر جـــاري،
آٽي ڦـاسائي چوڏاري،
توٽي عيش اڏائڻ چاهيو ليكن قسمت كرايو". (11)

حوالا:

1. ديال كوتومل آشا: "سنڌي شعر جي تواريخ"، "دهلي پركاشن، 1984ع، ص 359
2. ديوان پرڀداس آنندرام: "سنڌي ٽيون كتاب"، تعليم كاتو سنڌ، 1853ع، ص 16
3. اياز گل: "سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شاعريءَ، مختصر جائزو"، ٽي ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 4/ 1996ع، ص 72
4. ڊاكٽر مخمور بخاري: "سنڌي ٻاراڻي شاعري ۽ مرزا قليچ بيگ"، كارونجهر جرنل، فيڊرل اردو يونيورسٽي، كراچي، جون 2017ع، ص 54
5. ڊاكٽر انور فگار هكڙو: " "غريب" جي سخنوري"، ٽي ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 3، 4/ 2001ع
6. نصير مرزا: "ڇهه ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 2001ع، ص 2
7. ڊاكٽر غلام علي الانا: "سنڌي نثر جي تاريخ"، زيب ادبي مركز حيدرآباد، 1977ع، ص 206
8. ڊاكٽر عبدالجبار مغل: "ٽريننگ كاليج فار مين، حيدرآباد جو سنڌي ادب ۾ حصو" (قلمي)، 1978ع، ص 76
9. غلام مصطفيٰ سولنگي: "سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي"، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007ع، ص 63
10. كشن چند بيوس ۽ هري دلگير: موجيءَ جا گيت"، 1935ع، ص 15
11. ڊاكٽر تنوير عباسي: "ٻاراڻا ٻول"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1973ع، ص 31

انگريزن جي دور ۾ آکاڻي نويسي

اڳاڻي دؤر ۾ سنڌ ۾ آکاڻين جو رواج رهيو آهي، جيڪي مذهبي نوعيت جون ۽ سورمن جي ڪردارن تي مبني هيون. جنن، ديون ۽ پرين جا قصا آکاڻيون ليکجن ٿيون. اصطلاحي طور آکاڻي اهو قصو آهي، جيڪو ٻاراڻي زندگيءَ ۽ ٻاراڻي دلچسپيءَ پٽاندر ڪردارن تي مبني تصوراتي افسانوي ليک هجي. ان ريت اهي قصا ڪهاڻيون ماضيءَ جي واقعن ۽ تجربن جو ذخيرو ٿيندا ويا. اڳتي هلي ڪي ماڻهو اهي قصا ياد ڪرڻ ۽ ڊرامائي انداز ۾ بيان ڪرڻ جا ماهر ٿي ويا. ان ريت آکاڻي جو فن اسريو." [1] انگريزن جي دور تائين ڪهاڻيءَ جي نعم البدل طور آکاڻي لکي ويندي هئي، پر آزاديءَ کان پوءِ ان کي ڪهاڻي سڏيو ويو. حقيقت اها آهي ته ٻارن جي لاءِ لکيل "ڳالهه" يا "قصو" دراصل "آکاڻي" ئي آهي. سنڌيءَ ۾ سڀ کان اوائلي شايع ٿيل آکاڻيون، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي گرامر (1849ع) ۾ ضميمي طور آيون، جيڪي قديم دور جي قدرن تي ٻڌل آهن. پهرين آکاڻي ۾ ٻن عورتن جو ٻار تان جهڳڙو ڪرڻ ۽ قاضيءَ جو فيصلو ڏيکاريل آهي:

"ٻه جالون (زالون) ٻار جي لاءِ ٿي وڙهيون، پر ٻنهي جو شاهد ڪو نه هو. ته ڪاجيءَ (قاضي) وٽ وڃي انساف (انصاف) گهريائون. ڪاجيءَ (قاضي) ڪاسائيءَ کي ڪوٺي چئو ڪِ هن ٻار کي ٻه اڌ ڪر ۽ ٻنهي جالن (زالن) کي وراهي ڏي. هڪڙي جال (زال) اها ڳالهه ٻڌي ماٺ ڪري رهي، پر ٻيءَ روئي دانهن ڪري چئو سائينءَ جي نانءِ منهنجي ٻار کي ٻه اڌ م ڪر جيڪڏهين شرا (شرع / شريعت) ۾ اينئين آهي، ته مون کي ٻار ڪو نه گهرجي. تڏهين ڪاجيءَ (قاضي) سهي ڪئو، جو ٻار جي ماءُ اها ئي آهي، ته ٻار انهي کي ڏناريائين. ٻيءَ کي موچڙا هڻائي ڪڍيائين." [2]

انگريزن جي دور ۾ سنڌي ڪهاڻي جي شروعات ئي ٻاراڻين آکاڻين سان ٿي. اهي آکاڻيون ڏند ڪٿائن تي ٻڌل هونديون آهن. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ ڪهاڻي نويسي واري باب ۾ سنڌي آکاڻيءَ جا هيٺيان دور بيان ڪيا آهن:

1. ونڌر ۽ سکيا وارين آکاڻين جو دور
2. تاريخي ۽ سماجي آکاڻين وارو دور
3. ديسي آکاڻين جا ترجما ۽ ماهوار رسالن جو دور
4. اصلوڪين سماجڪ ڪهاڻين جو دور
5. جديد حقيقت نگارين وارين ڪهاڻين جو دور.

1849ع کان 1947ع تائين، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جون ڪيترئون ئي آکاڻيون لکيون ويون، پر انهن مان گهڻيون ترجمو ٿيل هيون. ان حوالي سان سنڌي آکاڻيءَ جا مختلف دور آهن، جن مان ڪي هن ريت آهن:

درسي ڪتابن جون آکاڻيون:

جڏهن درسي ڪتاب لکجڻ ۾ آيا، تڏهن اڌارام ٿانورداس، پريداس آنندرام، ديوان ڪوڙومل، پيرومل مهرچند، مرزا قليچ بيگ، ساڌو هيرانند ۽ ڪن ٻين ليکڪن درسي ڪتابن لاءِ بيت، آکاڻيون لکي ورتيون. ڪن سبقن ۾ اخلاقي نصيحتون، ڪن ۾ راند روند ۽ ونڊر جهڙيون ڳالهيون ۽ ڪن ۾ عام واقفيت ڏنل هونديون هيون. 1853ع ۾ ديوان پريداس آنندرام رامچندائي سنڌي ٽيون ڪتاب جوڙيو. هن ڪتاب ۾ ڪل نوانوي سبق آهن، جن مان ڪي شاگردن جي ڏانو جون نصيحتون آهن، جي اخلاقي سبق ۽ آکاڻيون آهن ۽ ڪي عام واقفيت جا سبق آهن، جهڙوڪ جدا جدا جانورن، وڻن، ٻوٽن ۽ ڌاتن بابت سمجهاڻيون.(3)

هندستاني ٻولين تان ترجمو ٿيل آکاڻيون:

شروعاتي آکاڻيون گهڻو ڪري، هندستان جي مختلف ٻولين تان ترجمو ٿيل هيون. ان سلسلي ۾ ڊنگو ڪندن مل تڏاڻيءَ لکيو آهي ته: "ننڍڙي آکاڻي ساهت جو ڏار نمونو آهي، سو انهيءَ ڪري نه، ته آکاڻي ننڍڙي آهي، ڇو ته هيڏانهن فقط فقري ۾ پوري ٿي سگهي ٿي، هوڏانهن شايد سڄي ڪتاب جي حدن ۾ به سڄي مس سمائجي. جيتوڻيڪ رواجي طور قد جي ڇوٽي آهي. آکاڻي ۽ ننڍي آکاڻيءَ ۾ تفاوت نه فقط ٻاهرين گهاٽ گهاٽ جو آهي، پر اندروني نظام جو به، ڇو ته آکاڻي تصور يا ڪلپنا جي پيدائش ۽ ننڍڙي آکاڻيءَ جو بنياد روز مره جا ننڍا واقعا ۽ تو مان جهڙن رواجي انسانن جي چال چلت سوڌي آکاڻي جا قالب ايامن کان مقرر ٿيل آهن، جي رڳي لکندڙ لاءِ پرٽا پون ٿا."(4) سنسڪرت جي ڪتابن "پنچتر" ۽ "هتوپديش" ۾ ڏنل

آکاڻين جو ترجمو ڪيو ويو لومڙ ۽ گدڙ، شينهن ۽ ڪوئي ڪان، ۽ گهگهي واريون آکاڻيون هندستان مان ايران، ايران مان انگلينڊ، انگلينڊ مان سنڌ ۾ موٽي آيون. ۽ اهي درسي ڪتابن ۾ ڇپجي ويون.

1854ع ۾ غلام حسين قريشيءَ هڪ ڊگهي آکاڻي "پنهنجي زميندار جي ڳالهه" ترجمو ڪئي. جا پنڊت بنسي ڌر جي هندي قصي "ڌرمسنگهه زميندار" تان ورتل هئي. "پنهنجي زميندار جي ڳالهه" کي ديسي رنگ ۽ ڍنگ ۾ آڻڻ لاءِ ماڻهن ۽ ڳوٺن جا نالا مٽائي ٻيا وڌائين. ڪهاڻي نويسيءَ ۾ ان جي انهيءَ ترجمي کي بنيادي حيثيت آهي. ڪتاب ۾ صاف سنڌي مگر نج لاڙي ٻولي ڪم آيل آهي. ڪتاب ۾ ڪل صفحا 24 آهن. سندس نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"هيڪڙي منڊ پنهنجي زميندار پنجن جريبن ڌرتيءَ جو ڌڻي اوپائي کي لکي ڏنو اوپائي آکاڙ جي مهيني ۾ هڪڙي ڏينهن هر ۽ ڍڳا ڳنهي وڃي ٻني کيڙي. ٿا ماڻيلي جي ماڻهن جي ويري ۽ جڳهڙائي هئا، ڏنو ته اوپاوڙي جو زميندار اسانجي دنگ جي پاسي ۾ ڦتل ڌرتي ٿو کيڙي. اهي ڪاٺا کيڙيندي کيڙيندي اسان جي ڌرتي پڻ کيڙي وڃي. نيٺ سيني مڙي سڙي ٻنيءَ ۽ ڍنا ته متان وپاوڙي جو زميندار کيڙيندي کيڙيندي اسان جي ڌرتي پڻ کيڙي وڃي. نيٺ سيني مڙي سڙي ٻنيءَ تي وڃي اوپائي کي ماري ڪٽي پڇايو ۽ انکي هيڪلو ڏسي ڍيڄاريائون ته جي وري تون ڪڏهن هيءَ ٻني کيڙيندين ته توکي لٺيون هڻي هٿ پير ڀڃي ڇڏينداسون. هاڻي اتان اوپايو گهوڙا گهوڙا ڪندو ڀڳو ويو." (5)

ان دور ۾ منشي اڌارام آکاڻي نويسيءَ جي سلسلي ۾ بهترين ڪم ڪيو. هن ڪيتريون ئي ٻارن جي وندر لاءِ آکاڻيون لکيون، جن ۾ "ونهين ۽ ولهي جي آکاڻي" (1860ع)، "راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي آکاڻي"، "طوطي نامو" اهم آهن. ان کان علاوه، ننديرام کان پوءِ هن "ايسپ جون آکاڻيون"، بيهر ترجمو ڪري 1870ع ۾ تعليم کاتي ٻاران شايع ڪرايون. هن انهن ۾ "ونهين ۽ ولهي جي آکاڻي" تمام گهڻي مقبول ٿي. "هيءَ آکاڻي به اخلاقي نڪتن سان ڀريل آهي. سنڌي ٻولي ۾ هن جو اڳاٽو ترجمو منشي اڌارام ٿانورداس ميرچندانيءَ جو ڪيل آهي. جيڪو ڪراچي مان سنه 1862ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ "الف ليليٰ" وانگر نهايت دلچسپ ۽ نصيحت واريون آکاڻيون ڏنل هيون. ترجمي ۾ نج ٻولي ڪتب آندل آهي:

"جڏهن سج لٿو ۽ چنڊ نڪتو خجستہ کھنبا ويس ڪري، ڳهہ ڳنا پائي، هار سينگار ڪري چتونءَ ڪان موڪل وٺڻ ويئي ۽ ان کي اهاڻڪو ڏسي پڇڻ لڳي تہ آءٌ من رجهائيندڙ اڄ ڇو اهاڻڪو ٿيو آهين، ۽ ڪوهہ ايتري ڳڻتي ٿو ڪرين؟"[6]

ٻارن لاءِ صحيح نموني ڀهريون آڪاڻين جو ڪتاب سيد ميران محمد شاهہ (اول) جو "مفيد الصبيان" هو جيڪو 1861ع ۾ شايع ٿيو اهو هنديءَ تان ورتل، ٻارن لاءِ فائديمند آڪاڻين جو مجموعو هو. هن مجموعي ۾ ٻارن جي وندر لاءِ ڪيتريون ئي آڪاڻيون ڏنيون ويون آهن.

آخوند عبدالرحيم عباسي اصل ۾ ڪوهستان جو رهاڪو هو. عربي ۽ فارسيءَ تي ڪافي عبور رکندو هو معياري صورتخطي ٺهڻ کان اڳ سنڌي زبان ۾ ديسي آڪاڻيون قلمبند ڪيائين. هن اٽڪل ڏهہ ڪتاب لکيا. جن ۾ "سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال" (1868)، "قصو دلوراءِ جو" (1870)، "وڪيو ڏاتار" (1870)، "سسئي پنهون" (1871)، "عمر مارئي" (1871)، "ڪوئا ۽ ٻلي" (1871) ۽ "قصو عجائب شاهہ" (1872) شامل آهن. هن نظم سان گڏوگڏ ڪيترائي قصا ۽ آڪاڻيون نثر ۾ بہ لکيون. سندس آڪاڻيون ان دور ۾ ڪافي مشهور هيون. هنن ۾ سندس "ڪئا ۽ ٻلي" ٻاراڻي ادب ۾ اهم آهي.

ساڳئي دور ۾ هاسارام ڏسواڻي (مرتيو 19 آڪٽوبر 1896ع) قديم هندي جي ڪتاب "پنج تنتر" تان 1894ع ۾ "سيا جو سينگار" ترجمو ڪيو. ڪتاب جون آڪاڻيون پکين ۽ جانورن جي بيان ۾ آهن. جيڪي گهڻي ڀاڱي مهاڀارت، رامائڻ، سيجن واڪيہ سمرتي، شنڪر سنگيت، چاڻڪيہ ستڪا ۽ ڪن ٻين ڌرمي ڪتابن تان متاسنا سان ورتل آهي. هر هڪ آڪاڻي نصحيت کان خالي نہ آهي. ان دور ۾ گرداس مل ڪرپلاڻيءَ پڻ ڪيتريون ئي ٻين ٻولين تان آڪاڻيون ترجمو ڪيون. ان سلسلي ۾ هن 1890ع مشهور هندي آڪاڻين جو ڪتاب "بيتال پچيس" (125 آڪاڻيون) الف ليلىٰ واري طرز تي لکيل ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ ڇپايو."[7] مشهور عالم روچيرام گجو مل لوڪ ادب، ٻهاڪن ۽ آڪاڻين جي تاريخ ۾ وڏو نالو رکي ٿو. سندس "دلپسند قصا" نالي سان هڪ وندرائيندڙ آڪاڻين جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ وڻندڙ آڪاڻيون ڏنل هيون. 1895ع ۾ سندس هڪ ٻيو اڪثير آڪاڻين جو ڪتاب "عجيب نقطعا" ظاهر جنهن ۾ اخلاقي آڪاڻيون هيون. ان دور ۾ نظرام لوڪومل پنواڻيءَ جو ڪتاب

"واندڪائي جي ونڊر" ڏاڍو مشهور ٿيو. هن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ روحاني ۽ ڪرامتي آکاڻيون ڏنل هيون. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته "اهو ڪتاب به ٻالڪپڻ ۾ اهڙي چاهه وچان پڙهندا هئاسون، جو ڪائڻ پيئڻ وسري ويندو هو." [8]

محمد بخش "واصف" (1892 _ 1954) 1914ع ۾ "گلزار چنبيلي" نالي سان سنڌيءَ ۾ ڪتاب آندو هو جو فارسي محاورن سان ڀريل هو. هن ڪتاب لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته "ڪتاب جو مضمون اخلاقي ڪهاڻين ۽ نصيحت آموز نقطن تي مشتمل آهي. ڪتاب جو سارو احوال چين جي بادشاهه "همايون فال" جي خواب ڏسڻ ۽ سفر تي سنبرڻ، غيبي خزانو حاصل ٿيڻ ۽ وصيتن جي بيان ۾ آهي." [9]

اصلوڪيون ۽ سماجڪ آکاڻيون

ڪوڙيمل کلناڻي ٻارن لاءِ اصلوڪيون آکاڻيون لکيون. سندس سڀ کان پهرين ڪتاب "ٻاراڻيون آکاڻيون" 1894ع، "ڪوريئڙو ۽ مک" 1900ع ۾ شايع ٿيا. جڏهن ته ڪوڙيمل جو 1906ع ۾ مزاحيه ۽ اخلاقي ٽوٽڪن ۽ آکاڻين جو ڳٽڪو "ٺهڪ ئي ٺهڪ" جي نالي سان شايع ٿيو. سندس آکاڻيون ٻارن جي مزاج جي ويجهو هيون. ان دور ۾ ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي سنڌيءَ ۾ ٽي ڪتاب لکيا: "سوڪڙي ڳالهين جي" (1865ع)، "گل يا گلقند" ۽ "گل شڪر". اهي ٽيئي ڪتاب اصلوڪا ۽ ڏاڍا وڻندڙ آهن. "گلقند" جو ڪتاب هن 1871ع ۾ لکي پورو ڪيو. ديوان ڪيولرام جي ڪتابن ۾ ڪيتريون شاندار اصلوڪيون آکاڻيون شامل آهن، جيڪي ٻولي ۽ پيشڪش جي لحاظ کان وڻندڙ آهن. 1889ع ۾ هري سنگهه ڊنگومل جي آکاڻين جو ڪتاب "ملا دو پيازو" ۽ 1896ع ۾ سندس هڪ ٻيو ڪتاب "حڪايت عجيب" شايع ٿيو. 1891ع ۾ نالي واري عالم ڏيارام گدومل جو ديوناگري لپيءَ ۾ آکاڻين جو ڪتاب "ماءُ ۽ ڌيءُ" شايع ٿيو. هن آکاڻي ۾ ويهه اخلاقي سبق ڏنل آهن، جي هڪ فهميندي ماءُ پنهنجي ننڍڙيءَ ڌيءَ کي سيکاري ٿي ته دنيا ۾ سکي ڪيئن گذارجي. ڪتاب "ماءُ ڌيءُ" مان ديوان صاحب جي سهج ڀر رنگين لکڻي جو نمونو ملي سگهي ٿو:

"پهريون سبق ڏيئڙي جيڪو مون کي مليو، سو آهي مٽي نهارڻ جو اڳيان سج کين اڀريو آهي، اڳيان اونده آهي، پر مٽي نهار ته ڪيترا نه تارا پيا چلڪن. جي

مٿي نهاريندينءَ ته اهي تارا توکي گهٽيون ڳالهيون ٻڌائيندا. هو وڏوسيني کان وڏيڪ چلڪندڙ تارو ڏس ته ڇا ٿو چوي. اُٿين پيو نهاري، جوچڻ ته کا ڳالهه دل ۾ اٿس. منهه ڏسينس ته کهڙو نه منو اٿس. نيڻ ڏسينس ته کهڙا نه نماڻا اٿس. تون اڳڙو پريندي آهين، ۽ ستارون مون کان ولي جڙيندي آهين. تڏهن اڳڙو پيو چلکندو آهي. پر هيءَ مٿي ته ڏس ته کهڙو نه اڳڙو پريل آهي. هاڻي اچ جڏهن تون اڳڙو ويهي پرين ۽ ستارون ويهي جڙين. تڏهن هيءَ اڳڙو نه وسارج، ۽ سياڻي سوير اٿج." (10)

مشهور عالم چيتمل پرسرام "شاهه جون آکاڻيون" لکيون جنهن ۾ شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ بيان ٿيل نون آکاڻين جو تت ڏنو ويو آهي. ڪتاب ۾ سهڻي ميهار، حسن حسين، مومل راڻو راءِ ڏياچ، ليلان چنيسر، جام تماچي ۽ نوري نماڻي، عمر مارئي، سسئي پنهون ۽ هير رانجهو آهن. چيتمل پرسرام جو ٻاراڻي ادب ۾ "سونو گڏهه" به تمام گهڻو مشهور ٿيو هو.

ان دور ۾ پڳوان سڪراڻي، جنهن جو تعلق سکر شهر سان هو. تنهن جي نصيحت آموز آکاڻين جو مجموعو "لال ٻلي" منوهر ساهتيه مندر پڌرو ڪيو. ٻين آکاڻين جي ڪتابن ۾ ويرومل هيمومل ملاڻيءَ جو "سهڻي صلاح" (1912ع)، چاندومل سکانند ياتيا جي مزاحيه آکاڻين جو "پسمي پوت پلنگ" (1913ع)، ويرومل هيمومل ملاڻيءَ جو "سلڇڻائيءَ جو ڦل" (1913ع)، واڌومل مولچند جو "گلن جو هار" (1915ع)، رامچند ڏيارام جو "سرڳ جي موٽر گاڏي" (1917ع)، پي.ايل. واسواڻيءَ جو "ٻار ڪوڙ چو ٽا ڳالهائين" (1922ع)، جيٺانند کيرومل جو "ٻارهن ورهين جي ڇوڪري" (1927ع)، تاراچند جو "جادوگرن جي راڻي" (1927ع) اهم آهن. مشهور تعليمدان ساڌو هيرانند آڏواڻي، 1890ع ۾ "سرسوتي" رسالو جاري ڪيو جنهن ۾ هن ڪيترائي مضمون ۽ آکاڻيون لکيون. سندس ديهانت کان پوءِ پيرومل مهرچند انهن کي "هيري جون ڪڻيون" جي نالي سان 1926ع ۾ شايع ڪرايو هن ڪتاب ۾ ٻارن جي وندر ۽ مزاح سان ڀريل آکاڻيون شامل آهن هن ڪتاب مان 1894ع ۾ لکيل هڪ آکاڻيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"جهوني ٽهال وٽ هڪ سکر ماڻهوءَ رات جو تجوڙي کولي رهيا ٿي پوڇيا. سمهڻ مهل صفحي جا در ۽ تجوڙي جو طاق ٻلي ڇڏيائين ته لڇمي ديوي کي گهر اندر

اڄڻ ۽ ڏجوڙي کي ڏن سان پرڻ ۾ سهولت ٿئي. پر صبح جو اٿي ڏسي ته ڏجوڙي خالي ٿي رکي هئي ۽ منجهانئس زيور هزارن جا گم ٿي ويا. شايد لڇمي ماتا جي دل مٽين کي ڏسي سرکي وئي هوندي سو مٽيا پائي گهر گهر چمڪندي هوندي".(11)

ديوان پرمانند ميوارام ڪيترين ننڍين وڏين آکاڻين ۽ قصا لکيا. سندس "دل بهار" (1912ع آکاڻيون) "ڌرم مورتي" (1934ع آکاڻي)، "هيري جي منڊي" (1934ع آکاڻي)، "لڇڻ وڏيڪ ڪين لڌو" (آکاڻي)، "هيرو ۽ گلو" (1936ع ڏکي آکاڻي) وغيره اهم آهن. اهڙيءَ طرح ميلارام وسوائيءَ "سندر ساهتيه منڊل" جي پليٽ فارم تان پنهنجا ۽ ٻين جا ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا. سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. سندس ذاتي ڪتابن ۾ "چرچن جي چهر" (1937ع) "اخلاقي آکاڻيون" (1935ع)، "موجي آکاڻيون"، "ٻار سري ڪرشن" (1935)، "اخلاقي سبق" (1935)، "قلواڙي" (1940) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻيءَ پڻ ڪيترين ئي آکاڻين لکيون، پر سندس ڪهاڻي "چريا لنڊ" طنز و مزاح جي لحاظ کان گهڻي مشهور ٿي. پروفيسر صاحب، 1926ع ۾ "ٻاراڻيون ٻوليون" نالي هڪ رسالو ڪڍيو. جنهن ۾ ٻاراڻي ادب جي لحاظ کان بهترين ڪهاڻيون شامل هونديون. "ٻاراڻيون آکاڻيون" جي نالي سان هڪ ڪتاب، مسمات مريم ولي محمد جو پارت پبلشنگ هائوس، ڪراچيءَ، مان 1941ع ۾ ڇپيو هو جيڪو انتهائي اهم آهي. لعلچند امرڏنو مل جي آکاڻي "ننڍڙي نئنا" 1946ع ۾ شايع ٿي. اها ٻاراڻي نفسيات کي ظاهر ڪري ٿي. جڏهن ته سندس آکاڻي "تلوڪ ٽيمي" (1947) هڪ سوانحي آکاڻي آهي، هن ۾ تلوڪ ڪاڪي جي مزيدار خاڪي نما آکاڻي ڏنل آهي.

پروفيسر جهامنداس ڀاٽيا (1898 _ 1965ع) جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جن ۾ ٻارن لاءِ آکاڻين جو ڪتاب "مرڪندڙ مکڙيون" (1945ع) به شامل آهي. پروفيسر ڀاٽيه جو هي مجموعو چوٽيهن صفحن تي ٻڌل آهي ۽ منجهس 9 مکڙيون مرڪندڙ آهن. ڪتاب جي مهاڳ ۾ جهامنداس ڀاٽيا لکيو آهي ته: "مرڪ سان نه لڙڪ سان جيوت جي سفر جو پنڌ ڪرڻو آهي. آکاڻين ۾ اها ئي اميد ايهائي آهي ته جنهن جي گود ۾ ويهي اهڙي رمز هٿ ڪئي اٿم اها هئي

سوکڙي سک جي ۽ نہ چک جي قرب، مان قبوليندي، اها ئي جيوت منهنجي جو موا، انمول، تول بي بها ڍول، پوجا جو ذکر ٿي پي رهي آهي. شال ٻالک بہ پنهنجي جنني ۽ ۾ جنم ڀومي جو کير سفلو کن ۽ مرک سان حياتيءَ جو حساب ڏين." [12]

حشو کيولراماڻيءَ ڪجهہ ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ "پدما" (1945ع) ۽ "هک بہ ٿي" (1945) وغيره اهم آهن. سندس ڪهاڻي "پدم" هڪ ٻار جي سياسي بصيرت جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ کي آزادي واري هلچل جي ڏينهن نعري هڻڻ تان سپاهي لٺ وهائي ڪڍي ٿو ۽ هوءَ بي هوش ٿي وڃي ٿي. جڏهن هوش ۾ اچي ٿي تہ ڪانئس پڇي ٿو تہ "منهنجي منڙي پدم ڇا ڪيو؟" پدما وري ڪجهہ ٻولينو مون سمجهيو . . منهنجي بهادر پدما چيو "دادا هندستان آجاد". [13]

مغربي آکاڻين جا ترجما

ناميارې اديب ۽ مترجم مرزا قليچ بيگ ٻاراڻي ادب، خاص طور تي آکاڻين جي سلسلي ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو. هن ٻارن جي دلچسپيءَ جي لحاظ کان مختلف ٻولين تان آکاڻيون ۽ ناول ترجمو ڪيا، جن ۾ ٻارن لاءِ اڳتي وڌڻ ۽ تعليم حاصل ڪرڻ وارا موضوع غالب هئا. ان سلسلي ۾ سندس "عجيب طلسم" (1913ع)، "شيطان جو مريد" (1913ع)، "عجيب الماس" (1915ع)، "ڏکن مان سک" (1916ع)، "ڪادمبري" (1916ع)، "دل وندرائيندڙ ڳالهيون" (1918)، "ٻہ جاڙا ٻار" (1926ع)، "پتيل اکيون پوريل اکيون" (1926ع)، "ٽي ديو تي راڪاس" (1926ع)، "شهزادي قدم برگ ۽ ٻيون آکاڻيون" (1926ع)، "لبا خان درزي ۽ خليفو ڪهنگ" (1926ع)، "ديسي آکاڻيون"، "شيطان جي ناني"، "طلسمي گڏي"، "شمرانہ عرف شيطان جي ناني"، "شهزادي محبوب جي آکاڻي"، "پڇاڻي وائي پائي وزو"، "شوني ساموندي مڇي"، "بهرام گور" ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب شامل آهن.

ان دور ۾ ٻولچند ڪوڏومل جون (Grisom's Fairy Tales) تان ترجمو ڪيل بہ سهڻيون آکاڻيون "سرسوتي" ۾ ڇپيون هيون:

هڪڙي (Cinderella)تان ورتل "اماڙيءَ جي ڳالهہ" ۽ ٻي (Snow Drop) تان ورتل سرسوتي ۾ شايع ٿيون هيون. نانڪرام ڏرمداس ٻارن لاءِ نہ صرف ناول ترجما ڪيا، پر ڪيترين ئي آکاڻين بہ ترجمو ڪيون. ليلارام ولايت راءِ سپاهيملاڻي جي ترجمو ٿيل آکاڻين جو مجموعو "انڪشاف جي آکاڻي" (1929ع)

هو 1920ع ۾ هن ليوٽالسٽاءِ جي ڪهاڻيءَ ڪي "سمن موچيءَ جي ڳالھ" ترجمو ڪئي، پر آکاڻيءَ جا ڪردار ۽ ماحول بدلائي سنڌي بڻايو ويو اھا ڪهاڻي انتهائي مشهور ٿي. 1922ع ۾ تعليمي ماهر پادري فرار جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو "جولن جي آکاڻي" جي نالي ڪيائين. ساڳئي سال سندس اهم ڪهاڻي "آنريبل جم جي آکاڻي" شايع ٿي".(14) ايم_آر مائيداساڻي "پچي رمضان" نالي هڪ ڪتاب ٻارن لاءِ انگريزي مان ترجمو ڪيو پر آکاڻين کي ديسي ماحول ۾ آڻيو هئائين. 1946ع ۾ نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو "ٻارن لاءِ آکاڻيون" جي نالي سان هڪ باتصوير ڪتاب شايع ٿيو جنهن ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ آکاڻيون ڏنل هيون.

مجموعي طور انگريزن جي دور ۾ ٻارن جي ادب لاءِ ڪيترين ڪوششون ورتيون ويون. ادب جي هر صنف ۾ ٻارن لاءِ ادب تخليق ڪيو ويو. ادارا قائم ٿيا. رسالا جاري ٿيا. آکاڻيءَ جي سلسلي ۾ وڏي تعداد ۾ ڪتاب شايع ٿيا. جن سيني تي لکڻ لاءِ هڪ الڳ ڪتاب جي ضرورت پوندي. ٻارن لاءِ درسي ضرورتن تحت ڪهاڻين جا ڪتاب جاري ٿيا. جيڪي سبق آموز هئا. پر بعد ۾ طنز مزاح سان ڀرپور سکيا ڏيندڙ آکاڻيون شايع ٿيون. ان سلسلي ۾ ادل سومرو لکي ٿو ته "مجموعي طور هن دور ۾ ٻارن جي نفسيات آڏو رکندي ڪهاڻيون لکيون ويون پر ڪتابن ۾ ڪشش پيدا ڪرڻ لاءِ انهن کي مورتن سان پڻ سينگاريو ويو. ان ريت انهيءَ دور ۾ ٻارن لاءِ معياري ڪتابن جي اشاعت جي ابتدا ٿي".(15)

حوالا:

1. مختيار احمد ملاح: "ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت"،سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2015ع، ص 17
2. Captain George Stack: “A Grammar of Sindhi Language”, Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2001, P-115
3. ديوان پرڀداس آنندرام: "ٽيون ڪتاب"،تعليم کاتو 1853ع، سبق ايڪويهون
4. ڊنگومل ڪندن مل لڏاڻي: "ننڍڙي آکاڻيءَ جي معنيٰ ڇا آهي". ماهوار سنڌو مخزن، فيبروري، 1935ع، ص 12
5. غلام حسين قريشي: "ڀنيي زميندار جي ڳالھ"،ليٿو ڪراچي 1854ع، ص 2
6. ذوالفقار راشدي: " سنڌي طوطي نامو". مهراڻ، سنڌي ادبي، بورڊ، ڄام شورو، نمبر 2، 1967ع

7. مختيار احمد ملاح: "اُڻويهين صديءَ جي سنڌي نثر جي تاريخ".بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نوابشاهه.2017 ع، ص 136
8. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 41
9. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي نثر جي تاريخ"، زيب ادبي مرڪز ص 176
10. پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي : "رشي ديوان ڏيارام گدومل"، سنڌ گريجوئيٽ ائسوسيئشن، 2000 ع ، ص 215
11. ساڌو هيرانند: "هيري جون ڪڻيون"، الوحيد پريس، ڪراچي، 1926 ع، ص 12
12. پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه: "مرڪنڊڙ مکڙيون"، ويرومل بيگراج، تلڪ پريس، شڪارپور، 1945 ع، ص 2
13. حشو ڪيولرامائي: "پدما" (ٻار سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ـ مرتب ولي رام ولڀ) سهڻي پبليڪشن 1986 ع
14. ڊاڪٽر جيتو لالواڻي: "برطانوي دور ۾ سنڌي ڪهاڻي"، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي يونيورسٽي آف ممبئي، 2003 ع، ص ـ42
15. ادل سومرو: "اسين مسافر پيار جا"، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 1991 ع، ص 93

انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻو ناول

سڀني ادبي صنفن ۾ ناول کي سماج سان سلهاڙيل هئڻ ڪري وڏي اهميت آهي. سنڌي ادب ۾ ناول نگاري انگريزن جي دور ۾ رائج ٿي. انگريزن جي دور ۾ به شروع ۾ قصا ۽ داستان لکيا ويا. پوءِ مرزاقليچ بيگ سنڌي ادب ۾ قصصي ناول "دلارام" لکي طبعزاد ناولن جي شروعات ڪئي. انگريزن جي دور ۾ اصلوڪا ناول تمام گهٽ لکيا ويا، پر ترجمو ٿيل ناولن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هن دور ۾ مرزا قليچ بيگ ٿي آهي، جنهن ٻارن لاءِ گهڻي ۾ گهڻا ناول ترجمو ڪيا. سندس ناولن ۾ سبق آموز مقصد رکيل هوندو هو جيئن ٻار خاص طور تي اسڪولي شاگرد انهن مان ڪو سبق پرائي سگهن. مجموعي طور تي ڏسبو ته انگريزن جي دور ۾ ٻارن لاءِ قصصي ناوليت لکيا ويا، جن کي اسان محقق اڄا ناول جي تاريخ ۾ شامل نه ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته "سن 1885ع ۾ ماستر هري سنگهه سکر مان سن 1886ع ۾ پوکرداس شڪارپور مان ڪتاب ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيو هنن گهڻو ڪري اردو تان داستان ۽ قصا ترجمو ڪري پيش ڪيا، جيڪي هندستان ۾ اڳي ئي ڇپجي چڪا هئا. انهيءَ کان سواءِ ٻيون به طبعزاد ڪهاڻيون، عشقيه ۽ مزاحيه قصا جي هئا "ڪڇڻي ماني"، "ڪوئا ٻلي"، "سس نونهن" ۽ "ٽوپي پڳ" انهن قصن سان گڏ ڪيترائي عشقيه ۽ نيم تاريخي قصا به لکيا ويا، جهڙوڪ "عمر مارئي"، "دودو چنيسر"، "سهڻي ميهار"، "مومل مينڌرو"، وغيره. ان کان علاوه ڪيترائي ازغيبي ۽ ڪرامتي قصا ۽ ڪهاڻيون به هن دؤر جي سنڌي ادب جي پيداوار آهن، جن ۾ انساني عشق بازيءَ سان گڏو گڏ جن، ڀوت، ديو پريون ڪردار طور پيش ڪيل هئا."[1]

انگريز دور جي شروع ۾ قصا ڪي قصا سرڪاري خرچ تي ترجمو ٿيا، ان ڏس ۾ غلام حسين قريشيءَ جو ترجمو "پنهي زميندار جي ڳالهه" 1854ع ۽ سيد ميران محمد شاهه اول جو "سڌاتوري ڪڌا توري جي ڳالهه" 1855ع وغيره اهم آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکيو آهي ته "سڌا توري ۽ ڪڌا توري جي ڪهاڻي" انگريزن جي حڪمت عمليءَ جو جيئرو جاڳندو نمونو آهي. هي قصو ڪو ناول ته نه آهي پر سنڌيءَ ۾ جيڪا صورت وٺي بيٺو آهي، تنهن موجب سنڌي ناول جي اوائلي اهڃاڻن ۾ شمار ضرور ٿيندو."[2] هي ڪتاب اصل هندي ٻوليءَ ۾ پنڊت

ٻنسي ڏر "سبودي ڪبودي" جي نالي سان لکيو هو. سيد ميران محمد شاهه سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو 1855ع ۾ هي قصو ليٿو ۾ عربي سنڌي لپيءَ ۾ شايع ٿيو. هن قصي ۾ ٻن ڪردارن کي چٽيو ويو آهي. مگر نالا سنڌ جا ڪم آيل آهن. هي ڪتاب شروعات وارن ڏينهن ۾ ابتدائي اسڪولن ۾ درسي ڪتاب طور ڪم ايندو هو. هن قصي جي ٻن اهم ڪردارن ۾ سڌاتورو اسڪول وڃي، ٿورڙن ڏينهن ۾، بابنامو پڙهي ۽ ٻيا ڪتاب ڏسي، پاٺيهي سرت وارو ٿي وڃي ٿو آخوند ۽ ٻين ماڻهن چيو ته هيءُ ڇوڪر ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ لکپڙهه ۾ پڙ ٿي ويندو هوشيارپ جي ڪري ٽپيداري جي نوڪري مليس ٿي. محنت ۽ ايمانداري جي ڪري نامور مختيار ڪار ٿئي ٿو ٻئي طرف ڪڌاتورو به گهڻا ڏڪا کائي پڙهي منشي بڻجي ٿو. مگر بي ايمان ۽ رشوت خور ٿئي ٿو هڪ دفعي رشوت وٺڻ جي الزام ۾ گرفتار ٿئي ٿو ۽ سخت پورهئي سان ٽيپ کائي ٿو. ڪتاب مان نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"آرڪڻ چڱائيءَ جا ڦريائين پڌرا ٿا ٿين، ته هيءُ ڇوڪر پنهنجي راڄ ۾ چڱو مڙس ٿيندو. جيئن ته سُلو سِرجندي ئي سمجهجي ته هيءُ وڻ وڏو ٿيندو؛ ۽ هيءُ ڦڪو (ڦاڪو) پڌرو آهي ته ٻُرّ جا پَنَ اُپرندي ئي سُٺيا".(3)

مرزا قليچ بيگ ڪيترائي ناول ترجمو ڪيا، جن مان ڪجهه ٻاراڻي ادب ۾ به اهم آهن. مرزا قليچ بيگ، انگريز اديب ۽ تعليمدان فريڊرڪ وليم فرار جي ناولن "ٽي گهر"(Three Homes)، "ايرڪ" (Eric) ۽ "جولئن هوم"(Julian Home) ترجمو ڪيا. تنهي ناولن جو موضوع ٻارن جي تعليم ۽ سندس والدين جو رويو آهي. هنن ۾ ننڍن ٻارن سان ناول Eric, or Little by Little آهي، جنهن کي مرزا قليچ 1919ع ۾ "ايرڪ" جي نالي سان ترجمو ڪيو. هي ناول اسڪول جي ماحول، شاگردن ۽ استادن کي ڪيئن هلڻ گهرجي، تي ٻڌل آهي. هيءُ ناول ٻارن جي سکيا جي لحاظ کان مختلف بابن ۾ ورهايل آهي، جنهن ۾ ٻار جي نشو نما، وڌندڙ عمر وغيره جو مڪمل خيال رکيو ويو آهي. هن ڪتاب جو پهريون باب هن نموني ۾ شروع ٿئي ٿو:

"هڪڙو ننڍو ڇوڪر نچندو ٽپندو ۽ تاڙيون وڄائيندو وڏي سڏ هري هري! ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو "اِجهو هاڻي هفتي ڪن جي اندر بابو ۽ امان ٻئي گهر ايندا. پوءِ اسين ٿورو وقت هتي رهنداسين ۽ تنهن کان پوءِ آءٌ اسڪول ڏانهن ويندس."

ان ڇوڪر جي ماسات مس فئني به هڪڙي ڪرسيءَ تي ويٺي هئي ۽ مٽ ڪري

ويلي سئيءَ جو ڪم ڪيائين انهيءَ ڇوڪر جي خوشيءَ جي رڙين ۽ ٻولن ڏانهن ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنائين. هو جي خوشيءَ مان نچندو ٽپندو، سندس ڪرسيءَ وٽ اچي وري بہ چوڻ لڳو، "پوءِ مس فئني آءٌ اسڪول ويندس.

فئنيءَ ڪنڌ مٿي ڪري آرام سان چيو، "بابا آءٌ ٻانيان ٿي تہ ورهيہ ڪن ڪان پوءِ تون اسڪول بابت اهڙي سان خوشيءَ هينئر ٿو ڳالهائين".

هن چيو، "پلا فئني تون ايئن ڇو نہ چوندينءَ، تون هميشہ اڳڪٿيون ڪندي آهين، پر فڪر ناهي، آءٌ اسڪول ويندس، واهہ واهہ هريا هريا". (4)

ايرڪ، حساس، ذهين ۽ مزاج جو تکو ۽ سهڻو هو تيز فهم ۽ عقل وارو ڇوڪر، جنهن کي ننڍي هوندي ئي ماءُ پيءُ کان جدائي سهڻي پئي، اها هڪ درد ڀري ڪهاڻي آهي.

ساڳئي ناول Eric, or Little by Little جو هڪ ٻيو ترجمو نانڪرام ڌرمداس ميرچندائي پڻ "نازڪ گلڙا" جي نالي سان الٿو ڪيو جيڪو سکر واري پبلشر هري سنگهہ 1929ع ۾ شايع ڪيو هو.

1911ع ۾ مرزا قليچ بيگ جرمنيءَ جي مشهور اديب ڪرسٽاف شمڊ جي هڪ ناول (The Basket of Flowers) جو ترجمو "گلن جي ٽوڪري" جي نالي سان ڪيو. ڪرسٽاف وان شمڊ وڏو پادري هو ۽ ڪجهہ وقت سرڪاري اسڪولن جو انسپيڪٽر بہ ٿي رهيو. هن ٻارن لاءِ گهڻائي ڪتاب لکيا. سندس "گلن جي ٽوڪري" هڪ سيرتي ناول آهي، جنهن ۾ ناول نگار هڪ مالهيءَ جي حوالي سان ٻارن کي نصيحتون ۽ سهڻا سخن ٻڌايا آهن. جيڪب نالي هڪ مالهي گلن، ٻوٽن، پنن ٽوڙي ڪيتي وارن سمورين شين جي ڄاڻ رکي ٿو بلڪ انهن سان محبت ڪري ٿو. هو بنيادي طور تي روحانيت واري دنيا ۾ رهڻ پسند ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو پنهنجي ڌيءُ ميريءَ کي هر هنڌ نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جو درس ڏئي ٿو جيڪا دراصل هر ٻار جي لاءِ نصيحت آهي. مرزا قليچ بيگ، جرمن ماحول ۽ ثقافت ۽ جملن کي ٺيٺ سنڌيءَ ۾ انگريزي ٻوليءَ جي معرفت ترجمو ڪيو هو جنهن جو هڪ مثال هتي ڏجي ٿو:

"سدوري آهي اها ڇوڪري، جا ڪنهن نامناسب خيال ۾ اچڻ ڪري لڄي ٿئي ۽ جنهن شرم کان منهن ڳاڙهو ٿي وڃي، ڇا لاءِ جو انهيءَ ڪري هوءَ پاڻ سنڀاليندي ۽ خوف ۽ خطري ۾ نہ پوندي، جي ڳل حياءَ کا جلد ڳاڙها ٿا ٿين تہ ڳاڙهاڻ گهڻي ٿائين جتاءَ ڪندي، ۽ جن کي ڪنهن خسيس بيحيائي جهڙي

خيال تي لڄ جي ڳاڙهاڻ ڳلن تي نہ اچي، سي سگهوئي ڦڪا ٿيندا ۽ وقت اڳي قبر ۾ پوندا.“ (5)

مرزا قليچ بيگ جو ”نيلو پکي“ ٻارن لاءِ لکيل آڳاٽن قصن جو هڪڙو پڻ شهزادين نالي گل چهر ۽ محبوبہ بانو جي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ گل چهر جو ڪردار هڪ وڻندڙ سپاءِ جو آهي ۽ محبوبہ بانو جو منفي ڪردار ادا ڪري ٿي. هن ۾ رومانس، برائي ۽ چڱائي، محبت ۽ حسد وغيره جهڙن جذبن کي آندو ويو آهي. بادشاهہ جي ٻي راڻي پنهنجي ماٽيلي ڌيءَ ”گل چهر“ سان ظلم ۽ زيادتون ڪري پنهنجي ڌيءَ ”محبوبہ“ کي پاڙيسري ملڪ جي بادشاهہ دلفريب شاهہ سان پرڻائڻ گهري ٿي، پر بادشاهہ دلفريب شاهہ محبوبہ بجاءِ گلچهر سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو ان ڪري هو پاڻ تڪليف ۾ اچي نيلو پکي بڻجي پوي ٿو ۽ شهزادي گل چهر قيد ۾ بند ٿي وڃي ٿي. وڏا ڪشالا ڪڍڻ ۽ مصيبت کي منهن ڏيڻ کان پوءِ نيٺ دلفريب شاهہ پکيءَ مان ٻيهر انسان ٿئي ٿو ۽ گل چهر قيد مان نڪري پنهنجي پيءُ کان پوءِ ملڪ جي بادشاهہ بڻجي ٿي ۽ فقيراڻو ويس ڍڪي دلفريب شاهہ کي پنهنجي عقل سان حاصل ڪري شادي ڪري ٿي.

مرزا قليچ جو هڪ ٻيو ناوليٽ ”وامق عذرا“ پڻ هڪ ٻاراڻي ادب ۾ اچي ٿو جيڪو اصل ۾ مرزا صادق تخلص ”نامي“ جو لکيل آهي. هن ناوليٽ کي مرزا قليچ بيگ نظم مان ڪڍي نثر ۾ آڻي ناول جو روپ ڏنو آهي. هن ناوليٽ جي ڪهاڻيءَ جا بنيادي اهڃاڻ يمن، شام، مصر ۽ عربستان جهڙن ملڪن جا آهن. هن ناوليٽ ۾ مافوق الفطرت ڪردار، واقعا، پريون ۽ جادو بہ آهي. هي بنيادي طور تي رومانوي آکاڻيءَ تي ٻڌل آهي. هن ناوليٽ جو هڪ ٽڪرو نموني طور پيش ڪجي ٿو:

”هڪڙي پيري شڪار ڪندي، بيابان ڏي ڪن هرڻن جي پٺيان هليو ويو، ۽ وڃي ڪنهن جهنگلي قبيلي ۾ نڪتو جي عربن جي دستور موجب ننڍن تنبن ۾ رهندا هئا. گاهہ ۽ مال جي سانگي هڪڙي هنڌان لڏيو ٻئي هنڌ گذاريندا هئا. ڪيترين جوان ۽ خوبصورت زالون ۽ ڇوڪريون آسپاس ٻئي آيون ويون. ڏينهن تتل هو ۽ شهزادي کي بہ ڏاڍي اڃ لڳي هئي، سو هڪڙي ويجهيءَ راوٽيءَ وٽ بيهي، پاڻي گهرڻ لڳو هڪڙي جوان زال پاڻي پياريس. پر هوءَ اهڙي حسين ۽ چڱن مهاندن واري هئي، جو شهزادو هن کي ڏسي حيران ٿي دل ۾ چوڻ لڳو تہ ”اهڙي خوبصورت زال جهنگلي ماڻهن ۾ ڪيئن پيدا ٿيا! جڻ تہ هيءَ بهشت

جي ڪا حور يا پرستان جي ڪا پري آهي، جا اچي اتي لٿي آهي!" مطلب تہ ڏسڻ شرط مٿس موهجي پيو ۽ دل آيس. تہ ڪنهن بہ عذر سان اتي رهجي پوان تہ ڏاڍو چڱو."(6)

انگريزن جي دور جي ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مترجم ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻيءَ، سر والٽر اسڪاٽ The Heart of Midlothian جو ترجمو اختصار "دلير دل نينگر" جي نالي سان 1927ع ۾ "نئين سنڌي لئبرريءَ" پاران شايع ڪرايو. هن ناول جا ڪردار استاد، شاگرد ۽ اٺويهين صديءَ جا عام انگريز معاشري جا فرد آهن.هي ناول شهر ۾ اسمگلرن جي ڪري ٿيل فسادن جي پسمنظر ۾ آهي. سپاهين ۽ چورن جي مقابلي ۾ ڪيترائي عام شهري مارجي وڃن ٿا يا زخمي ٿين ٿا. اتي هڪ دلير نينگر پنهنجي بهادري، سياڻپ سان امن ڪرائي ٿو. هي ناول قومي موضوع تي هو ۽ ان ۾ اصلاحي ۽ بهادري جو رجحان موجود آهي.

پرمانند ميوارام جو قصصي ناوليٽ "هيرو گلو" هڪ دلچسپ دلسوز، عبرت انگيز ۽ نصيحت آميز قصو آهي، جيڪو هن انگريز ليڪڪ "ڪئنن سمٿ" جي ڪهاڻيءَ تان ترجمو ڪيو هو هن قصصي ناوليٽ ۾ ڪردارن ۽ ماحول کي سنڌي ۾ تبديل ڪيو ويو هن ۾ ٻہ ڪردار هيرو ۽ گلو آهن. جن مان هيرو نيڪيءَ جو ۽ گلو بديءَ جو نمائندو آهي.

حوالا:

1. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ: "سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1986ع، ص 157
2. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي تاريخ" (جلد ٽيون)، سنڌي لئيگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2000ع، ص 10
3. سيد ميران محمد: "سنڌاتوري ڪنڌاتوري جي ڳالهہ"، مهراڻ 1، 1959ع
4. مرزا قليچ بيگ: "ايرڪ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1961ع، ص 5
5. مرزا قليچ بيگ: "گلن جي ٽوڪري"،سنڌي ادبي بورڊ،ڄامشورو
6. مرزا قليچ بيگ: "وامق عذرا"، (پنجون ڇاپو)، سنڌي ادبي بورڊ،ڄامشورو، 1993ع

انگريزن جي دور ۾ سنڌي ٻار اڻو ناٽڪ

علم و ادب جي سيني صنفن ۾ ڊرامي جي صنف سڀ کان اڳاٽي ۽ سڀ کان اتم سمجهي وڃي ٿي. جنهن عقيدت سان ناٽڪ/ ڊراما جي شروعات ٿي، ان تقدس سان ٿي ان کي ڏنو وڃي ٿو ۽ ان کي لکيو وڃي ٿو. عام طور تي اهو چيو وڃي ٿو ته لفظ "ڊرامو" يوناني لفظ "ڊرائو" يا "ڊراء" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "عمل" يا "عمل ڪري ڏيکارڻ". ڊرامي جي شروعات قديم يونان کان ٿي. يونان وارا ڊرامي کي "اعليٰ شعر" (Great Poetry) سڏيندا هئا. ڊرامو دنيا جي سمورين سڌريل، توڙي اڻ سڌريل ٻولين ۾ موجود آهي.

سنڌي ناٽڪ جي ترقيءَ ۾ سنڌي تعليمي ادارن جو وڏو هٿ هو. جيئن جيئن اسڪول کلندا ويا، تيئن تيئن اتي تعليمي سکيا لاءِ ننڍا ننڍا مڪالما (Dialogue) لکڻ ۽ انهن کي اسٽيج تي آڻڻ جو رواج پيو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور لکيو آهي ته "1894ع تائين سنڌي ناٽڪ رڳو ڇپيل صورت ۾ پڌرا ٿيا، پر ترت ئي سنڌي ناٽڪ کي اسٽيج جي زينت بڻايو ويو ۽ اها ابتدا به ناٽڪي پيشي وارن جي هٿان نه، پر سنڌ جي پڙهيل طبقي ۽ سلجهيل ذهنن جي ڪوشش سان ٿي. سنڌي ناٽڪ زياده طور تعليمي ادارن جي احاطن ۾ يا وري پڙهيل طبقي جي سماجي تنظيمن جي پروگرامن ۾ ٿيندا رهيا، جن جو اسٽيج تي پيش ٿيڻ جو مقصد گهڻو ڪري تعليمي مقصد جي ترقي خاطر رهيو آهي."[1]

جيتوڻيڪ، هن دور ۾ اڪثر ڊراما اسڪول ... ۽ ڪاليجن ۾ اسٽيج ڪيا ويا، پر انهن ۾ ٻارن جي ڪردار نالي ماتر هئا ... باقي تماشائي طور ٻار انهن ڊرامن کي ڏسندا هئا. اگر ڪاليج ... ٻا ... ... جي ڳالهه ڪجي ته ڪيترن ئي شاگردن ڊراما لکيا ۽ ترجمو ڪيا. 1894ع ۾ سڀ کان پهرين ناٽڪ منڊلي ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج ڪراچي ۾ 'Immature Dramatic Society' جي نالي سان وجود ۾ آئي. هن منڊلي پهريون ناٽڪ ڄيٺانند ڪڻنداس پرياڻيءَ جو ٺهيل ترجمو "ٽل دمينتي" پيش ڪيو. پوءِ منڊليءَ ٻيا به کيتراڻي ڊراما پيش ڪيا. تاراچند ڪندنمل شهاڻي، 1909ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي بندر روڊ واري نئين آفيس ويجهو "نيو هاءِ اسڪول" قائم ڪيو. هن اسڪول ۾ ڄيٺمل پرسرام هيڊ ماسٽر هو جڏهن ته لالچند امرڏنومل، جهمٽمل ڀاوناڻي، آسانند مامتوراءِ جهڙا اديب هن اسڪول جا ماسٽر هئا. "1919ع ۾ هيءَ ڊرئميٽڪ سوسائٽي سنڌ جي برک عالم ۽ اديب لالچند امرڏنو مل جي

ڪوششن سان قائم ٿي. جڏهن پاڻ نيو هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو آسانند مامتوراڻي جديديت جو مشهور ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار هو هن ٻارن لاءِ "ڦلواڙي" رسالو به جاري ڪيو سندس ناٽڪ "اما ۽ ونايڪ" ۽ "پرم آدرشنا" اهميت وارا آهن 1927ع ڌاري ڪراچيءَ طرفان قائم ٿيل "شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي" اسڪول جي ساليانی جلسي ۾ ڏيتي ليتي جي موضوع تي پيرومل مهرچند جو لکيل پنگتي ناٽڪ 'مقدمو' پيش ڪيو جنهن جو هدايتڪار منگهارام ملڪاڻي هو اهڙيءَ طرح 1935ع جي ساليانی جلسي ۾ منگهارام ملڪاڻي پنهنجو لکيل ناٽڪ 'ٽي پارٽي' پنهنجي هدايتڪاري هيٺ پيش ڪيو هو جنهن ۾ سيٺي ڪردار چوڪرين ادا ڪيا هئا." (2)

اين جي. وي اسڪول جي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ ۽ ميگزين ۾ به شاگردن ۽ استادن ناٽڪ جي ڏس ۾ ڪافي ڪم ڪيو 1937ع ۾ اسڪولي ٻارن "پريت جي ريت" ناٽڪ کي ڪاميابيءَ سان اسٽيج ڪيو هو 1939ع ڌاري ميرپور خاص مدرسي ۾ اسڪول ناٽڪ منڊلي قائم ٿي، جنهن سڀ کان پهرين محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو مشهور ناٽڪ "بدنصيب ٿري" پيش ڪيو هي ناٽڪ تعليم پکيڙيو واري تحريڪ جي روشنيءَ ۾ لکيل هو هن ناٽڪ ۾ ٿري زندگيءَ جو چٽ مڪاني تلفظ ۽ محاوري ۾ چٽيل هو 1940ع ڌاري عثمان علي انصاري جڏهن ساهتي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو تڏهن سندس سرپرستيءَ هيٺ ساهتي ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ٿي. هن سوسائٽيءَ انصاري صاحب جا ترجمو ڪيل شيڪسپيئر جا ٻه ناٽڪ "جرم وفا" ۽ "گمراهه دوست" اسٽيج تي پيش ڪيا هئا جن ۾ حصو وٺندڙ اداڪار اسڪول جا شاگرد هئا." (3)

ديوان ڪوڙيمل هڪ ننڍڙو ناٽڪ "سنگ جو پرسنگ" سال 1899ع ۾ لکيو جنهن کي ساڳئي سال ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان شايع ڪيو ويو. "هي ناٽڪ اسڪولي شاگردن لاءِ نصيحت آميز، سٺي سنگت رکڻ لاءِ لکيو ويو هو هن ناٽڪ ۾ قرض جي مرض ۽ ڪسنگ جي خرابين تي مزاحيه انداز ۾ طنز ڪيل آهي. ڪاڪو پرسرام اوطاق ۾ ويٺو آهي ۽ ٽئي شوڪارا پيري چوي ٿو:

"سمو ڏاڍو پاري لڳو آهي، ننڍ وڏائيءَ جو سنڌو سيڙهو رهيو ٿي ڪونهي، سيڪو آپي خان آهي، چوڪرا جي هاڻي آني مان ڦٽا آهن تن جي آڪڙ ڪنهن جي ڪٽڻ

جي نہ آهي. گهر ۾ غرقي نہ ٿهي، دم ٿوڙهيءَ جو . مائٽ ويچارا مٽا مونا هٽي جيئن تيئن پيا پن پرين، چورن کي نہ اڏيءَ جي نہ ڪٽيءَ جي".(4)

1931ع ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ جو ناٽڪ "ناخلف" سنڌ ڊي. جي ڪاليج مسيلني ۾ شايع ٿيو. هن ناٽڪ ۾ والدين ۽ شاگرد اولاد جي ذهني ڪيفيتن کي بيان ڪيو ويو آهي. ان مرڪزي خيال ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ والدين کي زبردستيءَ سان پنهنجي اباڻي ڌنڌي ۾ لڳائڻ نہ گهرجي، بلڪ ڪين موقعو ڏجي تہ هو پنهنجي مستقبل جو تعين پاڻ ڪن. "سنڌي ۾ ٻارن لاءِ باقاعده ناٽڪ جيڪو ڇپيل صورت ۾ ۾ مليو ٿو اهو آهي "فسادي ڦوڪٽو". هيءُ ناٽڪ ٻارن لاءِ ڪلاڻيندڙ ۽ مزاحيہ هو. اهو ناٽڪ 1933ع ۾ ڪوڙيمل ساهت منڊل پاران ڇئن ناٽڪن جي مجموعي "چار ڇهڇتا" ۾ ڇپيل آهي. هي ناٽڪ باقاعده ٻارن جي ذهني سطح کي سامهون رکي لکيو ويو".(5)

1939ع ۾ سندر ساهتيہ منڊل پاران ستن ننڍن ناٽڪن جو مجموعو "انڌلٺ" ڇپيو. جيتوڻيڪ ادبي تاريخن جي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ اهو سڌيءَ ريت ڄاڻايل نہ آهي تہ اهي ست ئي ناٽڪ خالص ٻارن لاءِ هئا. ميلارام واسواڻي ڪتاب جو مهاڳ لکيو جنهن ۾ ننڍن ناٽڪن جي ٻولي ۽ پيشڪش تي وڏو بحث ٿيل آهي. ان کان سواءِ هن مجموعي ۾ ڪشنچند بيوس ۽ ڇيتانند ناگرانيءَ جا ناٽڪ "جگري قرباني، پوڙهي جو پرٽو، گامٽو بئريسٽر، آنرري مئجسٽريٽ" ۽ پيا شامل آهن، جن جي ليکڪن ۽ موضوعن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهي ٻارن لاءِ ئي لکيل هئا".(6)

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي ناٽڪ نگار خانچند درياڻيءَ جو "ٻال هتيا عرف خون ناحق" سال 1939ع ۾ نانڪرام نيڀراج سپاهيملاڻيءَ، ڪرائون پرنٽنگ پريس، حيدرآباد مان ڇپايو. هن ناٽڪ ۾ هڪ معصوم ٻار جي خون جي ڪهاڻي ڏنل آهي، جنهن ۾ سنسني سان گڏ خوف ۽ وهشت جا عنصر بہ ملن ٿا.

محمد عثمان ڏيپلائي سان گڏ علي محمد الهرکيو ڏيپلائي (1908_1988ع) جو بہ نالو اچي، جنهن ان ۾ دور ۾ تعليمي غرض سان اصلاحي ڊراما لکيا. ان سلسلي ڊاڪٽر آفتاب ابڙو لکي ٿو تہ "قاضي صاحب ڊرامن جي شروعات 1931ع ۾ ڪئي ۽ پنهنجو پهريون اصلاحي ڊرامو "ڪرشمہ تعليم" هڪ فنڪشن ۾ پيش ڪيو جنهن جي صدارت ٿرپارڪر ضلعي جي سپروائيزر مسٽر فتح محمد قريشي ڪئي. ان کانپوءِ قاضي صاحب 1935ع ڌاري پيا ٽي ڊراما خود قرباني"، "غلط رستو" ۽ عدل جهانگيري" لکيا ۽ اسڪولي ٻارن کان اسٽيج ڪرايا".(7) علي

محمد الهرڪيي ڏيپلائيءَ، ان دور جي اسڪول جي ٻارن جي سکيا ۽ معلومات جي حوالي سان ٻيا ٻه ڪيترائي ناٽڪ لکيا هئا. جن مان ڪي تاريخي موضوعن تي هئا ته ڪي سماجي موضوعن تي هئا. سندس ناٽڪ "حڪيم هٿ ڪٽ" انتهائي مزاحيه آهي. جنهن ۾ هڪ شاگرد پڻ ۾ مس (سياهي) پي وڃي ٿو ۽ سندس والد کيس مشهور حڪيم وٽ وٺي اچي ٿو.

ان دور جي ٻارن جي رسالن ۾ به ڪيترائي ناٽڪ شايع ٿيا هئا. شيخ اياز جو ٻال منظوم ناٽڪ "مندن جو منڊل"، گلستان رسالي جي اپريل 1947ع واري شماري شايع ٿيو هو. هن ناٽڪ ۾ مندن جي رنگا رنگيءَ سان گڏ ٻارن خاص طور ڇوڪرين جي زندگيءَ، روين ۽ سرگرمين کي چٽيو ويو آهي. اياز هن ناٽڪ کي ايترو ته رسيلو ۽ مترنم رکيو آهي، جو ان جي هدايتي نثري جملن کي ڇڏي، هر سٽ ڳائي سگهجي ٿي. هر سٽ ۾ غضب جي رواني ۽ نغمگي موجود آهي.

مجموعي طور تي انگريزن جي دور ۾ ٻين به ڪيترن ئي ناٽڪن ۾ ٻارن تي مبني پلاٽ ۽ ڪردار ملن ٿا. ٻارن جي وندر خاطر اڪثر ناٽڪ ڪاميڊي ۽ سبق آموز هوندا هئا.

حوالا:

1. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 118
2. ڊاڪٽر پريم پرڪاش: "سنڌي ناٽڪ جي اوسر"، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع، ص 105
3. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 158
4. ڪوڙومل چندنمل : "سنگ جو پرسنگ"، هريسنگهه ، سکر 1899ع، ص 34
5. خالد آزاد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ، 2016ع، ص 178
6. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ"، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2012ع، ص 98
7. قاضي علي محمد ڏيهلائي، "سفر زندگيءَ جو"، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، 2014ع (مهاڳ)، ص 21

انگريزن جي دور ۾ ٻارن لاءِ مضمون نگاري

نثري ادب ۾ مضمون نگاري نهايت دلچسپ ۽ انوکي صنف آهي، جيڪا پنهنجي اختصار، جامعيت، زبان جي سادگي ۽ اسلوب شگفتگي سبب نثر جي ٻين صنفن کان ممتاز آهي. مضمون نويسي هڪ عظيم فن آهي، جنهن لاءِ وسيع مطالعو، مشاهدو ۽ ذاتي شوق به اچي وڃي ٿو. اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيءَ جي شاگردن کان وٺي، استاد، عالم، اديب، پروفيسر، عالم، ڏاها ۽ ٻيا مضمون نگاريءَ ۾ دلچسپي رکندا آهن ۽ طبع آزمائي ڪندا آهن.

لفظ "مضمون" تمام وسيع آهي، جو نه سنڌي زبان ۾ ان جو استعمال ڪيترن ئي معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثال طور نثر جي ڪنهن به بياني لکت کي، ان جي موضوع (Subject)، متن (Text)، عنوان (Topic)، مرڪزي خيال (Theme)، بلڪ شعر جي مواد (Content) کي به عام طور تي مضمون سڏيو ويندو آهي. ان کان علاوه مضمون کي بيان ڪرڻ ان ڪري به ڏکيو آهي ته سنڌي توڙي اردو يا انگريزي ۾ جيڪي مضمونن جا ڪتاب نظر اچن ٿا، تن ۾ ڪي اهڙيون شيون به نظر اچن ٿيون، جن کي مضمون سڏڻ مشڪل ٿيو پوي. جو نه انهن ۾ ڪيترائي تنقيدي، تاريخي ۽ ٻين قسمن جا مقالا به نظر اچن ٿا. اردو ۾ مضمون کي، انشائيه به چيو ويندو آهي. حالانڪ ٻنهي اصطلاحن ۾ فرق به ڏيکاريو ويندو آهي. انگريزي ۾ مضمون کي Essay سڏيو ويندو آهي".(1)

ديوان ڪوڙيمل 1862ع ۾ عورتن جي تعليم جي مسئلي تي هڪ طويل مقالو "پڪو پهه" لکي مضمونن جي ابتدا ڪئي. جڏهن ته "مقالات الحڪمت" سنڌي مضمون نگاريءَ جي تاريخ ۾ مختلف موضوعن تي پهريون ڪتاب آهي. مضمونن جو هي ڪتاب سنڌي جديد ادب جي ابي شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جو ترجمو ٿيل آهي، جيڪو هن انگريز اديب فرانسز بيڪن جي مضمونن جي ڪتاب Bacon's Essays جو ترجمو 1877ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون لکيا ويا آهن، تن جو انسان جي معاشري سان گهرو تعلق آهي. ائين ٿو لڳي ته مصنف زندگيءَ جي ننڍين ننڍين حقيقتن جو گهرو اڀياس ڪيو آهي، ۽ هر شيءِ کي چڱيءَ طرح پرکڻ کان پوءِ پنهنجي اڀياس، مشاهدن ۽ ذاتي سوچ ويچار کان پوءِ اهم ڳالهين بابت پنهنجا منطقي مشورا ڏنا آهن ۽ پڙهندڙن کي صحيح زندگي گذارڻ جون صلاحون پيش ڪيون آهن. پر مانند ميوارام سنڌي مضمون نگاريءَ جو بهترين ليکڪ هو. هن بيشمار مضمون لکيا جن مان ڪي "گل ڦل" نالي ڪتاب ۾ ٻن ڀاڱن

۾ آنداڻين. حقيقت ۾ "گل ڦل" سنڌي مضمون نگاريءَ ۾ ڀھريون طبعزاد مضمونن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ سماجي، اخلاقي، تعليمي، سياسي، سائنسي، تاريخي موضوعن تي مضمون آهن. هر ڪنهن مضمون ۾ بيان اهڙي ته مزيدار نوع ۾ ڪيل آهي جو پڙهندڙ ان مان گهڻو لطف اندوز ٿين ٿا".[2]

سنڌيءَ ۾ مضمون نگاريءَ جي شروعات به اسڪولن کان ٿي، ڇو ته اسڪولن ۾ مضمون نگاري ڪورس ۾ شامل هوندي هئي، جنهن ۾ ٻارن جي سکيا ۽ سير سفر ۽ اخلاقي موضوع ڏنل هوندا هئا. سنڌي مضمون نويسيءَ جي شروعات به ڌرمي ۽ سماجي موضوع به ڏنا ويندا هئا. مضمون نگاريءَ جا مقابلا ڪرايا ويندا هئا. جڏهن اسڪولن مان رسالا ۽ مخزن جاري ٿيا ته مضمون نگاريءَ به ترقي ڪئي. اسڪولي مخزنن جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ تمام گهڻو ڪردار آهي. ان دور جي استادن شاگردن جي نصابي سرگرمين سان گڏ غير نصابي سرگرمين کي به اهميت ڏني. اسڪولن ۾ ڊبيٽ سوسائٽين جي معرفت مضمون نگاري، تقريري مقابلا ۽ سماجي موضوعن تي ليڪچر به عام ٿيا. مضمون نويسي ۾ جيڪي مضمون جا مجموعا ان دور ۾ شايع ٿيا ۽ شهرت حاصل ڪئي، تن مان پرمانند ميوارام جي مضمونن ۾ مجموعو "گل ڦل"، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو "چونڊ سنڌي نثر ۽ نظم"، لال سنگ اجواڻي جو "ويچار"، نارائڻداس ملڪاڻيءَ جو "ڳوناڻي ڇهر"، تيرٿ وسنت جو "چٽنگون"، نارائڻداس پنياڻيءَ جو مرتب ڪيل "ادبي گلشن"، رام پنجواڻي ۽ نارائڻداس پنياڻيءَ جو مرتب ڪيل "اديب غنچو" ۽ ليکراج ڪشنچند عزيز جو "ادبي آئينو" قابل ذڪر آهن.

پيرومل مهرچند، مرزا قليچ بيگ، پرمانند ميوارام، ڄيٺمل پرسرام ۽ لعلچند امرڏنومل جو مضمون نويسيءَ جي کيتر ۾ وسيع، گوناگون، انوکو ۽ خاص مهڙ وارو ڪردار آهي. هن دور ۾ هندن جا پنڪتيھ سڌارن، سياسي سجاڳي وارن مقصدن تحت ڪيترائي رسالا ۽ اخبارون رفته رفته نڪرڻ لڳيون جن ۾ سناتن ڌرم پرچارڪ پتر، ماتا، هندو هندستان، هندواسي گهڻو نالو ڪڍيو. انهن سيني جريدن جي ايڊيٽرن مان ڄيٺمل پرسرام هڪ نالي وارو صحافي هو جيڪو سنڌي ادب ۾ به ساڳئي وقت هڪ مٿانهون مقام رکندو هو. هن جا سماجي، سياسي ۽ اخلاقي مضمون ادبي رنگ ۾ رتل هوندا هئا. جن جو انداز بيان نهايت وڻندڙ ۽ دلچسپ آهي. پرمانند "جوت" اخبار جو ايڊيٽر هو جنهن اڌ صديءَ تائين سنڌي ادب جي خدمت ڪئي. ان اخبار جي اها پاليسي هوندي هئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽي ۾ گهٽ ليکڪ پيدا ڪيا وڃن ۽ هر علم ۽ فن تي ڪتاب لکيا وڃن. اهوئي سبب آهي جو پر مانند جا مضمون بوقلمون

ٿين ٿا ۽ مختلف موضوعن، سماجي، اخلاقي، تعليمي ۽ سير سياحت تي ٻڌل آهن".(3)

انگريزن جي دور ۾ خود ٻار جي موضوع تي ڪافي ڪتاب لکيا ويا. جن ۾ ويرومل هيمون مل ملاڻي جو لکيل " ٻال" (1935 ع) اهم آهي. ٽي ايل واسواڻي جو لکيل ڪتاب "ٻارن جا حق" (1925 ع) ۾ شايع ٿيو هن ۾ ٻارن جي حقن جو بيان آهي. ٽانورداس گنگارام جو ترجمو ڪيل "ٻال اتر پرشن" 1939 ع ۾ ڇپيو پنجومل وڏنمل ورما جو لکيل "ٻال شهيد وير حقيقتراءِ" پڻ 1939 ع ۾ شايع ٿيو غلام حسين جو لکيل ڪتاب " ٻارانءِ رهبر"مسلم ادبي پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد، مان ۾ ڇپايو گوال لعل جو لکيل " ٻال يوگ سکيا" به اهم آهي.

ٻر مانند ميوارام اخبار "جوت" ڪي ٽيهن سالن تائين ايڊٽ ڪيو انهن ٽيهن سالن دوران، "جوت" ۾ شايع ٿيل مختلف مضمونن ڪي سهيڙي، 1925 ع ۾ ڪتابي صورت ڏيئي "گل ڦل" جي نالي سان شايع ڪيو انهن بابت پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته: "مزيدار ٽوٽڪن ۽ ٻرولين معرفت سنڌي ادب ۾ جا مذاق جي کوٽ هئي سا به پوري ڪيائين، جن ڪي مذاقي مضمون (Humorous Essay) چوندا آهن".(4)

1923 ع ۾ ويرومل ملاڻي ٻارن لاءِ وطن دوستيءَ جا مضمون "وطن دوستي" شايع ڪيو 1938 ع ۾ اسد بيگ قليچ مرزا ۽ گرمکداس ايس. ناگراڻيءَ شاگردن لاءِ چونڊ مضمون شايع ڪيو. چونڊ مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا، جن تي گلن جي نالن جا عنوان ڏاهي شايع ڪرڻ لڳا. 1900 ع کان وٺي سنڌي مضمون نگاريءَ ۾ هڪ نئين رجحان جنم ورتو ان سلسلي ۾ جيڪي مضمون رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيا هئا انهن ڪي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ شروع ڪيو ويو ۽ ٻيو ته اڪثر مجموعن تي گلن جي تشبيح سان نالا رکيا ويا. ڪجهه مثال هن ريت آهن:1907 ع ۾ ليلا رام پرمچند واڌواڻي ۽ ڏيارام وسڻمل مير چنداڻي، "جوت"، "اخبار تعليم" ۽ "پرڀات" ۾ شايع ٿيل مختلف اديبن جي چونڊ مضمونن ڪي "گلدستو" جي نالي سان شايع ڪيو هن ۾ سيئي مضمون شاگرن لاءِ ڪٺا ٿيل هئا. اسڪولي شاگردن لاءِ " گلزار نثر" 1919 ع ۾ ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي ترتيب ڏيئي ڇپرايو جڏهن ته "جوهر نثر" ۽ "گلستان" 1932 ع ۾ ليکراج ڪشنچند "عزيز" ۽ فتح چند واسواڻي جو "جوهر نثر" ۽ "گلستان" شايع ٿيا. 1932 ع ۾ نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي مختلف اديبن جي اصلاحي مضمونن ڪي سهيڙي "بهار ستان" ۽ "گول ڦليل" جي نالي سان شايع ڪرايو

هي ٻارن توڙي وڏن لاءِ هئا. محمد صديق ميمڻ ٻارن لاءِ ٻن جلدن ۾ مضمونن جا ڪتاب شايع ڪرايا.

1940ع ۾ "تيرٿ وسنت" جي مضمونن جو مجموعو "چٽڪون" شايع ٿيو انهيءَ ڪان علاوه "تيرٿ وسنت ورڪا" پڻ شايع ٿيو چٽڪون ۾ مزاحيه مضمون شامل آهن. 1945ع ۾ رام پنجواڻي ۽ نارائڻداس ڀمڀاڻي ڪاليج جي شاگردن لاءِ مضمونن جو مجموعو "ادبي غنچو" جي عنوان سان ڇپيو. 1941ع ۾ ليکراج ڪشنچند "عزيز" جو "ادبي آئينو"ظاهر ٿيو جنهن ۾ سندس مزاحيه مضمون شامل آهن. 1942ع ۾ بمبئي يونيورسٽي پاران مئٽرڪ جي سنڌي شاگردن لاءِ "سنڌي نثر ۽ نظم" جو انتخاب تيار ڪرايو ويو ان بعد ڪيترائي انتخاب جهڙوڪ "چونڊ سنڌي نثر"، "چونڊ سنڌي نثر و نظم" ۽ "انتخاب نثر" شايع ٿيا. 1948ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو ترتيب ڏنل "سنڌي نثر ۽ نظم" شايع ٿيو. 1944ع ۾ پروفيسر لال سنگ هزاري سنگ اجواڻي. ڊي.جي سنڌ ڪاليج مِسيلني (Miscellany) ۾ 40 سالن دوران آيل چونڊ مضمونن کي سهيڙي "ويچار" جي نالي سان شايع ڪرايو. ادبي گلشن: 1946ع ۾ نهال چند ريواچند چٽناڻي ۽ نارائڻداس ميوارام. ڀمڀاڻي اسڪولن لاءِ منظوم نصاب مطابق نثر ۽ نظم جو انتخاب. "ادبي گلشن" جي نالي سان ٽن حصن تي مشتمل شايع ڪرايو 1946ع ۾ ٿي. ڊاڪٽر رگهومل موٽواڻي نثر ۽ نظم جو مجموعو "گلابي گل" جي نالي سان ڇپرايو.

هن دور ۾ مضمونن جا ڀيا ٻه ڪيترائي اهڙا مجموعا شايع ٿيا. جن ۾ شاگردن جو ذهني سطح ، چاهه ۽ ونڌر لاءِ مضمون شامل ڪيا ويا. هي دور سنڌي مضمون نگاريءَ جي عروج جو دور هو جنهن ۾ شاگردن پاڻ به مضمون لکيا ۽ اڳتي هلي وڏا ليکڪ بڻيا.

حوالا:

مختيار احمد ملاح: "ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت". سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. 2015ع، ص 325

مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو". نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي. 2006ع، ص 322

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي: "سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ". اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد. 2009ع، ص 314_315

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ". روشني پبليڪشن، حيدرآباد 1993ع، ص 203

انگريز دور ۾ ٻارن لاءِ لکندڙ اديب

ننديرام ميراڻي سيوهاڻي (1819_1875ع)

سنڌي ٻاراڻي ادب توڙي درسي ڪتابن جي سلسلي ۾ ديوان ننديرام پهريون ليکڪ آهي. ديوان ننديرام ميراڻيءَ جو جنم سيوهڻ ۾ ديوان ٽڏيمل ميراڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. ديوان ننديرام جون علمي توڙي ادبي خدمتون ادبي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿيون. جديد علمن جي اصطلاحن کي يڪ جاءِ ڪرڻ ۾ سندس ئي ڪوششون ساراهڻ جوڳيون آهن. اڄ به جاگرافي، رياضي جاميٽري ۽ ٻين علمن ۾ تيار ڪيل ڪتابن ۾ سندس جوڙيل اصطلاح مروج آهن. ديوان ننديرام جو "باب نامو" پهريون درسي ڪتاب آهي. هن "پيمائشي حساب" 1855ع ۾ ڪاهانداس منسارام ڊاڪٽر چارلس هٽن جي انگريزي ڪتاب تان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. هن ڪتاب ۾ پيمائشي حسابن جون وصفون ۽ قاعدا سمجهايل آهن. "سيڪائتو نروار" 1856ع ۾ تعليمي سرشتي جي باري ۾ اردو ڪتاب تان ترجمو ڪيائين. ديوان ننديرام 1861ع ۾ نالو "سنساري نروار" ترجمو ڪيو. سندس ٻين ڪتابن ۾ "چٽ جي پاڙ" "ڊرائينگ بابت آهي، "ليکي جو ڪتاب" انگي حسابن جي باري ۾ آهي." (1)

ادبي لحاظ سن 1854ع ۾ ننديرام ميراڻيءَ بي. ايڇ. ايلس، اسسٽنٽ ڪمشنر سان گڏجي "ايسپ جون آکاڻيون" ترجمو ڪري تعليم کاتي طرفان شايع ڪيو. ايسپ جون آکاڻيون" دنيا جي قديم ۽ عام پسند ڪتابن مان هڪ ڪتاب آهي، جنهن جو ترجمو دنيا جي مڙني مک ٻولين ۾ ٿي چڪو آهي. اهي آکاڻيون اڄ کان سوا ٻه هزار ورهيه اڳ لکيون ويون هيون. هن ڪتاب ۾ ننديرام جو نثر چوٽ چڙهيل آهي. ايسپ جون آکاڻيون ڪيترن ئي ملڪن جي اسڪولي نصاب ۾ شامل آهن. سنڌيءَ جي درسي ڪتابن ۾ پڻ اهي آکاڻيون شامل رهيون آهن. سندس نثر جو نمونو "آکاٽي نندين ڪوئن ۽ نورن جي" مان ڏجي ٿو:

"گهڻي وقت کان نندين ڪئن ۽ نورن جي وچ ۾، ويڙهه هلندي هئي؛ ۽ جنگ ۾ سدائين ڪئا هارائيندا هئا. نيٺ، هنن پنهنجي هڪ ميڙ ڪوٺايو، جنهن ۾

پنهنجي هار جي سببن تي ويچار ڪري، فيصلو ڪيائون ته 'پنهنجا سردار مقرر ڪري، پوءِ جنگ ڪنداسين.' ڪتن، پاڻ مان جيڪي سگها ۽ سورهيه ڪتا ڏٺا، انهن کي، پنهنجو سردار مقرر ڪيائون. پوءِ، انهن نون سردارن، پنهنجي سرداريءَ جي درجي کان اڪڙ ۾ پرچي؛ ۽ پاڻ کي پڌرو ڪرڻ لاءِ، پنهنجي مٿن تي سڱن جهڙا وڏا پڳڙ ڪٽي ٻڌا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ، جڏهن لڙائي شروع ٿي، ته اڳي وانگر جلد ئي ننڍن ڪتن ڀڄڻ شروع ڪيو. عام ڪتا ته ٻرن ۾ لڪي ويا، پر جيڪي سردار پنهنجي سڱن جي ڏگهائيءَ کان ٻرن ۾ لنگهي نه سگهيا، سي پڪڙجي پيا ۽ مارجي ويا. نصيحت:_وڏائيءَ ۾ وڏو جوکو آهي."(2)

منشي اڌارام ٿانورداس "حيدرآبادي" (1823_1883ع)

منشي اڌارام ٿانور داس ميرچنداڻي سنڌي ٻوليءَ جو بنيادي اديب، مترجم ۽ تعليمدان هو. سنڌس جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. 1853 ع ۾ عربي_سنڌي لکاوٽ کي مقرر روپ ڏيڻ واري سرڪاري ڪاميٽيءَ جو ميمبر به هو. اڌارام ٿانور داس ٻاراڻي درسي ۽ ادبي ڪتابن ۾ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن ئي سنڌي زبان جو پهريون ڪتاب 1853 ع ۾ جوڙيو جيڪو تعليم کاتي شايع ڪيو. پهرين ڪتاب کان پوءِ، سنڌي زبان جو ٻيو ڪتاب 1853 ع ۾ لکيائين. ديوان اڌارام "دنيا جي تاريخ جو مختصر بيان" 1873 ع ۾ نولراءِ شوقيرام سان گڏ انگريزي ڪتاب تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان سان گڏجي "راسيلاس" ناول پڻ ترجمو ڪيائين."(3)

منشي اڌارام ڪيترئون آکاڻيون ۽ قصا لکيا ۽ ترجمو ڪيا. 1869 ع ۾ سنڌس آکاڻين جو ڪتاب "دلپسند آکاڻيون" شايع ٿيو جنهن جو نثر وڻندڙ هو. سنڌس مشهور آکاڻي "ونهين ۽ ولهي جي آکاڻي". 1860 ع ڌاري لکي هئي. هيءَ آکاڻي به اخلاقي نڪتن سان ڀريل آهي. جيتوڻيڪ ماڻهو هن ڳالهه کي چرچي طور استعمال ڪندا آهن، پر سچ پچ ته هن آکاڻي ۾ وڏو مطلب رکيل آهي. سڄي آکاڻيءَ جو مقصد آهي ته جيڪو هيچ ڪري وڏيڪ ڪائيندو آهي، سو ڪڏهن نه ڪڏهن، ولهي وانگر بيمار ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري بهتر آهي ته گهٽ کائجي. سنڌس ٻولي سليس ۽ وڻندڙ آهي:

"هڪڙي وهٽين جي وياءَ جو ويانهنءَ هو. تنهن وٽ هڪڙو ولهو ويو ته وهٽين ويٺي وڙين جو ٻلاءَ . واڳڻن جي ڀاڄيءَ سان ڪاڌو. تڏهين ولهو وڃي ويجهو ويٺس،

وهٽين ڪٽندي ٿي وڙي ولهي جي وات ۾ وڌي، ته ولهي ويچاري ڄڀهن ڏڌهن ورهين لاڪر وڙيءَ جو واس ٿي نه ورتو هو سو وسوٽي ويو ۽ وات پٽيو ويٺو ڪري واهه. واهه جڏهن وهيون وڙيون ڪاٽي واندو ٿيو تڏهين ولهي کي چيائين ته ويجهو ٿي ويهه ته ڪا ورونهن ڪريون. ولهيءَ واڪو ڪري چيو ته نه. آءُ ويندس وهندس ڪين."[4]

"ايسپ جون آکاڻيون" جيڪي 1854ع ۾ ديوان ننديرام ترجمو ڪيون هيون. ان کان پوءِ منشي اڌارام ٿانورداس ميرچندائيءَ، 105 آکاڻيون چونڊي سنڌيءَ ۾ 1870ع ڌاري ترجمو ڪري شايع ڪيو. هُن نه صرف آکاڻين جا عنوان ڦيريا آهن، پر ٻولي به سنواري آهي. هن ترجمي ۾ هندي، سنڌي ۽ فارسي بيت به وڌا آهن. منشي اڌارام پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب ۾ هڪ طرف ايسپ جي فڪر کي محفوظ ڪيو آهي ته ٻئي پنهنجي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي چوڻين ۽ پهاڪن کي به لاڳاني ٻڌائي ڇڏيو آهي. سنڌس آکاڻي "گدڙ ۽ ڍاڪ جي" جو نمونو ڏجي ٿو:

"هڪڙو بکايل گدڙ، گهمندي گهمندي اوچتو ئي ڪنهن ڍاڪ جي منهن هيٺ اچي سهڙيو اتي جان ڪڻي مٿي نهاري ته ڇا ڏسي هجو سهڻا ۽ عمدا ڍاڪ جا ڇڳا پيا لڏن ۽ لٽڪن! پانياءَ ته ٽپو ڏيئي ڇني ڪاوان. پر ڍاک جو منهن جو تمام مٿي هو سو هي ٽپا ڏيئي ٿڪجي پيو ته هڪڙو ڇڳو به نه مليس. نيٺ چوڻ لڳو ته جنهن کي وٺي سو وڃي ڇني ڪاٽي، مون کي ڪين گهرجن؛ ڇاڪون ته ڪتا ۽ ڪچا آهن."

نصيحت: گهڻا اهڙا ماڻهو آهن، ته جڏهن ڪنهن شي جي واسطي ڪوشش ڪڍي ڪندا آهن، پوءِ جي هٿ نه لڳندي اٿن، ته پاڻين جو ڦڪا نه ٿيون، تنهن لاءِ چوندا آهن، ته اسان کي هن شيءِ جي گهرج ئي ڪانهي؛ ڇا ڪجي، ڪم جي ڪين آهي، ملي ته به نه وٺو. تنهن تي سنڌيءَ واري چيو آهي ته "گدڙ ڍاک نه پهچي آکي ٿو ڪتا". پر سياڻن ماڻهن جو ڪم اهو نه آهي؛ انهن کي کپي ته جنهن ڪم ۾ هٿ وجهن، سو جيتوڻيڪ پورو نه ٿئي، ته به ان جي گلا نه ڪن."[5]

سيد ميران محمد شاهه ـ اول (1829 ـ 1892ع)

سيد ميران محمد شاهه (اول)، ٺٽڙ ۾ ڇائو سرڪاري ملازمت دوران انگريزي ٻوليءَ ۾ چڱي مهارت حاصل ڪري پوءِ قانون جو باقاعدي امتحان ڪيائين."[6] هو پهريون اديب هو جنهن ٻارن جي سکيا ۽ وندر لاءِ اهم ڪتاب ترجمو ڪيا. هندي ٻوليءَ ۾ نظام شمسي تي هڪڙو "آڪاسي نروار" جي نالي سان ترجمو

ڪيائين. جيڪو 1856ع ۾ شايع ٿيو سندس ناول نما "سڏاتوري ۽ ڪڏاتوري جي ڳالھ "سنڌي ڪلاسيڪي ادب ۾ نهايت سهڻي نثري آکاڻي آهي. هي ڪتاب اصل هندي ٻوليءَ ۾ پنڊت بنسي ڌر "سبودي ڪبودي" جي نالي سان لکيو هو سيد ميران محمد شاھ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو 1855ع ۾ هي قصو ليٿو ۾ عربي سنڌي لپيءَ ۾ شايع ٿيو."(7) هن آکاڻي ۾ ٻن ڪردارن کي چٽيو ويو آهي. مگر ماڻھن جا نالا سنڌ جا ڪم آيل آهن. هي ڪتاب شروعات وارن ڏينهن ۾ ابتدائي اسڪولن ۾ درسي ڪتاب طور ڪم ايندو هو.

سيد ميران محمد شاھ جو هڪ بهترين ٻارن لاءِ آکاڻين جو ڪتاب "مفيد الصبيان" 1861ع ۾ ليٿوءَ ۾ ڇپرو ٿيو هن ڪتاب ۾ ڪجھ آکاڻيون هنديءَ تان ترجمو ٿيون ۽ ڪجھ شيڪسپيئر جي ڪن ناٽڪن جون آکاڻيون هيون. جيڪي چارلس لئمب تان ورتل هيون. هن مجموعي ۾ ٻارن جي وندر لاءِ ڪيترين ئي آکاڻيون ڏنيون ويون آهن. هن ڪتاب جي ٻولي بہ نهايت دلڪش ۽ خالص سنڌي آهي. ڪتاب جي آکاڻي "فارس جو شهزادو" مان هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"بادشاھ جي محلي جي پاسي ۾ هيڪو موچي ڪميڻو ٻچڙو رهندو هو بادشاهزادو سدا انجي گهر ايند ويندو راند ڪندو هو ۽ انسين ڏاڍو پيار رکيائين. وزير چيو. ڏيھ ڏٺي ٻارن کي ڪميڻن جي سنگت ۾ ڇڏڻ ڦٽائي آهي. ٿورن ڏينهن ۾ انهن جا آرڪڻ ٻار وٺندا آهن. ماڻهوءَ کي جهڙي سنگت هوندي اهڙا آرڪڻ سکندو. گهرجي تہ شهزادو موچي وٽ نہ وڃي. بادشاھ چيو تہ او ٻار ابوجھ آهي ۽ موچيءَ سين پيار ٿي ويو آهيس. جيڪڏهين ان سنگت کان جهلبو تہ ڏکو ٿبو ۽ متان ان ڏک ۾ اگهو ٿي پوي. ڪي ڏينهن ڪاند ڪجي. جڏهن وڏو ٿيندو تڏهن نصيحت ڪري موچيءَ جي سنگت ڇڏائبيس."(8)

ديوان ڪيولرام سلامتراءِ (1809 _ 1876ع)

ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي اصل حيدرآباد جو هو ۽ ڪاتي ۾ منشي ٿي گهڙيو ۽ آخر پنهنجي محنت سان مختيارڪار ٿيو سنڌيءَ ۾ ٽي ڪتاب: "سوکڙي"، "گل يا گلقند" ۽ "گل شڪر" لکيائين. اهي ٽيئي ڪتاب ٻارن لاءِ ڏاڍا وڻندڙ آهن. عمر بن دائود پوٽو لکي ٿو تہ "1864ع ۽ 1870ع جي وچ ۾ ديوان ڪيولرام سلامترا آڏواڻيءَ ٽي عمدا ڪتاب لکيا. جن مان اصليت جي بوءِ اچي ٿي. اهي آهن "سوکڙي"، "گل ۽ گلقند" ۽ "گل شڪر". جي سنڌي ادب ۾ پنهنجي نوعيت

رکن ٿا. ۽ اخلاقي تکتن سان معمور آهي".[9] ڀهريون ڀهاڪن جو ڪتاب، ڪيولرام سلامتراءِ جو "گل شڪر" آهي، جنهن ۾ نالي جي نسبت سان ابجد موجب 570 عدد ڀهاڪا ڏنل آهن. هر ڀهاڪو نهايت سهڻي نموني سان سمجهايل آهي. ڪتاب ۾ پنهنجو مختصر تعارف ۽ ڪتاب جي لکڻ بابت ضروري وضاحت ڪئي اٿس. مهاڳ کان پوءِ ديوان ڪيولرام "ڀهاڪا" لکڻ شروع ڪيا. ڀهاڪن جي سٽا سنڌي الف – ب وار ترتيب ڏني اٿس. اصل تان "آئندو اها جا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي" نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"هي ڀهاڪو ظاهري وات ۾ ڪوريءَ جي اختياري ڏيکاري ٿو جڏه تاجي اڳيانس ڀڪڙيل آهي، اڌ ڀيٽي لاءِ نڙو هٽ ۾ اٿس تڏه ڪپڙو گهاٽو اٿي. توڙي ڇدو ته مرضي سنديس. پرحقيقت جي وات ۾ مطلب هي اٿس جو ڏٺي سڀ ڪم لاءِ سگهارو آهي. نه ڪنهن جي صلاح وهيڻو نه ڪنهن جو دلبو ڪائي، نه ڪنهنجو مٿس زور هلي، نه ڪنهن جي واهر گهري، جيڪي وڻيس سو ڪري".[10]

ديوان ڪيولرام جي ٻئي ڪتاب "گل يا گلقند" ۾ ڀهاڪن ۽ آکاڻين تي مبني آهي. هن ڪتاب کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ديوان ڪيولرام جي عبارت قديم اصطلاح واري آهي ۽ ان دور جي ٻار جي مزاج واري آهي. "گل" مان ديوان ڪيولرام جي لکڻيءَ جو مثال ڏجي ٿو:

"هڪڙي پيري هڪ ملڪ جو هڪ اڳوڻو راجا جبل ۾ شڪار لاءِ ويو. هڪڙو سندس صاحب گهمندو ڦرندو هڪڙي فقير وٽ، جو سچ ۾ هڪڙي جبل جي ڇر ۾ دونهين ٻاريو ويٺو هو وڃي نڪتو. فقير ان امير کي ڳالهه ڪري ٻڌائي، ته آءٌ فلاڻي پاڳئي جو ٻڪرار هوس. جاسين ٻڪرين کي چڱي طرح سپاليم ٿي، تاسين پاڳئي مان ۽ پاؤ سان پيٽ ڪپڙو ڏنو ٿي. پر ڳچ ڏهاڙن کان پوءِ نشي پيڻ جي هير ٿيم، جنهن ڪري ڌڻ جي ٽهل پوري ڪري نه سگهيس. تنهن کان ٻڪريون ڏٻريون ٿيون ۽ بکهڙن گدڙن کاڌيون. تڏهن پاڳئي ٻيو ٻڪرار رکي مون کي لوڏي ڇڏيو جو هاڻ تکر لاءِ وتان در در ڀٽڪندو. تنهن وانگي تنهنجو راجا پڻ ڌڻيءَ جو در ڌنار آهي. سو جي ڌڻ کي چڱي طرح پاليندو ته واهه نه ته مون وانگي ٿيندو".[11]

ڪتاب "سوکڙي" ۾ ديوان ڪيولرام ڪيتريون شاندار آکاڻيون شامل ڪيون آهن. جيڪي ٻولي ۽ پيشڪش جي لحاظ کان وڻندڙ آهن. سندس ڪردار آکاڻي نويسيءَ جي ترقيءَ ۾ اڻ وسرندڙ آهي.

روچي رام گجومل (1804_1901ع)

ديوان روچي رام گجومل ڪرپالاڻي جو تعلق حيدرآباد سان هو. هو اسسٽنٽ ٽرانسليٽر جي ملازمت تي فائز هو. آڪاڻيون، پهاڪن ۽ لغت سميت ڪيترائي ڪتاب لکيائين. سندس باري ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي لکي ٿو ته "روچيرام گجومل ڪرپالاڻي، جيڪو انگريز عملدارن کي سنڌي پڙهائيندو هو. تنهن اٽڪل سؤ کن سنڌي پهاڪا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري 1892ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. ڪتاب جو نالو رکيائين "A Hand Book of Sindhi proverbs" اِهو ڪتاب ايترو ته عوام ۾ پسند پيو جو انهيءَ جا پوءِ چار چاپا ڇپيا".(12)

روچيرام گجومل ڪرپالاڻي لغت نويس سان گڏوگڏ آڪاڻي نويس به هو. ان ڏس ۾ سندس ٻه ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ "عجيب نڪتا" (1895ع) ۽ "دلچسپ قصا" (1890ع) شامل آهن. سندس آڪاڻين ۾ ٻارن لاءِ اخلاقي گڻن بيدار ڪرڻ جو احساس سمايل هو. روچي رام گجومل جون لکيل وندرائيندڙ آڪاڻين جو ڪتاب "دلچسپ قصا" 1890ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ وندر ۽ سکيا وارين آڪاڻيون هيون. سندس ڪتاب "عجيب نڪتا" لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته "1895ع ۾ هڪ ٻيو اڪسير ڪهاڻين جو ڪتاب "عجيب نڪتا"، جنهن ۾ روچيرام گجومل جون اخلاقي آڪاڻيون هيون".(13)

ديوان ڪوڙومل ڪلناڻي (1844_1916ع)

راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل ولد چندنمل ڪلناڻي جو جنم شهر پريا، ضلعي نوشهروفيروز ۾ ٿيو. هو مثالي استاد هو ادبي ۽ علمي خدمتن ۾ سيني کان اڳڀرو هو. مسٽر جيڪب ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي ڏينهن ۾ نارمل ٽريننگ اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ٿيو پوءِ 1887ع ۾ پينشن ورتائين. پينشن بعد به ڪتابن جي تصنيف جو ڪم، زناني تعليم جي ترقي ، خواه ٻين تعليمي ڪمن سان خاص چاهه هوس. تعليمي خدمتن جي ڪري کيس "راءِ بهادر" جو لقب مليو. سندس تحرير ڏاڍي اثرائتي هئي. ٻين جو هاءِ اسڪول، زناني تعليم جو اسڪول سندس تعليم پرستيءَ جا يادگار آهن".(14) ان دور ۾ جيڪي به درسي ڪتابن ۾ سبق شامل هوندا هئا. تن مان گهڻا، ڪوڙيمل جي قلم مان لکيل هوندا هئا. سندس ترجمو ٿيل سبقن ۾ به، سنڌي چوڻيون، نج سنڌي ٻهاڪا ۽ اصطلاح، سٺ ۽ سهڻي ڍنگ ۾ ناهوڪي ۽ پوريءَ جاءِ

تي آندل هئا، جو ترجمن تي اصليت جو رنگ لڳي ٿي ويو. ڪوڙيمل سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خاص خدمت ڪئي.(15)

ڪوڙيمل ٻارن لاءِ ڪيترائي درسي ۽ ادبي ڪتاب لکيا، جن ۾ سنڌس ٻولي، پيشڪش ٻارن جي ڏاڻ وتان هوندي هئي. ديوان ڪوڙيمل 1862ع ۾ "ڪولمبس جي تاريخ" اردو تان ترجمو ڪيائين. هن ڪتاب ۾ اٽليءَ جي مشهور سياح ۽ جهازرانيءَ جي ماهر ڪرسٽوفرڪولمبس جي تاريخ لکيل آهي، جنهن آمريڪا کي ڳولهي لڌو. سنڌس ڪتاب سنڌي چوٿون ڪتاب 1867ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ شاعري ۽ نثر ٻئي شامل هئا. سنڌس نثر ساهتي ٻرڳٽي جي ساک ڀري ٿو. سنڌي پنجون ڪتاب 1874ع ۾ جوڙيائين. سنڌس جوڙيل ڪتاب ڇهون 1896ع ۾ شايع ڪيو. نثر جي سبقن کان پوءِ نظم جو حصو آهي، جنهن ۾ شاهه لطيف رحه جي رسالي جا بيت ۽ ساميءَ جا سلوڪ آيل آهن. ڪتاب ۾ آيل نثري سبق وندر، سکيا ۽ معلومات جي لحاظ کان به شاندار آهن.

ديوان ڪوڙيمل چندن مل رياضي ۽ جاميٽريءَ تي پڻ سنڌي زبان ۾ ڪتاب لکيا. "تحرير اقليدس" سنڌس پرائمري اسڪولن جي جاميٽريءَ بابت ڪتاب آهن. هن سنڌ جي زراعت تي ڪتاب لکيا. 1879ع ۾ ٻن ڀاڱن "ڪيتي" جي نالي سان ترجمو ڪيائين. سنڌس لکيل "هندستان جي تاريخ" 1905ع ۾ شايع ڪيو.

ديوان ڪوڙومل چندنمل پهريون سنڌي تعليمدان ۽ نثر نويس هو جنهن پنهنجي مادري زبان جا پهاڪا گڏ ڪري هڪ نئين ڪتاب "سنڌي پهاڪا" نالي سان سن 1889ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ۾ اٽڪل ٻارهن سؤ سنڌي پهاڪا الف-بي وار ڏنل آهن. ڪجهه پهاڪا بين ٻولين تان به ڪنيا اٿائين. مثال طور

"ٻائر ڪوٽ جا ڪنگ پٽ گهر جي سونهن"

ان جو سچو روپ هن ريت آهي.

"ٻائر ڪوٽ جا ڪنگ پٽ گهر جي سونهن،

ويٺا ڪن ورونهن، ڏچڻ ڏوران ٿي ڏري."(16)

1894ع ۾ سنڌس پهريون اصلوڪيون آکاڻيون "ٻاراڻيون آکاڻيون" شايع ٿيون. هي ڪتاب، سنڌي ٻاراڻي ادب جو بنيادي ڪتاب سڏجي ٿو جنهن ۾ سنڌس نثر سيهڪ ۽ مزيدار هو ۽ ڪيس ٻاراڻي ٻوليءَ ڪڻ جو ڍنگ نظر اچي ٿو هيٺ هڪ مثال ڏجي ٿو:

"هڪڙو هو جهنگ. انهيءَ جهنگ ۾ هيون ٻه هرڻيون. هڪڙي هئي وڏي ٻي هئي ننڍڙي. وڏي هرڻي هئي ننڍڙي هرڻيءَ جي ماءُ. هڪڙي ڏينهن اُپ ۾ گهٽا ڪڪر ٿيا ۽ ماءُ لڳو. وڏي هرڻيءَ چيو ننڍڙي کي "اڄ مان جهنگ کان ٻاهر ڪين وينديس اڄ ڏينهن آهي ٿڌو. سو ساڻهو بندوقون کڻي ايندا شڪار ڪرڻ ۽ هرڻي ڏسندا ته بندوق هڻي ماري وجهندا. تون به اڄ ٻاهر متان نڪرين! پر ننڍڙي هرڻي ماءُ جو چيو ڪين ڪيو." (17)

ڪوڙيمل جو 1906ع ۾ مزاحيه ۽ اخلاقي ٽوٽڪن ۽ ڪهاڻين جو ڳٽڪو "ٺهڪ ئي ٺهڪ" جي نالي سان شايع ٿيو هن ڪتان جو ٻيو ڇاپو 1946ع ۾ شايع ٿيو هو. هن ڪتاب ۾ ٽوٽڪا ڏنل هئا، جنهن جو نمونو ڏجي ٿو:

"ڪيترا پيرا ڏٺو ويو آهي ته رانڊ ڪرائيندي ٻار ڪي مائر چونديون آهن ته وڃي پيءُ جي پڳڙيءَ ۾ هٿ وجهي ياڏاڙهي کان وٺينس ۽ پيٽر وري چوندا اٿن ته ماءُ جي وڃي چوٽي پٽ..." (18)

ديوان ڪوڙيمل جي ٻين آڪاڻين جو ڪتاب "قول مالها" 1902ع ۾ شايع ٿيو هو. ان ڪانپوءِ سندس مزاحيه آڪاڻين جو مجموعو "دل بهار" 1912ع ۾ شايع ٿيو ديوان ڪوڙيمل پنهنجن سنڌي ڪتابن ۾ ساهتيءَ جو لهجو استعمال ڪيو آهي سندس سنڌي عبارت معياري آهي.

مرزا قليچ بيگ (1853_1929ع)

مرزا قليچ بيگ جو جنم ٽنڊي ٺوڙهي، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. شايد ئي ڪا ادب جي صنف هجي، جنهن ۾ مرزا صاحب نه لکيو هجي. سندس ادبي خدمتن جو قدر ڪندي، انگريز سرڪار کيس 1905ع ۾ شمس العلماءَ جي لقب سان نوازيو ويو. مرزا قليچ ٻارن جي لاءِ آڪاڻيون، ناول، ناٽڪ، مضمون ۽ درسي ۽ ٻيا عام ڄاڻ وارا ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا. "مرزا صاحب جون آڪاڻيون يا ته ترجمو آهن ۽ ڪي وري الثو ٿيل آهن. انهن قصي نما آڪاڻين جو ماحول اهو ئي آهي جهڙوڪ سنڌ جي عشقيه قصن ۽ داستانن ۽ ڪهاڻين جو آهي، جن کي تصوراتي ادب ۾ رکي سگهجي ٿو مرزا جي ذخيري ۾ واڌارو صاحب ٻين ٻولين تان اهو مواد آڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو اهڙي قسم جو مواد پوڪر داس شڪارپور مان ۽ سکر مان ماستر هريسنگهه ۽ ٻين شايع ڪيو. مرزا صاحب جيڪي به ترجما ڪيا، اهي رومانوي ۽ سماجي آهن. جن مان اڪثر ترجمن جا اصل ڄاڻايل ناهن." (19)

مرزا قليچ جو آڪاڻين جي حوالي سان سڀ کان ڀهريون "دلپسند قصا" (Tales from Shakespeare) ترجمو آهي، جيڪو چارلس لئمب جو لکيل آهي. اهو ڪتاب انگريزي ٻاراڻي ادب ۾ هڪ يادگار ڪتاب سمجهيو وڃي ٿو هنن آڪاڻين سان مرزا قليچ بيگ، سنڌ جي ٻارن کي مغربي دنيا جي بادشاهت سان متعارف ڪرايو آهي. 1890 ۾ مرزا قليچ بيگ، ٻن ڀاڱن ۾ ڇپايو هو هن ڪتاب جي ڀهرئين ڀاڱي ۾ اٺ قصا ڏنل آهن ۽ اٺ قصا ٻئي ڀاڱي ۾ ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"هو ٽڪر جي هڪڙيءَ غار ۾ رهندا هئا. انهيءَ غار ۾ ڪيترين ئي ڪوٺيون هيون، جن مان هڪڙي خلاصي "پراسپرو" جي لکڻ پڙهڻ جي ڪم جي هئي. اتي هن پنهنجا ڪتاب رکيا، جي خاص جادوءَ جي علم بابت هئا. انهيءَ علم جو انهن ڏينهن ۾ سيني پڙهيل ماڻهن کي ڏاڍو شوق هوندو هو. هن کي ته اهو علم تمام ڪمائتو هو ڇا لاءِ جو اهو ٻيٽ جنهن تي هي اتفاق سان اچي پيو هو تنهن کي "اسئڪورئڪس" نالي هڪڙيءَ ڏائڻ جادوءَ سان منڊي ڇڏيو هو. اها ڏائڻ ڀاڻ "پراسپرو" جي اچڻ کان ٿورا ڏينهن اڳڀرو مري ويئي هئي، تنهنڪري ڪيترائي چڱا جِنَّ ۽ ڀوت، جن کي انهيءَ ڏائڻ سندس ظلمي حڪمن نه مڃڻ ڪري وڏن وڏن وڻن جي ٿـڙن ۾ بند ڪري ڇڏيو هو تن کي "پراسپرو" پنهنجي هنر جي زور سان آزاد ڪيو. اهي جنَّ انهيءَ وقت کان وٺي "پراسپرو" جي فرمانبرداريءَ ۾ رهندا هئا. انهن مان مکيه "ايريل" نالي هڪڙو ننڍڙو جنُ هو."(20)

سندس "هرڻيءَ جو قصو" مشهور قصو آهي، جنهن ۾ هرڻي ۽ شڪاري جي ڪهاڻي آهي. هرڻي شڪايت ڪئي نبي سائين وٽ اچي ٿي ۽ انصاف جي گهر ڪري ٿي هي قصو مرزا صاحب 1878ع ۾ لکيو جيڪو سنڌن پوٽرن وٽ قلمي صورت ۾ پيو آهي. هن قصي ۾ جانورن لاءِ رحم جو سبق ملي ٿو. مرزا قليچ 1880ع ۾ "رستم" جي نالي سان لکيو جو قديم ايران جي تاريخي ڪتاب تان ورتل هو هن کي آسان ڪري پيش ڪيو ويو آهي. مرزا قليچ جي آڪاڻين جي ٻين ڪتابن ۾ "عجيب طلسم" (1913ع)، "شيطان جو مريد" (1913ع). "عجيب الماس" (1915ع)، "ڏکن مان سک" (1916ع)، "ڪادمبري" (1916ع)، "دل وندرائيندڙ ڳالهيون" (1918)، "ٻه جاڙا ڀار" (1926ع)، "ٺهيل اکيون ڀوريل اکيون" (1926ع)، "ٽي ديو ٽي راڪاس" (1926ع)، "شهزادي قدم برگ ۽ ٻيون

آڪاڻيون" (1926ع)، "لبا خان درزي ۽ خليفو کهنگ" (1926ع)، "ديسي آڪاڻيون"، "شيطان جي ناني" ، "طلسمي گڏي"، "شمراڻ عرف شيطان جي ناني"، "شهزادي محبوب جي آڪاڻي"، "ڀائي وائي ۽ ڀائي وزو" ،"سهڻي سامونڊي مڇي"، "بهرام گور" ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب شامل آهن.

مرزا قليچ بيگ جي آڪاڻين جو ڪتاب "عجيب طلسم" 1913ع ۾ شايع ٿيو. هن آڪاڻيءَ ۾ اسرائيلي روايتن ۽ مذهب جي ارتقائي مرحلن وارو دؤر ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ بنيادي نقطو نبين جي معجزن کي ۽ مٿن لٿل صحيفن کي جادو سڏيو ويو. جيئن حضرت سليمان عليہ السلام جي معجزن کي جادو سڏيو ويو. هن قصي جو ڪردار حڪيم ابن ايوب ابراهيم ان ڪتاب کي حاصل ڪري ٿو. سندس ڪتاب "عجيب ڳالهيون" ۾ 127 ننڍڙيون آڪاڻيون ڏنل آهن. هيءَ ترجمو آهي، جنهن جو اصل ڄاڻايل ناهي. هن ڪتاب ۾ عقل، دانائيءَ جي اسلوب ۾ بيان ڪيل آهن .سکيا ۽ نصيحت ڏيڻ وارا واقعا آڪاڻيَ بابت ڪي واقعاً مشهور فلسفين، سائنسدانن ۽ نقاشن جي زندگيءَ قلمبند ٿيل آهن.

سندس آڪاڻي "بادشاهہ ۽ ڳاهياڻي" ۾ انگلينڊ جي بادشاهہ جارج ٽئين بابت ٻہ هڪ واقعو آڪاڻيءَ جيان بيان ٿيل آهي. "شهزادي محبوب جي آڪاڻي" ڀهريون ڀيرو مٿين بلوتيسڪي پريس حيدرآباد مان شايع ٿي. هن آڪاڻيءَ ۾ طوطا مينا جي ڪردارن کي پيش ڪيل آهي. چتون ۽ مينا شهزادي کي هڪ سهڻي شهزاديءَ جو ڏس ڏين ٿا. اهڙي سونهن ۽ واکاڻ ٻڌي شهزادو ڪشالا ڪڍي ٿو ۽ نيٺ ان سهڻي شهزاديءَ کي حاصل ڪري ٿو. سندس "شيطان جي ناني" عورتن جي باري ۾ قائم ان قديم تصور تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ فريب جي علامت طور سمجهيو ويندو هو ان ۾ عورت کي ٺڳيءَ فرسوده ريتن ۽ خيالن جي ڄاڻ ملي ٿي.

لبا خان درزي جدا قصو آهي ۽ خليفو کهنگ ڌار آڪاڻيون آهن .هي ٻئي آڪاڻيون اسلامي حڪومتن جي دور ۽ خلافت واري طرزَ وارا واقعا حڪومت ۽ سماج کي ظاهر ڪن ٿيون. "ڀٽيل اکيون ۽ ڀوريل اکيون" ۾ هڪ سهڻو مضمون ۽ ٻہ آڪاڻيون ڏنل آهن. جيڪي انگريزيءَ "ڀٽيل اکيون ۽ ڀوريل اکيون "شاگرد ۽ استاد جي وچ ۾ مڪالمو آهي. "ڀائي وائي ۽ ڀائي وزو" ڪتاب ۾ ڇهہ آڪاڻيون ڏنل آهن. جنهن ۾ ڀهرين آڪاڻي ڀائي وائي ۽ ڀائي وزو آهي، ۽ ڪي ڏند ڪٿائون آهن. هي قصو ننڍي کنڊ سان تعلق رکي ٿو. جنهن ۾ گنگا ندي، گهاٽن ٻيلن، سهڻن پکين ۽ مشهور

شهرن بنگال ۽ ڪلڪتي جو ذڪر مليل ٿو. سندس "ٻه جاڙا ڀائر"، ڪنهن انگريزي آکاڻيءَ تان ترجمو ڪيو آهي، جنهن ۾ ٻن ڀائرن جو قصو ڪنيو ويو آهي ته ڪيئن ٻه جاڙا ڀائر پيءُ ماءُ جدا ٿي هڪ رحمدل شڪاري وٽ پهچن ٿا، ۽ هو وتان سڪيا ولي ڪامياب انسان ٿين ٿا. ساڳئي ڪتاب ۾ هڪ ٻي ڪهاڻي "ڀاءُ ڀيڻ" آهي، جنهن ۾ ٻنهي جي محبت ڏيکاري وئي آهي. سندس "طلسمي گڏي" ڪتاب ۾ هڪ ڪرشماتي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ٻارن کي سيکاريو ويو آهي ته حسد، ساڙ ۽ ڪيني کان پرهيز ڪجي. سندس "شمرانه عرف شيطان جي ناني" هڪ دلچسپ آکاڻي آهي، جنهن ۾ خليفي هارون رشيد جي دور جي هڪ چالاڪ عورت جو قصو ٻڌايو ويو آهي.

نانڪرام ڏرمداس ميرچندائي (1890ـ 1946ع)

نانڪرام ڏرمداس مير چندائيءَ جو تعلق حيدرآباد سان هو. هو نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ انگريزيءَ جو استاد هو. نانڪرام بهترين ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار، ناول نگار ۽ مترجم هو. نانڪرام ڏرمداس 1915ع ۾ "اخلاقي تعليم" نالي هڪ چوپڙي ڇپائي هئي، جنهن ۾ اخلاقي آکاڻيون ڏنل هيون. جي ٻارن لاءِ وندرائيندڙ هيون ۽ سليس ٻوليءَ ۾ لکيل هيون. ان زماني جون گهڻيون ننڍيون آکاڻيون رومانوي ۽ اخلاقي هونديون هيون. جن ۾ خاص زور وندر ۽ سکيا تي ڏنل هوندو هو. توڙي پڇاڙيءَ ۾ پنگتي سڌاري ڏانهن چٽو لاڙو به اچي ٿو."(21)

نانڪرام جون 1915ع ۾ شايع ٿيل آکاڻيون "ڏرمراءِ جي وهي" ۽ "جيوت جو جس" به مشهور ٿيون. هي اخلاقي آکاڻيون هيون. 1938ع ۾ سندس آکاڻين جو ڪتاب "جيون جا ورق" شايع ٿيو. جيڪو 144 صفحن تي پکڙيل هو. هن ڪتاب ۾ "منظوم"، "گمراهه"، "ڏرمداس"، "بجلي"، "محبت"، "ٻارها"، "تماشو ڏينهن" وغيره اهم آکاڻيون ڏنل آهن. نانڪرام بيشمار مذاقي آکاڻيون لکيون ۽ انگريزيءَ تان ترجمو ڪيون. سندس تحرير سوادي ۽ عبارت بامحاوره ۽ وڻندڙ آهي. سندس سبق آموز ڪهاڻي "ڪالي چرن جي چريائي" مان ٽڪرو هيٺ ڏجي ٿو:

"جڏهن زال کي ننڊ آئي يا اچي وئي تڏهن ڪالي چرن اٿيو ۽ ٻٽون کولي نوٽ ڳڻڻ لڳو سيئي نوٽ نوان ۽ سوءَ سوءَ رپئي وارا. اچي ڦڦڙي لڳيس ته هي نوان نوٽ جي ٽڪتا آهن، تن جا نمبر به ضرور ٽپال آفيس ۾ داخل ٿيل هوندا. تڏهن هيءَ رقم منهنجي ڪهڙي ڪم جي ٿي. ڪتو به ڪاڏم ڪک به ڪانه پري.... ڪالي چرن جا طاق ٿي لڳي ويا ۽ دل ۾ چيائين "چا، تڏهن پنهنجي رقم ٻاڻ ڦري آهي. ڪيئن

پنهنجي خطا ۽ پاڻ کي معاف ڪري سگهندس.[22]

نانڪرام ڏرمداس ميرچندائيءَ، فرار جي ناول Eric, or Little by Little جو "نازڪ گلڙا" جي نالي سان الٿو ڪيو، جيڪو سکر واري پبلشر هري سنگهه 1929ع ۾ شايع ڪيو هو. هن اصل ڪردارن، ماحول ۽ پسمنظر کي سنڌ جي تعليمي حالتن سان نهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.

پرمانند ميوارام (1866_1938ع)

ديوان پرمانند ولد ميوارام چنائي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. پرمانند ميوارام سنڌي ادب جو وڏو خدمتگار هو. حيدرآباد مان هفتيوار "جوت" اخبار جاري ڪيائين. هن ڪيترين ننڍين وڏين آکاڻين ۽ قصا لکيا. جن ۾ "دل بهار" (1912ع آکاڻيون) "ڌرم مورتي" (1934ع آکاڻي)، "هيري جي منڊي" (1934ع آکاڻي)، "يوسف مصري" (1935ع قصو) "لڇڻ وڏيڪ ڪين لڏو" (ڪهاڻي) "لورڊ جي ناري" (1936ع) "هيرو ۽ گلو" (1936ع)، "سندباد سيلاني" (1936ع قصو) وغيره اهم آهن. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته: "پرمانند ميوارام جا "دل بهار" (1912) جا چار ڀاڱا، جن ۾ "جوت" مان ڪئيون ڪري ڇپايل مزيدار ۽ وندرائيندڙ نصيحت ڀريون آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا پڙهي، ڪلي ڪيرا ٿي پوندا هئاسون. پر انهن مان ٻين ڀاڱي ۾ "جتور ڪماري" ۽ ٻي هڪ راجپوت جي سورهيائيءَ جي تاريخي ڪهاڻي ڏنل هئي".[23] سندس "ميان ڪريلو خان" ڪلائيندڙ آکاڻي مان هيٺيون ٽڪرو ڏجي ٿو جنهن مان پرمانند صاحب جي سپڪ ۽ پنهنجي عبارت جي پروڙ پوندي:

"ڪنهن ميان کي "ڪريلو ڪريلو" ڪري چيڙائيندا هئا. هڪ لڳا ڪنهن ڪريلي جو نالو ڀڏو ته هن يڪدم وڃي ماجسٽريٽ وٽ دانهن ڏني ته فلاڻي مون کي گار ڏني آهي.. هي ميان بہ شڪ ناهي تہ واڳڻ يا ڪريلي تان ٿو چڙي".[24]

سندس آکاڻي "هيرو گلو" هڪ دلچسپ دلسوز، عبرت انگيز ۽ نصيحت آميز قصو آهي، جيڪا هن انگريز ليکڪ ،ڪئنن سمٿ" جي ڪهاڻيءَ تان ترجمو ڪئي هئي، ڪردارن ۽ ماحول کي سنڌي ۾ تبديل ڪيو ويو هن ۾ ٻہ ڪردار هيرو ۽ گلو آهن، جن مان هيرو نيڪيءَ جو ۽ گلو بديءَ جو نمائندو آهي.

امام بخش "خادم" بدوي (1861 _ 1918ع)

"حاجي امام بخش "خادم" ولد محمد بچل بدوي شڪارپور ۾ ڄائو هو. حاجي امام بخش "خادم" بنيادي طور تي استاد هو. "ڪليات خادم" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ امام بخش "خادم" سنڌي زبان جو پهريون ناٽڪ "هير رانجهو" 1879ع ۾ لکيو. اڻويهين صدي عيسويءَ ۾ امام بخش "خادم" سارن تورڙي وڏن قصصي ادب ۾ پاڻ موکيو. انهيءَ سلسلي ۾ "الف ليلي" (1896ع)، "وڏو قصو بهرام بادشاهہ" (1897)، "وڏو قصو حاتم طائيءَ جو" (1898ع)، "چار درويش" (1896ع)، "قصو دودو چنيسر" ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن.

ٻاراڻي ادب جو هڪ مشهور قصو "الف ليلي" ڪي ڪيترن ئي ترجمو ڪيو آهي. سنڌي زبان ۾ هن ڪتاب ڪي منتقل ڪرڻ جو شرف امام بخش "خادم" کي آهي، جنهن سن 1896ع ڌاري ان ڪي مڪمل ڪيو. ڪتاب مان نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"بادشاه سلامت، منهنجو وڏو ڀاءُ بڪ بڪ نالي ڪبو (گڪو) هو. ان کي ڪربلائي ٻہ چوندا هئا. سو درزڪو ڏنڌو ڪندو هو. جڏهن پورو ڪاريگر درزي ٿيو تڏهن هن هڪڙو دڪان مسواڙ تي ورتو جو هڪڙي جانداهي جي گهر سان لڳو لڳ هو اجا سندس دڪان نئون هو تنهن ڪري گهٽي آمدني ڪانہ هوس. جيئن جيئن تويو ناپ ڪري پيٽ پالي پنهنجو مان پيو ڪندو هو ۽ جانداهي پئسن وارو ماڻهو هو. سندس زال جانداهڻ ڏاڍي صورت مند هئي ڏسٽي واسٽي ناهوڪڙي جوانڙي هئي." (25)

امام بخش خادم "پوکرداس تاجر ڪتب" جي فرمائش تي" قصو وڏو حاتم طائيءَ جو" لکيو سندس ترجمو ٿيل "چار درويش "1895ع ۾ ترجمو شايع ٿيو ۽ ان کي پوکرداس ڇپائي پڌرو ڪيو هو سندس "بهرام گور" ننڍڙو قصو، ايران جي مشهور ساساني بادشهہ بهرام گور جي عشقيہ ڪهاڻيءَ بابت آهي.

محمد صديق ميمڻ (1891 _1958ع)

محمد صديق ميمڻ ولد محمد يوسف ميمڻ حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس شمار سنڌ جي وڏن تعليمدانن ۽ محققن ۾ ٿئي ٿو سندس وڏي ۾ وڏو ڪارنامو پهريون دفعو سنڌي ادب جي تاريخ لکڻ آهي. هڪ استاد ۽ منتظم هڻڻ جي ڪري

شاگردن لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيائين. ڪيترائي درسي، اصلاحي، تاريخي، افسانوي ۽ شاعري جا ڪتاب لکيا اٿس. جن ۾ "سنڌ جي رنگين تاريخ" (1932)، "انگي حساب"، "ڏيهي حساب"، "جاميٽري"، "گرامر"، "مضمون نويسي" (ب جلد)، "ڪامل رهنما"، "تعليمي نفسيات" اهم آهن جڏهن ته آکاڻين جي ڪتابن ۾ "ٻارن جي بهادري" (1947ع)، "همت ۽ سچائي" (1943ع) ۽ "جڙتو شهزادو" (1947ع) اهم آهن.

سندس ڪتاب "همت ۽ سچائي" ننڍڙو ۽ نصحيت آموز آکاڻين جو ڪتاب آهي. جيڪو 1943ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي پاران شايع ٿيو ان ۾ ٽي آکاڻيون "سچائيءَ جي سوڀ"، "وقت جو قدر"، "ڏکن پٺيان سک" ۽ "زيور پائڻ جو نتيجو" شامل آهن. "هن ڪتاب جي ڇئن آکاڻين پڙهڻ سان دلين ۾ همت ۽ صداقت جهڙيون وصفون پيدا ٿين ٿيون. دنيا دو رنگي آهي. ان ۾ ڪو به سدائين هڪ حال تي نه آهي، جو امير آهي ته سياڻي فقير. بهرحال، هن ڪتاب ۾ دنيا جي دورنگي، ڳٽتين ۽ فڪرات ، سچي خوشي، سچائي، ايمانداري ۽ صداقت جهڙين وصفن کي اجاگر ڪيو ويو آهي."(26)

اوڌنمل سترامداس سڌاڻي

اوڌنمل ولد سترامداس سڌاڻي سنڌي ٻوليءَ جو نالي وارو عالم، اديب ۽ ماهر تعليم هو. هن تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم شروع ڪيو. هن ڪيترائي درسي ۽ ادبي ڪتاب لکيا. جن ۾ ديوان ڪوڙيمل سان گڏجي "سنڌي پنجون" لکيو. جيڪو 1874ع ۾ شايع ٿيو. سنڌي پنجون ڪتاب هڪ درسي ڪتاب هو. جيڪو پنجين درجي جي شاگردن لاءِ لکيل هو. ڪتاب ۾ شاعريءَ سان گڏ نثر جا 42 سبق ڏنل آهن. ڪتاب جي ٻولي ٻارن جي عمر ۽ ڏانءَ وٽان ڏنل آهي.

اوڌن مل سترامداس جو هڪ ٻيو ڪتاب "الجبرا" ڪمشنر پرنٽنگ پريس، ڪراچيءَ مان سال 1893ع ۾ ڇپيو. سندس ٻيو ڪتاب "انگي حساب" آهي، جيڪو ڪراچيءَ ۾ تعليم کاتي وارن قيصريه پريس، حيدرآباد مان 1897ع ۾ ڇپايو هن ڇٽريج لالچند اوجها ۽ اڌنمل سترامداس سڌاڻيءَ گڏجي انگريزي - سنڌي مشق جو ڪتاب (Translation Exercises Anglo_ Sindhi) ڪراچيءَ مان 1883ع ۾ ڇپايو. اوڌن مل سترامداس سڌاڻي ۽ جهمٽ راءِ منگهو مل گلراجاڻي "ترڪيبي وارٽ" لکيو هن ڪتاب جو موضوع رياضي آهي. ڪراچيءَ

جي تعليم ڪاتي طرفان هيءَ ڪتاب ڪمشنر ڪراچيءَ جي ڇاپخاني مان 1884ع ۾ ڇپيو. ماستر ڏرمداس سترامداس سڌاڻي، 1911ع ۾ "ڪافين جو وڏو ڪتاب" ترتيب ڏنو جيڪو درسي مقصدن لاءِ ترتيب ڏنل هو هن جڳتراءِ ايسرداس گدجي 1908ع ۾ "ادب ۽ مروت" لکيو. هي ڪتاب انگريزي ٻوليءَ تان ترجمو هو جنهن ۾ اخلاقي مسئلن کي پيش ڪيو ويو آهي.

ڏيارام وسٽمل ميرچنداڻي (1880_1964ع)

ڏيارام وسٽمل ميرچنداڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هن شروعاتي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي، اين.جي. وي سڪول ۾ 32 سال تعليمي خدمتون سرانجام ڏنائين ۽ 1931ع کان 1935ع تائين، اسڪول جو هيڊ ماستر رهيو." (32) ڏيارام وسڻ مل سنه 1904ع ۾ "سنڌي گرامر" جي نالي سان ڪتاب لکيو جيڪو حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿيو. ان کان پوءِ، سنه 1914ع ۾ ڏيارام وسٽمل ميرچنداڻيءَ ۽ ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻيءَ گڏجي اسڪول جي شاگردن لاءِ، "سنڌي وياڪرڻ ڀاڱو ٻهريون" لکيو. جڏهن ته ڀاڱو_ 2 حيدرآباد سنڌ مان سال 1915ع ۾ شايع ڪيو. 1935ع ۾ ڏيارام وسٽمل مير چنداڻيءَ ۽ جمناداس وليداس سڌاڻيءَ "چونڊ سنڌي نثر" ترتيب ڏئي شايع ڪيو هن ڪتاب ۾ پراڻن لکندڙن جا ليک ڏنا هئا.

اسڪولي شاگردن لاءِ ڏيارام وسٽمل ۽ ليلارام پريمچند واڌواڻي جو ڪتاب "جاميٽري" 1933ع ۾ شايع ٿيو. 1907ع ۾ هن ۽ ليلارام پريمچند مضمونن جو هڪ مجموعو "گلدستو" ڇپرايو. جنهن ۾ "سرسوتي"، "جوت"، "اخبار تعليم" ۽ "ٻهپات" تان مضمون چونڊي شامل ڪيا ويا. هن مجموعي جي مضمونن جا عنوان "تاج محل"، "اڪبر جو موت"، "پريم"، سچو سينگار"، "راڳ"، "وويڪ"، "گورستان مان گذر" وغيره آهن. جن جا مضمون نگار ڪيولرام سلامت راءِ، "بولچند ڏيارام، بولچند ڪوڏو مل، نولراءِ اڌارام، ڪوڙو مل چندنمل، مرزا قليچ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، پيرو مل مهرچند، محمد صديق ميمڻ، تارا چند شوقيرام آهن.

ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي

ڪشنچند ولد گلاب سنگهه ، سنڌي ٻوليءَ جو نالي وارو عالم، اديب ۽ ماهر تعليم هو سندس تعلق حيدرآباد جي گدواڻي ڪٽنب سان هو 1900ع ۾ حيدرآباد

اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو. 1929 ع ۾ ڪيس تعليم کاتي ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. جيڪا تعليم کاتي جي وڏي ۾ وڏو عهدو هو.

ڪشنچند گلاب سنگهه ۽ ڏيارام وسٽمل ميرچندائي گڏجي ڪجهه ڪتاب لکيا. 1914 ع ۾ ڏيارام وسٽمل ميرچندائيءَ ۽ ڪشنچند گلاب سنگهه گدوائيءَ گڏجي اسڪول جي شاگردن لاءِ "سنڌي وياڪرڻ ڀاڱو پهريون" لکيو. جڏهن ته ڀاڱو 2 حيدرآباد سنڌ مان سال 1915 ع ۾ شايع ڪيو. ٻنهي صاحبن "سليس سنڌي گرامر" جي نالي سان هڪ ڇاپو 1928 ع ۾ حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪشنچند گلاب سنگهه گدوائي ۽ ٺاڪرسنگهه دياسنگهه ڪيسوائي گڏجي 1927 ع ۾ "شاعرانه موتي" مرتب ڪيو. 1919 ع ۾ ڪشنچند گلاب سنگهه گدوائي "جاميٽري" لکيو. جيڪو 1926 ع ۾ شايع ٿيو. هن ڏيارام وسٽمل ميرچندائي "انگي حساب" لکيو.

ميلهارام واسواڻي (1901 _ 1972ع)

ميلهارام منگترام واسواڻيءَ جو جنم ٻنگل ديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هو مترجم، ناول نگار، ڪهاڻيڪار، پبلشر، ٻاراڻي ادب خاص طور تي آکاڻين جو وڏو ليکڪ هو. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ پنهنجي ٿيسز ۾ لکيو، ٿو ته "سندر ساهتيه منڊل" جي باني ميلهارام واسواڻيءَ سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جا گهڙا پريا تن کي ڪڏهن به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. هن صاحب هڪ طرف ڪتابي صورت ۾ وقت به وقت ڪهاڻين جا مجموعا شايع ڪرايا ۽ ٻئي طرف 1924 ع کان وٺي رسالو جاري ڪيو جنهن ۾ به وقت به وقت ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهنديون هيون".[27]

ميلا رام جا ٻارن لاءِ به ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا. جن ۾ "ٻار شري ڪرشن"، "چرچن جي چهر" (1932 ع)، "ڦلواڙي" (1940 ع) ۽ موڄيءَ جون آکاڻيون (1940 ع)، "اخلاقي سبق" (1939 ع). "ڀارت درشن" اهم آهن. ميلارام ٻارن لاءِ هندي، اردو بنگالي، ڪن ٻين هندستاني زبانن مان سون جي تعداد ۾ آکاڻيون ترجمو ڪيون، جن ۾ "گل گاڏي"، "ديوستان" "سوني مڇي". "انصاف جون اکيون"، "چندر چڪور"، بادشاهي آکاڻيون"، "پارس"، "پرستان"، "اڏندڙ کٽولي"، "ديوستان"، "پرستان"، "اخلاقي دنيا"، "سهراب ۽ رستم"، فوٽوگرافر رڇ". وغيره اهم آهن. 1928 ع ۾ ميلارام منگترام واسواڻي جو مجموعو "اتهاسي آکاڻيون" شايع ٿيون. ان ۾ 09 ڪهاڻيون بنگاليءَ مان ترجمو ٿيل ڏنل آهن. 1929 ع "صلح پرچاءَ" شايع

SOORIH SINDHI ADAB

ٿيو جنهن ۾ مشهور سنسڪرتي ڪتاب "هتوپديش" مان اخلاقي ۽ قومي ڪهاڻيون ڏنل هيون.

"ٻال رامائڻ" (1946ع) ۾ ميلارام منگترام واسواڻي، رامائڻ کي آسان ڪري ٻارن لاءِ پيش ڪيو آهي. "ٻال سري ڪرشن" (1935ع) ۾ سري ڪرشن جي ٻالڪپڻ بابت لکيو آهي. جڏهن ته "ٻال مهاڀارت (1946ع) ۾ ميلارام منگترام واسواڻي جو ٻارن لاءِ 'مهاڀارت' کي سولو ڪري لکيو آهي "هندو وير ٻالڪ" ۾ هندو ٻارن جي بهادريءَ جا قصا بيان ڪيا اٿائين. ميلهارام منگترام واسواڻيءَ پنهنجي ڪتاب "گلستان" جي ديباچي ۾ لکيو هو ته "ڪنهن به قوم جي اخلاق، تهذيب ۽ ترقيءَ جو مدو سندس علم ۽ ادب سان پوي ٿو ڇاڪاڻ ته قوم جا بيدار مغز عالم ۽ اڳواڻ، فيلسوف ۽ شاعر پنهنجا خيال ۽ تجربا قلمبند ڪرڻ سان ئي قوم جي رهنمائي ڪن ٿا".(28)

نارائڻ داس ملڪاڻي (1890ع ـ 1974ع)

پروفيسر نارائڻ داس ولد رتنمل ملڪاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. بنيادي طور معاشيات جو پروفيسر هو. بعد ۾ سياست ۾ به حصو ورتائين. سندس مضمونن جا ڪتاب 'ڳوٺاڻي ڇهر' ۽ 'اناردانه' خاص مشهور آهن. پروفيسر نارائڻ داس ٻارن لاءِ ڪيترين ئي آکاڻيون لکيون ۽ 1926ع ۾ "ٻاراڻيون ٻوليون" نالي هڪ رسالو ڪڍيو. هيءُ رسالو خاص ٻارن ۾ ادبي رجحان پيدا ڪرڻ لاءِ جاري ڪيو ويو. ان کان علاوه سندس "ٻاراڻيون آکاڻيون" ڪتاب ۾ 35 صفحا هئا ۽ هي ڪتاب ڀڳوانداس، چندن پريس، حيدرآباد مان 1946ع ۾ ڇپيو. هي هڪ باتصوير ڪتاب هو. جنهن ۾ وڻندڙ ۽ نصيحت آميز آکاڻيون شايع ٿيون هيون. پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي هندن جي ڌرمي ڪتاب "مهاڀارت" مان چونڊ ڪهاڻيون ڪڍي "مهاڀارت جون آکاڻيون" (1940ع) ۾ شايع ڪرايو. سندس آکاڻين تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن انهن ۾ تاريخي ۽ تهذيبي قصن ۽ شخصيتن جي پرچار ڪئي آهي. سندس سمورو ڌيان ٻارن جي ڌرمي سکيا تي آهي.

ليلارام ولايت راءِ سپاهيملاڻي (1906ع ـ 1978ع)

ليلارام ولايت راءِ سپاهيملاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ نولراءِ هيرانند اڪيڊمي ۾ انگريزيءَ جو استاد هو. ن خاص طور تي ٻارن کي مغربي ٻولين جي ادب سان متعارف ڪرايو. هن صاحب ڪيترائي ناول ۽ آکاڻيون ترجمو ڪيون. جن ۾

SOORTH SINDHI ADAB

سندس آکاڻين جو مجموعو "انڪشاف جي آکاڻي" (1932ع) هو ان ۾ ڪنهن تجسسي واقعي جو بيان ٿيل هو. 1920ع ۾ هن ليوٽالسٽاءِ جي ڪهاڻيءَ کي "سمن موچيءَ جي ڳالهه" ترجمو ڪئي. پر آکاڻيءَ جا ڪردار ۽ ماحول بدلائي سنڌي بڻايو ويو. اها ڪهاڻي انتهائي مشهور ٿي. 1922ع ۾ تعليمي ماهر ٻادري فرار جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو "جولن جي آکاڻي" جي نالي ڪيائين. ساڳئي سال سندس اهم ڪهاڻي "آنربل جمر جي آکاڻي" شايع ٿي."[29]

ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻيءَ "سر والٽر اسڪاٽ The Heart of Midlothian جو ترجمو اختصار"دلير دل نينگر" جي نالي سان 1927ع ۾ ترجمو ڪيو. جنهن جا ڪردار استاد. شاگرد ۽ اٺويهين صديءَ جا عام انگريز معاشري جا فرد آهن.

ايم. آر مائيداساڻي (1911ـ 2009ع)

ڊاڪٽر ميلهومل ولد رنگومل مائيداساڻي جو جنم ڳوٺ ابجي ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هن ترقي پسند قوتن جي اثر هيٺ ڪهاڻيون سرجيون. ايم آر مائيداساڻي ٻارن لاءِ به آکاڻيون لکيون ۽ ترجمو ڪري شايع ڪيون. ان سلسلي ۾ سندس ڪتاب "ٻچي رمضان" (1946ع) هڪ اهم آکاڻين جو مجموعو آهي. جيڪو انگريزي ڪهاڻين جو ترجمو آهي. سندس ٻيو مجموعو "وارن هيسٽنگس جا ڪارناما ۽ ٻيون آکاڻيون" (1947ع) شايع ٿيو. جنهن ۾ اڪثر آکاڻيون تاريخي موضوعن تي هيون. هن ٻارن لاءِ ڪي مضمون ۽ خاڪا به لکيا. سندس آکاڻي "ماڪوڙي جي ڪهاڻي" مان ٽڪرو هيٺ ڏجي ٿو:

> "ڪريمو وار پيو لاهي ۽ حجامن جي عادت موجب اوپاريون لهواريون به پيو ڪري، ڳالهه ڪندي ماڪوڙي جو وٺي ذڪر ڇوريائين . . ايتري ۾ سيٺ پنجومل جي سيرب پوري ڪري ڪريمو ڪڪڙي سان سيٺ جي مٿي جو ٻئو ڪيڻ لڳو پنجومل چيو ڪريمو ڪريموا، ڪريمو هٽ جهلي چيو "سائين سدا سوايو هجين!" "ها نه هاڻي مٿي تي ڇتي ڪيجانءِ زرا اسهنڪر جي ڇهڙي لڳائي اٿر". پنجومل سمجهائيندي چيو ڪريمو حڪم جي تعميل ڪرڻ ويٺو ۽ گڏوگڏ پنهنجي ڪهاڻي جاري رکندي چيائين. "ماڪوڙي تي جع ڪي ڪو قياس ڪونه پيو ويهن سالن جي ٽيپ ڏئي ڇڏيائين". ڪريمو جي ٻاڪيءَ به پنهنجو ڪم ڪري ڏيکاريو ڇتي ڪيندي سيٺ جي مٿي تي ٽڪو ڏئي ويٺو...".[30]

ويرومل هيمون مل ملاڻي(1900_1956ع)

ويرومل ولد هيمون ملاڻي، انگريزن جي دور جو ٻاراڻي ادب جو وڏو اديب هو هن ٻارن لاءِ رسالا به ڪڍيا ته تنظيمون به جوڙيون. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ "ٻال" 1920ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ هن ٻار جي سماجي ڪردار ڏنل آهي. "آتم راماڻ" (1937ع) ۾ ٻارن لاءِ ڌرمي مسئلا پيش ڪيا آهن. سندس "استري سماج شيوا" 1922ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ ڇوڪرين جا مسئلا ڏنل آهن. 1923ع ۾ ويرومل ملاڻي ٻارن لاءِ وطن دوستيءَ جا مضمون "وطن دوستي" شايع ٿيو. جڏهن ته آڪاڻين ۾ "موجي آڪاڻيون" (1928ع)، "سهڻي صلاح" (1912ع)، "ڏاج ڪي ڏرت (1913ع)، "شسو سبوڌ مالا"، "سلڇڻائيءَ جو ڦل" (1913ع)، "ڇگن ڇوڪرن جا ڪم" (1928ع)، "ٽي سنگتي سفر تي" (1947ع)، "ناني ۽ پوٽ" (1947ع)، " ڪئو ڪئي" (1947ع) اهم آهن.

سندس ڪهاڻي ٽي سنگتي سفر تي ڏاڍي مزيدار آهي:

"هڪ حجام، هڪ ڪنجوءَ هڪ چريو ٽي سنگتي هليا سفر تي، واٽ تي رات پيئي، سو هڪ وڻ هيٺ رهي رات گذارڻ جو خيال ڪيائون. تنهي ويهي پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته رات جا چار پهر ٿيندا آهن، تن مان پهريون پهر ته ڪاٺ پيٽڻ ۽ ڳالهين ٻولين ۾ گذري ويندو باقي ٽن پهرن لاءِ هڪ هڪ چٽو هڪ هڪ پهر جاڳي پهرو ڏيندو ". (31)

ٻهاري لال ڇاٻڙيا (1923 _ 2001ع)

ٻهاري لال ولد هريرام ڇاٻڙيا جو تعلق شڪارپور سان هو. هو ڪراچي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي اوائلي جوڙجڪ ۾ نه رڳو شامل هو، پرشيخ اياز سان گڏ سنگت جو جوائنٽ سيڪريٽري به رهيو. هن ناول ۽ ڪهاڻيون به لکيون. سن 1947ع ۾ هن صاحب زندگي پبلڪيشن ٻاران مختلف ڪهاڻيڪارن جي شاهڪار ڪهاڻين جو مجموعو "سنڌي ڪهاڻيون" ترتيب ڏئي شايع ڪرايو هو. پاڻ ٻارن لاءِ به ڪهاڻيون لکيائين، جن ۾ "سرلا ۽ ست ڇامڙا" (1947ع) ۽ "مکڻ جو گڏو" (1947ع) شامل آهن.

حوالا:

1. مختيار احمد ملاح: "اٺويهين صديءَ جي سنڌي نثر جي تاريخ".بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ ، نوابشاهه.2017 ع. ص 215
2. ديوان ننديرام ميرائي سيوهاڻي: "ايسپ جون آکاڻيون". سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1996 ع. ص 12
3. ڏيارام وسٽمل مير چنداڻي: "چونڊ سنڌي نثر". سندر پرنٽنگ پريس، اجميں 1951 ع. ص 31
4. منشي اڌارام ٿانور داس: "ونهين ۽ ولهي جي آکاڻي". مهراڻ، 1946 ع. ص 4
5. منشي اڌارام ٿانور داس: "ايسپ جون آکاڻيون". تعليم کاتو ڪراچي، 1870 ع. ص 22
6. اسد الله "اسد" ٽکڙائي: "تذڪره شعراءِ ٽکڙ".سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1959 ع. ص 21، 22
7. غلام محمد گرامي: "سڌاتوري ڪڏاتوري جي ڳالهه". مهراڻ 1 ، 1959 ع. ص 54
8. سيد ميران محمد شاهه: "مفيد الصبيان". تعليم کاتو سنڌ، 1861 ع. ص 47
9. ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽو: "اسان جي سنڌي زبان"."الوحيد" جو آزادي نمبر، 14 آگسٽ 1949 ع. ص
10. ميمڻ ڊاڪٽر عبدالغفور سنڌي: "ست مقالا". مسلم بڪ اسٽور، سکر، ص 25
11. ديوان ڪيولرام سلامتراءِ: "گل يا گلقند". تعليم کاتو ڪراچي، 1871 ع. ص 11
12. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي: "سنڌي لغت_ نويسيءَ جي تاريخ".ٽي ماهي مهراڻ نمبر 4 ، 2000 ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو
13. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ". روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 45
14. الوحيد اسپيشل ايڊيشن سنڌ آزاد نمبر". جون 1936 ع. ص 172
15. موتيرام ايس رامواڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو".شاردا پرڪاشن، بمبئي، 1987 ع. ص 57، 58
16. ڪوڙومل چندنمل:"سنڌي پهاڪا". ڪراچي گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو، 1889 ع.

17. ڪوڙومل چندنمل: "ٻاراڻيون آکاڻيون" (ٽيون ڇاپو)، قيصريہ پريس، حيدرآباد، 1898ع، ص 18
18. ڪوڙومل چندن مل: "ٿهڪ ٿي ٿهڪ"، قيصريہ پريس، حيدرآباد، 1946 ع
19. ڊاڪٽر تهمينہ مفتي: "شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي افسانوي ادب جو اڀياس"، ڪلاچي ريسرچ جرنل، شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2015ع، ص 25
20. مرزا قليچ بيگ: "دلچسپ قصا"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1959 ع.
21. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: "ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب ۽ علم ۾ حصو" (پي ايچ ڊي ٿيسز قلمي)، 1979ع، ص 490
22. نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي: "ڪالي چرن" (آکاڻي)
23. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪشن، حيدرآباد، 1993ع، ص 45
24. حوالو ساڳئي، ص 45
25. ڊاڪٽر قاضي خادم: "سنڌيءَ جا نثري داستان"، انڊس پبليڪيشنز، ڪراچي، 1992ع، ص 186
26. پروفيسر حامد علي خاناڻي: "سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جون علمي ۽ ادبي خدمتون"، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2016ع، ص 186
27. در محمد پٺاڻ: "ڊاڪٽر: ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب ۽ علم ۾ حصو" (پي. ايچ۔ ڊي ٿيسز قلمي، 1979ع، ص 503
28. ميلهارام منگترام وسواڻي: "گلستان"، 1928ع، ص 1
29. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: "ڪراچي شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو" (پي ايچ۔ڊي ٿيسز)، 1979ع، ص 498
30. ايم۔آر ماڻيداساڻي: "ماڪوڙيءَ جي ڪهاڻي"، ماهوار نئين زندگي 1952 ع
31. ويرومل هيمون ملاڻي: "ٿي سنگتي سفر تي"، گلستان، ڪراچي، اپريل 1947ع، ص 5

انگريزن جي دور ۾ ٻاراڻي ادب جا

اشاعتي ادارا، تنظيمون ۽ رسالا

انگريزن جي دور ۾ پهريون دفعو 1868ع ۾ تعليم کاتي جي زير نگراني ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ جو قيام عمل آندو هو جنهن ٻارن لاءِ درسي ۽ ادبي ڪتابن جي چند ڇاڻ ڪري سرڪار طرفان شايع ڪرايا. ان دور جي ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليج ۾ مخزن نڪرندا هئا. اسڪولن جون به ادبي سوسائٽيون هيون. جن ۾ علمي ۽ ادبي سرگرميون ٿينديون هيون. ٻارن جي ناولن ۽ ڪهاڻين سان گڏ پرولين، ڇهچٽن، چرچن، گيتن جا انيڪ ڪتاب هر طبقي لاءِ ٻاراڻي لوڪ ادب، چاهي ٻاراڻي معياري ادب جا ڪتاب قلم بند ڪري شايع ڪيا ويا. ان کان علاوه، اخبار تعليم سنڌ جي هڪ اهم مئگزين هئي، جيڪا 1902ع ۾ ناميارې تعليمدان تارا چند شوقيرام، ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد مان شايع ڪئي. پاڻ ان وقت ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال هو. ملا مخزن جون 1921ع کان سنڌ جي "ملان مڪتبن" لاءِ هڪ ماهوار مخزن جاري ڪئي ويئي. هن مخزن جي پاليسي پڻ ساڳئي "تعليم اخبار" رسالي واري هئي. اهڙي طرح ڊي. جي ڪاليج، اين. جي. وي اسڪول، سنڌ مدرسي، نارو شاهه اسڪول، جيڪب آباد اسڪول ۽ ٻين اسڪولن مان سنڌي ۽ انگريزي گڏيل مخزن نڪرندا هئا، جنهن جا ليکڪ استاد ۽ شاگرد هوندا هئا."[1] جيئن جيئن تعليم عام ٿيندي وئي تيئن تيئن ٻاراڻي ادب جي اهميت ۽ ترقيءَ ۾ اضافو ٿيندو ويو. ٻاراڻي ادب جي لاءِ ادارا قائم ٿيا. غير سرڪاري تنظيمون قائم ٿيون ۽ رسالا جاري ٿيا. هتي انهن جو مختصر جائزو ڏجي ٿو:

هري سنگهه ڀنگو مل سکر ادارو

سنڌ ۾ خانگي طور ڪتابن جي اشاعت جو سڀ کان اول رواج هري سنگهه وڌو هن پنهنجي اشاعت گهر جو بنياد وڌو ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو ته "ماستر هريسنگهه (1857_ 1917ع) سکر ۾ آريا سماج جو دفتر به کوليو هو هو ڪو شوقيه پبلشر نه هو پر هڪ ماهر ۽ مالدار پبلشر هو. جنهن پنهجو ڏنڌو قديم قاعدن ۽ قانونن مطابق وڌايو ۽ سڌاريو.هن اسڪولي ڪتابن تي سيڙپ ڪئي، جنهن لاءِ ڪيس اها ڄاڻ هئي ته نصابي ڪتابن جي تمام گهڻي گهرج موجود هئي، جن جي

ڇپائي ۽ اشاعت مان چڱو ناڻو حاصل ٿي سگهي ٿو هريسنگهه بعد ۾ هر هڪ موضوع تي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا.سندس دڪان سکر جي شاهي بازار ۾ هو."[2] هن ڪيترائي درسي ۽ ادبي ڪتاب پڻ لکيا ۽ شايع ڪيا. هريسنگهه پنهنجي اشاعت گهر جي پليٽ فارم تان ٻارن لاءِ سون جي تعداد ۾ درسي ڪتاب، ناول، ڊراما، قصا، مذهبي ڪتاب، شاعري ۽ وغيره نہ صرف شايع ڪيا مگر خود بہ ترجمو ۽ ترتيب ڏنا.

پوڪرداس ٿانور داس شڪارپور وارو

"ناميارو پبلشر پوڪرداس ٿانور داس (1868_ 1934ع) شڪارپور، سنڌ ۾ جنم ورتو. اسڪولي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، تعليم کاتي ۾ منشي مقرر ٿيو. گهٽ پگهار سبب پهرين جنوري 1886ع کان ڪتابن جي وڪري جو ڌنڌو اختيار ڪيائين ۽ محنت سان پنهنجي ڌنڌي کي وڌائي نيٺ ڪتابن جي ڇپائيءَ جو سلسلو شروع ڪيائين."[3] پير علي محمد راشديءَ هن بابت لکيو آهي تہ: "جيڪڏهن سنڌي زبان اڄ تائين حيات آهي تہ ان جو هڪ سبب پوڪرداس جو ڇاپخانو آهي." پوڪرداس درسي، طبي، ديني، ڌرمي، رمل، نجوم ۽ جعفر جي ڪتابن کان سواءِ شاعريءَ ۽ نثر جي مختلف صنفن جا سوين ڪتاب توڙي جنتريون بہ ڇپايون."[4] پوڪرداس ٿانور داس ٻاراڻي ادب ۾ سون جي تعداد ۾ ڪتاب شايع ڪيا.

سستو عمدو ساهت مالا

1922ع ۾ جيٺمل پرسرام "ٿئين سنڌي لائبريري ۽ سستو عمدو ساهت مالا" شروع ڪيو جنهن ٻارن 100 کان مٿي ڪتاب، شايع ٿيا. مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل "ٻبا خان درزي ۽ خليفو کهنگ"، "تيلو پکي"، "ٻہ جاڙا ڀائر"، "طلسمي گڏي"، "ٽي ديو يا راڪاس"، "ستن شهزادن جي ڪهاڻي"، انهيءَ اداري ٻارن شايع ٿيا. جيٺمل پرسرام جي پنهنجي ٻالڪ ڪتابن ۾ "مونا وانا" ، "ٻال هتيا"، "سونو گڏهہ" شامل آهن.

سنت ڌرما سڀا

هيءَ سڀا سري سوامي هيمراج جي نالي پهريان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ قائم ٿي ۽ ڪيترائي ڌرمي ۽ اخلاقي ڪتاب ڇپرايائين. هن اداري ٻارن جي لاءِ اخلاقي ڪتاب بہ ڇپرايا، جن ۾ "ٻال رکيا"، "آتم ڦلواڙي" ، "جيون جي جوت"، "آنند اولي" ۽ ٻيا شامل آهن.

ٻالڪ ميگزين، شڪارپور

شڪارپور جو خانگي اسڪول "هوپفل اڪيڊمي" ديوان واڌومل ويڙهومل (1875ـ 1970ع)، 1 آگسٽ 1900ع تي قائم ڪئي. مئي1914ع ۾ شڪارپور ڪان هوپفل اڪيڊميءَ مان ماهوار "هوپفل اڪيڊمي ميگزين" شايع ٿيندي هئي. هوپفل اڪيڊمي ميگزين ڪان پوءِ "ٻالڪ ميگزين" ماهوار رسالوان وقت جي هيڊ ماستر ٺڪر هولارام سهجرام جي ادارت ۾ 1932ع تائين شايع ٿيندو رهيو. مئي 1937ع ڪان نومبر 1937ع تائين ايڊيٽريءَ جا فرائض سنڀالڻ ڪان پوءِ ٺڪر هولارام سهجرام پنهنجي ڌيءَ مس دياونتي هولارام ٺڪرجي حوالي ڪيا. ان ڪان اڳ بهاري لال هريرام ڇاٻڙيا جي ادارت ۾ "سدرشن" نالي ٻاراڻو رسالو شايع ٿيو. جنوري، فيبروري 1938ع ۾ هن رسالي جو ساليانو پرچو شايع ڪيو ويو جيڪو 34 صفحن تي مشتمل هو. هن پرچي ۾ شيخ اياز جو نظم "مرد خدا" شايع ٿيو هو جيڪو هن ريت هو:

نہ غم دنيا جو آ ان کي، نہ دنيا ڪان ڪنارو آهہ.
نہ ڏيٺو آهہ نہ وٺٺو آهہ، نہ حيلو آهہ، نہ چارو آهہ.
نہ پنهنجي سان محبت آهہ، نہ نفرت غير سان ان کي
سيني ۾ ذات حق ڏسٺو اهو ان جو نظارو آهہ". (5)

"ٻالڪ ميگزين" لاءِ انور فگار هڪڙي لکيو آهي تہ: "ٻالڪ ميگزين نئين بورڊ آف ڊائريڪٽرس ۽ ايڊيٽوريل بورڊ جي نگرانيءَ ۾ نهايت نئين رنگ ۾ نروار ٿيڻ لڳو. شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ان منفرد ٻاراڻي رسالي جي مواد جو جائزو وٺڻ ڪان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ "ٻالڪ ميگزين" جي معياري مواد نہ رڳو ٻارن کي پڙهڻ لاءِ متوجهہ ڪيو پر لکڻ لاءِ بہ همٿايو. ميگزين جي پرچي ۾ شايع ٿيل ٻاراڻيون بهترين ڪهاڻيون آهن: "ٻال مندر" (هوندراج داس، سيپٽمبر 1937ع)، "لومڙ ۽ ڪتو" (گوپمل ٽلومل ٺڪر، نومبر 1937ع)، "وڏي ۾ وڏي آڪاڻي" (مس دياونتي هولارام ٺڪر، ڊسمبر1937ع)، "مزيدار" (امر ايچ پرساماڻي، ڊسمبر 1937ع)، "گدڙ ڪانءُ ۽ "هرڻ جي ڳالهہ" (محمد صديق هڪڙو جنوري 1938ع)، "دلير نينگر" (لهرومل پرسواڻي، جنوري 1938ع)، "ميربحر ۽ سنڌس دوست" (حسن علي يعقوب سومرو، جنوري 1938ع)، "پنهنجي مدد پاڻ" (لطف الله

جوڳي، اپريل 1938 ع)، "آڪاٽي هڪ ڪامل فقير جي" (ڪنٽالال، اپريل 1938 ع) وغيره".[6]

اخلاقي تعليم

ديوان ڏيئومل محبوبراءِ سنه 1921 ع ۾ "اخلاقي تعليم" جي نالي ٻاراڻو ماهوار رسالو ڪڍيو، جنهن ۾ نهايت آسان ٻوليءَ ۾ اخلاقي آکاڻيون ڏنل هيون. ٻارن جي ادب جي شعبي جو، اهو انهيءَ دؤر جو هڪ اهم ڪتاب هو. اها حقيقت آهي ته صرف تبليغي ۽ نصيحت واري انداز سبب ٻار نفسياتي دٻاءَ جو شڪار ٿين ٿا، ان ڪري اهو ضروري آهي ته انهن لاءِ لکيل مواد ۾ اهڙو رنگ اختيار ڪجي، جيئن ٻارن جي ان ۾ دلچسپي پيدا ٿئي. هن رسالي لاءِ ڊاڪٽر حامد علي خانائي لکيو آهي ته: "هن رسالي ۾ صرف ٻارن جي معيار جو سنڌي ادب پيش ڪيو ويندو هو. ٻاراڻي ادب ۾ هيءُ رسالو تمام اهم هو ۽ سنه 1947 ع تائين برابر هليو".[7]

سندر ساهتيه منڊل

سندر ساهتيه منڊل جا باني لاڙڪاڻي جي واسواڻي ڀائرن فتح چند منگتراءِ واسواڻي (1894_1976 ع)، ميلارام منگتراءِ واسواڻي (1901_ 1972 ع) ۽ ٻيلا رامُ واسواڻي هئا، جن گڏجي 1922 ع ۾ "سندر ساهتيه منڊل" برپا ڪيو. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ پنهنجي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته "سندر ساهتيه منڊل" جي باني ميلارام واسواڻيءَ سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جا گهڙا ڀريا تن کي ڪڏهن به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. هن صاحب هڪ طرف ڪتابي صورت ۾ وقت به وقت ڪهاڻين جا مجموعا شايع ڪرايا ۽ ٻئي طرف 1924 ع کان وٺي رسالو جاري ڪيو، جنهن ۾ به وقت به وقت ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهنديون هيون".[8]

ٻاراڻي ادب سلسلي ۾ "سندر ساهتيه منڊل" وارن جون ڪوششون نهايت ساراهه لائق آهن، جو انهن پنهنجي اداري پاران ڪيترن ئي موضوعن تي ٻارن لاءِ تمام ڪارائتا ڪتاب شايع ڪيا. هن اداري ٻارن لاءِ وندرائيندڙ ڪتاب به شايع ڪيا، جن مان ويرومل جو "موجي آکاڻيون" (1928 ع)، نانڪرام ڏرمداس جو "گل ۽ خوشي" (1932 ع) ۽ ميلارام مگنترام جو "ڇرڇن جي ڇهر" (1933 ع)، "ٻال رامائڻ"، "ٻال مها ڀارت"، "ٻال سري ڪرشن"، "پرڀاتي تارا"، "هندو وير ٻالڪ"، "انصاف جون آکاڻيون"، "اخلاقي دنيا"، "پارس"، "گل گاڏي"، "دبستان"، "پرستان"، "ڦلواڙي"،

"آنڊڙ ڪنولي" خاص ذڪر لائق ڪتاب آهن. ميلارام منگترام سهڻي ۽ سادي ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ اهي نهايت مفيد ڪتاب لکيا، جن کي سندر ساهتيه منڊل ٻارن تصويرن سان سينگاري شايع ڪيو." [9]

هن اداري جي ٻين ڪتابن ۾ بي بها رتن، عطر علمي، قومي ڪهاڻيون، "منوهر آکاڻيون" ۽ "بهاري بوندون"، "رتن کاڻ"، "گلابي مکڙيون"، "گلن جو ٻارو"، "گلابي ڦوهارو"، "مکڙيون"، "من جا مٺيا"، "آچالو"، "سماجڪ چٽکيون"، "ديپڪ"، "گلشن"، "سوني مڇي"، "بادشاهي آکاڻيون"، "پارس"، "ليلان"، "مناجات شاهه"، "گل گاڏي"، "اخلاقي دنيا"، "موجي بيربل ۽ گويو تانسين" شامل آهن. آخر ۾ هن اداري ٻاران ٻارن جي ادب جي واڌاري لاءِ "گل ڦل" نالي رسالو جاري ڪيو.

ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل

1925ع ۾ سنڌ جي نالي واري عالم ڪوڙيمل چندن مل جي نالي پويان "ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل" حيدرآباد ۾ قائم ٿيو. هن اداري جو منوهرداس ڪوڙومل، سرپرست، ديوان چرنداس ناڪرداس صدر، هري سندر رويچند، سيڪريٽري مقرر ٿيا. هن اداري ٻاران ليڪچر سماجي پروگرام ۽ سڪيا جا سون جي تعداد ۾ ڪتاب ، آکاڻيون ، ناول، ناٽڪ، مذهب، اخلاقيات، سير و سفر، سنتن جو ڪلام وغيره تي مبني ڪتاب شايع ٿيا. جن ۾ "ٻال رامائڻ"، "ٻال ڪرشن"، "ٻال چندراما"، "ديش ڀڳتي"، "سونو محل"، "ٻيڙي ٻياڪ رڇ"، "حرڪتي هاٿي"، "جنگي ڪرڙو"، "بن شويا"، "گنجو راجا"، "طلسمي ڪنجون"، "وگياني ديوتا"، "چگا لچڻ"، "ڪٺي جو ڪيتو"، "سچ نيٺ سچ ٿيندو"، وغيره اهم آهن. ڪوڙيمل ساهت منڊل حيدرآباد ٻاران 1927ع ۾ "گلستان" نه ماهي نڪتو، جنهن ۾ ٻئي ادب سان گڏ ٻاراڻو ادب به جهجهو شايع ٿيندو هو." [10]

ماهوار گلزار، حيدرآباد

خالد آزاد، هن رسالي جي باري ۾ لکي ٿو ته "هي رسالو محمد صديق ميمڻ جي سرپرستيءَ ۽ ايڊيٽريءَ هيٺ 1930ع کان حيدرآباد مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ اسڪولي ٻارن لاءِ تعليمي، ادبي، ۽ تاريخي مضمون شايع ٿيندا هئا. رسالو تعليم کاتي ٻاران منظور ٿيل هو. هن رسالي ٻارن ۾ مطالعي جي عادت وجهڻ لاءِ سٺو ڪم ڪيو." [11]

سنڌ ڌرم سڀا، حيدرآباد

هيءَ جماعت سري سوامي هيمراج جي نالي پويان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ قائم ٿي ۽ ڪيترائي ڌرمي ۽ اخلاقي ڪتاب ڇپرايائين. هن اداري ٻارن جي لاءِ اخلاقي ڪتاب به ڇپرايا. اداري سنڌيءَ کان علاوه گورمکي اکرن ۾ ڪتاب شايع ڪيا. ٻارن جي سلسلي ۾ سنڌن هي ڪتاب اهم آهن: "ٻار سکيا"، "آتم ڦلواڙي"، "آنند اوني"، "انيو چرتر"، "گيان ويراڳ"، "ڀارت درپن"، "شانتي سرور"، "جيون جي جوت، روسي گلدستو"، "جيون چرتر سوامي هيمراج".(12)

ڪراچي مان نالي واري استاد ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي جي هڪ وڏي نالي امر لال هنگوراڻي ٻاراڻي ادب جو رسالو "ڦلواڙي"جاري ڪيو جيڪو ڪيترائي سال هليو. 1928ع ۾ آکاڻين جو هفتيوار رسالو "چوڏس" پوروملچنديرام رکياڻيءَ جي ايڊيٽريءَ ڪراچيءَ مان جاري ٿيو. هن ۾ ٻاراڻيون به ڪيتريون آکاڻيون شايع ٿيون. 1932ع ۾ عبدالله عباسيءَ ڪراچيءَ مان "ٻالڪ" نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو. جنهن وقت جا نامور اديب ۽ شاعر لکندا آهن. دادو مان پوهو مل رامجي مل کيمچنداڻي 1937ع ۾ ماهوار "پشپ" ۽ ٻيا رسالا شايع ڪيا.

دادا شيوڪ ڀوڄراج موٽواڻي ـ ٻاراڻي ادب جي تنظيمن جو باني

ٻاراڻي ادب کي ڪتابن مان ڪڍي، تنظيمن جي سطح تي آڻڻ ۾ داداشيوڪ ڀوڄراج جو وڏو ڪردار آهي. دادا شيوڪ ڀوڄراج موٽواڻيءَ جو جنم پهرين آڪٽوبر 1906ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ڪاليج واري ئي دور ۾ ملڪي سياست ۾ شاگردن جي تحريڪن سان شروعات ڪيائين ۽ ڪانگريس ۾ گانڌيءَ جو پيروڪار هو. پاڻ لاڙڪاڻي ۾ ماستر ٿي آيو جتي ڪشنچند بيوس سنڌس هيڊ ماستر هو. هن جي صحبت ۾ شاعري شروع ڪيائين ۽ شاعريءَ ۾ "ڪڙڪبيتو" تخلص اختيار ڪيائين. انهيءَ دور ۾ مختلف اخبارن ۾ آرٽيڪل ۽ سنڌو رسالي ۾ مضمون لکندو هو. اڳتي هلي، نوڪري ڇڏي سياست ۽ صحافت ۾ قدم رکيائين. 1924ع ۾ پنهنجي ايڊيٽرشپ ۾ هڪ سنڌي اخبار "شيوا" جاري ڪيائين. آڪٽوبر 1926ع ۾ ٻارن لاءِ رسالو "گلستان" شروع ڪيو. جنهن جو پاڻ ايڊيٽر هو. ان کان علاوه، انگريزيءَ ۾ "پشپ"، بمبئي يونيورسٽي جي "بليٽن" ۽ سرڪار جي "ائڊوينچر آف ايجوڪيشن" اهم آهن. شيوڪ ڀوڄراج به آتم ڪٿائي سياسي ناول "آشرواد" (1933ع) ۽ دادا شيام" (1934ع) پڻ ڇپيا ۽ ٽيون ناول "دلين جو ميلاپ"

گجراتي زبان جي ليکڪ پنا لعل پٽيل جي ناول جو ترجمو آهي، جيڪو 1971ع ۾ شايع ٿيو.

ٻالڪن جي ٻاري:

دادا شيوڪ ڀوڄراج کي ٻارن سان بي انتها محبت هئي. هن پنهنجي لکڻ جي شروعات ئي ٻارن جي ادب سان ڪئي هئي. 1923ع ۾ ٻارن جي ونڊر ۽ سکيا خاطر هن لاڙڪاڻي ۾ "ٻالڪن جي ٻاري" جو بنياد وڌو. ڀاڻ ان وقت اسڪول جو ماستر هو. اڳتي هلي، ٻالڪن جي ٻاريءَ جو مرڪز ڪراچيءَ ۾ رکيو ويو. هيءَ تنظيم، ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ هڪ تحريڪ بڻي. انهيءَ تنظيم جون شاخون سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي کان سواءِ ڪوٽڙي، حيدرآباد، روهڙي، سکر، نوابشاهه، ميرپورخاص، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ شهدادپور ۾ به قائم ڪيون ويون. گل ڦل لاءِ موڪليل هڪ مضمون ۾ ٻالڪن جي ٻاري جي تاريخ هن ريت بيان ڪئي آهي: "ٻالڪن جي ٻاريءَ جو اصل جنم سنڌ ۾ ٿيو. سن 1923ع ۾ ٿيو. تن ڏينهن کير ٻار جو نالو ڳنهندو هو! ٻارن لاءِ اخبارن ۾ "دادا" ليک لکڻ شروع ڪيائين. خوب ٻارن چاهه ورتو ۽ اتساهه ڏيکاريو. سن 1926ع جي تاريخ پهرين آڪٽوبر تي، ٻالڪن جي ٻاريءَ هڪ سنستا جو روپ اختيار ڪيو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ٻار اُن جا ميمبر ٿيڻ لڳا، ۽ هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ٻاريءَ جون شاخون نڪري پيون. ٻارن جون گڏجاڻيون ٿيون. رانديون روندڙيون ڪرڻ لڳا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن گڏجي شيل شغل تي وڃڻ لڳا. اهڙيءَ ريت، آهستي آهستي سڄيءَ سنڌ جي ٻارن جا ميڙ ٿيڻ لڳا: ٽي چار ڏينهن ڪٺان ڪٺان جا ٻار ڪٺي اچي هڪ شهر ڳوٺ ۾ ڪٺا ٿين. پاڻ ۾ پيئرن جيئن هڪٻئي سان چنيءَ ڇهانيءَ رستي ناتو قائم رکن. اهو ڏسي وڏڙن کي به پڪ ٿيڻ لڳي، ته واهه جو آهي هيءَ 'ٻالڪن جي ٻاري!' اتفاق اهڙو ٿيو، جو سن 1934ع ڌاري، دادا کي سنڌ جا وڻ ڇڏي، بمبئيءَ وڃڻو پيو. پر اُتي به اُن ساڳئي هلچل قائم رکي: ٻالڪن جي ٻاري سڄي هندستان جي ٻالڪن جا ميڙ ٿيڻ لڳا".(13)

"ٻالڪن جي ٻاريءَ" طرفان ٻارن جا ميلا به لڳندا رهيا ۽ ڪيترائي ٻار هفتيوار گڏجاڻين ۾ پنهنجون ڪچيون تحريرون به لکي ايندا هئا ۽ ذهني مقابلن ۾ به حصو وٺندا هئا. جديد سنڌي شاعريءَ جو باني ڪشنچند بيوس به لاڙڪاڻي ۾ "ٻالڪن جي ٻاريءَ" جو ميمبر رهيو. بيوس لاڙڪاڻي شاخ ۾ اچي هر آچر تي ٻارڙن کي گيت پڙهائيندو هو. هن داداشيوڪ ڀوڄراج سان گڏجي اتي ٻارن جو هڪ وڏو ميلو

پڻ لڳايو هو. دادا شيوڪ هن تنظيم لاءِ "ڦلواڙي" ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتابي سلسلا جاري ڪيا. جن ۾ ٻارن جي ونڊر ۽ اصلاح لاءِ ليک، ڪهاڻيون، لطيفا ۽ گيت شامل هوندا هئا. ڪيترن هنڌ ٻالڪن جي ٻاريءَ نہ رڳو ٻارن لاءِ، پر ٻارن ۾ چاهہ وڌائڻ لاءِ پڻ "لائبريريون" جاري ڪيون آهن، تہ ڪٿي ڪٿي ڊرائينگ، پينٽنگ، ناچ ۽ ڳائڻ جا ڪلاس پڻ جاري ڪيا آهن. ان زماني ۾ دادا شيوڪ ڀوڄراج، بيوس جي ٻاراڻن ناٽڪن ۾ ڪردار ادا ڪندو هو ۽ اهي ناٽڪ بيوس جي گهر ٻاهران ٿيندا هئا".(14)

ماهوار گلستان جو ٻارن جي ادب ۾ ڪردار

ٻارن جو هي ماهوار رسالو آڪٽوبر 1933ع کان "ٻالڪن جي ٻاري" جي سهاري هيٺ جاري ٿيو. شيوڪ ڀوڄراج "دادا" هن رسالي جو روح روان هوندو هو. شيوڪ ڀوڄراج جي لڏي وڃڻ کان پوءِ رام پاونداس موٽواڻي ۽ ڪماري پاروتي . ٽي. گدواڻي ۽ لعلچند امرڏني مل جڳتياڻي ان مخزن کي هلائيندا هئا. هري دريائي "دلگير" هن رسالي جي شاعري واري حصي جو انچارج هوندو هو".(15) رسالي جي آفيس اسٽريچن روڊ تي هوندي هئي. رسالو گهٽ ۾ گهٽ ويهن صفحن تي مشتمل هوندو هو. رسالو تعليم کاتي کان منظور ٿيل هو. ان ڪري هڪ ڪاپي ٻن آنن ۾ ملندي هئي ۽ ساليانو چندو ڏيڍ روپيو هوندو هئس. هن رسالي جا ايڊيٽر اڪثر ڪري سياسي قسم جا هوندا هئا ۽ اهي ايڊيٽر طرفان ٻارڙن ۾ قومي مسئلن کي سمجهڻ جي هڪ شعوري ڪوشش هئي. ڪڏهن ڪڏهن ٻارڙن طرفان پڇيل سوالن کي بنياد بڻائي ايڊيٽوريل لکيا ويندا هئا. مثال طور هڪ اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

"هڪ ٻار پڇي، توهان لکيو آهي تہ انگريز هندستان کي جون 1948ع ۾ "راڄنيتي" آزادگي ڏيندا. انهيءَ جو مطلب ڇا؟ هندستان اڃا پورو آزاد نہ ٿيندو ڇا؟"

سوال سٺو آهي، پر راڄنيتي آزادگي ڇا آهي ۽ پوري آزادگي ڇا آهي، سو سمجهڻ ٿورو ڏکيو آهي. اڄ ڪلهہ دنيا پاڻ ۾ اهڙي ڳنڍيل پيئي آهي جو هر ڪو ملڪ، انگلينڊ سميت ٻين ملڪن تي دارو مدار رکي ٿو پر انهن ملڪن کي پوري آزادي آهي تہ هو پنهنجي ڀلائي خاطر ڪهڙن ملڪن سان ٻہ ناتا ڳنڍين. هندستان کي بہ گهٽين ڳالهين لاءِ ٻين ملڪن تي مدار رکڻو پوندو".(16)

"گلستان" رسالي جي باري ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ لکيو آهي تہ "هي رسالو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون رسالو هو جنهن جي وسيلي منظم نموني سان ٻارڙن

جي شخصيت ۽ ڪردار جي تعمير جي شعوري ڪوشش ڪئي وئي. ٻارن ۾ سب سي ،، قومي جذبن ۽ امنگن کي پيدا ڪرڻ لاءِ ترقي پسندي ۽ قوم پرستيءَ جي نظريہ جو سهار، ونو" سندن ذهني ۽ اخلاقي نشونما ڪئي ويندي هئي. رسالي جو علمي ۽ ادبي مواد تي نظر ڦيرائڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان ۾ هر قسم جو مواد ڏنو ويندو هو: ناٽڪ ا آ ـٹو ، شعر و شاعري، ٻارڙن جون ادبي تخليقون، ٻارن طرفان پڇيل سوالن جا جواب، ٻالڪن جي ٻاريءَ جو سرگرميون، قومي جوڌن جوانن جا جيون چرتر."(17) رسالي ۾ انتهائي معياري آڪاٽيون ٽيڻديون هيون. شيخ اياز جو ٻال ناٽڪ منظوم ناٽڪ "منڊن جو منڊل" اپريل 1947ع واري شماري ۾ شايع ٿيو هو. رسالي جي شاعريءَ واري حصي ۾ هري دلگير، شيخ اياز، پي.ايس. لالواڻي، قيمت "ڪمل"، موتي لعل ڀاواڻي، نارائڻ شيام، جيوت مورجاڻيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

ٻالڪن جي ٻاريءَ جون سنڌ کان ٻاهر سرگرميون

دادا شيوڪ ڀوڄراج، 1934ع ۾ سنڌ مان لڏي وڃي ۽ بمبئي ۾ آباد ٿيو اتي، هن ٻالڪن جي ٻاريءَ جو آغاز ڪيو ۽ ان کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ انگريزي ۾ رسالو "Pushpa" شروع ڪيائين، جيڪو 1936ع کان 1949ع تائين باقاعده نڪرندو رهيو. ٻالڪن جي ٻاريءَ 1950ع ۾ پنهنجي سلورجوبلي، 1976ع ۾ گولڊن جوبلي ۽ 1986ع ۾ ڊائمنڊ جوبلي ملهائي. هن وقت ان تنظيم جي هڪ الڳ ۽ ڪشادي آفيس بمبئيءَ ۾ آهي ۽ ڊاڪٽر اجي هورا، ان اداري جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آهي .دادا شيوڪ جي قائم ڪيل ان تنظيم کي هينئر سرڪاري سرپرستي بہ حاصل آهي، سالياني گرانٽ پڻ ملي ٿي. هن تنظيم جون شاخون دنيا جي ڪن ٻين ملڪن ۾ بہ هيون. دادا شيوڪ جا ڪيترائي انگريزي، سنڌي ۽ گجراتي ۾ پڻ ٻارن لاءِ لکيل ۽ سهيڙيل ڪتاب، هن تنظيم پاران شايع ٿيل آهن.

دادا شيوڪ، زندگيءَ جا آخري ڏينهن مهاشترا، جنهن کي "ٻاپوءَ جو ڳوٺ" سڏيندا هئا، اتي رهيو ۽ اتي پهرين مارچ 1988ع ۾ ديهانت ڪيائين. سندس ديهانت تي هند ۽ سنڌ ۾ ڏک جي لهر ڇائنجي وئي هئي، ڇو تہ ٻاراڻي ادب ۾ اهڙو وڏو يوگدان شايد ئي ڪنهنجو هجي. هن جي ٻالڪن جي ٻاري کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جي ادب، سکيا، وندر، تعليم ۽ سماجي مسئلن تي ڪيترين ئي تنظيمون وجود ۾ آيون.

ڊاڪٽر جيٺو لالوائي، انگريز دور جي ٻاراڻي ادب جي لاءِ ادبي جماعتن ۽ رسالن جي سلسلي ۾ لکيو آهي ته: "ٻاراڻي اديبن جو ادب شايع ڪرڻ لاءِ جدا جدا ڪتابي مالائون، سيريز به شروع ٿيون، جن ۾ ذڪر لائق آهن: "سستو عمدو ساهتيه"، "ٺٽين سنڌي لائبريري". هي ٻئي جيٺمل پرسرام شروع ڪيا. بعد ۾ "سنڌو ساهت هائوس"، "قومي ساهتيه"، "ٻال ساهت مالا" وغيره ٻاراڻي ادب جا عمدا هر صنف تي ڪتاب شايع ڪرڻ شروع ڪيا. نه صرف ايترو، پر ٻاراڻا رسالا ۽ مخزنون شروع ٿيون، جن ۾ ودوان اديبن جون وقت به وقت ٻاراڻيون رچنائون شايع ٿينديون پئي رهيون. ذڪر لائق مخزن آهن:

"گلزار"، "ٻالڪ"، "سنڌي گلشن"، "سدابهار"، "ڦولستان"، "ٻاراڻيون ٻوليون"، دادا شيوڪ ڀوڄراج ٻارن جي اوسر، واڌاري ۽ تعليم لاءِ "ٻالڪن جي ٻاري" قائم ڪئي ۽ ان جي زير سايه "گلستان" مخزن پڻ شايع ڪئي، جنهن ۾ ٻارن جي قلم بند ڪيل رچنائن کي پڻ اوليت ۽ جوڳي جاءِ ڏني ويندي هئي. سنڌ ۽ هند ۾ "ٻالڪن جي ٻاري" نالي انيڪ شاخون سنڌين توڙي غير سنڌي ٻارن لاءِ هلندڙ آهن. ميلارام "گل ڦل" ٻارن جو رسالو شروع ڪيو. ڪن مخزنن، رسالن ٻاراڻي ادب جا سهڻا باتصوير ڪتاب به شايع ڪيا".(18)

حوالا:

1. مختيار احمد ملاح: "اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي" ، آرڪائيوز کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2019 ع، ص 316
2. انور فگار هڪڙو: "هريسنگھ تاجر"، (ماهوار پيغام، اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ، مارچ / 2001 ع
3. انور فگار هڪڙو: "پوڪرداس ٺانور داس (شڪارپور) "، (مهراڻ 3/1999 ع)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
4. پير علي محمد راشدي: "اهي ڏينهن اهي شينهن"،(ڇاپو چوٿون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2000 ع
5. انور فگار هڪڙو: "شڪارپور جا تعليمي ادارا"، (شڪارپور ماضي حال، مرتب، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، 1984 ع)، ص 277، 278
6. ساڳئيو حوالو ص 278
7. قريشي حامد علي خانائي: "سنڌي زبان جا ماهوار ادبي رسالا"، ٽي ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ½، 1981 ع

8. ڊاڪٽر ڊر محمد پٺاڻ: "ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب ۽ علم ۾ حصو" (پي. ايچ. ڊي ٿيسز قلمي، 1979 ع، ص 503
9. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020 ع، ص 299
10. ساڳئي حوالي ص 300
11. خالد آزاد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" (جلد ٻيو)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، سنڌ، 2016 ع، ص 26
12. الهرکيو ٻٽ: "سنڌي طباعت ۽ اشاعت جي تاريخ" - ايم - فل لائبريري سائنس لاءِ لکيل مقالو - سنڌ يونيورسٽي سال 1981 ع، ص 180
13. شيوڪ ڀوڄراج: "ٻالڪن جي ٻاري"، ماهوار گل ڦل، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو مارچ ۽ اپريل، 1961 ع
14. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ٻيو)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2010 ع، ص 123 .
15. ناز سنائي: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو ماضي، حال ۽ مستقبل"، ماهوار ڪينجهر، حيدرآباد، آڪٽوبر، 1993 ع، ص 28
16. گلستان، ڪراچي، ماهه اپريل 1947 ع، ص 1
17. ڊاڪٽر ڊرمحمد پٺاڻ: "ڪجهه پراڻا رسالا"، گل حيات انسٽيٽيوٽ، (قلمي)، ص 20
18. ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي: "سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر" (سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس - مقالا، ترتيب پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ پروفيسر سليم ميمڻ)، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2016 ع، ص 269، 270

آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ ٻاراڻو ادب

آگسٽ 1947ع ۾ ورهاڱو وجود ۾ آيو جنهن ڪري سنڌ جا ڪيترائي ادبي محسن سنڌ کي خيرباد چئي هندستان هليا ويا. اهو نئون دور ٻاراڻي ادب لاءِ به مشڪل هو. ڇو ته ورهاڱي کان اڳ جنهن جذبي ۽ رفتار سان ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون هيون، اهي جيڪڏهن جاري هجن ها ته هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جو ادب گهڻي بلنديءَ تي هجي ها. ان صورتحال کي ڏسندي ٻاراڻي ادب جي ليکڪ بشير پٺيءَ لکيو آهي ته: "پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندستان مان آيل ماڻهن جي اڪثريت کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان ڪا خاص دلچسپي نه هئي ۽ ڇڻ اهي سنڌ جي ماحول ۽ ثقافت لاءِ اوپرا هئا. اهو دور سنڌي ٻولي، خاص طور تي ٻاراڻي ادب لاءِ بدقسمتيءَ سان هڪ ڏکيو دور هو. ان وقت تائين اخبارن ۾ پڻ ٻاراڻي تفريح لاءِ صفحا مخصوص نه هئا ۽ نه ئي موجوده دور وانگر سنڌ جون ڪي اهڙيون اخبارون هيون، جيڪي ٻارن ۾ تفريح لاءِ مخصوص صفحا ڪري سگهن."[1]

1947ع کان وٺي اڄ 2024ع تائين، انهن 77 سالن ۾ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪيترائي نوان موڙ ۽ انقلابي تبديليون آيون آهن. ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، شاعري، تاريخ، تحقيق، تنقيد، لوڪ ادب، لسانيات، ۽ ٻاراڻي ادب وغيره زبردست ترقي ڪئي آهي. آزاديءَ کان پوءِ هند ۽ سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جي جي هڪ الڳ تاريخ آهي. هند جي ٻاراڻي ادب تي ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ پي.ايڇ. ڊي ڪئي آهي، جيڪا شايع به ٿي آهي ۽ هن ٻاراڻي ادب تاريخ تي ڪي ٻيا ڪتاب پڻ مرتب ڪيا آهن. پر جيئن ته اسان کي هند جي ٻاراڻي ادبي ڪتابن جي دسترس حاصل نه آهي، ان ڪري صرف ڪجهه حوالن جي آڌار تي مختصر ذڪر ڪيو ويندو. جڏهن ته هتي سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جا مختلف دور آهن. ۽ انهن دورن ۾ مختلف سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن جو هڪ وڏو ڪردار آهي، ان ڪري مختلف دورن، صنفن ۽ ادارن جو الڳ ذڪر ڪيو ويندو:

عبوري دور (1947 کان 1971ع)

1947ع ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ سنڌ جا هندو اديب هندستان لڏي ويا. سنڌي ميڊيم اسڪولن کي تمام گهڻو نقصان پهتو 1948ع ۾ ڪراچيءَ جا 1300 سنڌي ميڊيم پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول بند ڪيا ويا. 1948ع ۾ هڪ

حڪم ذريعي اردوءَ کي سڄي ملڪ جي واحد سرڪاري ۽ قومي ٻولي قرار ڏنو ويو. ڪراچي يونيورسٽي جي قائم ٿيڻ سان، سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچيءَ مان حيدرآباد منتقل ڪيو ويو ۽ ٿوري وقت ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان سنڌي ٻوليءَ کي تڙي ڪڍيو ويو ۽ ذريعہ تعليم کي ختم ڪيو ويو، جيڪي سنڌي شاگرد هئا، اهي ڏاڍا پريشان ٿيا. 14 آڪٽوبر 1954ع تي جڏهن ون يونٽ مڙهيو ويو تہ سنڌي ٻولي کان دفتري ٻوليءَ واري حيثيت کسي وئي. ڪراچيءَ ۾ مادري ٻولي سنڌيءَ تي ٿيون وار ڪراچي يونيورسٽيءَ جي انتظاميا پاران سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان وٺڻ بند ڪري ڪيو ويو. اهڙين حالتن سان سنڌي ٻاراڻي ادب کي ڪاپاري ڌڪ رسيو.

سنڌي ادب جي مجموعي حالت تي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان "سنڌي سڪو سنڌي لکو ۽ سنڌي ڳالهايو" جا فلڪ شگاف نعرا بلند ٿيڻ لڳا. هر سنڌي اخبار ۾ ان ئي موضوع تي مضمون شايع ٿيندا رهيا. سنڌي ادبي ڪانفرنسون ٿيڻ لڳيون. رسالا نڪرڻ لڳا، مشاعرا ٿيڻ لڳا، ڪچهريون ٿيڻ لڳيون. ورسيون ملهائجڻ ۾ آيون. ڪن هڏڏوڪين وري چندا ڪري، سنڌ جي مختلف خِطن ۾ انجمنون برپا ڪيون. ادب جي مڙين صنفن ۾ ترقي ٿيڻ لڳي. سنڌي اديبن جي سياسي ۽ قومي تحريڪن جو ٻاراڻي ادب تي هاڪاري اثر پيو. ان سلسلي ۾ ادل سومرو لکي ٿو تہ "بعد ۾ اسان جي عالمن ۽ اديبن فرض ۽ جوابداريون نڀاهيندي ڏات ۽ ڏاهپ سان پنهنجي ٻوليءَ جي قتل قلواڙيءَ ۾ نئين سر ڦهلائڻ جا جتن ڪيا. "گلشن ادب"، ٽنڊو محمد خان، "اداره گلستان" حيدرآباد، "ٻارن جي ٻاري" بدين ٻارن جي ادب جي اشاعت جي سلسلي ۾ نمايان ڪم ڪيو." (2)

آزاديءَ جي ڇهن سالن بعد، ٻن اديب ڀائرن مقبول ڀٽي ۽ غلام مرتضي ڀٽي، ٻارن جي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي ماضيءَ جي رسالي "گلستان" کي 1951ع کان حيدرآباد مان ٻيهر جاري ڪيو. ڀٽي ڀائرن نہ رڳو، رسالو جاري ڪيو، ٻارن جي علمي ۽ ادبي ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾ ادارو ۽ تنظيم بہ قائم ڪئي. هي رسالو تعليم کاتي کان منظور ٿيل هو ۽ باتصوير جاري ٿيندو هو پر ڪجهہ سال هلي بند ٿي ويو." (4) "گلستان" کان علاوه، "ڦولستان" ۽ "دل بهار" نالي پراڻا رسالا بہ شروع ٿيا. پر انهن جي اشاعت گهڻو وقت هلي نہ سگهي سنڌي ادبي بورڊ طرفان "گل ڦل" 1959ع کان جاري ٿيو جنهن جا محمد ابراهيم جويو، غلام رباني، شوڪت شورو، انور هالائي، اڪبر جسڪاڻي جهڙا چاڙهو ماڻهو ايڊيٽر رهيا. هي

رسالو اچان بہ هلندڙ آهي. ٿوري وقت ۾ ٻارن جي لاءِ ڪتابن جي اشاعت جو آغاز ٿيو. ڪيترائي ٻار، ٻاڻ اديب جي حيثيت ابهري آيا. ان دور جي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو تہ "آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻي ادب چڱي ترقي ڪئي آهي. پاڪستان قائم ٿيڻ کان ستت پوءِ "گلستان"، "دلبهار" ۽ پوءِ "گلستان" نالي ٻارن جا رسالا جاري ٿيا. ان دور جي شاعرن ۽ اديبن ٻارن لاءِ قلم کنيو تن ۾ ابوبڪر صالح، احسان احمد بدوي، اسلم پٺاڻ، محمد اشرف واصفائي، الله نواز نانَ اياز ڀانولي، آغا تاج محمد ، پير محمد عالم صديقي، جي. ابن قاضي، حاجي حقير ابن اگڻ، حافظ محمد حيات، بشير پٺاڻ، ڏاٽي بخش پٺاڻ، زاهد حسين قلباڻي، شوق سنڌي، ظهري ساگر، غازي ولياڻي، غلام حيدرشيخ، غلام مرتضيٰ پٺاڻ، فدا سرهيو، قمر الدين ميمڻ، قاضي الهڏنو قاضي صابر مصطفيٰ ، قاضي سليم هالائي، گل محمد ابراهيم پياسي، محمد اسماعيل بن واصف، محمد الياس جوکيو، محمد بخش جوهر، محمد بلاول پرديسي، محمد حسين سومرو، محمد سومار شيخ، محمد صديق ميمڻ، محمد علي ڏيپلائي، محمد موسيٰ سومرو منير احمد ميمڻ، نذير حسين پٺاڻ، نثار احمد مفتي، نورمحمد نياز ۽ ولي داد ولي جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن سمورن ليکڪن، شاعرن ۽ اديبن جا جملي هڪ سو يارنهن ڪتاب لکيل آهن".(4)

سنڌي ٻاراڻي ادب جو عبوري دور 23 سالن تائين مبني آهي. هي دور بنيادي طور تي سنڌي ٻاراڻي ڪهاڻيءَ جو دور آهي، جڏهن تہ شاعريءَ جا مجموعا نظر نہ ٿا اچن. ٻاراڻي ادب ۾ هر قسم جا ڪتاب شايع ڪيا. هنن خاص طور تي سائنسي، جاسوسي، لوڪ قصن ۽ طلسمي قصن کي وڌيڪ ترجيح سان ڇاپيو.

ترقيءَ جو دور (1971 کان 1990ع)

ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ سنڌي ماڻهن جون تمام گهڻيون اميدون ڪيون ويٺا هئا، پر ڪين نا اميدي ملي. نئين دور ۾ ٻاراڻي ادب جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام محمد لاکي لکيو آهي تہ: "پهرين جولاءِ 1970 ع تي ون يونٽ ٽٽو سنڌ جي پنهنجي انتظاميہ قائم ٿي. گويا سنڌي سماج کي نئون جنم مليو. اسان جي ادبي ادارن تورڙي عام ليکڪن نئين نسل جي ذهني تربيت تي خاص ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ "گل ڦل" کي وري جاري ڪيو ۽ سنڌالاجي وري ماهنامہ سائنس ذريعي ٻاراڻي سائنسي مواد تي ڌيان ڏنو. ان کان علاوہ گهڻ ٻاران هڪ ماهنامہ ڪراچيءَ مان ڪڍيو ويو جيڪو هينئر خاموش آهي. جيئن ايلزبيٿ جي دور کي انگريزي ادب

۾ "شيڪسپيئر جو دور" سڏجي ٿو تيئن اسين به 1975ع کان پوءِ جي دور کي "سنڌي ٻاراڻي ادب جو دور" سڏيون ته بيجا نه ٿيندو".[5]

هن عرصي ۾ وقت به وقت ٻاراڻي ادب جي سلسلي ۾ ڪيترائي ادارا، تنظيمون، ادبي سلسلا ۽ اخبارن جا هفتيوار صفحا جاري ٿيندا رهيا آهن. انهن جو تعداد تمام گهٽ آهي. 1973ع ۾ ميرخاص مان مير امان الله خان ٽالپر "اطفال" ڊائجيسٽ جاري ڪيو جنهن ۾ مفيد مواد شايع ٿيندو هو. 1974ع ۾ روزانه هلال پاڪستان، جنهن جو ايڊيٽر ناميارو اديب سراج ميمڻ هو تنهن ٻارن جي ادب جي ترقيءَ لاءِ رسالو "گلن جهڙا ٻارڙا" جاري ڪيو جنهن جو ايڊيٽر محمود يوسفاڻي ۽ سنڌس مددگار حسام سومرو هوندو هو. هن رسالي ڪيترائي ٻار اديب پيدا ڪيا، ڇو ته ان دور ۾ هلال پاڪستان جي سرڪيوليشن ٻين سڀني سنڌي اخبارن کان گهڻي هوندي هئي.

1947ع کان 1974ع تائين سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جا ڪي ٿورا ڪتاب شايع ٿيا، سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ ۾ نئون موڙ ان وقت آيو جڏهن 1974ع ۾ گهڻي عرصي کان پوءِ تنوير عباسي جو ترتيب ڏنل مجموعو "ٻاراڻا ٻول"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ مختلف شاعرن جا 25 چونڊ گيت ۽ نظم شامل ڪيا ويا، جن جي ٻولي سليس، سادي ۽ روان آهي. ڪتاب ۾ شامل گيت وندر ۽ معلومات سان ٽمٽار آهن. ان کان پوءِ هڪ سلسلو شروع ٿي پيو.

1970ع کان پوءِ وارو دور سياسي شعور جي حوالي سان به اهم آهي. هن دور ۾ ٻاراڻي ادب ۾ ڪجهه اهڙيون تنظيمون جڙيون، جيڪي سياسي شعور رکندڙ هيون ۽ انهن پنهنجا رسالي ڪڍي ٻارن کي نه صرف سياسي ادب پڙهايو، پر انهن کان سياسي ادب لکرايو به آهي. خالد آزاد مطابق "سنڌ ۾ ٻارن جي پهرين سياسي ۽ ادبي تنظيم "ڇڻنگ سنگت" هئي، جيڪا ناز سنائي 1973ع ۾ قائم ڪئي. جيتوڻيڪ هيءَ تنظيم سڌي ريت قومي تحريڪ جي ٻارن جي فرنٽ ته نه هئي، پر ڇاڪاڻ ته تنظيم جا سڀئي اڳواڻ "جيئي سنڌ محاذ" سان لاڳاپيل هئا، ان ڪري هن تنظيم کي پڻ جيئي سنڌ محاذ جي ذيلي تنظيم تصور ڪيو پيو ويو آهي".[6] ان تنظيم جي رسالي تي پابندي پئي ۽ ناز سنائي هڪ ٻار اديب جي حيثيت ۾ جيل به ويو. هن تنظيم سياسي ادب کي ترجيح ڏني".[7]

وطن دوست سياسي پارٽي "عوامي پارٽي" (جيڪا هاڻي "قومي عوامي تحريڪ سڏجي ٿي) جي سهاري هيٺ ٻارن جي علمي، ادبي ۽ سياسي تنظيم "سجاڳ ٻار تحريڪ" جو بنياد 8 سيپٽمبر 1978 ۾ پيو. هن تحريڪ جو جنرل سيڪريٽري اياز لطيف پليجو هوندو هو. سندس جنم مشهور اديب ۽ سياستدان رسول بخش پليجي جي گهر ۾ ٿيو اياز لطيف پليجي، پنهنجو ادبي سفر ٻاراڻي ادب سان ڪيو. ان سلسلي ۾ "سجاڳ ٻار پبليڪيشن ٻاران سندس ترتيب ڏنل ڪتاب "چمڪندڙ تارو" (1978ع)، ڳجهو خبرنامو" (1978ع)، "ننڍڙا مجاهد" (1982ع)، "دريا توتي دانهن" (982ع)، "بهار نيٺ مرڪندو" (1982ع) شايع ٿيا ۽ "ڪتاب پبليڪيشن حيدرآباد ٻاران "هڪ وحشي ڇوڪر جي آتم ڪٿا" (1980ع)، "پوڙهو شينهن" (1980ع) شامل آهن.[8]

1975ع ۾ سيوهڻ مان ٻارن جي نالي واري اديب پرواني سيوهاڻيءَ سلسليوار "سرهاڻ" جاري ڪيو. هن رسالي جا 180 ڪان مٿي پرچا شايع ٿيا. هي پنهنجي دور جو مقبول رسالو هو. هن رسالي ۾ ٻارن جي سياسي ۽ سماجي مسئلن جو به مواد شايع ڪيو ويندو هو. اهڙي طرح ٻارن جي سياسي ۽ ادبي تنظيمن جو هڪ سلسلو جڙي پيو جن ۾ "ساٿي ٻارڙا سنگت" ، "لطيف سنگت" ، سنڌي ٻالڪ قومي اتحاد، جي. اي سنڌ ٻارڙا سنگت" وغيره اهم آهن. انهن جماعتن مان عرفان مهدي، منظور بيدار ۽ ٻيا اديب پيدا ٿيا آهن. غير سرڪاري سطح تي آگم پبلشنگ، حيدرآباد، 1977ع ۾ نثار حسينيءَ قائم ڪيو. جنهن ٻاراڻي ادب لاءِ انتهائي معياري ڪتاب شايع ڪيا ۽ اسڪولن ۾ ٽيبلو ڪرايا. آگم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد ٻارن جي ادب جي ترقيءَ لاءِ "ٻالڪ ڪتاب لڙي" جي نالي سان هڪ سلسلو جاري ڪيو. هن اداري ٻارن لاءِ نثر ۽ نظم جا سستا ۽ سٺا ڪتاب ڇپرايا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي لکيو آهي ته: "اسان جي سنڌي ٻالڪ تيزيءَ ۽ همت سان هن صورتحال جو مقابلو ڪيو هن نئين سوچ ۽ ولولي سان قلم کنيو. سنڌ جا ڪجهه مسئلا ڪنيا ۽ ذميدار ۽ ايماندار صحافيءَ وانگر پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاريو. هن وقت جيترا ٻاراڻا پبليڪيشن سنڌيءَ ۾ نڪرن ٿا، اوترا وڏن لاءِ به نه ڇپجن؛ ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اڄ جي معاشري جي گهرجن آهن. اسان جي ٻار کي مادري زبان ۾ ادب دستياب ڪونهي، پر پوءِ به صورتحال مايوس ڪندڙ ڪونهي. هڪ خاص ڳالهه جيڪا اسان جي ٻاراڻي ادب ۾ ڪوٽ جي ضامن آهي، اها آهي جو وڏا ليکڪ ٻارن لاءِ لکندي عار محسوس ڪن ٿا. وري به ڪجهه شاعرن ٻاراڻا ٻول لکڻ شروع ڪيا آهن. پر

پوءِ بہ ڪهاڻي ۽ سائنسي توڙي مضمون نويسيءَ تي خاص ڌيان جي ضرورت آهي".(9)

سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ اهم موڙ ان وقت آيو جڏهن "گڏيل قومن طرفان 1979ع جي سال کي "ٻارن جو عالمي سال" ڪري ملهائڻ واري اعلان جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ پڻ ڪيترن سنڌي اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جا ٻاراڻي شاعري ۽ نثر جا ڪتاب خصوصي اهتمام سان مختلف اشاعتي ادارن طرفان پڌرا ٿيا هئا. ان حوالي سان سنڌ جي شعوري استاد سائين محمد اِبراهيم جويي جي 'رائيٽرز گِلڊ' جي طرز تي قائم ڪيل 'سنڌي اَديبن جي سَهڪارِي سَنگت، حيدرآباد'، سائين نثار حسيني جي 'آگم پبلِشنگ ايجنسِي، حيدرآباد'، 'چانڊوڪِي پبليڪيشن، لاڙڪاڻو' سڪر جي سگا ۽ سنڌي ادبي سنگت وارين شاخن ۽ ٻين ڪيترن اِدارن اِن نسبت سان ٻاراڻِي شاعرِي ۽ ٻاراڻي نثرجا ڪِتابَ ڇپائي منظرعام تي آندا".(10)

سنڌي ادبي بورڊ طرفان وفاقي حڪومت جي تعاون سان 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا، جن جو موضوع ۽ معيار تمام بهترين آهي،محراب پور ۾ مشهور تعليمدان محبوب علي جوکيي 1980ع ڌاري "ٻاراڻو ساهت گهر" قائم ڪيو، جتان هن ٻارن جي سڪيا وارا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا. ڪهاڻي پبليڪيشن حيدرآباد وارن ٻارن جي آکاڻين جا 16 ڪتاب مورتن سان سينگاري شايع ڪيا. بخاري پبليڪيشن ڪاهي ۽ گلزار ادب حيدرآباد وارن بہ وس آهر ٻارن جي ڪهاڻين جا چڱا ڪتاب شايع ڪرايا. ٻين ادارن ۽ پبلشرن ۾ "قلواڙي پبليڪيشن نوابشاهہ"، "ساٿيهہ پبليڪيشن حيدرآباد"، "جيلاني پبليڪيشن بدين"، "ٻارن جي ٻاري بدين"، "امين ڪتاب گهر حيدرآباد" وغيره اهم آهن. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ لکي ٿو تہ "موجوده دور ۾ وقت بہ وقت ماهوار رسالا بہ شايع ٿيندا رهن ٿا، ليڪن ٻاراڻي ادب جي اهميت کان غير واقفيت انهن رسالن جي شايع ڪرڻ واري راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجيو پوي ٿي. سنڌي ادبي بورڊ جو "گل ڦل" هڪ اهڙو رسالو آهي، جو لڳاتار شايع ٿيندو رهي ٿو انهيءَ کان سواءِ موجوده دور جا باقي رسالا ءِاخبارون بہ ٻارن جا صفحا شايع ڪن ٿيون".(11)

هن دور ۾ ادارن ۽ تنظيمن کان علاوه، ٻين بہ ڪيترن ئي اخبارن ٻارن جا صفحا جاري ڪيا، پر انهن ۾ معيار جو فقدان رهيو ان سسلسلي ۾ ليلاحسن لکيو هو تہ "ڪيڏي نہ ڏک جي ڳالهہ آهي تہ ڪيترين اخبارون وقت بہ وقت خاص "فلمي

ايڊيشن" ڪڍنديون آهن. ليڪن ٻارن لاءِ رڳو هڪ اڌ صفحي تي اڪتفا ڪن ٿيون. ڪيترا ايڊيٽر پنهنجي رسالي ۾ "ٻاراڻو ادب" ڏيڻ پنهنجي شان ۾ گهٽتائي سمجهن ٿا. اخبارن ۾ جيڪو ٻاراڻو ادب ڏنو وڃي ٿو اهو سنڌي ٻار ۾ ڪي قدر ڪتاب بيني جي عادت ته پيدا ڪري سگهي ٿو ليڪن هڪ طرف ان ۾ دائميت ڪا نه آهي ۽ ٻئي طرف وري اهو ٻارن جي ذهني ۽ نظرياتي تربيت ڪرڻ ڪان قاصر آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اخبارن ۾ "ٻاراڻو ادب" اڪثر ڪري غير معياري ڏنو وڃي ٿو جو به گهڙي اڌ ڪان وٺي وينڌي هفتي ڏيڍ اندر ردي ۾ بها ۾ ڪباڙين کي وڪيو وڃي ٿو. ان ڪان سواءِ اسان هن حقيقت ڪان به انڪار ڪري نه ٿا سگهون ته اخبارون ۽ رسالا هڪ طرف ٻارن جي خريدڻ واري قوت ڪان مٿي آهن، ته ٻئي طرف سموري سنڌ جي ٻارن تائين پهچي به نه ٿا سگهن". (12)

1971ع ڪان 1991ع واري ٻاراڻي ادب جون ڪيتريون خصوصيتون آهن. هن دور ۾ ڪيترائي ٻار ۽ نوجوان اديب ٻاراڻي ادب ۾ شامل ٿيا. ان سلسلي ۾ عبدالرحمان جتوئي، آزاد جتوئي، اسرار شام، ظفر عباسي، نصير مِرزا، سوسن مِرزا، اختر درگاهي، مختيار ملڪ، علي دوست عاجز، سنجي ساگر، شمس الدين عرساڻي، حسين عادل، محمد زاهد ڪتياڻ، اڪبر جسڪاڻي، ادل سومرو، پروانو سيوهاڻي، امام راشدي، آزاد بخاري، عرفان مهدي، زيب سنڌي، محمود مغل، نياز پنهور، عبدالجبار "عبد" فيض سومرو، مختيار گهمرو، غلام محمد 'غازي'، بيخود بلوچ، خليل عارف سومرو، الطاف جوکيو، گوهر ممتاز قاضي، حسام سومرو، الاهي بخش ٻانيڻ، خيال پٽي، يوسف سنڌي، نذير شورو، منظور بيدار، الطاف سومرو، قربان منگي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. جڏهن ته سينئر اديبن ۾ دادا گرداس واڌ واڻي، ولي محمد طاهرزادو، اياز پاتولي، علي بابا، ڊاڪٽر نواز علي شوق، امرجليل، بلاول پرديسي، فدا سرهيو، نذير حسين پٽي، بشير پٽي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

جتي مرد اديبن ٻاراڻي ادب تي ڪم ڪيو آهي، اتي آزاديءَ ڪان پوءِ سنڌي نياڻين به ٻاراڻي ادب تي نهايت ئي سهڻو ۽ سليقي سان ڪم ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو جيترو ٻارن جي نفسياتي ڪيفيت عورت سمجهي ٿي، شايد ڪو مرد ائين سمجهي سگهي. رسالي 'گل ڦل' جي ڇهين ايڊيٽر: نجمه پنهور آهي، جنهن ٻاراڻي ادب کي تمام گهڻي هٿي وٺرائي ۽ ٻاراڻي ادب تي سئيون آکاڻيون لکيون آهن. اها شمس عباسي سن 1983ع ڌاري، ميموريل سوسائٽي قائم ڪئي ۽ سوسائٽي وسيلي ڪيترائي

پروگرام ڪرائي تعليمي جاڳرتا مهم هلايائين. هن جي زندگيءَ جو سمورو سفر جدوجهد ۾ گذريو. هن تعليم جي واڌاري لاءِ ٻه خانگي اسڪول 'عقيل برائيٽ اڪيڊمي پاڪستان' ۽ 'برائيٽ ڪڊس اڪيڊمي لطيف آباد' جي نالي سان قائم ڪيا جن جي نگراني پاڻ ڪندي هئي. (13)

ثريا "سوز" ڏيپلائي (1945_2004ع) سنڌ جي عظيم قلمڪار محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي نياڻي هئي. هن بطور ٻار اديب جي شاعري ۽ ڪهاڻيون لکيون. سندس هڪ مجموعو "چمڪندڙ چنڊ" 1985ع ۾ "روشن تارا ساهت سرڪل" حيدرآباد ٻاران ڇپيو. نثر ۾ ڪهاڻين ۽ مضمونن ڪان سواءِ هڪ ناول "نيڻن نند اڏائي" به لکيائين. ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو جي ٻارن جي شاعري ۽ آکاڻين جا ڪتاب شايع ٿيل آهن. ج.ع. منگهاڻيءَ جي ڪهاڻين جو "پتنگ پيا ٻوڙ" (1985ع)، رضيه امير صديقيءَ جي ڪهاڻين جو "پڊيءَ جو ٻڪر" (1985ع)، سوسن مرزا جي شاعريءَ جو مجموعو "سيان جا پيجل" (1977ع)، فيروزه سما جون ڪهاڻيون رسالن ۾ شايع ٿيل آهن ۽ ٻاراڻي ادب جي تاريخ به لکي اٿائين. شبنم گل کيتراڻي ٻارن بابت پروگرام ڪرائي ٻارن ۾ سجاڳي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن نندپڻ ڪان سٺي ماحول ملڻ ڪري لکڻ شروع ڪيو جو اڄان تائين لکيَ رهي آهي. مريم مجيدي، مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر ممتاز پٺو، موتيا چنا، مهرالنساءِ لاڙڪ، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه، نجمه نور ڦلپوٽو وغيره وغيره ٻارن جي ادب تي تمام گهٽ ڪم ڪيو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل سڀني ادارن، رسالن، تنظيمن سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، ڇو ته انهن ادارن ۽ تنظيمن جي ڪوشش ڪنهن به وڏي خانگي يا سرڪاري اداري نه پر نوجوان اديبن ڪئي آهي. هنن پنهنجي هڙان وڙان ڏئي پنهنجي شوق خاطر ٻاراڻي ادب لاءِ پتوڙيو آهي. سرڪاري سطح تي ثقافت کاتي، سنڌالاجي، ادبي بورڊ، سڏسماع کاتي جو اهم ڪردار آهي. هنن ادارن هر قسم جو ادب نه صرف تخليق ڪيو ويو آهي، پر ترجمو به ڪيو ويو آهي. ناول، ناٽڪ، ڪهاڻي، سوانحي، شاعري، مضمون نگاري، سياسي ادب، مذهبي، تاريخي، اخلاقي، لطيفيات، سچليات، مطلب ته هر قسم جي صنف ۽ هر قسم جي موضوع تي لکيو ويو آهي. آزاديءَ ڪان پوءِ واري ادب ۾ ادبي لاڙا ۽ رجحان به غالب آهن ڇو جو موضوعن جي گهڻائي آهي.

نئين جستجو جو دور (1991ع کان اڄ تائين)

ايم. آر. ڊي. واري تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ سنڌي ادب جي اها عوامي رسائي نہ رهي سگهي آهي، جيڪا ان کان اڳ هئي. اهڙي ادبي رجحان جو اثر سنڌي ٻاراڻي ادب تي بہ پيو آهي. 1990 ع کان پوءِ ٻاراڻو ادب جهڙوڪ زوال پذير ٿي پيو آهي. جنهن جا ڪيترائي سبب آهن. معيار جي حوالي سان نثار حسينيءَ سنڌي ٻاراڻي ادب جي پستي تي لکيو هو تہ "اڄ سڌريل ملڪ تہ نهيو، پر ملڪي سطح تي خانگي ادارن ڀاران اردوءَ ۾ ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتاب ٿا ڏسجن تہ دنگ رهجي ٿو وڃي. نہ فقط ڪتاب، پر عام ادبي موضوع کان وٺي سائنس ۽ ڪمپيوٽر جي مضمونن تي بڪ اسٽال، ٻاراڻي لٽريچر سان سٿيا پيا آهن. اسان سنڌي ٻاراڻي ادب جي معيار جي ماپ ڇاجي ڪيون؟ ڪا شيءِ هجي تہ ان معيار جي اسڪيل تي پرکجي. سنڌيءَ جا بہ ٽي خانگي اشاعتي ادارا آهن، جيڪي ظاهر آهي نہ ڪنهن جذبي تحت سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪرڻ لاءِ قائم ڪو نہ ٿيا آهن."[14]

آزاديءَ کان پوءِ مختلف وقتن ۾ ڪي ٻاراڻي ادب جا ادارا، تنظيمون تمام گهڻيون متحرڪ هونديون هيون، اهي هينئر بند ٿي چڪيون آهن ۽ ڪي آهن تہ اهي سرگرم نہ آهن. اخبارن جا خصوصي نمبر نڪرڻ بند ٿي چڪا آهن. ٻارن جا رسالا بلڪل گهٽجي ويا آهن، جيڪي ڪجھ نڪرن ٿا انهن جي معيار ۽ تسلسل جو بحران آهي. اڄ بہ جيتوڻيڪ گل ڦل نڪري ٿو، پر ٻارن تائين ڪو نہ ٿو پهچي يا انهن جي معيار مطابق نہ ٿو نڪري. سنڌي ميڊيم تعليم گهٽجڻ يا ان جي معيار ڪرڻ سبب بہ ٻاراڻي ادب تي اثر پيو آهي. پر ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻو ادب ختم ٿي ويو آهي.

ڪجھ سالن کان وٺي، سنڌ جي نوجوانن، ٻارن جي ادب لاءِ هڪ نئين جستجو شروع ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ انور ڪليم، ماجد سمون، وحيد محسن، غفار سومرو، عباس مگسي، غفار ڪوسو، عبدالحئي پنهور، اسلم ڪٽياڻ، شوڪت چاچڙ، مهر خادم، عبدالحميد "آس" ڀٽي، سڪندر سرواڻ، علي محمد سولنگي، سلطان بخاري، مشتاق بخاري، ارباب علي چوهاڻ، غلام مصطفيٰ سولنگي، عبدالواحد سومرو، مختيار سمون، اڪرام ساگر عباسي، وفا منظور چوهاڻ، خالد ڀٽي، خالد آزاد، نديم عباسي، پرهہ سنڌو پليجو، شير سومرو، شهزادو منگي، سرور سهتو، غلام سرور لاکو، خالد ظفر امتياز ابڙو، ساگر عباسي، ڪمال جامڙو، ڪليم بٽ، طارق قريشي،

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي، ياسر قاضي، آصف ڪلهوڙو، هوش محمد ڀٽي، شهمير سومرو ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. ٻئي طرف نيلم شيخ ٻاراڻي ادب تي ڪم ڪيو آهي. ارم محبوب ننڍي ڄمار ۾ ئي نثر ۽ شاعري شروع ڪئي. هن شروع ۾ روزاني 'هلال پاڪستان' ڪراچيءَ جي ٻارڙن جي صفحي 'گلڙن جهڙا ٻارڙا' ۾ ٻاراڻيون ڪهاڻيون لکيون. اهڙيءَ طرح ٻين ۾ تانيا ٿيٻو جون ٻاراڻي ادب بابت ڪي ڪهاڻيون ۽ شاعري ملي ٿي. زاهده تاج ابڙو جون ٻاراڻي ادب لاءِ ڪوششون قابل تعريف آهن. زاهده گوپانگ، نيلم شيخ، ارم محبوب، ج. ع منگهاڻي، عابده گهانگهرو، 'سنڌ راڻي'، پروين موسيٰ ميمڻ، شگفته شاهه جو ڪم به اهم آهي. وِمي سدا رنگاڻي سنڌي ادب ۾، ٻاراڻي ادب تي بي مثال ڪم ڪيو آهي. "وِمي سدا رنگاڻي جنهن 1994 ع ۾، سنڌي ٻيو ڪتاب، 'مکڙيون' ٻارن لاءِ ريڊيو ناٽڪ. 'پليءَ جو اسڪول' ٻارن لاءِ شاعري سن 1998 ع، 'سڀاجهي راڻي' ٻارن لاءِ ڪهاڻيون: 1998 ع وغيره لکي ٻارن جي ادب ۾ نهايت ئي سهڻو ڪم ڪيو آهي. ان علاوه بانو محبوب جوکيو ٻاررن لاءِ ڪي ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ شاعري به ڪئي آهي.

جيتوڻيڪ سن 1990 ع کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪافي ڪمي اچي چڪي آهي، پر ان جي باوجود ڪتابن جي ڇپائي، ڪتابي صورت ۾ اشاعت ۾ اضافو، ناول لکڻ ۾ اضافو ڏسڻ ۾ آيو آهي. 1990 ع واري ڏهاڪي کان پوءِ مثبت تبديلي اها به آئي آهي ته ٻارن جي شاعريءَ جا مجموعا اڳ جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻا شايع ٿيا آهن. ان کان علاوه، ٻاراڻي ادب جي سهيڙ جي سلسلي ۾ ادبي تاريخون به مرتب ٿيون آهن. ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ سيني ڌرين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

حوالا:

1. بشير ڀٽي: "ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر"، نئين زندگي، آگسٽ 2001 ع، ص 13
2. ادل سومرو: "اسين مسافر پيار جا"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد 1991 ع، ص92
3. پير مظهر الحق (عرف ماما موجي): ماهوار نئين زندگي، جنوري 1968 ع، ص 56.
4. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: "سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب"، ماهوار پيغام، سنڌ سڌ سماع کاتو، ڪراچي، مارچ 1979 ع، ص 54

5. غلام محمد لاکو: "سنڌي ۾ ڇپجندڙ ٻاراڻو ادب"، ماهوار گل ڦل، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1979 ع، ص 11
6. خالد آزاد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، سنڌ، 2016 ع، ص 118
7. ناز سنائي: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو ماضي، حال ۽ مستقبل"، ماهوار ڪينجهر، حيدرآباد، آڪٽوبر، 1993 ع، ص 32
8. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو"، (قلمي)، 1988 ع، ص 298، 301
9. غلام محمد لاکو: "سنڌي ۾ ڇپجندڙ ٻاراڻو ادب"، ماهوار گل ڦل، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1979 ع، 12
10. دليپ ڪوٺاري: "سِنڌِي ٻاراڻو اَدبُ ۽ ٻالڪ سڄاڳ تنظيمن جو متحرڪ ماضِي"، فيس بوڪ تان ڪٽيل
11. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: "سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب"، ماهوار پيغام، سنڌ سڏ سماع ڪاتو، ڪراچي، مارچ 1979 ع، ص 48
12. ليلا حسن علي: "سنڌي ٻارڙ ٻاراڻو ادب"، ماهوار نئين زندگي، جون 1979 ع، ص 17
13. علي نواز آريسر: "سنڌي ادب ۾ عورتن جو حصو"، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، سنڌ، 2016 ع، ص: 32، 33
14. نثار حسيني: "اڄ جو ٻاراڻو ادب" (منهنجو سائين، نثار حسيني"، مرتب نصير مرزا)، 2015 ع، ص 123

آزادي کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب جا مسئلا ۽ انهن جا حل

سائنس ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جي هن طوفاني دور ۾ هيءَ سموري دنيا محدود ٿي ويئي آهي. ۽ دنيا هڪ ڳوٺ جي تمام ويجهو ٿي چڪي آهي. علم ۽ ادب به هاڻي صرف ڪنهن هڪ ٻولي يا ملڪ جو نه رهيو آهي. بلڪ سموري دنيا جو ادب ۾ گلوبلائيزيشن جي ڪري هڪ ٻئي تي تيزيءَ سان اثر مرتب ڪري رهيو آهي. اسان جو علم ۽ ادب ڪاغذ تان هاڻي اي. ٻيپر طرف وڃي رهيو آهي. هن گلوبلائيزيشن جي دور ۾ ٻوليون هڪ ٻئي ۾ ضم ٿي رهيون آهن. لکت جا نظام يڪسان ٿي رهيا آهن. روز جي بنياد تي نيون ايجادون ٿي رهيون آهن ۽ انهن جا جيڪي نالا رکيا وڃن ٿا. انهن کي دنيا جيئن جو تيئن قبول ڪري رهي آهي. سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ ٻين علمن ۾ جنم وٺندڙ نوان لفظ سڄي دنيا جي ٻولين ۾ رائج ٿي رهيا آهن. ان سموري صورتحال دنيا جي ادب تي اثر ڇڏيا آهن. پر اسان جو سنڌي ادب جو ويتر گهڻو بحران جو شڪار ٿيو آهي. ان بحران سنڌي ٻاراڻي ادب کي ڪافي اثرانداز ڪيو آهي. هتي اسان ڪجهه مسئلن جي نشاندهي ڪنداسين: .

ٻار بذات خود اديب:

سنڌي ٻاراڻي ادب جو سڀ کان وڏو بحران اهو رهيو آهي ته "خود ٻار" اديب طور سامهون گهٽ آيو آهي. اسان ٻارن کي تخليقي ماحول ڏئي نه سگهيا آهيون. ٻار جي پنهنجي نفسيات هوندي آهي، سندن سوچون، ويچار، اٿڻ ويهڻ، مسئلا وغيره وڏن کان الڳ آهن. سندن دلچسپيءَ جا مرڪز الڳ آهن. سندن ونڊر ۽ سکيا جا ذريعا به الڳ آهن. ان ڪري ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين ناولن، ڊرامن ۽ شاعري جا قسم به الڳ آهن. اسان وٽ، ٻارن جا اديب جڏهن "پيارا ٻارو" کان شروع ڪندا آهن ته ان جو مطلب ٿيو ته هو ٻارن جا اديب ٿي ناهن. هو ٻارن کي ڪهاڻيءَ جي بدران سبق پڙهائڻ وڃي رهيا آهن. 1980 ع واري ڏهاڪي ۾ ڪجهه ٻار اديب ۽ شاعر طور سامهون آيا. جن مان اڳتي هلي سيئي وڏا اديب ٿي اڀريا. ڇو جو ان دور ۾ گهڻي ۾ گهڻا ٻارن جا رسالا به هئا ته ٻارن جو ادبي تنظيمون به هيون. هو انهن جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون، پتڪڙا گفتا. ۽ شاعري پنهنجي ذهن ۾ هنڊائيندا هئا. نتيجي ۾ سندن ذهن ۾ هڪ تخليقي سگهه به پيدا ٿيندي هئي، اهو ئي سبب آهي جو انهن ٻارن ۾ اڄ جا وڏا اديب، دانشور، شاعر، آفيسر ۽ سياستدان پڻ آهن. پر اهڙو سلسلو گهڻو رهي نه سگهيو. ۽ ٻار بذات خود اديب وارو رجحان گهٽجي ويو آهي.

ماحول ۽ اتساهه:

اسان ٻاراڻي ادب جي سرچشمن ۾ پڙهي آيا آهيون ته ٻار لاءِ پهريون ادارو سندس گهر آهي، ٻيو استاد ۽ ٽيون اديب آهي. اڄ جي ٻار کي جتي وندر لاءِ موبائل فونن، ٽي. وي، ٽيبليٽ جهڙيون آسائشون وڌي ويون آهن ته والدين طرفان ڪهاڻين جو سلسلو به بند ٿي ويو آهي. والدين ٻارن جي ٽيوشن جو بندوبست ته ڪن ٿا، پر سندس ذهني نشونما لاءِ ادبي ڪتابن جي انتظام کي فضول ۽ وقت جو ذيان سمجهن ٿا. عمر الدين بيدار ان طرف ڌيان ڏياريندي لکيو هو ته "ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ٻارن جي سنڌي ڪتابن لاءِ هيل تائين ڪنهن جو لاڙو نه هو. مائٽ، استاد، توڙي بوڪ اسٽالون ٻارن جي لٽريچر کي اهميت ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. جيڪڏهن هاڻي به سنڌي ٻارن جي ڪتاب پڙهڻ جو لاڙو پيدا نه ڪيو ويو ته پوءِ وقت هٿن مان هليو ويندو. ٻارن ۾ مائٽن ۽ ماسترن تي قومي ۽ اخلاقي فرض آهي ته ٻارن کي انهن جي ننڍپڻ ۾ ئي همٿائين، جيئن اڀياس ۽ ڪتابن ڏي ٻارن جو ننڍي وهيءَ کان ڌيان ڇڪجي." (1)

اشاعت جو مسئلو:

ٻاراڻي ادب جو هڪ ٻيو وڏو مسئلو، اشاعت جو به آهي. ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ ڪيترين ئي ڌرين ذميوار ٿين ٿيون ۽ انهن جي سهڪار کان سواءِ ٻاراڻو ادب نه تخليق ٿي سگهي ٿو نه شايع ٿي سگهي ٿو. ان سلسلي ۾ والدين، اسڪول، استاد، اديب، شاعر، ذرائع ابلاغ، پبلشر، پرنٽر، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارا گڏجن ٿا ته ٻاراڻو ادب ترقي ڪري ٿو. اگر ڪو ٻار لکڻ چاهي، نه ته کيس گهر ۾ والدين جي طرفان همت افزائي ملندي، نه وري اسان جي تعليمي ادارا ان قسم جو ماحول ڏئي رهيا آهن. سڀ کان وڏي ڳالهه ته سندس لکيل مواد شايع ڪير ڪري. اسان وٽ ته ٻاراڻي ادب جا ادارا ئي ڪونهن. ساڳيو مسئلو وڏن سان به آهي، جيڪي ٻارن لاءِ لکن ٿا. اڄڪلهه ٻارن جي رسالن جو به ڪال پيل آهي ته پوءِ اهو مواد ڪٿي شايع ٿئي. ڪتابي صورت ۾ ڪيئن اچي. سرڪاري ۽ غير سرڪاري سطح تي اسان وٽ اهڙو بندوبست ٿيل نه آهي. ٻارن جي رسالن جي اشاعت تمام گهٽ آهي، انهن جي ٻارن تائين پهچ انهن کان وڌيڪ گهٽ آهي. جيڪي رسالا شايع ٿين ٿا، اهي اعزازي طور وڏن اديبن ۾ ورهائجي وڃن ٿا.

مارڪيٽنگ جي اڻ جاڻائي:

حقيقت هي آهي ته هڪ ته سنڌ ۾ ٻارن لاءِ آکاڻي يا ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ تمام گهٽ لکيا ويا آهن. بلڪ نظر انداز ڪيا ويا آهن. 1947ع کان 1986ع تائين صرف هڪ ٻاراڻو ناول "لاکو ڦلاڻي" شايع ٿيو هو. ڪهاڻين جا ننڍڙا ننڍڙا ڪتابڙا ٿوري تعداد ۾ شايع ٿيندا هئا. انهن جي پوري مارڪيٽنگ ڪانه هوندي هئي. اڄ اهي ڪتابڙا لڀن ڪونه ٿا. اسان اگر ٻاراڻي ادب جي مارڪيٽ ڏسنداسين ته خبر پوندي ته تمام ٿورا ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. جيڪي شايع ٿي رهيا آهن، انهن ڪتابن جو تعداد 300 کان 500 جي وچ ۾ هوندو ۽ انهن جي فروخت به نه ۾ گهٽ هوندي آهي. شايع ٿيل اڪثر ڪتاب اعزازي طور ورهايا وڃن ٿا.

موجوده دور ۾ ڪاغذ جي مهانگي هجڻ ڪري، اخبارن هر قسم جا صفحا ئي ختم ڪري ڇڏيا آهن. سرڪاري سطح تي گل ڦل اڄ به نڪري ٿو پر خبر نه آهي ته ان جو وڪرو ڪيترو آهي. ان مان اندازو ٿئي ٿو ته اسان جي ٻاراڻي ادب ۾ مارڪيٽنگ جي تمام گهٽي ڪوٽ آهي. ان ڏس ۾ اگر ڏسجي ته موجوده دور ۾ ٻارن جي ادب جي وڪري جي وڏي مارڪيٽ تلاش ڪري سگهجي ٿي. ڇو ته سنڌ جي شهرن کان ٻهراڙين تائين پرائيويٽ اسڪول کلي چڪا آهن. جتي والدين ٻارن جي تعليم لاءِ ماهوار فيس، ڪتابن ۽ ڪاپين جي خرچ ۽ فنڪشنن جا پئسا ڀري سگهن ٿا ته هڪ رسالي جي معمولي قيمت ڇو نه ڀريندا. شرط صرف اهو آهي ته معياري رسالي ۽ مواد سان گڏ. ان جي پوري طرح مارڪيٽنگ ڪئي وڃي.

سينئر ليکڪن جو ٻاراڻي ادب لاءِ نه لکڻ:

اسان وٽ اهو عام رايو آهي ته ناميارا ليکڪ ٻارن لاءِ لکڻ ۾ گهٽتائي محسوس ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ ٻاراڻي ادب جو ليکڪ ادل سومرو لکي ٿو ته "اسان جي ذهنن ۾ اها ڳالهه ويهجي وئي آهي ته ٻارن لاءِ لکڻ سان، اسين پنهنجي مڃتا هين حيثيت کان شايد هيٺ لهي ايندا سين. ڪن سڄاڻ دوستن جي راءِ موجب، ٻارن لاءِ لکڻ فقط نون اڀرندڙ ليکڪن جو ڪم آهي، ۽ جڏهن هو ادب ۾ چڱو نالو پيدا ڪن ته ٻارن لاءِ لکڻ ڇڏي ڏين. ڇو ته سند چوڻ موجب جيڪڏهن هو ٻارن لاءِ لکندا رهندا ته پنهنجي تخليقن ۾ اهي ئي ٻاراڻيون ڳالهيون ڪندا ۽ انهيءَ اثر کي پنهنجي لکڻين مان ختم ڪري نه سگهندا".(2) اهڙي قسم جو مشاهدو ٻاراڻي ادب جي هڪ ٻئي ناميار اديب اياز گل هن ريت لکيو آهي ته: "ٻاراڻي ادب بابت هڪ غلط تاثر پيدا

ڪيو ويندو آهي ته ٻارن جا ليکڪ يا ٻاراڻو ادب تخليق ڪندڙ اديب، وڏا اديب شمار ٿي نه ٿا سگهن. جيڪا ڳالهه سراسر غلط آهي. دنيا جي تمام گهڻن نامور اديبن ٻارن لاءِ ادب تخليق ڪيو آهي، جنهن سان نه سندن حيثيت گهٽي آهي نه ئي سندن وقار ۽ شهرت کي ڇيهو رسيو آهي. ورڊس ورٿ، ٽئگور، شرت چندر چٽرجي، مرزا قليچ بيگ، ڪشنچند بيوس ۽ گجراتي ٻوليءَ جي عظيم ليکڪ گجو ڀائيءَ ۽ ٻين ڪيترن ناميارن اديبن ۽ شاعرن ٻارن لاءِ تمام گهڻو ادب سرجيو آهي".(3)

سنڌي ميڊيم تعليم جو ڪرندڙ معيار:

اڄ جي سنڌ جي تعليم جا ڪيترائي مسئلا آهن. ڳوٺن ۾ تعليمي نظام هڪڙو آهي ته شهرن ۾ ٻيو آهي. سرڪاري اسڪولن ۾ نظام ۽ ڪورس الڳ ته خانگي اسڪولن ۾ الڳ آهي. شهرن ۾ گهڻو ڪري اردو ۽ انگريزي ميڊيم ته ڳوٺن ۾ سنڌي ميڊيم آهي. اسان جي ڳوٺن جا اسڪول بند يا تعليم ڏيڻ کان خالي ٿي پيا آهن. ڳوٺن ۾ به هاڻي خانگي اسڪولن اردو ۽ انگريزي ميڊيم ڪورس شروع ڪري ڏنا آهن. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ۾ ٻاراڻو ادب گهڻو نظر انداز ٿي پيو آهي. سنڌ صوبو پوري پاڪستان ۾ وڌيڪ شهري تناسب رکندڙ صوبو آهي، پر گذريل ڪجهه سالن کان تعليم جو معيار ۽ تناسب گهٽجي رهيو آهي. اسان وٽ تمام گهڻا اسڪول ته کلي رهيا آهن، مفت ۾ ڪتاب، وظيفا، يونيفارم ڊريس به ملي رهيا آهن، پر پوءِ به ٻارن جو اسڪول ڇڏڻ جو تناسب گهڻو آهي. ٻئي طرف غير سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم انتهائي مهانگي آهي، پر جن تعليم ڏيارڻي آهي، اهي ٻارن جي تعليم جو خرچ برداشت ڪري رهيا آهن. ان سموري صورتحال جو ٻاراڻي ادب تي تمام گهرو اثر پيو آهي.

اسڪولي مخزنن جو خاتمو:

انگريزن جي دور ۾ ڪيترن ئي سٺن اسڪولن مان انگريزي ۽ سنڌي ٻولين سان لکيل مخزن نڪرندا هئا، جن جا ليکڪ استاد ۽ شاگرد هوندا هئا. ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ٻارن جو تنظيمون به هونديون هيون، جيڪي ناٽڪ اسٽيج ڪرائينديون هيون. تقريري مقابلا، ٽيبلو ۽ ٻيون غير تدريسي سرگرميون ٿينديون هيون ۽ انهن جون رپورٽون انهن مخزنن ۾ شايع ٿينديون هيون. لائبريرين جا ڪلاس ۽ ڪتاب گڏ ڪرڻ لاءِ مهم هلائي ويندي هئي. هن وقت سنڌ جي اسڪولن ۾ اهڙو رجحان بلڪل ختم ٿي چڪو آهي ۽ ڪاليج سطح تي به هاڻي نه رهيو آهي.

موضوعيت ۽ بدلجندڙ:

هر دور ۾ ننڍن توڙي وڏن جي ادب ۾ موضوعن جي انفراديت هوندي آهي. انگريزن جي دور يا ان کان اڳ جي دور جا موضوع گهڻو تڻو بادشاهن، شهزادن، جنن ڀوتن وغيره تي هوندا هئا. جو ته سماج گهڻو ڪري ڳوٺاڻو هو جنهن ۾ ناني ۽ ڏاڏي جي وتان اهڙا ئي موضوع ملندا هئا. انگريزن جي دور ۾ تعليم عام ٿي ته ان جا موضوع به تبديل ٿيا. آزاديءَ کان پوءِ ڪجهه سماجي موضوع شامل ٿيا. ون يونٽ ۽ ايم. آر. ڊي تحريڪن دوران قومي مسئلن کي به ٻارن جي ادب ۾ شامل ڪيو ويو. ترقي پسند تحريڪن هيٺ سرجيل ادب ۾ هاريءَ جي پٽ کي مظلوم يا وري چور ڌاڙيل بنائي هيرو طور پيش ڪيو ويو. ٻارن جي ادب ۾، اهو ئي موضوع پسند ڪيو ويندو جيڪو ٻارن جي مزاج جي ويجهو هجي. يڪسانيت وارا موضوع هجڻ ڪري، اسان جو اديب ٻارن ڳي ادب جي ميدان ۾ وٺي اچي نه سگهيو آهي. اسان جو اديب ٻارن جي موضوعن جو تعين به ڪري نه سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ لکيو آهي ته: "ڪالهه جو ٻار جتي جنن، ڀوتن، ڏائڻين، ديون، ديوتائن ۽ پرين وغيره جون من گهڙت آکاڻيون پڙهندو هو اتي هر ٻولي جي سجاڳ ٻال ساهتيڪار انهن من گهڙت قصن ڪهاڻين کي بلڪل زمين دوز ڪري ٻارن ۾ نون نون موضوعن ۽ پاترن دواران سجاڳي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي." (4)

اسان جو سنڌي ٻار واضح طور تي شهري ۽ ٻهراڙي سنڌ ۾ ورهايل آهي. شهري ٻال جو موضوع ۽ مسئلا ٻيا آهن ۽ شهري ٻار جا ٻيا آهن. اڄ جي 21 صديءَ جي ٻار جي اڳيان دنيا کلي پئي آهي، سندن هٿ تي موبائيل ۽ ٽيبليٽ جي معرفت سڄي دنيا سندن سامهون آهي. ٽي. وي تي هيري پورٽر، ڊوريمان جهڙا ڊراما کين نئين دنيا ۾ وٺي وڃن ٿا. هو سائنس فڪشن جي دنيا ۾ رهن ٿا. انهن ٻارن کي جاڙي خان ۽ سونا ٻائيءَ جي قصي سان ڪا ئي دلچسپي ڪا نه ٿيندي. اسان پنهنجي ٻاراڻي ادب کي عالمي سطح توڙي علائقائي سطح تي به پيش نه ٿا سگهون.

معيار جو مسئلو:

اڄ جڏهن اسان 21هين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي پوري ڪرڻ تي آهيون، تڏهن اسان وٽ ٻارن جي ادب جو ڪوبه رسالو موجود ناهي. معياري يا غيرمعياري هجڻ ته بعد جي ڳالهه آهي. نصاب ۾ اڄ به هڪ صدي پراڻا نظم ۽ گيت شامل آهن، جن جي جاءِ نئين دور ۾ لکجندڙ ٻارن جا نظم جڳهه ناهن وٺي سگهيا. "ٻارن بابت

لکجندڙ ادب" ۽ "ٻارن لاءِ لکجندڙ ادب" پڻ ٻه ڌار ڌار وٿون آهن. جن کي سمجهڻ، ٻارن لاءِ لکڻ کان اڳ بيحد ضروري آهي. اڄ ڪلهه جهڪو ٻارن لاءِ جيڪو مواد شايع ٿي رهيو آهي، ان کي "ٻارن لاءِ ادب" چوڻ ته ٻري جي ڳالهه آهي. "ادب" چوڻ به مشڪل ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ٻارن لاءِ ادب سرجڻ هڪ خصوصي ڪم آهي ۽ اهو هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ڪانهي. ٻارن لاءِ ادب سرجڻ واري لاءِ ٻارن جي نفسيات جو ڄاڻو هجڻ بيحد ضروري آهي ۽ ان لاءِ اهو ڄاڻڻ به ضروري آهي، ته هو ڪڏهن لکي رهيو آهي، ته هن جو حدف (ٻارن جي ڇهن ڪيٽيگريز جي درجه بنديءَ منجهان) ڪهڙي ڪيٽيگريءَ جو ٻار آهي.

ادبي تنظيمن جي اٿهوند:

آزاديءَ کان پوءِ مختلف وقتن ۾ ڪي ٻاراڻي ادب جا ادارا، تنظيمون تمام گهٽيون متحرڪ هونديون هيون. جن ۾ اداره گلشن ادب، گلستان، گلن جهڙا ٻارڙا، ٻارڙن جي ٻاري، چٽنگ سنگت، اهي هينئر بند ٿي چڪيون آهن ۽ ڪي آهن ته اهي سرگرم نه آهن. ان قسم جون تنظيمون ٻارن ۾ ادبي اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ مطالعي جو رجحان پيدا ڪرڻ گڏ انهن جي ذهني تربيت به ڪنديون هيون. تقريري مقابلا، مضموني مقابلا، اسڪولي سطح تي ٽيبلو وغيره سان ٻارن ۾ خوداعتمادي ۽ تخليقي سگهه وڌنديي هئي. ٻي ڪوٽ ٻارن جي رسالن جي به آهي. مختلف دورن ۾ ڪيترائي رسالا ۽ ڪتابي سلسلا جاري ٿيا آهن، پر مستقل مزاجيءَ سان هلي نه سگهيا آهن.

مالي مسئلو:

جمال رند لکيو آهي ته: "ٻارن جي ادب جي راهه ۾ بنيادي مسئلو ، مالي مسئلو آهي. اهل قلم ۽ اهل دل هٿين خالي، مٿيون ڪلاس علمي ۽ ادبي اهميت کان ناآشنا ۽ خودثناءُ، هيٺيون طبقو بي علم هجڻ سان گڏ بکن، فاقن ۽ ٻين ڪيترن ئي مصيبتن ۾ گهيريل. البته انهيءَ ڏس ۾ گورنمينٽ طرفان آزادانه طور ڪنهن سهڪار جي جيڪڏهن ڪا ڪوشش ڪجي ته شايد ڪا راهه نڪري پوي ته عجب نه آهي." (5)

سائنسي گيجٽس (ڪيڏوڻن) جو وڌندڙ اثر:

ادب جي محققن جو خيال آهي ته ڪتابن جي دنيا جا شايد باقي 20 کان 30 سال بچيا آهن. چو ته ڪتاب پيپر کان اي. پيپر طرف منتقل ٿي رهيو آهي. اڄ جي ٻار لاءِ وڏو مسئلو اهو پيدا ٿي پيو آهي ته گهرن اندر، ڪمپيوٽر، موبائيل، انٽرنيٽ ۽ ٽي وي چينلن ڄاڻ ته وڌائي آهي، پر ڪتابي دنيا کان پري ڪري ڇڏيو آهي. ٻار ڪي

ڪتابن کان علاوه، ايترو نہ مواد ۽ پروگرام ملي ٿا وڃن جو ڪيس ڪتابن جو شوق ٿئي نہ ٿو ٿئي. ياد رهي تہ اهڙو مواد اڃا سنڌي ٻوليءَ ۾ اچي نہ سگهيو آهي، ان ڪري سنڌي ٻار اردو ۽ انگريزي پروگرامن ڏانهن لاڙو رکي ٿو

ايوارڊ ۽ انعام:

اسان وٽ وڏن توڙي ٻارن جي ادب جي اشاعت جي صورت ۾ ايوارڊن جو خاص بندوبست ڪونهي، پر ڏٺو ويو آهي تہ ٻاراڻي ادب جي ليکڪن کي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن ٻارن انعامن ۽ ايوارڊن ۾ بہ نظرانداز ڪيو وڃي ٿو جنهن جي ڪري ٻارن جي اديبن ۾ احساس محرومي رهي ٿي. ان حوالي سان سرڪاري ادارن جهڙوڪ ثقافت کاتو سنڌي ادبي بورڊ، ٻولي اختياري، سنڌالاجي، بلاول انسٽيٽيوٽ نوابشاهه ۽ غير سرڪاري طور تي سگا، سنڌي ادبي سنگت ۽ اين. جي. اوز اهو ڪم آسانيءَ سان ڪري سگهن ٿيون.

تحقيق جو فقدان:

ٻاراڻي ادب جي سلسلي ۾ جتي اسڪولن، ڪاليجن جي استادن تي ذميواري اچي ٿي، اتي يونيورسٽين جي استادن جي بہ خاص ذميواري جڙي ٿي. خاص طور تي جن يونيورسٽين ۾ جتي سنڌي ادب جا شعبہ قائم آهن. اهي ٻاراڻي ادب کي نہ صرف شاگردن جي اندر اتساهہ پيدا ڪري سگهن ٿا، پر ٻاراڻي ادب جي مختلف پهلوئن تي ايم. فل ۽ پي.ايڇ. ڊي بہ ڪرائي سگهن ٿا. صرف هڪ ڪهاڻيءَ جي حوالي سان ايم.فل. ۽ ماهوار گل ڦل تي پي.ايڇ ڊي موجود آهي، پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ اڄ تائين ٻاراڻي ادب جي تاريخ تي سنڌ ۾ ڪا بہ پي.ايڇ ڊي نہ ٿي آهي.

مسئلن جي حل جي تلاش

مٿي بيان ڪيل مسئلن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي خارجي توڙي داخلي مسئلا ۽ مشڪلاتون آهن. جيڪي سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ جو سبب بڻيل آهن. ان ۾ سڀ وڏيڪ سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن جو گڏجي ڪم ڪرڻ، ميڊيا ۾ وينل ماڻهن طرفان ٻاراڻي ادب کي نظر انداز ڪرڻ، پبلشرن جي هڪ هٽي، جيڪي بغير معاوضي جي ڪو بہ ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. نثار حسيني بلڪل درست لکيو آهي تہ: "سنڌي جا بہ ٽي خانگي اشاعتي ادارا آهن، جيڪي ظاهر آهي تہ ڪنهن جذبي تحت سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪرڻ لاءِ قائم ڪو نہ ٿيا آهن، انهن مان هر هڪ کي پنهنجون پنهنجون ترجيحات آهن ۽ ڪمرشل ويزن آهي. تنهن

هوندي ته هر ڪو سنڌيت جي خدمت جي هام هڻي ٿو ۽ ليڪڪن جون لکڻيون چاهي، انهن تي چڻ ٿورو ٿو ڪري. سو ڪهڙي ميار انهن سرڪاري ادارن کي ڏيڻ کپي، جيڪي ان مقصد جي پورائيءَ لاءِ قائم ڪيا ويا آهن". (6)

سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪجهه هنگامي انتظام ڪرڻا پوندا، جنهن سرڪاري توڙي غير سرڪاري سطح جا ماڻهو شامل ٿيندا.

اسڪولن ۾ ادبي ماحول جوڙڻ:

ٻاراڻي ادب جي بنيادي سکيا پرائمري اسڪولن کان شروع ٿئي ٿي، جتي ٻارن کي "پيسو لڌم پٽ تان" وارن نظمن سان ادبي دنيا سان متعارف ڪرايو وڃي ٿو. پرائمري تعليم رستي ئي اسان ٻوليءَ جي بنيادي سکيا حاصل ڪيون ٿا. ٻاراڻو ادب ٻوليءَ کي بچائڻ جو بهترين هٿيار هوندو آهي. معاشري ۾ پرائمري استاد جو بنيادي ڪردار آهي، پر الائي ڇو اڄ جو استاد اها ذميواري نڀائڻ لاءِ تيار ئي ڪونهي. ان سلسلي ۾ فيروزه سمون تجويز ڏيندي لکيو آهي ته: "اسڪولن ۾ ڪتابي ماحول پيدا ڪيو وڃي. اهو تڏهن ئي سگهي ٿو جڏهن ڪلاس ۽ لائبريريون قائم ڪيون وڃن. ذهين ۽ هوشيار ٻارن کي ڪتابي صورت ۾ انعام ڏنا وڃن ۽ هنن ۾ مفت ٻاراڻو ادب تقسيم ڪيو وڃي". (7)

اسڪولي سطح تي ٻارن جي تخليقي سگهه وڌائڻ لاءِ، استادن کي اڳتي اچڻو پوندو ۽ ٻارن جي لاءِ مضمونن، آکاڻين، تقريرن ۽ ٽيبلو جا مقابلا ڪرائڻا پوندا. اسڪولن جي هيڊ ماستر تي ذميواري رکي وڃي ته هر اسڪول ۾ ٻارن جي ادبي تنظيم جوڙي وڃي، جنهن ۾ ٻار اسڪولي سطح تي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. ان سلسلي ۾ SMC فنڊن ۾ ٻارن جي ادبي سرگرمين جو به حصو رکيو وڃي. جيئن سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي مفت ۾ ڪورس جا ڪتاب ڏنا وڃن ٿا، تيئن هر ٻار کي سرڪاري طور تي گل ڦل يا ٻيا ادبي ڪتاب ۽ رسالا به ڏنا وڃن ته جيئن هڪ علمي ادبي ماحول جڙي پوي.

اسان جي اسڪولن جو لائبريرين جي حوالي سان به اهم ڪردار آهي. تعليم کاتو سنڌي پرائمري ۽ هاءِ اسڪولن (ڇوڪرين توڙي ڇوڪرن جا) ۾ لئبرريون قائم ڪري، جن ۾ ترجيحي بنيادن تي ٻاراڻو ادب رکرايو وڃي، جنهن ۾ لائبريريءَ جا ڪلاس هئڻ گهرجن. جتي ٻارن کي زوريءَ ادبي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا وڃن ۽ کين تاڪيد ڪيو وڃي ته هو ڪتاب پڙهي، ان تي پنهنجو مختصر رايو ڏئي ۽ پوءِ ٻيو

ڪتاب ڪٺي وجي، انهن لائبريرين لاءِ ٻارن جا نوان ايندڙ ڪتاب خريد ڪري رکيا وڃن.

ٻارن جي ادب جا آسان ڪيل ڪتاب:

دنيا جي مشهور ڪتابن کي ٻارن لاءِ آسان ڪري پيش ڪيو ويندو آهي، مثال طور Shakespeare Made Easy . اسان وٽ به شاهه لطيف، سچل، سراج، امرجليل، آغا سليم ۽ ٻين جا ڪي ڪتاب ۽ رسالا آسان ڪري ٻارن لاءِ ڇاهڻ گهرجن. سائنسي ادب کي ٻارن جي حوالي سان ڪڏهن به نظرانداز ڪرڻ نه گهرجي. ان سلسلي ۾ دنيا جي مشهور ٻارن جي سائنسي ڪتابن کي سنڌي ۾ آڻڻ گهرجي.

ٻارن جي ادبي بورڊ جو قيام:

اسان وٽ مختلف دورن ۾ جيڪي به ٻاراڻي ادب جو تنظيمون جڙيون آهن، انهن هميشه سرڪار کان گهر ڪئي ته ٻارن لاءِ الڳ ادبي بورڊ (Children Literary Board) قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ ٻارن جي ادب جي هر قسم جي مسئلي ۽ معاملي کي انتظامي طور تي ڏٺو وڃي. حقيقت اها آهي ته اهڙي هڪ اداري جي سخت ضرورت آهي. ڇو ته سنڌي ادبي بورڊ يا سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ وٽ ٻيا ئي ڪوڙ ڪم آهن. ان ڪري ٻاراڻو ادب هڪ الڳ سبجيڪٽ آهي. سنڌ ۾ جيڪي به ٻارن جون تنظيمون، ادارا، وغيره جي رجسٽريشن ان بورڊ وٽ ڪئي وڃي. ٻارن جي ڪانفرنسن جي منظوري ۽ انتظام بورڊ ڪرائي. ان بورڊ جي آفيس ممڪن حد تائين ڪراچيءَ ۾ هئڻ گهرجي. انتظامي طور تي ٻارن جي بورڊ کي اسڪول تعليم کاتي جي نگرانيءَ ۾ ڏنو وڃي. بورڊ آف گورنرس ۾ ٻاراڻي ادب جا ماهر، تعليم کاتي جا ڊويزنل آفيسر يونيسف جو نمائندو ۽ ڪجهه غير سرڪاري تنظيمن جا نمائينده هجن. ڊاڪٽر غلام علي الانا ٻارن جي حوالي سان جيڪي معاملا پڌرايا آهن، اهي هن بورڊ جي حوالي ڪيا وڃن:

1. ٻارن لاءِ انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪرائڻ
2. ٻارن لاءِ مخزن ڪڍڻ
3. ٻارن لاءِ هيٺين موضوعن تي ڪتاب تيار ڪرائڻ:

- سنڌ جا مشاهير اسلامي مشاهير، دنيا جا مشهور ماڻهو
- سنڌ جا سورما، اسلامي سورما، دنيا جا سورما
- تاريخي شخصيتون
- سنڌ جا اديب ۽ شاعر

- سائنس فڪشن
- سائنسي علمن تي ڪتاب، سائنسي عجائبات
- لوڪ ڪهاڻيون، آکاڻيون
- عام واقفيت
- ٻاراڻا گيت، نظم، ٻول
- سنڌ جون تاريخي جايون، ماڳ ۽ مڪان
- ڌار ڌار ملڪن جو احوال

4. ٻارن جا ميلا ڪتابي نمائشون ڇتاپيتيون
5. ٻارن ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ
6. ٻارن کي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر سير سفر ۽ تفريح ڪرائڻ". (8)

صوبائي سطح تي ٻالڪن جي ٻاريءَ جو قيام:

سنڌي ادبي سنگت وانگر، غير سرڪاري سطح تي "ٻالڪن جي ٻاري" جي نالي سان هڪ صوبائي تنظيم قائم ڪئي وڃي، جنهن جون پوري صوبي ۾ ڊويزن، ضلعي، تعلقي، يوسي سطح تي شاخون هجن. انهن شاخن جي رجسٽريشن . ٻارن جو بورڊ ڪري. اسڪولن جي ٻارن ۽ اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي ان تنظيمن جو ميمبر ڪيو وڃي. هر ميمبر تي ماهوار پنجاهه کان سو روپيه چندو رکيو وڃي. جنهن ۾ کيس ٻارن جا نکرندڙ رسالا، پيو مواد، ڪتاب، پروگرام ۾ مفت شامل ڪيو وڃي. ٻالڪن جي ٻاريءَ جي سرپرستيءَ لاءِ وڏن اديبن جي شموليت هئڻ گهرجي. اهي ٻالڪن جون ٻاريون پنهنجي پنهنجي حدن ۾ شاگردن تائين، ٻارن کي اهڙو مواد پهچائن. جن جو مقصد مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ هجي. "ٻالڪن جي ٻاري منتظمين کي هن موڙ تي ٻارن کي نظرياتي ۽ سياسي چڪر کان هٽي ڪري، سائنسي، حب الوطني، عام معلومات، تفريح، طنز ۽ مزاح ۽ سماجي موضوعن تي مشتمل عام فهم ليڪن ٻارن جي مقبول صنفن ۾ ادب ڏيڻ گهرجي.

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ذميواري

سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ تي ذميواري آهي ته ٻارن جي لاءِ بهتر کان بهترين ۽ ماحول مطابق درسي ڪتاب تيار ڪرائڻ آهي. اڄ جي هن ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ به مدي خارج موضوعن تي سبق ۽ ڪتاب ڇپجي رهيا آهن. بورڊ جو ڪم اهو به هئڻ گهرجي ته ٻارن لاءِ سپليمينٽري ريڊنگ مٽيريل طور ڪتاب

تيار ڪرائي، ٻارن ۾ مفت ورهايا وڃن. اهو ڪم پنجاب ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ته سالن کان به خوبي انجام ڏئي رهيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي ذميواري

جيستائين ٻارن جي ادب لاءِ ڪو الڳ بورڊ قائم ٿئي، تيستائين سنڌي ادبي بورڊ، "لوڪ ادب" يا "ڊڪشنري" اسڪيم وانگر ٻارڙن ادب جي واڌاري لاءِ ڪا اسڪيم جوڙي، جيئن 1980 ع واري ڍاڪي ۾ وفاقي حڪومت سان گڏجي جوڙي وئي هئي. اها اسڪيم ٻارن لاءِ انتهائي فائديمند ۽ ڪامياب وئي هئي. ان کان 1973 ع ۾ نيشنل بوڪ فائونڊيشن به سنڌي ٻارڙن ڪتاب شايع ڪيا هئا ۽ ٻارن ۾ مفت ورهايا هئا.

اين. جي. اوز جي ذميواري

سنڌ ۾ سرڪاري ۽ بين الاقوامي گرانٽ تي ڪيترين ئي غير سرڪاري تنظيمون ٻارن جي تعليم ۽ معاشرتي مسئلن تي پئسا وٺي رهيون آهن. انهن مان گهڻن کي يونيسف جي مدد به حاصل آهي. ان سلسلي ۾ اگر ڏسجي ته آڪسفورڊ پريس ٻارن جيڪي ڪتاب شايع ٿيا آهن. انهن ۾ سهيل سانگيءَ جو "سچ ۽ چنڊ" (1995 ع). زبيده ٻوسل جو معلوماتي ڪتاب "دنيا جون مشهور مسجدون" (1995 ع). فهميده رياض جو ترجمو ڪيل "سمنڊ" (1995 ع) وغيره اهم آهن. ٽرڊيپ رورل ڊولپمينٽ پروگرام ٻاران سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪتاب ۽ سي.ڊيون تيار ڪرايون ويون آهن. سگا طرفان، سگا جي اسڪولن جي ٻارن لاءِ انور هالائيءَ جو ٻارن جو شاهه (1983 ع). سليم پتو لطيفيءَ جو "اسان جو شاهه عبداللطيف ڀٽائي". ڊاڪٽر ڪمال جامڙي جو "اسان جو ڀٽائي". ٻارن جو ميگزين "روشن تارا ٻالڪ ميگزين" وغيره ڇاپيا آهن. اهڙي طرح ڪجهه ٻيون اين. جي. اوز جو به ڪم ڪيل آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن سيني اين. جي. اوز جي ڪنهن هڪ جاءِ تي گڏيل ڪميٽي جوڙجي ۽ انهن کان ٻارن جي ادب، غير تدريسي سرگرمين، ليڪچر، لائبريرين لاءِ ڪتاب ۽ فنڪشن ڪرايا وڃن.

ڪتابن جي آسان خريد ۽ فروخت

ٻارن لاءِ ثقافت کاتو، سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، شاهه لطيف يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي، فيڊرل اردو يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبن جي لائبريرين ۽ سنڌ جي سيني سرڪاري لائبريرين جي ٻاهران، بوڪ اسٽالن تي ٻارڙن ڪتابن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ته

جيئن خواهشمند شاگرد آسانيءَ سان ٻارڻا ڪتاب انتهائي رعايتي اگهه تي خريد ڪري سگهن. ان سلسلي ۾ نه صرف ٻار ڪتاب خريد ڪري سگهن، پر هو پنهنجا پڙهيل ڪتاب فروخت ڪري نوان خريد به ڪري سگهن.

ٻاراڻي ادب جون فلمون ۽ ڪارٽون:

هي دور سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. جنهن ۾ ٻارن جي وندر ۽ سکيا لاءِ ڪيترين ئي ڪارٽونن واريون فلمون، سکيا وارا گيت، مختلف تيلي رانديون، سائنس فڪشن ۽ جاسوسي وارا ناٽڪ ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه موجود آهي لڳ ڀڳ 8 کان 10 سنڌي ٽي وي چينل هجڻ جي باوجود شايد ڪنهن چينل تي هفتي جي 5 سيڪڙو نشريات به خاص ٻارن لاءِ پيش نه ٿيندي هجي ۽ ڪنهن به ٽي وي چينل تان ٻارن لاءِ ڪو به ڳڻائڻ جوڳو پروگرام نشر ٿيندو هجي، جنهن کي اسان پنهنجي ٻار جي شخصيت جي تعمير جو سامان سمجهي سگهون. نتيجي طور اسان جو سنڌي ٻار "هيري پوٽر"، "باربي ڊول"، "ايلسا"، "ڊوريمان"، ڇوٽا ڀيم" ۽ "ڊورا" جهڙن ڪردارن کي ته سڃاڻي ٿو، پر ڪيس "وتائي فقير"، "هوشو"، "هيمون"، "ٻيجل"، "چارڻ"، "ٻاگهل"، "بختاور"، "ڏولهه درياءَ خان"، "شاهه لطيف" ۽ "سچل سرمست" جو ڪو پتو ڪونهي. هندستان جهڙو ملڪ، جيڪو فلم ۽ ٽيليويزن ميڊيا ۾ اسان کان گهڻو اڳتي آهي، اولهه کان "ڪارٽون نيٽورڪ" ۽ "پوگو" جهڙن چينلن جون "فرينچائز" وٺي، 24 ڪلاڪ پنهنجي مقامي ڪردارن وسيلي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پنهنجن ٻارن جي ذهني اوسر ۾ رڌل آهي، ته ان جي ڀيٽ اُتان جي سوشل سائنسدانن جو ڪو تصور ۽ خيال هوندو ته ڪيئن هڪ صحتمند ذهن واري نسل جو بنياد وجهجي، جيڪي هو وجهي به رهيا آهن. اسان جا سنڌي چينل اگر چاهين ته ٻارن لاءِ مغربي ٻارن جي پروگرامن جا ترجما، مختلف ڊراما، ڪارٽون، گيت، نظمن وارا پروگرام رڪارڊ ڪرائي سگهن ٿا ۽ انهن جي سيڊين يا آن لائين وڪري جو به بندوبست ڪري سگهن ٿا.

ڊاڪٽر ظفر حوٽيجي سنڌي ٻاراڻي اشاعت جي حوالي سان جامع قسم جي تجويز ڏني آهي، جيڪا هتي ڏجي ٿي:

ورهاڱي کان اڳ ڇپيل ٻاراڻي ادب کي جُلدن ۾ شايع ڪرڻ

جيڪڏهن اهڙي شروعات اوائل ۾ ترجمو ٿيل ڪتابن کان ڪجي ته اهڙن ڪتابن جو تعداد رڳو 38 آهي ۽ پوءِ پوئين دور کي به هڪ درجابنديءَ ۽ تاثير لائين جي اصولن تحت جلدن ۾ آڻي سگهجي ٿو.

لوڪ ڪهاڻين ڪي تخليقي انداز سان ٻارن لاءِ پيش ڪرڻ

انگريزي ٻوليءَ ۾ مٿئين عنوان هيٺ شايع ٿيندڙ ڪتابن کي 'ريٽولڊ' جو نالو ڏنو ويو آهي. انهيءَ عنوان تحت گهڻو ڪري لوڪ ادب جون ٻاراڻيون ڪهاڻيون نئين پسمنظر ۽ محاورن سان ٻارن اڳيان پيش ڪيون وڃن ٿيون. اسين به پنهنجي لوڪ ادب جي ڪهاڻين کي انهيءَ رنگ ۾ ڍنگ سان پنهنجي مستقبل جي معمارن اڳيان پيش ڪري سگهون ٿا. اهڙيءَ ريت تي عمل ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مرتب ڪيل لوڪ ادب سلسلي جو پنجون ڪتاب 'ٻاراڻيون ڪهاڻيون' موجود آهي. جنهن جو مواد مرڪزي خيالن جي لحاظ کان 15 موضوعن ۾ ورهايل آهي. يعني ان مان 15 مختلف ٻاراڻا ڪتاب ٺهي سگهن ٿا. جيڪڏهن انهن ڪتابن کي خاڪن ۽ سهڻي ڇپائيءَ سان ڇپايو وڃي ته اِهي ڪتاب دنيا جي ٻاراڻي ادب ۾ هڪ شاندار اضافي طور ڳڻيا ويندا.

ٻاراڻن رسالن، ڪتابي سلسلن ۾ ڇپيل مواد کي شايع ڪرڻ

بنگلا ٻوليءَ ۾ ٻاراڻو رسالو 1818ع ۾ شروع ٿيو. تامل ۾ 1881ع، سنڌيءَ ۾ گلستان 1933ع. جيڪو سپ کان وڏيڪ هلندو هو. هاڻي حساب لڳايو ته رڳو ٻاراڻي رسالي جي مد ۾ اسين بنگلا کان 115 سال پوئتي ٿياسين. ۽ تاملن کان 52 سال پوءِ ٿياسين. پر پوءِ به وقت ويو ڪونهي جيڪڏهن گلستان کان وٺي گل ڦل، ادا سائين، سنڌي ٻارڙا ۽ سپني جو مواد گڏي جلدن ۾ ڇپائي سگهجي ٿو.

مغربي ڪلاسيڪل ٻاراڻي ادب کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ

مغربي ڪلاسيڪل ٻاراڻي ادب جي هڪ فهرست ۾ 62 ڪتاب آهن ۽ انهن 62 ڪتابن مان رڳو چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب سي به اڻ مڪمل طور سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن. طوالت کان بچڻ لاءِ ڪلاسيڪل ٻاراڻي ادب جي شاندار ڪتابن مان رڳو چند ڪتابن جا نالا مان توهان اڳيان پيش ڪيان ٿو. جيڪي هي آهن: "ونڊرفل ورلڊ آف اوز"، "ريلوي چلڊرين"، "واٽر بيبيز"، "جرني ٽو سينٽر آف ارٿ"، "ڪيلس آف پيٽر رئبٽ"،"هئپي پرنس"، "ٿري مسڪيٽرس"، "دي لاسٽ ورلڊ" "ونڊ اين دي ولوز" ۽ "ايلنس ائڊوينچرس اِن ونڊر لينڊ" (هن ڪتاب جو ترجمو محسن بانو قريشيءَ 1961ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي ڊگري وٺڻ لاءِ ڪيو هو) اهڙي طرح "يوز آن لائيف" ڪتاب جو ترجمو غلام علي الانا ڪيو هو عالمي

ادب جي شاهڪارن ڪي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي رٿا، علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ شروع ڪرائي هئي ۽ هي ترجما هن وقت بہ سنڌالاجيءَ ۾ موجود آهن.

دنيا جي نامور ٻاراڻو ادب سرجيندڙ تخليڪارن کي سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرائڻ

ڪتابن جي دنيا ۾ جٽادار مطالعي جا ٻہ طريقا آهن: هڪ ڪنهن بہ لاڳاپيل موضوع تي مستند ڪتابن جو مطالعو ڪيو وڃي ۽ ٻيو انهيءَ موضوع تي اختيار رکندڙ ليکڪ جي مڪيہ ڪتابن کي پڙهيو وڃي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اسين ٻاراڻو ادب سرجيندڙ دنيا جي چونڊ ليکڪن کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ شروع ڪريون تہ انهن جو تعداد بہ ٿورو آهي. انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن، جيڪي وڏن لاءِ بہ لکن ٿا، يا وڏا بہ انهن کي پڙهن ٿا. بهرحال، انهن جي سڃاڻپ ٻاراڻو ادب سرجيندڙ ليکڪ واري آهي. جن مان ڪجهہ نامور تخليقڪارن جا نالا هي آهن: ڪئٿ ڊي ڪميلو، ڪئٿرين ڪڪس، جئڪولين ولسن، آروند گپتا، ڪرسٽوفر پال، شيل سلورٽين ۽ لوئس لوري، نڪولائي نوسوف ۽ آئزڪ ائسيموف (فائونڊيشن سيريز) آرٿرسي ڪلارڪ انهن ليکڪن کي سنڌي ٻارن سان ضرور متعارف ڪرائڻ گهرجي.

عالمي اتساهيندڙ ٻاراڻو ادب سنڌيءَ ۾ آڻڻ

اتساهيندڙ ٻاراڻي ادب جا ڪجهہ موضوع: فطرت، ماحول آتم ڪهاڻيون، ناول، سائنس، حساب، منطق ۽ افسانوي ادب ٿي سگهن ٿا. ڪجهہ سال اڳ اسان پنهنجي اداري (TRD) طرفان اهڙن اتساهيندڙ ٻاراڻي ڪتابن جي فهرست ٺاهي هئي، جنهن ۾ ڪل 130 ڪتاب هئا ۽ اها لسٽ ٺاهڻ ۽ ڪتاب هٿ ڪرڻ ۾ اسان کي ٻہ سال لڳاهئا. انهيءَ فهرست ۾ شامل ڪجهہ ڪتابن جا نالا هي آهن: "ڊشين" "ٻهروپي گانڌي"، "جولي فيئملي"، "عيد گاهہ"، "جوناٿ يونگنسٽن سي گل"، "سارا پلين اينڊ ٽال"، "ڊيئر مسٽر هنيشا"، "هري دي جنگل لئڊ"، "پريئريشن فار انڊراسٽنگ"، "دي ڊيول نمبر"، "مئجڪ سيڊ"، "اسٽوري آف فزڪس"، "ڪيميڪل هسٽري آف ڪينڊل"، "دي لٽل پرنس" ۽ نوبي اي سليوٽ". هي ڪتاب غلامن سان پيش ٿيندڙ عقوبتن جو ڪليو داستان آهي. انهيءَ موضوع تي، ٻاراڻي ادب ۾ ان کان وڌيڪ ڪو بہ سگهارو ڪتاب ڪونهي. ان کان سواءِ "آنرري وائيٽ" ۽ "ڪراء، ما، بلو ڊڪشنري" بہ سنڌيءَ ۾ اچڻ گهرجن ڇو تہ "انڪل ٽامس ڪئبن" تہ ورهاڱي کان اڳ گول جا گوندر" نالي سان سنڌيءَ ۾ موجود آهي.

مشرقي ڏاهپ جي ڪتابن ۾ شامل ڪردارن ۽ ڪهاڻين ڪي متعارف ڪرائڻ

مشرقي ڏاهپ جي سيني ڪتابن جو بنيادي جوهر ڏاهپ ۽ اخلاقيات آهي ۽ انهن سيني ڪتابن ۾ شاندار ڪردارن ۽ سبق آموز ڪهاڻين جو ذڪر آهي. انهن ڪردارن ۽ ڪهاڻين ڪي تخليقي انداز سان لکي ٻارن اڳيان پيش ڪري سگهجي ٿو ۽ ائين ڪندي اسين ٻارن کي انسانذات جي هڪ عظيم ورثي کان آگاهه ڪنداسين.(9)

حوالا:

1. عمرالدين بيدار: "آسمان ٿو ڪري"، سنسار پبليڪيشن، 1980ع، ص 1
2. ادل سومرو: "آزاديءَ کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب"، ٽي ماهي مهراڻ، 1984/2ع، ص 221
3. هوندراج بلواڻي: "ٻال ساهتيه جو وڪاس" گجرات ساهتيه اڪيڊمي، احمد آباد، 1986ع، ص 12
4. اياز گل: "سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شاعري"، ٽي ماهي مهراڻ، 1996/4ع، ص 72
5. جمال رند: "سنڌي زبان ۾ ٻاراڻي ادب جا مسئلا"، ٽي ماهي مهراڻ 1_1973/2ع
6. نثار حسيني: "اڄ جو ٻاراڻو ادب" (منهنجو سائين، نثار حسيني"، مرتب نصير مرزا)، 2015ع، ص 123
7. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو"، (قلمي)، 1988ع، ص 315
8. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ادب جا مسئلا ۽ ان جا حل"، ٽي ماهي مهراڻ، 1_1992/2ع، ص 207
9. ظفر جوڻيجو: "سنڌي ٻاراڻو ادب ڪجهه صلاحون"، افيئر 31 ڊسمبر 2012ع، ص 53

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب جا موضوع

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ سياسي، سماجي، ۽ غير ملڪي لاڙن ۽ رجحانن جي ڪري مختلف موضوع رهيا آهن. شروع جي دور ۾ شاعري ۽ آکاڻيءَ جو دور هو. ٻارن لاءِ ناول ۽ ناٽڪ تمام گهٽ لکيو ويو. پر بعد ۾ آهستي آهستي ٻاراڻي ادب ۾ موضوعن سان گڏ ٻين ادبي صنفن جو به اضافو ٿيو آهي. دنيا جي ٻاهرين ادبي لاڙن ۽ تحريڪن جو ڪجهه قدر اثر اسان جي سنڌي ٻاراڻي ادب تي به پيو آهي ۽ ڪجهه اهم ڪتابن جا سنڌيءَ ۾ ترجما به ٿيا آهن. هتي اسان سنڌي ٻاراڻي ادب جي موضوعن، لاڙن ۽ رجحانن جو مختصر جائزو وٺنداسين:

اخلاقي ۽ نصحيت واريون رچنائون

ٻاراڻي ادب جي گهڻن ليکڪن پنهنجي لکتن ۾ ٻارن جي اخلاقي سنوار جي جهڙوڪ تبليغ ڪئي آهي. سندن خيال موجب ٻاراڻو ادب جيترو نصيحت ڀريو هوندو اوترو ئي صحتمند معاشرو تعمير پائيندو ۽ اڳتي وڌندو ترقي ڪندو رهندو. استاد توڙي والدين سمجهندا هئا ته ٻارن کي ادب ۽ تاديب سيکارڻ استاد جو ڪم آهي. اهو هڪ "استاد" ئي آهي، جيڪو ٻار کي اخلاق ۽ معاشرتي سکيا ڏئي ٿو. اسان جو استاد ۽ اديب پنهنجي ٻاراڻي ادبي ۽ نصاب ۾ اهڙو ادب تخليق ڪندا هئا. جنهن ۾ ننڍڙن توڙي نوجوان ٻارن لاءِ وندر سان گڏ ذهني پرورش به موجود هجي. علمي ۽ ادبي لحاظ کان نظم، گيت ۽ بيت توڙي نصيحت ڀريا سبق انهن جو بهترين ذريعو هوندا هئا. اڳ واري دور جي اسڪولن ۾ گهڻو ڪري ناٽڪ منڊليون قائم هونديون هيون، جن ۾ استاد ننڍين ننڍين مڪالمن وارا ناٽڪ لکي اسٽيج ڪرائيندا هئا. انهن ناٽڪ ۾ اخلاقي موضوعن تي زور ڏنو ويندو هو. شروعاتي دور ۾ محمد عثمان ڏيپلائي جا ڪي ناٽڪ اسڪولن ۾ کيڏيا ويا. محمد عثمان ڏيپلائي سان گڏ علي محمد الهرکيو ڏيپلائي ميمڻ جو به نالو اچي ٿو جنهن ان دور ۾ تعليمي غرض سان اصلاحي ڊراما لکيا. محمد اسماعيل عرسائيءَ ٻارن لاءِ ڪيترائي ناٽڪ لکيا، جن ۾ سندس ڪتاب "ڊزن ڊائلاگ" اهم آهي، انهن سڀني ناٽڪن ۾ ٻارن جي اخلاقي قدرن جي ترجماني ڪيل آهي.

سموري سنڌي ٻاراڻي شاعري، ٻارن جي اخلاق ۽ نشونما جي حوالي سان ڀري پئي آهي. ٻارن کي استادن جي عزت، وڏن جي عزت، مذهبي رواداري سيکارڻ،

اسڪول جي ڪمن ۾ محنت ڪرڻ، صفائي سٿرائي رکڻ، اوڙي پاڙي جو خيال رکڻ وغيره شامل هوندا هئا. سنڌ جي نالي وارن شاعرن جهڙوڪ استاد بخاري، ذولفقار سيال، مختيار سمي، ادل سومري ۽ ٻين جي شاعريءَ ۾ اهڙو رجحان ۽ لاڙو ملي ٿو.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي حوالي سان سنڌي ٻه ٻاراڻو ادب اخلاقي قدرن وارا موضوع غالب رهيا آهن. ان سلسلي ۾ حسام سومري جون ڪهاڻيون "احسان"، "خوشامد" ۽ "مساوات"، محمد بخش جوهر جي "لالچ جو نتيجو"، گوهر ممتاز قاضيءَ جو ڪتاب "پولڙيءَ جي پل ۽ ٻيون آکاڻيون"، عبدالرحمان جتوئي جو ڪتاب "اخلاقي ڪهاڻيون" اهم مثال آهن. خواجه عابد نظاميءَ جو لکيل ۽ محبوب علامه بجير جو ترجمو ڪيل ڪتاب "اخلاقي ڪهاڻيون (1987ع) اهم آهن. مرزا قليچ بيگ جون جيڪي ٻه آکاڻيون جيڪي ٻيهر شايع ٿيون، انهن سڀني ۾ اخلاقي قدرن تي زور ڏنل آهي.

تعليم جي اهميت ۽ مسئلا

ٻارن جي تعليم جي حوالي سان ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن. غير افسانوي ادب ۾ تعليم جي اهميت ۽ تدريس جي حوالي سان استاد محمد ابراهيم جويي جا ترجمو ٿيل چار ڪتاب اهم آهن. جن ۾ "ايملي عرف تعليم" جڳ مشهور فرانسي اديب ژان جئڪس روسو جي ڪتاب "Emile" جو ترجمو هو. هي ڪتاب 1950ع ۾ شايع ٿيو. جويي صاحب جي زندگيءَ جو گهڻو حصو تعليم ۽ تدريس ۾ گذريو آهي. هن ڪتاب ۾ تعليم جي اهميت، تعليم جي سکيا، فطري تعليم جي ضرورت متعلق هو. ساڳئي ئي مقصد لاءِ سندس ٻيو ڪتاب "ٻارن جي تعليم" پليو ٽارچ جي ڪتاب جو ترجمو 1972 ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ تعليم جا مسئلا ۽ حل ٻڌايا ويا آهن. سندس ٽيون ڪتاب "علم تدريس مظلومن لاءِ"، اسپينش ليکڪ پائلو فراريءَ جي ڪتاب جو ترجمو آهي. هن ڪتاب ۾ ٻڌايو ويو آهي ته تعليم جي رستي ئي آزادي ۽ سماجي تبديلي آڻي سگهجي ٿي. چوٿون ڪتاب "ٻارن جو مسيح"، اينڊ بلاٽن جي ڪتاب Children Life of Christ جو ترجمو آهي. هيءَ ڪتاب 1989ع ۾ ٻارن جي عالمي سال جي حوالي سان شايع ٿيو هو. هن ڪتاب ۾ حضرت عيسيٰ جي ٻالڪپڻ کان وٺندي صليب تائين جي ڪهاڻي آهي.

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻارن جي ڪهاڻيءَ جو وڏو موضوع تعليم رهيو آهي. ان ڏس ۾ ڪهاڻيءَ واري حصي ۾ تفصيل سان لکيو ويو آهي. اهڙي طرح

سنڌي شاعري ۾ به شاعرن، ٻارن جي شاعريءَ ۾ به ٻارن جي تعليم جي مسئلن کي پيش ڪيو ويو آهي.

رومان واريون رچنائون

شروعات ٻاراڻيون آکاڻيون، قصا، ڏند ڪٿائن ۽ مافوق الفطرت ماحول تي ٻڌل آهن. اهڙا قصا ۽ ڪهاڻيون پڙهي انساني دماغ هڪ طلسماتي ماحول ۽ دنيا ۾ پهچي وڃي ٿو. اڻ ڏٺل حيرت ۾ وجهندڙ واقعا پڙهندڙ کي خوشي ۽ وندر جهڙن جذبن سان روشناس ڪن ٿا. اهڙا قصا ۽ آکاڻيون به "عشقيه" يا "رومان" (Roman) جي ذمري ۾ اچن ٿا. عشقيه موضوع ابتدائي صورت ۾ عام محبت ۽ فراق جي بنياد تي شروع ٿيا، پر پوءِ رومان کي وسيع مفهوم ۾ ورتو وڃي ٿو. جنهن ۾ انسان جي مجموعي حيثيت ۾ ان جي عزت وقار، سورهيائي کي پڻ بيان ڪيو ويو ۽ اها ادب ۾ هڪ تحريڪ جي صورت ۾ نمودار ٿي. اهڙا موضوع سنڌي لوڪ ادب کان شروع ٿيا هئا ۽ انگريزن جي دور کان ويندي ون يونٽ جي دور تائين سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ مشهور رهيا".[1] مرزا قليچ بيگ سنڌي " رومان" واري ادب جو باني هو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر تهمينه مفتي لکي ٿي ته "مرزا صاحب جي ڪهاڻين ۾ عشقيه موضوع پڻ نمايان ۽ اهم آهي. وچولي طبقي جي سجاڳي ۽ ٻين سماجي تحريڪن رومان يا عشقيه موضوع جي لاڙن جي اهميت کي اجاگر ڪيو پر تنهن هوندي به عشقيه موضوع هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن ۾ پڙهندڙن جي دلچسپي هميشه رهي آهي. اهو موضوع ڪجهه سنڌ ڌرتي جي حوالي سان آيو، جيڪو رومانوي قصن ۽ ماحول جي لوڪ ڪهاڻين ۾ نشانبر آهي".[2]

سنڌي ٻوليءَ ۾ آر. ايچ برادرس حيدرآباد، گلشن ادب ٽنڊو محمد خان، محمد يوسف اينڊ برادس حيدرآباد ۽ ڪجهه ٻين گهڻو ڪري طلسمي، شهزادن، ديون، پرين وارو ادب شايع ڪرايو. انهن قصن ۾ اڪثر ڪري ناوليٽ وارو فارميٽ رکيو ويندو هو. ٻين لفظن ۾ اهي قصا ان دور جا ٻاراڻا ناوليٽ آهن. اهڙي الڳ الڳ آکاڻين جا به ڪتاب شايع ڪندا هئا. ادل سومري لکيو آهي ته: "هن عرصي ۾ ٻارن لاءِ ديومالائي ۽ طلسماتي ڪهاڻين جو تعداد وڌيڪ رهيو ۽ نفسياتي طور ٻارن جو توجهه به اهڙين ڪهاڻين ڏانهن وڌيڪ رهي ٿي. انهيءَ موضوع تي حاجي حقير ابن مگڻ جا "جادو ٺي گڏي" ۽ "جادوءَ جي منڊي"، شوق سنڌي جي "ڪرامتي تخت"، بلاول پرديسيءَ جو "جادوءَ جو گلاب"، حسام سومري جو "جادو جي پينگهه"، فدا سرهيي جو

"غيبي خزانو"، قاضي صابر مصطفيٰ جو "گل گلاب پري"، گل محمد صوفيءَ جو "الله دين ۽ ان جو ڪرامتي ڏيئو"، محمد بخش جوهر جو "جادوءَ جو پکو"، نذير حسين پنهور جو "جادوءَ جا صوف" ۽ "خوفناڪ جزيرو"، شمس الدين سومرو جو "چنڪمڙي پلي" ذڪر لائق ڪتابڙا آهن".(3)

جاسوسي ادبي رچنائون

ٻارن جي جاسوسي ادب لاءِ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي لکي ٿو ته: "دنيا جو اهڙو ڪو به ملڪ نه هوندو جتي ڪي ننڍا وڏا گناهه نه ٿيندا هجن، گنگهار ايترا ته چالاڪ ۽ ڦڙت هوندا آهن جو ڪين پڪڙڻ لاءِ طرح جي طريقن جو وڪاس ٿيڻ لڳو آهي. انهن کي پڪڙڻ لاءِ تيز ذهن، سوڪيم سمجهه ۽ ثابت دليلن وغيره جي ضرورت پوي ٿي. ٻارن ۾ انهن شڪست جو وڪاس ٿئي ان لاءِ جاسوسي آکاڻين جي رچنا ٿي آهي".(4)

سنڌي ٻوليءَ ۾ جاسوسي ادب انگريزن جي دور ۾ شروع ٿيو هو. ٻاراڻي ادب ۾ جاسوسي ناول ۽ ڪهاڻيون ٻارن ۾ تمام گهٽيون ڪيون وينديون هيون. آزاديءَ کان پوءِ محمد بخش جوهر جاسوسي ادب جو وڏي ۾ وڏو اديب هو. سنڌس جاسوسي، سائنسي ۽ طلسمي ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ڪيا، جن ۾ "مڙدن جي راڻي" (1956ع)، "خزانه" اهم آهن. سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪيترين ئي جاسوسي ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا ويا آهن، جن ۾ ٻهاري لال ڇاٻڙيا جو "سرلا ۽ ست چامڙا"، پير محمد عالم صديقيءَ جو "نڱن جو استاد"، عبدالرحمان جتوئي جا "عقلمند صوبيدار" ۽ "عقلمند چوڪرو" اهم ڪتابڙا آهن. انهن کان علاوه محمد علي پٺاڻ، محمد هاشم سومرو، فدا سرهيو ۽ ٻين جاسوسي آکاڻيون لکيون آهن. شمس الدين عرساڻيءَ "چنڊ تي جاسوسي" لکي، جيڪي ٻارن جي ماهوار رسالي گل ڦل ۾ شايع ٿي. محمود يوسفاڻي صحافت سان سلهاڙيل هو. هن ٻاراڻي ادب ۾ ٻه رسالا جاري ڪيائين، جن ۾ جاسوسي آکاڻيون لکندو هو. جاسوسي ادب ۾ ذوالفقار پنهورءَ جو جاسوسي ناول "ٻالڪ فورس ۽ ڀوت بنگلو"، "خوفناڪ سازش" (1993ع) ۾ شايع ٿيو 1999ع ۾ غلام مصطفيٰ مشتاق جو "شمن جو وظيفو" شايع ٿيو.

فئنٽيسي رچنائون

فئنٽيسي، ادبي طور هڪ اهڙي صلاحيت آهي، جنهن سان هڪ ليکڪ يا مصور خيالي دنيا جون تصويرون ٺاهيندو آهي يا خيالي ۽ علامتي تخيل پيش ڪندو آهي. ليکڪ جي ٺاهيل تصوير هن جي خيال ۽ ذهن جي پيدائش هوندي آهي، پر اها

عملي زندگي ۾ ناممڪن هوندي آهي. فئنٽيسي ڪڏهن خيالن، تصورن سان جوڙي ويندي اهي ۽ ڪڏهن وري سائنسي افسانيت سان به پيش ڪئي ويندي آهي. انگريزي ادب ۾ اسپينسر جي The Faerie Queen ۽ جان ملٽن جي Camus ان جا بهترين مثال آهن. سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ ڪيئي اهڙا داستان آهن، جيڪي خيالي يا تصوراتي آهن.[5]

انگريزن جي دور ۾ سنڌي جديد ڪهاڻين ۾ فينٽيسي جا اهڃاڻ ملن ٿا. سگڻ آهوجا جي ڪهاڻي "۽ ... مان سوچيندو آهيان" ۾ ڪوريا جي خونخوار لڙائي جي پسمنظر ۾ فئنٽسيءَ جي روپ ۾ پيش ڪئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ننڍو ٻار پڪاسو جي ڪبوتر تي سوار ٿي ڪوريا ۾ جنگ جي ميدان ۾ وڃي ٿو ۽ ڪوريائي ٻار جنگ جا دل ڏاريندڙ داستان ٻڌائي ٿو ته جنگ لڳندي آهي ته ڇا ٿيندو آهي. ٻار راندين جا ميدان ڇڏي گهرن ۾ لڪندا آهن، مائرون ماني نه پچائينديون آهن. ڇو جو خوف ۾ بک نه لڳندي آهي. هوا ۾ خوفناڪ سيٽيون وڄنديون آهن ۽ وڏا وڏا ٺڪاءَ ٿيندا آهن.[6]

حاجي حقير ابن مگڻ جو ڪتاب "جادوءَ جي منڊي" 1957ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ هڪ ماڻهو کي اهڙي منڊي ڏيکاري وئي آهي، جنهن سان هو سڀ ڪجهه ممڪن ڪري سگهجي ٿو. 1958ع ۾ محمد بخش جوهر جو "آڏامر ڪنولو" شايع ٿيو. تاريخ ٻڌائي ٿي ته اڏامندڙ ڪنولن ئي هوائي جهاز جي ايجاد جو سبب بڻيا. 1959ع ۾ محمد بخش جوهر جو ڪتاب "برف جو ماڻهو" به هڪ نئين سوچ ڏيندڙ ڪهاڻي آهي. ساڳئي سال ۾ ڪانياواڙ اسٽور، لاڙڪاڻي پاران اي.ايس جادواڻي جو تيار ڪيل "طلسمي آئينو" شايع ٿيو. جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ پوڙهيءَ وٽ هڪ اهڙو آئينو موجود آهي، جنهن سان هو ڪنهن به شخص کي ڪٿي به موجود هجي، پنهنجي آئيني ۾ سڌي ريت ڏسي سگهي ٿي. اڄ جي موبائيل ڪيمرائين وسيلي اهو ساڳئيو ڪم ممڪن ٿي پيو آهي. 1960ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، مرزا قليچ بيگ جو "عجيب طلسم" شايع ڪيو. اياز ٻاڻولي، فدا سرهيو، نذير حسين پٺي، محمد بخش جوهر ۽ ڪجهه ٻين ٻاراڻي ادب ۾ بيشمار فينٽيسي ڪهاڻيون لکيون آهن. جوهر جو ناوليٽ "ماڪوڙن جي فوج" 1956ع ۾ شايع ٿيو. هن ناوليٽ جو ڍنگ "گليور ٽريولز" جهڙو آهي. هڪ همراهه کي مشڪل سان هڪ گهر ڪرائي تي ملي ٿو. پهرين رات جيئن هو پنهنجي گهر ۾ آرامي هو ته ماڪوڙن جي فوج مٿس حملو ڪري ڏئي ٿي.

سائنسي رچنائون

ڪنهن بہ قوم ۽ ٻوليءَ جي ترقي تيستائين ٿي نہ ٿي سگهي جيستائين ان ۾ سائنسي علم ۽ ادب موجود نہ هجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي، جاگرافي ۽ ٻين هر قسم جي علمن جي ڪتابن جي سخت کوٽ آهي، اسان جا استاد وغيره جيڪي هن سلسلي ۾ مهارت رکن ٿا انهن کي گهرجي تہ سنڌي زبان ۾ فني ۽ سائنسي علمن جون لغتون ۽ فرهنگون تيار ڪرائجن، جن ۾ سائنسي لفظن ۽ اصطلاحن جا مناسب سنڌي متبادل هجن. سنڌي ٻوليءَ ۾ خاص طور تي آزاديءَ کان پوءِ، سائنسي ادب ۾ ڊاڪٽر علي احمد قاضي (1897_1970ع) جو اهم ڪم آهي. قاضي صاحب ﭘاٽ جي مشهور قاضين جي خاندان مان هو هن سائنس جي موضوعن تي ڪافي مضمونّ لکيا.

ڏٺو وڃي تہ سائنس جو مضمون شاگرن جي ﭘهرين درجي کان شروع ٿئي ٿو ۽ پوءِ يونيورسٽيءَ تائين ۽ مقابلي جي امتحانن تائين شاگردن جي مطالعي هيٺ رهي ٿو. ۾ ﭘوين ويهارو سالن کان خاص طور تي سائنس پڙهائڻ جو رجحان گهٽيو آهي. سنڌ ۾ نہ سائنسي علم ترقي ڪئي آهي ۽ نہ وري سنڌ ۾ سائنسي ادب شعوري طور لکيو ويو آهي. اسان جڏهن ٻاراڻي لکتن ۾ سائنسي ادب جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ اسان ٻن قسمن جو ادب ملي سگهي ٿو. ﭘهريون سائنس ۽ سائنسدانن متعلق ڪتاب ۽ مضمون، ۽ ٻيو سائنس فڪشن تي مبني ڪهاڻيون ۽ ناول وغيرہ. ان سلسلي ۾ اسان وٽ رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڪي سائنسي مضمون، سائنس فڪشن تي ڪي ڪهاڻيون ۽ ڪي ناول ضرور ترجمو ٿيا آهن، جن جو مختصر احوال ڏجي ٿو.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قائم "سنڌ سائنس سوسائٽي" جو سڀ کان اهم ڪارنامو سائنس رسالو جاري ڪرڻ هو. جنهن جو مقصد سنڌ جي عام ماڻهن ۽ شاگردن ۾ سائنسي شعور پيدا ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب جي کوٽ کي پورو ڪرڻ هو. هن سوسائٽيءَ ٻارن جي سطح تائين بہ ڪي سائنسي ڪتاب شايع ڪيا آهن. جن ۾ سگها جي سربراهہ ۽ اديب ڊاڪٽر سليمان شيخ جو ڪتاب 'گلن جهڙا ٻارڙا ڦلن جيئن نهجن' (1978ع)، ڊاڪٽر محمد شريف ميمڻ جو 'نامور مسلمان سائنسدان' (1975ع)، ڊاڪٽر هارون الرشيد ميمڻ جو "ڪوريئڙي جي حياتي" (1980ع) اهم آهن. مشهور سائنسدانن تي محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو "برڪ

سائنسي ڪوجنائون ۽ ايجادون" (1981ع) سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهي."(7)

سنڌي ۾ سائنس جي سلسلي ۾ گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب پروفيسر علي مرتضيٰ ڌاريجو لکيا آهن. علي مرتضيٰ ڌاريجي جا ٻارن لاءِ سائنسي ڄاڻ ڏيندڙ چار ڪتاب شايع ٿيا هئا. انهن ۾ "جاندار شيون" (ماڻهو)، "جاندار شيون" (ٻوٽا)، "گرمي" ۽ "هوا" شامل آهن. سندس ٻين ادارن جي پاران "سيل جي آتم ڪهاڻي"، "مغز جي آتم ڪهاڻي" ۽ "هٽ جي آتم ڪهاڻي"،اسان جون اکيون" (1992)، "جنس جي سائنسي ڄاڻ" (1991) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. جڏهن ته مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٻارن لاءِ مضمون به لکيا اٿائين. جن ۾ "جانورن جو جسماني ٽيمپريچر" (گل ڦل، مارچ 1984ع)، "ميمٽ ڇا آهي" (گل ڦل، اپريل 1984ع)، "مارسپول جانور" (گل ڦل، مئي 1984ع)، "هرڻ" (گل ڦل، جون 1984ع)، "رڇ" (گل ڦل، جولاءِ 1984ع)، "انڊو ڪئو" (گل ڦل، آگسٽ 1984ع)، "سيڙهه"، "ريڪون جانور"، "سهو" شامل آهن. جڏهن ته روزانه هلال پاڪستان ۾ "ڪينگرو"، "هاٿي"، "ليمر"، "ڊائنوسار"، "وهيل مڇي"، "سرڻا جانور"، "هارمون" ۽ ٻيا مضمون شايع ٿيل آهن. علي مرتضيٰ ڌاريجو جي سائنسي مضمونن جي خاص ڳالهه اها آهي ته انهن ۾ سائنسي ڄاڻ جامع نموني ملي ۽ اها ڄاڻ نج سنڌي ۽ آسان زبان ۾ ڏنل هوندي آهي."(8)

ڊاڪٽر الطاف سومري، شاگرديءَ جي زماني ۾ گل ڦل ۾ ڪي سائنسي مضمون لکيا. جن ۾ "ڪلوروفل" (جولاءِ 1979ع)، فلم پروجيڪٽ" (جولاءِ 1980ع)، "ريڊار" (نومبر 1982ع)، "چنڊ ۽ چنڊ گرهڻ" (آگسٽ 1985ع) اهم آهن. سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر، اديب، مترجم ۽ آرٽسٽ ڊاڪٽر قاضي منظر حيات (ڄمڻ آڪٽوبر 1967ع) ٻارن لاءِ نهايت ئي ڪارائتا ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. جن ڪتابن جي اهميت اها آهي، جو سنڌي ليئنگيج اٿارٽيءَ پاران انهن جا ٽي ٽي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. جن ۾: "ناميارا سائنسدان" (ڄمڻ، ٻيو ۽ ٽيون ڇاپو، 2009ع)، "وقت ۽ امتحان" (ايڊيسن جي حياتيءَ تي مبني ناوليٽ 2010ع)، "سائنسي ڄاڻ" (2012ع) شامل آهن. سنڌيڪا اڪيڊميءَ پاران 1996ع ۾ ٻارن جي عام معلومات لاءِ ڳچ سائنسي ڪتاب شايع ڪيا آهن. جيڪي علي مرتضيٰ ڌاريجي، محمد بخش سومري ۽ نديم گل جا گڏيل آهن. انهن

۾ "انسان جي دنيا"، "ڌرتيءَ تي ساهوارا"، "انسان ذات ۽ جسم"، "ابتدا ڪيئن ٿي" ۽ "ٻڌايو تہ ائين ڇو" شامل آهن.

سنڌ جي شاعرن بہ شاعريءَ ۾ سائنس کي نظرانداز نہ ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ادل سومري جي شاعريءَ ۾ سائنسي مثال ملن ٿا. غلام محمد غازيءَ جو ڪتاب "سائنس پڙهي سمجهائي" 2003ع ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ 60 کن اهڙا نظم آهن، جيڪي ٻارن کي سائنسي ڄاڻ ڏين ٿا. آزاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو مجموعو سائنس ڏنو سوجهرو (2015ع) ۾ سائنس جي موضوع تي شاعري ڏنل آهي. غلام محمد غازيءَ ائٽم کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

ساٿي! ائٽم اهڙو آهي،
سارا ڏک ڇڏيندو لاهي.
ماليڪيولن کان پڻ ننڍڙو،
ائٽم بيشڪ ڪم جو آهي.
ائٽم جا ٽي پاڳا آهن،
هرڪو پنهنجا لڳ تو ساهي.
هڪڙو اليڪٽران ۽ نيوٽران،
۽ ٽيون ٻارو پروٽران آهي.
ڪو تہ ٻڌائي ائٽم ڇا آهي؟
"غازي!" ائٽم طاقت آهي.

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ سائنسي ۽ جاسوسي ادب جو هڪ ئي وڏو نالو محمد بخش جوهر آهي. هن سائنس فڪشن تي ٻارن لاءِ ڪيترائي ناول ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. ائين ڪٿي چئجي تہ آزاديءَ کان پوءِ هي واحد ليکڪ هو، جنهن ٻارن لاءِ تمام گهڻو لکيو ۽ هر قسم جو تفريحي ۽ سکيا وارو ادب ٻارن کي مهيا ڪيو. سندس سائنس فڪشن تي ناولن ۾ "آدم ڪنولو"، "آدمند ڙ ٽالهيون" ۽ "ماڪوڙن جي فوج"، محمد بخش جوهر جي ڪهاڻين جو مجموعو "مريخ جي مخلوق" 1958ع اهم آهن. ٻارن کي سائنسي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ نذير حسين پٺاڻ ٻارن لاءِ سائنسي ڪهاڻين جا ڪتابڙا بہ لکيا، جن ۾ "چنڊ ۽ راڪيٽ"، "خطرناڪ بم" ۽ "دنيا جو پهريون راڪيٽ" شامل آهن. ناميياري ٻاراڻي اديب پروانو سيوهاڻي جو ناول ۾ "هل تہ هلون چنڊ تي" 1992ع ۾ شايع ٿيو هيءُ ناول سائنس فڪشن جي

SOORIH SINDHI ADAB

موضوع تي آهي. ايچ جي ويلز جي جڳ مشهور ڪتاب، "وار آف دي ورلڊس" جنهن جو نصير سارنگ سنڌي ۾ ترجمو بعنوان "مريخ جو حملو" 2003ع ۾ شايع ٿيو سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن تي تمام دلچسپ ناول آهي. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترائي ڪهاڻين جا ڪتاب آهن، جن ڪجهه قدر سائنس فڪشن جا موضوع اچي وڃن ٿا. دور جديد ۾ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو ترجمو ڪيل "ڪارڪ ۽ واليا جي عجيب وغريب مهم" ٻارن لاءِ لکيل هڪ سائنسي ناوليٽ آهي. هي ناوليٽ فئنٽيسي موضوع تي آهي، جنهن ۾ ٻارن جي ذهني واڌ ويجهه ۾ سڪيا اچي وڃي ٿي.

سماجي حقيقت نگاري

آزاديءَ کان پوءِ مختلف سياسي لاهي چاڙهن جي ڪري سنڌي ٻاراڻي ادب تي به سماجي حقيقت نگاريءَ جو لاڙو غالب رهيو آهي. سنڌ جي شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن سنڌ جي سماجي مسئلن کي موضوع بڻايو آهي. ان سلسلي ۾ ٻارن جي تعليم جو مسئلو هجي، وڏيري طرفان اسڪولن ڪولڻ جي مخالفت هجي، هاري جي پٽ سان ظلم جي داستان هجي. ٻارن جا معاشي مسئلا ۽ زوري مزدوري ۾ هاريو ڪرائڻ هجي، جنسي ڏاڍائي هجي، ٻارن جي صحت جا مسئلا هجن، منشيات جا مسئلا هجن، امير ۽ غريب جو فرق هجي مطلب ته هر سماجي مسئلي تي لکيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ادل سومرو، انور ابڙو، اڪبر جسڪاڻي، حسام سومرو، پروانو سيوهاڻي، محمود مغل، منظور بيدار، ظفر عباسي، آزاد جتوئي، عابده گهانگرو، وحيد محسن، عبدالحئي پلو، خالد پتي نشانبر ڪهاڻيڪار آهن.

ديني ۽ عام معلومات وارا ڪتاب:

اسان کي خبر آهي ته اخلاقي قدرن جو سرچشمو مذهب ٿيندو آهي. اسان جو مذهب اسلام، اخلاقي قدرن ۽ روايتن تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. ان ڪري ٻاراڻي ادب جو گهڻو حصو مذهبي تعليم ۽ اسلامي اصولن تي به لکيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ پيغمبر اسلام حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم کان وٺي حضرت عيسيٰ عليه السلام، حضرت موسيٰ عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام، توڙي ٻين پيغمبرن ڪانسواءِ خلفاءِ راشدين، امامن، اصحابن، ولين ۽ درويشن جا احوال به سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڇپجي چڪا آهن. ان کان علاوه، قرآني آکاڻين جا ڪتاب به ڪافي شايع ٿي چڪا آهن. مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ٻاران 30 قرآني آکاڻيون شايع ڪيون آهن. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ٻاران ٻارن لاءِ ڪيترائي ديني ڪتاب

SOORIH SINDHI ADAB

شايع ٿيا آهن، جن ۾ "اسلام ڪيئن شروع ٿيو" (1998ع)، "اسلام ڪيئن پکڙيو" (1998ع)، نبي پاڪ صلعم جن ڪير هئا" (1998ع)، "قرآن پاڪ ڇا آهي"(2001ع)، "پتڪڙن هاٿي ماريا" (1998ع)، "مڇيءَ جي پيٽ ۾ چاليهه ڏينهن" (1998ع) اهم آهن. قاسميه لائبريري، ڪنڊياري ٻاران ٻارن لاءِ مذهبي ۽ قرآني قصن تي ٻڌل ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سيرت النبيءَ جي آکاڻين جي سلسلي ۾ ٽن ڀاڱن تي ٻڌل عبيدالله غازي ۽ تسنيم ڪي غازي جا لکيل ۽ مولا بخش برهمانيءَ جا سنڌي ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب "عظيم جشن"، "جنگي قيدي" ۽ "غار جو ساٿي" 2000ع ۾ دعوه اڪيڊمي، اسلام آباد ٻاران شايع ٿيا آهن.

عام معلومات ۾ سائنسي معلومات ڪان وٺندي دنيا جهان بابت ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن مان گهڻا مشتاق احمد ٻاريجي لکيا آهن. ٻين موضوعن تي عبدالجبار جوڻيجي جو "لطيف ڪوئز" ۽ "سچل ڪوئز"، درمحمد پٺاڻ جو "ذهني آزمائش"، يوسف سنڌيءَ جو "جيڪي منجهه جهان" (1987ع)، ۽ ٻين جا ڪتاب شامل آهن. سنڌي ادبي بورڊ، ۽ سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ پڻ ٻارن لاءِ معلوماتي ڪتاب شايع ڪيا آهن.

تاريخي ادبي رچنائون

دنيا جي ادب ۾ تاريخي ادب کي خاص اهميت حاصل آهي، ادب ۽ تاريخ جو پاڻ ۾ ويجهو ڳانڍاپو آهي. تاريخ ڏند ڪٿائن سان شروع ٿي ۽ ڏند ڪٿائون ادب جو بنياد آهن. اوائلي سمورو ادب ڏند ڪٿائن جي صورت ۾ مليو آهي ان ڪري اهو چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته ادب ئي تاريخ جو اصل خام مواد مهيا ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي اهو ئي قديم آثارن جي کوجنا جو باعث بڻيو. ادب جو سچ تاريخ جي سچ کان وڌيڪ آهي. سنڌ جي شروعاتي تاريخ ان دور جي شاعريءَ جي آڌار تي لکي وئي آهي. ان حساب سان ٻارن جي ادب ۾ "تاريخ" جو هجڻ تمام ضروري سمجهيو ويو آهي.(9)

انگريزن جي دور ۾ اسڪولي ٻارن لاءِ تاريخ جو الڳ ڪورسي ڪتاب پڙهايو ويندو هو جنهن ۾ انگلينڊ، بمبئي پريزيڊينسي ۽ سنڌ جي تاريخ تي ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا. آزاديءَ کان پوءِ تاريخ جو موضوع سماجي اڀياس واري ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو،جنهن ۾ پاڪستان جي تاريخ کي شامل ڪيو ويو. سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان هن وقت ٻارن لاءِ ڪتاب اڻ لڀ آهن. ڪجهه ڪتاب سوالن ۽ جوابن ۾ مشتاق احمد ٻاريجي ۽ محمد صالح کهڙي ترتيب ڏنا آهن. ٻارن لاءِ سنڌ

جي تاريخ تي بهترين ڪتاب ڊاڪٽر حميده کهڙو انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيو آهي، جنهن کي آڪسفورڊ پريس شايع ڪيو آهي. هڪ اردو ڪتاب "سنڌ ڪي تاريخي ڪهانيان" (1993ع) مولانا اعجازالحق قدوسيءَ جو لکيل آهي. سنڌي ۾ دادا سنڌيءَ ٻارن لاءِ "تاريخي ڪهاڻيون" لکيون آهن.

تاريخي ڪتابن مان ٻارن کي سورهين، بهادرن، سياڻن، داناءُن جون آکاڻيون ۽ قصا به ملندا آهن ته نصيحت آموز سبق به. سنڌي ۾ دودي سومري جي بهادري، مورڙي ميربحر جي سياڻپ، وتائي فقير جا عقلمنديءَ جون ڳالهيون اهم آهن. انگريزن جي دور ۾ سنڌ جي هندو اديبن جو ٻارن لاءِ ان قسم جا ڪافي ڪتاب لکيل آهن. جڏهن ته سنڌ ۾ محمد عثمان ڏيپلائي اسلامي تاريخي پسمنظر ۾ ٻارن لاءِ ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون. تاريخي ڪهاڻين ۾ غلام مرتضيٰ پٺيءَ جو نالو به اچي ٿو. هن 1952ع ۾ "گلستان" رسالو جاري ڪيو هو جنهن ۾ سندس ڪهاڻيون شايع ٿيون. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ "دل بهار" (1957ع) ۽ "جهانگير جو انصاف" (1957ع) اهم آهن. نامياري تاريخدان دادا سنڌي (1945 – 1998ع). سنڌ جي تاريخ، تاريخي واقعن ۽ ڪردارن تي ڪهاڻيون لکيون، جيڪي ٻارن جي معلومات ۽ دلچسپي جي لحاظ کان بهترين هيون. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو سندس ڪهاڻين لاءِ لکي ٿو ته "دادا سنڌي جنهن جوش ۽ جذبي سان سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون لکي رهيو آهي، سي پڻ تعريف لائق آهن."[10] سندس ڪهاڻيون ڪتابي صورت ۾ 1986ع ۾ "سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون" جي نالي سان شايع ٿيو. سندس ڪتاب ۾ 46 مختصر ڪهاڻيون آهن. جن ۾ بهادر ايلچي، چام ننڍو، دولهه منهنجي ديس جو، همايون جي شادي، مخدوم نوح رحه جي نصيحت، بختاور شهيد، هوشوءَ جي ڪهاڻي، سنڌڙيءَ جو اولاد، سکر جو سورمو، پارڪر جا پهلوان، رڻ جو راهي : مسڪين جهان خان کوسو، شيخ خضر، گهاٽي پيڙيا گهوٽ، سنڌ ۽ حلوو، سنڌي جتي، دريا خان وغيره اهم آهن. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جي ڪهاڻي "دردن جو دارون" ۾ شاهه عنايت جي دور تي لکيل ٻاراڻي ڪهاڻي آهي. ڊاڪٽر شمس الدين عرسائيءَ ٻارن لاءِ تاريخي ناول "لاکو ڦلاڻي" شايع ڪيو آهي. علي بابا جو تاريخ تي ناول "سنڌ باد" شايع ٿيل آهي. ناٽڪ جي دنيا ۾ سنڌ جي تاريخي لوڪ ڪهاڻين تي ڪيترائي ناٽڪ اسٽيج ٿيل آهن ۽ ڪتابي صورت ۾ به شايع ٿيل آهن. شاعريءَ جي حوالي سان فيروزه سما لکيو آهي ته: "تاريخ کي شاعريءَ ۾ پڻ اهم حيثيت رهي آهي. ٻارن لاءِ شاعري ڪندڙ لڳ ڀڳ سمورن شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ دودي، هيمو،

هوشو ۽ سند جي سورهين جي ڪردارنگاري ڪندي، ان سڌي طرح سنڌ جي تاريخ کي ڇهيو آهي.“(11)

اسلامي تاريخ جي حوالي سان سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪافي مضمون ۽ ڪتاب شايع ٿيل آهن. نامياري اديب امير بخاريءَ به اسلامي تاريخ تي مبني ٻاراڻيون ڪهاڻيون لکيون آهن. يوسف علي مرزا جو ٻارن لاءِ لکيل ”آخري صليبي لڙايون“ اهم آهي.

طنز ۽ مزاح واريون رچنائون

ادب جو هڪ اهم ڪم اصلاح ڪرڻ به آهي، جنهن ۾ سماج جي اوڻاين ۽ معاشرتي بدعتن جي اوگهڙ لاءِ ”طنز“کي زوردار هٿيار طور استعمال ڪيو ويو ڪهاڻين، ناٽڪن، لطيفن سان سماجي تعمير ۽ اصلاح جو سڀ کان ڪارگر ۽ اثرائتو ذريعو هوندو آهي. ٻاراڻي ادب ۾ طنز ۽ مزاح اهم موضوع سمجهيا ويندا آهن. ٻارن واري ادب ۾ سماجي موضوعن کان وڌيڪ کل ۽ مزاق ۾ سکيا وارا موضوع بيان ڪيا ويندا آهن، جيئن هو ان مان ڪجهه سکي به اصلاح به وٺي. سنڌي ادب ۾ امرجليل چيني ۽ چريٽ جي روپ ۾ سنڌ جي ذهين ٻارن کي تخليق ڪيو آهي. امرجليل جي ڪهاڻين جو مجموعو ”چيني ۽ چريٽ جون ڪهاڻيون“ 2011ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ سيئي ڪهاڻيون شاندار آهن. امرجليل کان متاثر ٿي زيب سنڌيءَ پڻ ٻارن لاءِ گامون جو ڪردار تخليق ڪيو جنهن جي سلسلي ۾ هن ڪيتريون ڪالم ڪهاڻيون لکيون آهن.

ٻاراڻي مزاحيہ ادب ۾ ٽوٽڪن، لطيفن جا به ڪتاب اچي وڃن ٿا. جن ۾ خالد حسين عرساڻيءَ جو ”ظرافت لطيف“، حاجي حقير ابن مگڻ جو ”کل ۽ خوشي“، فدا سرهيو جو ”هيرن جو هار“ محمد بخش جوهر جو ”چرچن جي چٽني“ ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ”ملا نصير ۽ ان جا لطيفا“ (1967ع) ۽ ٻيا ڪتاب شايع ٿيل آهن. ٻاراڻي مزاحيہ ادب ۾ وتائي فقير جي ٽوٽڪن جا به ڪافي ڪتاب شايع ٿيا آهن. ان کان علاوه شيخ چلي، ملان لٽن چتو ڪوري، ٻيراڻو ٻنيرو ۽ ڪن جا چرچا ۽ حڪايتون ٻارن ۾ اڄ به اصلاح جي ڪتب اچن ٿيون.

سوانحي رچنائون

سوانحي ادب، غير افسانوي ادب جو هڪ قسم آهي، جنهن جو موضوع فرد جي حياتي/جيوني هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ ان کي ”جيون ڪهاڻي“ به چئبو آهي.

عام طور جيون ڪهاڻي جي دائري ۾ "سوانح عمري"، "اجتماعي سوانح عمريون"، "خاڪا نگاري"، "آتم ڪهاڻي/ڪٿا"، "يادگيريون"، "تذڪره"، "ڊائريون"، "رپورٽون"، "انٽرويو" ۽ "سفرناما" وغيره اچي وڃن ٿا. آتم ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ پاڻ بابت لکندو آهي. جڏهن ته سوانحي عمري ۾ ٻئي جي شخصيت جي مڙني پهلوئن جي تصوير ڏيکاريندو آهي ۽ ان سان لاڳاپيل تاريخي واقعا ان ۾ خود بخود اچي وڃن ٿا".(12)

ٻارن جي سکيا، چاهه، تعليم، ونڊر لاءِ سوانحي ادب تمام گهڻو ضروري آهي. ٻارن کي خبر هئڻ گهرجي ته دنيا جا وڏا ماڻهو عالم، اديب، سياستدان، ڊاڪٽر، وڪيل، جج، سائنسدان وغيره ڪهڙن مرحلن مان گذري اعليٰ مقام تائين پهتا آهن. ٻارن لاءِ تخليق ڪيل سوانحي ادب آسان، عام فهم، دلچسپ ۽ انهن جي عمر ۽ سوچ مطابق هئڻ گهرجي. سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ سوانحي ادب جو موجد مرزا قليچ بيگ آهي، جنهن دنيا جي ڪيترن ئي مشهور شخصيتن جون مختصر سوانحون لکيون. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب ۾ سوانح نگاري جا ڪجهه مثال ملن ٿا. پر ان ۾ آتم ڪهاڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل هڪ مثال پرواني سيوهاڻيءَ جو "منهنجون يادون، منهنجو ننڍپڻ" (1993ع) ملي ٿو ترجمن جي حوالي سان اياز لطيف پليجي جو 1980ع ۾ شايع ٿيل "هڪ وحشي ڇوڪر جي آتم ڪهاڻي" اچي ٿو سوانحي ڪتابن کان سواءِ اخبارن ، رسالن ۽ ڪتابن ۾ سوانحي ادب جا ڪيترائي مضمون لکيا ويا آهن. ان کان علاوه ٻارن جي درسي ڪتابن ۾ پڻ سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور شخصيتن جا مختصر خاڪا ملن ٿا.

آزاديءَ کان پوءِ شروعاتي ڪوشش ۾ محمد بخش جوهر جو نالو نمايان نظر اچي ٿو جنهن ڪيترن ئي شخصيت تي ٻاراڻا ڪتاب لکيا، انهن ۾ "عشق رسول صلي الله عليہ وسلم" (1959ع)، وتايو فقير (1959ع) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. 1957ع ۾ گل محمد صوفي "آزاد" جو ننڍڙو ڪتاب "پيران پير دستگير" شايع ٿيو هو 1985ع ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ مشهور اڳواڻ "مولانا عبيدالله سنڌي" ڪتاب لکيو گل محمد تنيي جو "درويش وتايو فقير"، دانش ضيا جو "وتائي فقير جون ڳالهيون ۽ چرچا"، دانش نواز جو "وتايو فقير (سوانحي خاڪو ۽ هر سخن ۾ سنڌس ڏاهپ وارا ڏس)، محمد بخش جوهر جو "شيخ چلي" قابل ذڪر آهن.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان به ڪيترائي ٻاراڻي ادب ۾ سوانحي ڪتاب شايع ٿيا آهن. انهن ۾ سيد سردار علي شاهه جو "حضور صلعم جي حياتيءَ جو مختصر

احوال" (1981 ع)، علام غلام مصطفيٰ قاسميءَ جو "منو مرسل" (1981 ع)، تنوير عباسيءَ سنڌ جي صوفين جي حوالي سان "سنڌ جا عظيم صوفي" (1981 ع)، مشهور سائنسدانن تي محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو "برک سائنسي کوجنائون ۽ ايجادون" (1981 ع)، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو "نامور شخصيتون"، سنڌي ادبي بورڊ ٻارن شايع ٿيل آهي، هن ڪتاب ۾ ٻارن جي نڪرندڙ رسالي گل ڦل ۾ لکيل تاريخي شخصيتن بابت مضمونن کي گڏ ڪري شايع ڪرايو ويو آهي. ساڳئي اداري ٻاران ولي محمد طاهرزادي جو "شخصيتون" (2005 ع) شايع ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ اهم معلومات ملي ٿي. هن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ دنيا جي ڪجهه مشهور شخصيتن جهڙوڪ ابو نصر فارابي، فلورينس نائيٽ اينگل، چوچڪ بيڪر، ارسطو ليڊي اميليا، قلندر لعل شهباز، جارج برنارڊ شا، شيخ سعدي، حڪيم بو علي سينا، دنيا جا قديم سيلاني، فيضي، وليم شيڪسپيئر، مرزا قليچ بيگ، سيٺ عبدالله هارون ۽ ڪوجس شامل آهن. سنڌ ۾ ٻارن ۽ وڏن جي راندين جي ڄاڻ تي ٻن حصن ۾ ڪتاب "سنڌ ديس جون رانديون" پڻ شايع ٿيل آهي.

ٻاراڻي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ٻارن لاءِ هڪ خاص مستقل شعبو قائم ڪيو جنهن ٻارن کي سنڌ جي عظيم شخصيت جي بابت ۾ معلومات ڏيڻ لاءِ ڪتاب شايع ڪرايا ويا. ان سلسلي ۾ ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ جو "قائد اعظم محمد علي جناح" (1983 ع)، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جو "مولانا عبيدالله سنڌي" (1985 ع)، مراد علي مرزا جو "شاهه عبداللطيف ڀٽائي" (1984 ع)، ملڪ نديم جو "سچل سرمست" (1984 ع)، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ميمڻ جو "سيرت النبي" (1984 ع) ۽ محمد قاسم ٻگهيي جو "مرزا قليچ بيگ" (1984 ع) اهم آهن.

1990 ع واري ڏهاڪي ۾ ثقافت کاتي ٻاران ٻاراڻي ادب جي پوري اسڪيم جوڙي وئي، جنهن ۾ شخصيات سان گڏوگڏ سائنسي ۽ افسانوي ادب به شايع ڪيو ويو. شخصيات جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر جو شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ميمڻ غلام مصطفيٰ جو مخدوم بلاول، اسلم سنديلو جو سچل سرمست، سراج ميمڻ جو قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو"، سهيل سانگيءَ جو ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، گوهر دائود پوٽي جو "ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽو ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جو "علامه آءِ آءِ قاضي"، ڊاڪٽر نواز علي شوق جو "مرزا قليچ بيگ"، نصير اعجاز جو "جنرل

هوش محمد شيدي" ، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو "دولهه دريا خان" ، ڊاڪٽر فهيمده حسين جو "پير حسام الدين راشدي"، حبيب ابڙي جو "مولانا دين محمد وفائي" وغيره شامل هئا. هي ننڍڙا ڪتابڙا، انتهائي شاندار ڍنگ ۽ ٽائيٽل سان شايع ڪيا ويا، جن ۾ ٻارن جي لاءِ بي بها ڄاڻ فراهم ڪئي وئي آهي.

سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ ٻاران، ٻاراڻي ادب ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا آهن. انهن ۾ سوانحي ادب جي سلسلي ۾ غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو مرتب ڪيل "سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي" (2007ع) شامل آهي، جنهن ۾ شاعرن جي مختصر سوانح سان گڏ سندن شاعري به ڏنل آهي. بلب ايجاد ڪندڙ سائنسدان ٿامس ايڊيسن تي قاضي منظر حيات جو ڪتاب "وقت ۽ امتحان" 2010ع ۾ شايع ٿيو. هاشم لطيفي جو 2015ع ۾ "ٻاراڻي ادب جو مسيحا" (اسرار شام) اهم ڪتاب آهي.

سنڌيڪا اڪيڊمي پاران به ڪيترائي ٻارن جي حوالي سان سوانحي ڪتابڙا شايع ٿيا آهن، جيڪي نوراحمد ميمڻ جا مرتب ٿيل آهن. انهن ڪتابن ۾ "مشهور عالم ۽ مفڪر" (1994ع)، "مشهور قومي اڳواڻ" (1994ع)، "مشهور فاتح ۽ سورما" (1994ع)، "مشهور حڪمران" (1994ع) ۽ "مشهور سنڌي سپوت" (1994ع) شامل آهن. اسحاق سميجي جو ترتيب ڏنل ڪتاب "تاريخي ماڻهو تاريخي ڳالهيون" 2001ع ۾ شايع ٿيو.

سوانحي ادب، ۾ انٽرويو به اچي وڃن ٿا. ٻاراڻي ادب ۾ مشهور عالمن ۽ اديبن جا انٽرويو ماهوار گل ڦل ۾ شايع ٿيل آهن. ان کان علاوه، ناز سنائيءَ پنهنجي چٽنگ پبليڪيشن جي رسالن ۾ ڪي انٽرويو شايع ڪيا. جڏهن ته ڪتابن ۾ غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو ٻارن جي اديبن جي انٽرويو تي "ٻارڙن جي عدالت" شايع ٿيل آهي.

سفري ڪٿائون

سير سفر کي اڄڪلهه گهڻي اهميت حاصل آهي، ڇو ته سير سفر رستي ٻارن جي ڄاڻ وڌي ٿي ۽ ٻين شهرن ۽ ملڪن جي نين نين شين جي ڪين خبر پوي ٿي. انگريزن جي دور ۾ رسالن ۾ ٻارن لاءِ ڪي سفرناما شايع ٿيا هئا. پر آزاديءَ کان پوءِ ٻارن لاءِ ڪي ڪتاب ته شايع ڪو نه ٿيا آهن، البته ڪي مضمون ۽ درسي ڪتابن ۾ سير ۽ سفر جا سبق ضرور آيا آهن.

مرزا قليچ بيگ، جوناٿن سئفٽ جي جڳ مشهور ڪتاب Gulliver's Travels جو ترجمو 1920 ع ۾ "گليور جو سفر" جي نالي سان ڪيو. هن ڪتاب ۾ خيالي دنيا ڏيکاري وئي، ڪٿي ڇهن انچن جا ماڻهو رهن ٿا، ڪٿي گهوڙن جهڙا ماڻهو رهن ٿا. ناميا ري اديب الطاف شيخ ٻارن جي حوالي سان مختلف معلومات پنهنجي سفرنامن ۾ ڏني آهي. بشير احمد پٽيءَ جو "سنڌ باد سيلاني جا ست سفر" (1983 ع)، پرواني سيوهاڻيءَ جو "هل ته چنڊ تي هلون" (1992 ع)، 1993 ع ۾ نظير قاسميءَ جو جاسوسي ناوليٽ "تلوءَ جو خطرناڪ سفر"، ٻارن جي ماهوار رسالي گل ڦل ۾ قسطوار شايع ٿيو. جيڪو ٻارن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. هوندراج بلوڻيءَ جا ڪي ڪتاب شامل آهن. درسي ڪتابن ۾ جهڙوڪ مڪليءَ جو سير، موهن جي دڙي جو سير، عمر ڪوٽ جو سير، منهوڙي جو سير وغيره آيل آهن. شاعريءَ ۾ سفري مزا ملن ٿا. مثال طور تي ياسر قاضي جو هي ڏسو:

هي ڪراچي موروڙي جو آ وطن
سو سڏائيندو ڪلاچيءَ جو هو ڪن
برهمڻ آباد منصوره هيو
سنڌ جي گادي وڏو عرصو رهيو
سنڌ جي ڪڏهن ملتان هو
پهرين سيوهڻ شهر سيوستان هو

شاگردن جي مددي ڪتابن طور جوڙيل مضمونن جي ڪتابن ۾ پڻ سفر وارا مضمون ملن ٿا. جن ۾ چانڊوڪي جي سير، چنڊ جو خيالي سير، جهڙا مضمون ڏنل هوندا آهن.

حوالا:

1. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2015 ع، ص 81
2. ڊاڪٽر تهمينه مفتي: "مرزا قليچ بيگ: بحيثيت آکاڻي نويس"، ڪينجهر 7/1999، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ص 17
3. ادل سومرو: "اسين مسافر پيار جا"، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 1991 ع، ص 94
4. ڊاڪٽر هوندراج بلوڻي: "سنڌي ٻال ساهتيه"، ماڊرن پرنٽرز، احمد آباد، مارچ 2005 ع، ص 128

5. مخعيار احمد ملاح: "سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ". ثقافت ۽ سياحت کاتو
حڪومت سنڌ. ڪراچي.2015 ع. ص 184
6. احسان بدوي: "تنقيد ۽ تنقيد نگاري". آر _ ايچ احمد اينڊ برادرس. حيدرآباد
1970.ص 36
7. مختيار احمد ملاح: " ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار".
ريڪائون پبليڪيشن. ڪراچي. 2020 ع. ص 340
8. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو". نيو ڪائياواڙ بوڪ
اسٽور. ڪراچي. 2006 ع. ص 516
9. مختيار احمد ملاح: " ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت" ؛ سنڌ لئنگئيج اٿارٽي.
2115 ع. ص 74
10. غلام محمد لاکو: "سنڌي ۾ ڇپجندڙ ٻاراڻو ادب". ماهوار گل ڦل. سنڌي ادبي
بورڊ. ڄامشورو. 1979 ع
11. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو". (قلمي). 1988 ع. ص 150
12. مختيار احمد ملاح: " ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت" ؛ سنڌ لئنگئيج اٿارٽي.
2115 ع. ص 221

آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻي شاعري

نثر جي ڀيٽ ۾ ٻارن کي بيت ۽ گيت ڏاڍو وڻندا آهن. منجهن آيل حقيقتون ۽ نصحيتون ٻارن جي دل ۽ دماغ تي گهرو اثر ڪنديون آهن. اهي ٻارن کي جهونگارڻ ۽ ياد ڪرڻ ۾ سولا محسوس ٿيندا آهن. ٻاراڻي شاعري، عام شاعريءَ کان مختلف هوندي آهي، ان جون پنهنجون تقاضاعون ۽ خوبيون ٿينديون آهن. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ جي ٻاراڻن گيتن جون هي ڇهه خاصيتون ٻڌايون آهن: "سرل ٻولي" ، "سهنجا بيان"، ٻارن جي ماحول سان ٺهڪندڙ موضوع"، "ٻارن جي ٻڌيءَ ۽ عمر مطابق پيشڪش"، "ڳائي سگهڻ جي عادت" ۽ "وندر ۽ سکيا".[1] سنڌي شاعريءَ ڪشنچند بيوس سان جديد ۽ ٻاراڻي نظمن واري شاعريءَ جي هڪ تحريڪ شروع ٿي.

حقيقت ۾ آزاديءَ کان پوءِ ٻين ادبي صنفن جي ڀيٽ ۾ سنڌي شاعريءَ تمام گهڻي ترقي ڪئي، پر شروع وارن سالن ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اوسر ايتري حوصلا افزا نه هئي جيتري وڌن لاءِ ڪئي پئي وئي. ان جو سبب اهو هو ته اسڪولن مان نڪرندڙ مخزن هڪدم بند ٿي ويا. اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جا گهڻا پبلشر هندستان لڏي ويا، جيڪي ٻاراڻي ادب جي اشاعت ۽ حمايت ڪندا هئا. بهرحال، ٻاراڻي شاعريءَ جي اشاعت جو بندوبست تڏهن شروع ٿيو جڏهن ٻارن لاءِ ڪي ادبي تنظيمون جڙيون ۽ انهن جا رسالا ۽ ترتيب ڏنل شمارا نڪرڻ شروع ٿيا. ان سلسلي ۾ تمام وڏو ڪردار گلشن ادب، ٽنڊو محمد خان جو هو جنهن جهنڊي هيٺان اياز ٻانولي ۽ فدا سرهيي ڪتابي سلسلو شروع ڪيو جنهن ۾ ڪهاڻين، مضمونن، عام ڄاڻ سان گڏ ٻاراڻي شاعري به شايع ڪئي ويندي هئي. ادبي بورڊ طرفان گل ڦل جاري ٿيندو هو اهڙي طرح ٻيا به ڪيترائي سلسلا شروع ٿيا، جن ۾ ڪيترائي ٻالڪ شاعر ۽ وڏا ٻارن لاءِ شاعري شايع ڪرائيندا هئا.

ٻاراڻي نظمن ۽ بيتن جي سلسلي ۾ خاص طور تي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان نڪرندڙ مختلف درجن جا سنڌي ڪتاب هئا، جن ۾ اظهر گيلاني، شيخ اياز، سليم ڳاڙهوي، حافظ محمد احسن، نياز همايوني، شمشير الحيدري، استاد بخاري، نثار بزمي، امداد حسيني، نادم ٻچل، الطاف عباسي، بردو سنڌي، تنوير عباسي، سيد منظور نقوي، رشيد احمد لاشاري، منصور ويراڳي، بلاول پرديسي، نواز

علي شوق، احمد خان مدهوش، الحاج رحيم بخش "قمر" لاکو ۽ ٻين ٻارن جي درسي گيتن جي تخليق تي خاص توجهه ڏنو. ان دور جي شاگردن کي اهي بيت، اڄ بہ برزبان ياد آهن. اهڙيءَ طرح ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد اسٽيشن جي مقبول پروگرام 'ٻارڙن جي ٻاريءَ' لاءِ بہ ٻالڪ شاعرن گيت ۽ نظم جوڙيا.

1947ع کان 1974ع تائين سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جا ڪي ٿورا ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ هوندراج دکايل، هري دلگير،نارائڻ شيام جا هندستان ۾ شايع ٿيا. جڏهن تہ سنڌ ۾ جمع خان "غريب" جي مجموعي "گل نوبهار" جو 1960ع واري ڏهاڪي ۾ ٻيو ڇاپو آيو هو. سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ ۾ نئون موڙ ان وقت آيو، جڏهن 1974ع ۾ گهڻي عرصي کان پوءِ تنوير عباسي جو ترتيب ڏنل مجموعو "ٻاراڻا ٻول"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ مختلف شاعرن جا 25 چونڊ گيت ۽ نظم شامل ڪيا ويا، جن جي ٻولي سليس، سادي ۽ روان آهي. ڪتاب ۾ شامل گيت وندر ۽ معلومات سان ٽمٽار آهن. ان کان پوءِ هڪ سلسلو شروع ٿي پيو. ان سلسلي ۾ اياز گل لکيو آهي تہ: "هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ذميوارين کي محسوس ڪندي، پنهنجي پالڻ جو قرض لاهڻ لاءِ نئين ٽهيءَ جي ڪيترن ئي شاعر، پاڻ کان اڳ وارن شاعرن سان گڏجي ٻارن سان پنهنجي پيار جو ثبوت، ٻارن لاءِ گيت لکي ڏنو. شاعرن پنهنجي گيت ۽ نظمن وسيلي، ٻارن جي علم، سکيا، ۽ وندر جو سامان مهيا ڪري ڏنو تہ جيئن هو آزاد فضاعن ۾ انساني ڀائيچاري، امن، اخلاق، سچائي ۽ ديس دوستي جي علامت ٿي گذاري سگهن."(2)

تنوير عباسيءَ جو ڪتاب "ٻاراڻا ٻول"، ٻاراڻي شاعريءَ ۾ هڪ نئين دور جي شروعات ثابت ٿيو. ڪيترائي ٻالڪ شاعر ميدان ۾ اچي پهتا. ٻيو موڙ تڏهن آيو، جڏهن 1979ع ۾ سڄي دنيا سميت سنڌ ۾ بہ ٻارن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو. اهو ڏهاڙو جهڙوڪ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ هڪ تحريڪ جو سبب بڻيو. جنهن کان پوءِ نثر توڙي شاعريءَ جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا آهن. اها تحريڪ، سنڌ جي ٻارن جي لاءِ لکڻ جو سبب بڻي، ۽ ڪيترائي ٻار اديب شاعر توڙي نثر جي دنيا ۾ شامل ٿيا ۽ وڏا اديب ٿي اڀريا آهن. نئين تحريڪ جي شاعرن ۾ ادل سومرو، اياز گل، ذوالفقار سيال، سوسن مرزا، مختيار ملڪ، نياز پنهور، محمد رمضان ذلفي، نصير مرزا، مقصود گل، اختر درگاهي، اقبال شينو زاهد شيخ، مختيار مگڻهار، زينت پروين، ياسمين خواجہ،

شمس سومرو، رفيق احمد قريشي، شمس سجاولي، وسيم سومرو، قاضي منظر حيات، آزاد قاضي، انور ابڙو، سجاڳ سنڌي، اڪبر ساگر، وزير علي شاد ۽ ٻيا ڪيترائي شامل هئا.

نوجوان شاعرن ۽ اديبن تنظيمون جوڙيون ۽ رسالا جاري ڪيا. هن سنڌ جي نالي وارن شاعرن جي شاعراڻي ورثي کي اپنائي ڇڏيو. سينيئر شاعرن جو جونيئر شاعرن جي شاعريءَ تي اثر جي حوالي سان دليپ ڪوٺاري لکي ٿو ته "اسي واري زماني ۾ ٻاراڻي ادب جو عروج هو. ٻاراڻي ادب جا تمام گهڻا سلسلا مستقل طور هلندا هئا. تقريرن ۽ بحثن ۾ اڪثر ڪري شاهه لطيف، شيخ اياز، استاد بخاري، فتاح ملڪ، تنوير عباسي ۽ ڪن ٻين جا شعر اچاريا ويندا هئا. جن ۾ ٻارن جي غربت واري حال ۾ ٿيندڙ پالنا، بکئي پيٽ، طبقاتي شعور جي بنيادي سوجهه ٻوجهه، روشن آئيندي جي خواب، سچائي ۽ سرت جي ساڃاهه ڏيڻ، علم ۽ هنر جي اهميت جتائڻ، ميڙن جي آجيان ڪري، ڏاڍ ۽ ظلم جي ننديا ۽ ڪئي ٻيا نياپا سمايل هوندا هئا. اهڙن شعرن، نظمن ۽ بيتن جي بندن ۾:

'ڏائڻي سيڪا، ٻک نه ٻاسي ڪا،.... مون سين هلي سا، جا جيءَ منو نه ڪري!' (شاهه)

'تون ڳالهه ڪرين ٿو زلفن جي، مان اٽين اٽين وارن جي، تون ڪوڪ سٽين ٿو ڪوئل جي، مان پيٽ بکايل ٻارن جي...!' (شيخ اياز)

'ٻاهر گل گلاب جا، من تن جو فولاد، سنڌڙيءَ جو اولاد ٻرڪي ڏسو ڪانئرو...!' (شيخ اياز)

'هڪڙو ٻالڪ رات رنو هو ٻاجهر جي ڪنهن داڻي تي، خالي ٿالهي ماءُ ڏني هئي، پنهنجي رانجهڻ راڻي کي!' (فتاح مَلڪ)

'علم ۽ هنر جون ڏياٽيون ڪَٽو جهالت جي اونده کي تيلي هڻو ٻائرو ۽ ٻينرو! اوهين آهيو سوجهرو...!' (استاد بخاري)

'جنهن وقت سڏايو هليا ايندا سين، محفل کي مچايو هليا ايندا سين..!' (تنوير عباسي)" [3].

آزاديءَ کان پوءِ، ڪيترائي سينيئر توڙي نوجوان شاعر آهن، جن ٻارن جي شاعريءَ ۾ هٿ موهيو آهي، ڪن ته ٻاڻ ٻالڪ شاعر طور شروعات ڪئي. انهن مان ڪن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

بردو سنڌي (1922_1988ع)

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ بردي سنڌي جو نالو بہ اهم آهي. سندس اصل نالو محمد رمضان لاشاري هو. سندس جنم ڳوٺ ماکن ڪوري تعلقي ميرپور ماٿيلي ضلعي گهوٽڪي ۾ ٿيو. سندس شاعري جي مجموعن مان "اکڙيون ميگهہ ملهار" (1961) "بوندون بس نہ ڪن" شايع ٿيل آهن. سندس شاعريءَ ۾ سنڌي ماحول، سنڌي ٻولي جي اصلي موسيقيت، پنهنجي ڳوٺاڻي ماحول مان ڪنيل تشبيهون ۽ سادگيءَ سان گڏ فن جي پختگي بہ آهي. سندس هڪ ٻاراڻي گيت جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

موٽي منڊ ملهار
ڪوئل ڪوڪي، مور اڏامي ،
ٻري ٻري پئي آس اجهامي،
اڱڻ مٽي ڪا آسروندي، وينئي چوڙي وار.
..... اوسائين موٽي منڊ ملهار.
موسم سهڻي ۽ سرمائي،
ڪٿي واڏايون ويڙهي آئي،
وري نصيبن کي مينهو ڳيون،
جيئن ڏينهڙا چار.
..... اوسائين موٽي منڊ ملهار." (4)

سليم "ڳاڙهوي" (1925_1987ع)

سليم ڳاڙهوي جو اصل نالو الهورايو ولد الهڏنو مهر هو. سندس جنم ڳوٺ ڳاڙهي، ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿيو. سليم ڳاڙهوي اعلیٰ درجي جو شاعر هو. سندس شاعري پختگي ۽ عمدگي جو سهڻو مثال آهي. سندس ٻارن لاءِ ڪيل شاعري نصابي ڪتابن ۾ شامل ڪئي وئي. سندس بيت "مٺڙي سنڌ" تمام گهڻو مشهور ٿيو:

ساھ منهنجي ۾ سمائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي!
سنگ _مصريءَ کان سوائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي!
ٻامبڙا ٻاتر جتي، ڊوڙيس ڊڪيس، ڪيڏيس جتي،
جنهن ۾ مٺڙي ننڊ آئي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي!

جت جمي ٻجهڻ گذاريم، ۽ جتي جوڀن ڏٺم،
شل اتي ماڻيان پڊائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي!
سنڌواسين هڪٻئي کي جت ڏنا سهڻا سبق،
هندو مسلم ڀائي ڀائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي!
ڏور ڏوهيڙا جتي، لوليون ۽ لوڙائو جتي،
جت ٻجهي ڪافي ۽ وائي، منهنجي مٺڙي سنڌڙي!

نثار "بزمي" (1924_2000ع)

نثار بزمي جو اصل نالو قلندر بخش جوڻيجو هو. سندس جنم تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. سندس شاعري جا مجموعا پڻ شايع ٿيل آهن. هڪ عوامي شاعر جي حيثيت سان اڀريو. پنهنجي جواني ۾ آزادي واري تحريڪ ۾ به حصو ورتائين. هن ٻارن جي سجاڳيءَ لاءِ پڻ ڪيترائي گيت ۽ نظم لکيا. سندس ڪيترا نظم درسي ڪتابن ۾ شامل آهن. سندس ٻارن لاءِ شاعري جو هڪ مجموعو "ڌرتي تارا" غلام محمد غازيءَ ترتيب ڏئي 2008ع ۾ ڇپايو آهي. ريل جي سفر کي هن ريت بيان ڪيو اٿائين:

بابو صاحب! ٽڪيٽ ڏي مون کي،
چڙهي ريل ۾ "سکر" وڃان مان.
ڇڪ ڇڪ ڇڪ ڇڪ ريل ڪري ٿي،
ٽڪرو ٽڪرو ڇڏي ڀڄائي.
ڪوڪ ڪري اطلاع ڏئي ٿي،
ظاهر زينت ساڻ ٿئي ٿي.
هڪڙا چاڙهي ۽ ٻيا لاهي،
اڳتي اڳتي ڪاهيو ڪاهي.
ريل ڏنو آهي سهنج اسان کي،
ڪيڏو هونه ته اهنج اسان کي".(5)

نياز همايوني(1930_2003ع)

نياز همايوني جو اصل نالو مشتاق احمد ميمڻ هو. سندس جنم ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ همايون ۾ ٿيو. نثر ۽ نظم ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. شاعري جي دنيا ۾ سندس مجموعا "ڪوڏ ۽ سپون" (1977)، "سانپيهه جي

ساک" (1975، هن ۾ دودي چنيسر جو داستان منظوم ڪيل آهي)، "ڌرتي جا ٻَول ۽ "منهنجا گيت"، "ڌرتيءَ جا گيت" (1977) شامل آهن. جنهن ۾ ٻارن لاءِ به شاعري ڏنل آهي. هتي سندس هڪ نظم ڏجي ٿو جنهن ۾ "ڪوري" (ڪپڙو اُڻندڙ) جي عڪاسي ڪئي اٿائين:

ڪوري آهيان ڪوري يار! ڪوريءَ جي مت
ٿوري يار!
سارو ڏينهن ڳُٽتين جون ڳالهيون، چنڻ نه
پنهنجي ٻولي،
نينهن نياهڻ ڪرت اسان جي، هر دم اولي
سولي،
لڳل اهائي لوري يار!
چرخو چوري ڪت ڪاتياريان، ور ور آڏيءَ
مانجهي،
انگ اگهاڙا آئون ڍڪايان، ليڙ منهنجي
لانجهي،
عمر ائين مون ڏوري يار! ڪوري آهيان
ڪوري يار." (6)

تنوير عباسي (1934_1999ع)

ڊاڪٽر تنوير عباسي جو اصل نالو نورنبي ولد گل حسن عباسي هو. سندس جنم ضلعي خيرپور جي تعلقي سوڀي ديري ۾ ٿيو. تنوير عباسي سنڌي شاعري جو هڪ وڏو نالو آهي، ان کان علاوه هو سنڌي ادب جو جديد نقاد پڻ آهي. سندس ٻاراڻي شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ٻاراڻا ٻول" (چونڊ ۽ ترتيب 1973) ۽ "هيءَ ڌرتي" (1985) شامل آهن. سندس ترتيب ڏنل مجموعو "ٻاراڻا ٻول"، ٻارن جي شاعريءَ جي سلسلي ۾ هڪ تحريڪ جو سبب بڻيو. سندس پنهنجي شاعريءَ ۾ به ٻارن جي لاءِ ڪيترائي نظم ملن ٿا. هڪ نظم ۾ رب سائين کان هيءَ دعا گهري ٿو:

سُکه اسان کي ڏي او سائين
ڪوڙ کي ڊاهي ڪريون ڍير
ماڻهو ماڻهوءَ جي من تاب به سيپ

لاهيون ڪلفت وارو مير
پيار امن جي دنيا ٺاهيون
ڪنهن سان ڪين رکي ڪو وير

استاد بخاري (1930_1992ع)

استاد بخاري جو پورو نالو احمد شاهہ بخاري هو. سندس جنم دادو ضلعي جي هڪ ڳوٺ غلام چانڊيو ۾ سيد حاجن شاهہ جي گهر ۾ ٿيو. استاد بخاري جي سڃاڻپ هڪ عوامي شاعر جي حيثيت ۾ پوري سنڌ ۾ ٿي. استاد بخاريءَ حو ٻارن جي شاعري جو مجموعو "ٻارڙا گيت" ۾ ٻارن لاءِ چونڊ گيتن ۽ نظمن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ مختلف شاعرن جا 65 گيت شامل آهن. هي مجموعو 1981ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو هو. سندس ٻيو مجموعو "گيت گلابي ٻارن جا" ۾ گيتن، نظمن ۽ ٻولن تي ٻڌل آهي. هن ڪتاب ۾ استاد بخاريءَ جا 58 گيت شامل آهن. هي ڪتاب سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت پاران 1980ع ۾ شايع ٿيو آهي. ساوڻ سهڻن طوطن کي هن ريت بيان ڪيو اٿائين:

منهنجا مٺڙا، مٺڙا طوطا!
ساوا سهڻا، سنڙا طوطا!
مٺڙيون ٻوليون ٻولين ٿو
پنهنجا پرڙا کولين ٿو
تنهنجو هڪڙو هڪڙو ٻول
ماڪيءَ جهڙو مٺڙو ٻول
پياريون لاتيون ٻول مٺوئڙا
منهنجا پيارا، ڍول پکيئڙا
خاص ڪاڏا ڪارايانءِ
تازا ميوا کارايانءِ!
بابا ڏاڏا ٻول ٻڌوس
چاچا، ماما، ٻول ٻڌوس
ٻول مٺوئڙا، جيئي سنڌ،
ڍول پکيئڙا، جيئي سنڌ.

شمشير الحيدري (1931_2012ع)

شمشير الحيدري، ولد رسول بخش جعفري، بدين ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ ڪڍڻ ۾ جنم ورتو. شمشير الحيدري نہ صرف شاعر هو پر شاعري تي سنڌس تنقيد ۽ تحقيق جا ڪتاب بہ شايع ٿيل آهن. ٽي.وي تي ٻارن لاءِ ڊراما ۽ معلوماتي پروگرام بہ ڪيائين. ٻارن جي شاعريءَ جي سلسلي ۾ "روشن تارا" (2012ع) سنڌي لينگئيج اٿارٽي پاران شايع ٿيل آهي. هن مجموعي لاءِ سليم حيدري لکي ٿو تہ: "ٻارڙن گيتن جي هن مختصر مجموعي ۾ شامل گيت، پاڪستان ٽيليويزن ڪراچيءَ جي ٻارڙن پروگرام 'روشن تارا' لاءِ لکيا ويا هئا. منهنجو والد شمشير الحيدري، شروع کان وٺي، ڪن مختصر وقفن کان سواءِ، 'روشن تارا' پروگرام جو اسڪرپٽ لکندو رهيو هو ۽ ٻارڙن جي انهيءَ پروگرام جو نالو بہ سنڌس ئي ڏنل آهي. سترجي ڏهاڪي کان وٺي 'روشن تارا' پروگرام جو اسڪرپٽ لکندي، هن جيڪي ٻاراڻا گيت لکيا، سي هن ڪتابڙي ۾ 'روشن تارا' جي ئي نالي سان شامل ڪيا ويا آهن. اميد تہ ٻارڙن کي پسند ايندا." (7)

منهنجي گُڏيءَ جا اهڙا ٻارَ،
اڇيو ڏسن پاڙي جا ٻارَ.
وارَ وِچون ۽ اکيون ٽانڊا،
نَڪ نيسارو، چَپَ چيلاٽا،
وه وا، چيلهہ ڇِپي چوڏار...
ڪپڙا ليڙون، نَخرو ٻيٺو،
هَڙَ ۾ هريڙون، بانور ٽيڻو،
لَٽي جاڻي نہ ڪو ڪم ڪار...
ڪجلُ لڳايان، سينڌِ بڻايان،
پَٽَ پٽيهَر زيورَ پايان،
اٿس هر ڳالهہ کان انڪار...

امداد حسيني (1940_2022ع)

امداد حسيني جو پورو نالو سيد امداد علي ولد سيد فضل محمد شاهہ هو. سنڌس جنم ٽکڙ ۾ ٿيو. سنڌس شخصيت سنڌي ادب ۾ گهڻ رخي آهي. ٻاڻ شاعر، ڊرامانويس، ڪهاڻيڪار، مترجم، محقق ۽ نقاد هو. سنڌس شاعريءَ جا ڪتاب شايع

ٿيل آهن. سندس ٻاراڻي شاعريءَ لاءِ غلام مصطفيٰ سولنگي لکي ٿو تہ "امداد حسينيءَ ٻارن لاءِ انتهائي خوبصورت شاعري ڪئي آهي ۽ سندس ٻاراڻا گيت نصابي ڪتابن ۾ پڻ شامل آهن. ان کان علاوه، گل ڦل ۾ پڻ مسلسل ڇپجندا رهن ٿا. امداد حسيني جهڙو ڀاڳ ڪرو ۽ ڪهرو آهي. سندس ڪوتا بہ اوتري اوريجنل آهي جيئن سوچي ٿو تئين لکي ٿو."[8]

سنڌي ٻهرين ڪتاب جي آزمائشي ايڊيشن 2014 ع صفحي نمبر 45 تي سبق ويهون ۾ امداد حسيني جو نظم بعنوان "آواز" شامل ڪيل آهي جنهن ۾ ڪوئل : ڳيرو، ڪانءُ ؛ ڏيڏر، جهرڪي، ريل ، موٽر ۽ ڪڪڙ شامل آهن:

ڪوئل ڪوڪي، ڪو ڪو ڪو

ڳيرو ڳايئي، گهو گهو گهو -

ڪانءُ ڪري ٿو، ڪان ڪان ڪان

ڏيڏر ڪري ٿو، ٽان ٽان ٽان

سنڌي اٺون ڪتاب اپريل 2018 ع صفحي نمبر 95 ۽ 96 تي امداد حسينيءَ جو نظم بعنوان "سوپارو ساٿيهہ" ۾ شاعر پنهنجي وطن جي ساراھ ۽ خوبصورتيءَ کي بهترين انداز سان پيش ڪيو آهي:

ڏاڍاٺو هي ڏيهہ اسان جو،

سوپارو ساٿيہ اسان جو.

صبح اُنهيءَ جو سهڻو سهڻو،

سهڻو سهڻو ۽ من مهڻو.

شام اُنهيءَ جي پياري پياري،

سهڻن رنگن روپن واري .

مقصود گل (1950_2015ع)

مقصود گل جو اصل نالو مقصود حيات ولد قاضي عبدالحئي "قائل" آهي. سندس جنم رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. شاعر، مترجم، مضمون نگار طور سڃاتو وڃي ٿو ٻاراڻي ادب ۾ شاعري ۽ ڪهاڻيون لکيون اٿائين. جن جا مجموعا بہ شايع ٿيل آهن. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪرڻا ڪرڻا". سنڌڙي ڪتابي سلسلي رتيديري ٻاران 1985 ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ 39 نظمن ۽ گيتن ۾ نوان ۽ نيارا

موضوع ۽ بيش ڪيل آهن، خاص طور تي مشهور شهرن ۽ تاريخي هنڌن جو سير دلچسپ انداز ۾ ڪرايو آهي. راڻي باغ جو سير هن ريت ڪرائي ٿو:

هلي ٻاراچ "باغ راڻي" ڏسون
پکي، جانور جوءِ ان ۾ پسون
ڏسو ٻولڙا ٿا نچن ۽ ڪڏن
اوهان سان ملڻ جي هو ڪوشش ٿا ڪن
شرارت جا پتلا اٿو ٻولڙا
گهرن اوهان کان مٺا ٽولڙا

سندس ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو مجموعو "هٿيلي هرڻي" (1993ع) شايع ٿيل آهي. سندس ڪهاڻيون ساديون ۽ ٺيٺ ٻهراڙيءَ جي پسمنظر ۾ سرجيل آهن. هن ٻارن جي نفسيات کي سمجهندي، تعليمي، ثقافتي ۽ ذهني سکيا واريون ڪهاڻيون لکيون آهن.

ادل سومرو (15 آگسٽ 1955ع)

ادل سومري جو اصل نالو عبدالڪريم ولد محمد صالح سومرو آهي. هن ٻاراڻي ادب جي سلسلي ۾ به ڪافي ڪم ڪيو آهي. هن ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ تنظيمن ۾ به ڪم ڪيو آهي، ڪتابن جا مهاڳ لکيا آهن. ٻاراڻي ادب تي مضمون لکيا آهن. ڪهاڻيون ۽ شاعري به ڪئي آهي. ادل سومري لاءِ اياز گل لکيو آهي ته: "اڄين چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو ته، ادل سومري جي حوالي کان سواءِ سنڌي ادب جي تاريخ مڪمل نه سمجهي ويندي. هن جي گيتن، نظمن ۽ ٻولن ۾ موضوع جي رنگارنگي آهي، جن ۾ ٻارن جي ڪيفيتن، حرڪتن ۽ خواهشن وغيره کي دلچسپ انداز ۾ سمايو آهي. ٻارن کي کل ڀوڳ واري انداز ۾ ، اخلاقي سکيا ۽ علم ڏيڻ سان گڏ سائنسي ايجادن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ جو ڪم ادل خوبصورت رنگ ڍنگ سان ڪيو آهي."[9]

ادل سومري جي ٻارن جي شاعريءَ جي سلسلي ۾ "روز ٽڙن رابيل" مارچ 1977ع ۾ مڪتبي پبليڪيشن سکر پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ 22 گيتن ۽ نظمن سان گڏ الف ب تي رچيل ٻول شامل آهن. سندس ٻيو مجموعو "چنبڙ پشم گولو"، ٻارن جي عالمي سال جي سلسلي ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن سکر شايع

ڪيو هن گيتن ۽ نظمن تي مشتمل ڪتاب ۾ مزيدار، ڪلاڪينڊڙ ۽ سمجهه ڏيندڙ 26 گيت ۽ نظم آهن. سندس ٻيون مجموعو "پتلين جو تماشو". آگر پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد پاران 1982ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ 26 گيت ۽ نظم ڏنل آهن. سندس "ٻوٻٽ جهڙا گيت" مارئي ڪتاب گهر پاران 1986ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ خاص مزيدار ۽ وندر واري ڳالهه. پکين ۽ جيتن جو مشاعرو آهي. سندس مجموعو "ستون رانديڪا" 2006ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ 23 نظم ڏنل آهن. "روبوٽ .. مشيني ماڻهو" ۾ روبوٽ کي ڪيتري خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو اٿائين:

سائنس جو هي جادو آهي
لوهي ماڻهو ٿو ڳالهائي.
ڪالهه تصور اڄ حقيقت
سڄي دنيا کي آهي حيرت
آدم پنهنجي عقل سان ٻارو
چاچا چڏيو آهي ٻڻائي
لوهي ماڻهو ٿو ڳالهائي.
پرزن جو هي ٺهيل آ سارو
هر ماڻهوءَ ڪان آهي سگهارو
سارا ڪم ڪري ٿو تڪڙا
وقت ڏئي ٿو گهٽو بچائي
لوهي ماڻهو ٿو ڳالهائي.

ذوالفقار سيال (25 مئي 1957ع)

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جديد سنڌي شاعرن جي موجوده ٽهيءَ ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو سندس جنم لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو. هن شاعريءَ جي شروعات بحيثيت ٻالڪ شاعر جي ڪئي. سندس ڪيترائي مجموعا پڻ شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ ٻاراڻي شاعري جا "مکڙين مالها" (1979)، "منهنجي ديس جا ٻار" (1982)، "گلن جهڙا گيت" (1986)، "گل ۽ مکڙيون" (2002ع)، "گيت ڪيڏوڻا" (1983ع، "لفظن جا رانديڪا" (1989)، "اکر اکر سرهاڻ" (2002ع)، "رڻ سڄو رت ٽڙا" (1977)، "ڳاڙها هٿ پيلا چهرا"، "چهرا چند گلابن جهڙا" (2003)، "منهنجي ٻولي پياري ٻولي" (2015)، "دعائون" (2010ع)، "منهنجو گڏڙو منهنجي

گڏڙي"، "ننڍڙا فرشتا پياريون پريون" (2019ع)، "پنهنجي ٻولي پياري ٻولي" (2013ع)، "چنڊ منهنجو رانديڪو" (2020ع)، "منهنجي ننڍپڻ" آتم ڪٿا (2020ع)، "پنهنجي دنيا ڏار" (2022ع)، "امان مون کي ماني ڏي" (2023ع)، "رسڻ ريجهڻ راند" (2024ع) شامل آهن. ذوالفقار سيال جي ٻاراڻي شاعريءَ ۾ هر قسم جا موضوع اچي وڃن ٿا."[10] ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ٻارن جي فطرت ۽ نفسيات کي ويجهڙائي کان پرکيندو رهي ٿو مثال طور:

ڪائي ٻيٺي پوءِ پيٺ پريان ٿو

ڪيڏي ڪيڏي پوءِ پڙهان ٿو

پڙهي پڙهي مان پوءِ سمهان ٿو

ننڊ ڪري جنهن ويل اٿان ٿو

تازو تازو پوءِ لڳان ٿو

ڊاڪٽر ذولفقار سيال جي شاعريءَ لاءِ اياز گل لکيو آهي ته: "سندس ٻارن لاءِ ڪيل شاعريءَ ۾ ٻارن جي سوچ ۽ سمجهه مطابق دلچسپ ۽ وندرائيندڙ گيت ۽ نظم شامل آهن. ذولفقار سيال پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻارن جي ذهني اوسر ۾ مدد ڪندي، سندن پنهنجي گيتن ۽ نظمن وسيلي نين نين ڳالهين ۽ شين سان واقفيت ڪرائي آهي."[11]

سوسن مرزا (1960ع_2002ع)

سوسن مرزا جو جنم ننڍو ٺوڙهو، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس پهريون شعر هلال پاڪستان جي سرتين واري صفحي "سگهڙن سٿ" ۾ 1974ع ۾ شايع ٿيو. سندس ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو "سپان جا ٻيجل" 1977ع ۾ گلن جهڙا ٻارڙا پبليڪيشن حيدرآباد شايع ڪيو هو. هن ٻاراڻي شاعري ۾ نوان تعميري ۽ با مقصد موضوع آڻي ٻارن ۾ سجاڳي جو جذبو جاڳايو."[12] ٻوڏ کان متاثر هڪ ٻارڙي جي دل ڏاريندڙ صدا کي هيئن پيش ڪيو اٿائين:

هر سال جڏهن اٿليو هئين،

تنهنجي لوڏ پرين لهرن ۾.

ننڍڙي ادي لڙهي ويئي،

ماءُ جي هنج اجڙي ويئي،

بابي کي ڪنهن نانگ ڏنگيو

توکي پر ڪو رحم نه پيو

اياز گل (6 مارچ 1959ع)

اياز علي دل "اياز گل" جو تعلق سکر سان آهي ۽ هو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ سنڌي ادب جو پروفيسر رهيو آهي. اياز گل ننڍي عمر کان شاعري شروع ڪئي. هن وقت تائين سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جن ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي مجموعن ۾ "گل ۽ تارا" (1979ع)، "خلقٺهار" (2017ع)، "پنهنجو هي اسڪول" (2017ع)، "راند روند" (2017ع) ۽ "ٽنڊ پري" (2021ع) شامل آهن. اياز گل ٻاراڻي شاعريءَ جي تاريخ تي ڪم ريسرچ پيپر به لکيا آهن. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻار کي ڪڏهن به نظرانداز نه ڪيو آهي. سندس شاعري ۾ فطري منظرن جي شاندار عڪاسي ملي ٿي. سندس "بادل آيا" نظم ۾ فطري عڪاسي شاندار آهي:

ڊوڙي ڊوڙي بادل آيا
سانوڻ آهن رنگ رچايا
ٽڏڙيون ٽڏڙيون هير ڪٽيون هي
اپ ۾ ڪيڏيون تيز چٽيون هي
وڻ ٽڻ، پنهجا لڱ پسايا
سانوڻ آهن رنگ رچايا
ٻالڪ ڪپڙا لاهي ڊوڙيا
سارا ويچا ڏاهي ڊوڙيا
گڏجي سيني گوڙ مچايا
سانوڻ آهن رنگ رچايا

نصير مرزا (20 جولاءِ 1956ع)

نصير مرزا جو تعلق سنڌ جي وڏي علمي ۽ ادبي گهراڻي سان آهي. سندس جنم ٽنڊي لوڙهي ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. هو ريڊيو پاڪستان جي نوڪري سان وابسته رهيو آهي. نصير مرزا نه صرف سٺو شاعر آهي، پر نقاد، سفرنامه نويس، خاڪا نويس پڻ آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ٻاراڻي شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ڌرتي جا تارا" (1979) ، ڪشنچند بيوس جي شاعريءَ جو ترتيب ڏنل "ڇهه ڇهه پئسا، ٻه ٻه ٻايون" (2006ع) ۽ ٻارن جي ريڊيائي گيتن جو مجوعو ""ڊبلي تي چٽڪي" (2010ع) شامل آهن. نصير مرزا بيحد دلچسپ ڳالهين کي پنهنجي گيتن جو موضوع بڻايو آهي ۽ ڪين نئين رنگ ۽ ڍنگ سان

پيش ڪيو آهي. ڏاهي ٻار جو عڪس هن ريت چٽيو اٿائين:

اٿي صبح جو ڏندڻ ڏيون ٿا
صاف سٺرا پائي ڪپڙا
نيرن ڪائي ، پڙهڻ وڃون ٿا
استادن جو ادب ڪريون ٿا
ڪين شرارت ڪا بہ ڪريون ٿا

غلام محمد غازي (9 اپريل 1955ع)

غلام محمد غازيءَ جو اصل نالو غلام محمد مهر ولد محمد سومر آهي. سندس جنم ڳوٺ عبدو، ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. پاڻ تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪري رٽائرمينٽ ورتي اٿائين. هن ٻاراڻي شاعريءَ ۾ هن حمد ۽ نعت جا بهترين تجربا ڪيا آهن. هن ٻاراڻي شاعريءَ ۾ هر قسم جا موضوع آندا آهن. غلام محمد "غازي" جا ٻاراڻي شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ "ٻار گلن جا هار" (1992ع)، "مرڪندڙ مکڙيون" (1997ع)، "سائنس بخشي سونهن" (1999ع)، "سائنس پئي سمجهائي" (2003ع)، "وطن گل آ مون لئہ" (2002ع)، "رانديڪن سان راند" (2003ع)، "گيت پنهنجي ديس جا" (2004ع)، "رنگا رنگي گيت" (2006ع)، "ٻنيوري" (2008ع)، "مرڪون" (2009ع) ، "ڌرتيءَ جا تارا" (ترتيب 2008ع)، "سنڌي گيت" (2014ع)، "گيت جي مهڪار" (2020ع)، "ميري ڌرتي" (اردو 2021ع)، "ٻار بنا کهڙا سنسار" (2022ع)، "اسان جي ڌرتي" (2023ع)، "ننڍڙي مڇي" (ڪهاڻيون ترجمو 2024ع) شامل آهن. رات جو چنڊ ٻارن کي ڏاڍو وڻندو آهي، ٻار شوق سان چنڊ جو نظارو ڪندا آهن ۽ ان کي ڏسي خوش ٿيندا آهن. ان ڪري غازي بہ چنڊ بابت چوي ٿو :

چنڊ تي ڪونهي ڪا آڪسيجن،
نهي نڪي ڪيئن ماڻهو ويهن،
چنڊ تي آهي ڏينهن جو گرمي،
چنڊ تي آهي رات جو سردي،

آصف مٺياٽوي (1959_2009ع)

آصف مٺياٽويءَ جو اصل نالو عبداللطيف ولد عبدالرحمان سومرو هو. سندس جنم ڳوٺ مٺياڻي، ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. هن ٻاراڻي شاعريءَ سان شروعات ڪئي. جنهن جو هڪ مجموعو "ٻول اسان جي ٻارن جا" (1994ع) شايع ٿيو. سندس ٻيو مجموعو "زندگيءَ جي روٽ ۾" 2015ع ۾ شايع ٿيو. هي ٻوڪڻ، گلڙن، جهڙا پيارا نظم پڙهڻ وٽان آهن جن ۾ شڪ خوبصورت نظم چنڊ مامو آهي، جنهن ۾ ڪيڏي نه احساس جي سندرتا آهي:

ٻهراڙيءَ جا ٻار گڏيا، گڏجي راند يون خوب ڪندا،
چنڊ ورڻ جي جڏهن ڪئي، ٻارن گڏجي ڳالهه چئي،
تون جي ماما واپس ويندين، اسان بنا تون هيڪل ٿيندين
پوءِ ته لڳندو توکي پوءِ، چنڊ ماما ترسي پو.

ان ڪانسواءِ آصف مٺياٽويءَ جا نظم "ديس جا ٻار" "ٻالڪ ٻڌي"، "منهنجو گهر"، "مٽي هاٺو ٻار"، "ٻارن جي ڳالهه"، "ساٿي پنهنجو" ڏاڍا پيارا نظم آهن

مختيار ملڪ (21 ڊسمبر 1959ع)

مختيار حسين ملڪ جو جنم ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان ريڊيو جي دنيا سان وابسته آهي. ٻاراڻي ادب ۾ وڏو مقام رکي ٿو. هن ٻارن لاءِ شاعري، ڪالم ۽ ڪيترين ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ٽم ٽم ٽانڊاڻا" (1980ع) شايع ٿيل آهي. هن پنهنجي نظمن ۾ ٻارن جي ذهني حد ۽ شعور کي نظر ۾ رکي سندن نفسيات مطابق گيت رچيا آهن. مٽيءَ جي رانديڪن کي هن ريت پيش ڪيو اٿائين:

ناني مون کي ڏيندي آهي
مٽيءَ جا رانديڪا ٺاهي
ٻار ٻيا ڏسندا آهن
سچ پچ ڏاڍا سڪندا آهن

1975ع ۾ مختيار ملڪ "خادم وطن" اخبار ۾ "اکين ڏٺا افسانڙا" جي عنوان سان ڪالم ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، جن ۾ ٻارن جي مسئلن، آسن، اميدن، غربت، حسرتن ۽ افلاس ۽ تعليمي مسئلن تي ڪهاڻيون لکيون. ان سلسلي

۾ سندس "تيڻ نندبون نہ ڪن"، "پختي عزم جو اھڃاڻ"، "ٻڪرار ٻالڪ"، "هر ڪو ماڻهو ڏوڪڙ پاءُ" ۽ "من جو ميوو" وغيره اهم آهن."[13]

نياز پنهور (15 جولاءِ 1963ع)

صحافي، شاعر، ڪالم نويس ۽ ڊراما نگار نياز پنهور جو نالو ذوالفقار علي ولد محمد ابراهيم پنهور آهي. سندس جنم عمرڪوٽ جي شهر شادي پلي ۾ ٿيو. هن وقت صحافت سان منسلڪ آهي. ماضيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي حوالي سان انتهائي سرگرم اديب رهيو آهي. سندس ٻاراڻي شاعريءَ جو پهريون ڳٽڪو "ڪوڏ ۽ سپون" 1981ع ۾ شايع ٿيو. جنهن تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران ڪيس 'ٻاراڻي ادب' جو انعام پڻ ڏنو ويو."[14] سندس مجموعي ۾ 23 نظم ۽ گيت ڏنل آهن. جن ۾ هو ٻارن کي معلوماتي ڄاڻ بہ ڏئي ٿو. سيءَ جي موسم ۾ ٻارن جي ڪيفيت هن ريت بيان ڪئي اٿائين:

سيءَ جي موسم سوئٽر ٽڪتا
ٽوپيون نڪتيون، مفلر ٽڪتا
ڏڪندي ٻالڪ ٽڪتا
ڄڻ ڪي گلڙا ترندي ٽڪتا

ڪيترو عرصو ٻاراڻين تنظيمن ۽ جماعتن ۾ رهي ٻالڪن جي ذهني ۽ فڪري اوسر ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو اٿائين. ٻاراڻي ادب ۾ مختلف رسالن ۽ اخباري سلسلن ۾ سندس ڪيترائي نظم ۽ ڪهاڻيون شايع ٿيل آهن.

زاهد شيخ (1 جنوري 1964ع)

زاهد شيخ جو اصل نالو حاڪم علي شيخ آهي ۽ سندس جنم ڳوٺ ماهي خان شيخ ضلعي خيرپور ۾ ٿيو. نوجوان شاعرن ۾ سندس نالو ڄاتل سڃاتل آهي. هن شروعات ٻاراڻي شاعري سان ڪئي ۽ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ سندس مقبوليت قومي گيتن سبب اڃان بہ وڌي. سندس ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو "جيجل تنهنجي جهول ۾" (1988ع). جنهن ۾ 25 گيتن ۽ نظمن ۾ ٻارن لاءِ سياسي ۽ سماجي مسئلا سمايل آهن."[15]

بابل ٿو چوي هل گاه تي هل
امڙ ٿي چوي ھڻ جهار هڪل

سڀ ڳالهيون هن منظور الا
دلڙي ٿي چوي اسڪول وڃان

اختر درگاهي (24 سيپٽمبر 1964ع)

اختر درگاهي کي شاعري ورثي ۾ مليي آهي. سندس والد درگاهي ميراڻي ٻه اعلىٰ پائي جو شاعر هو. اختر درگاهي شاعري جي ميدان ۾ تڪڙيون وکون کنيون آهن. سندس ٻاراڻي شاعري "گل ۽ مکڙيون" (1989ع) جو شايع ٿيل آهي. جنهن ۾ سندس 30 نظم ۽ گيت ڏنل آهن. موري کي نئين انداز ۾ هن ريت لکيو اٿائين:

جبل مٿي ڪانءُ
سورهيه تنهنجو نانءُ
او پنڙا مورو ويٺي ڏيانءُ
جبل مٿي جهرڪ
دشمن ڪان چرڪ
او پنڙا مورو ويٺي ڏيانءُ
جبل مٿي گاهه
ڏجانءُ سنڌو ساهه
او پنڙا مورو ويٺي ڏيانءُ

آزاد بخاري (پهرين مئي 1966 ع)

مشهورشاعر ۽ اديب آزاد بخاري جو اصل نالو عبدالڪريم شاهه آهي. سندس جنم چڪ، ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. هن شاعريءَ سان گڏ ڪهاڻيون ۽ ڪالم لکيا ۽ ڪيترا ترجما پڻ ڪيا آهن. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. انهن مان ٻارن لاءِ شاعري جي مجموعن ۾ "گل، خوشبو، ٻار" (2008ع)."ٽڇٽا ڪيڏٽا کلٽا ٻار"(2011ع)، "سائنس ڏنو سوجهرو" (سائنسي شاعري2015ع) ۽ "حق سچاڻ اي ٻار "(2019ع)، ۽ "خوشبو ۽ ٻار"(2008ع) شايع ٿيل آهي.

مختيار سمون (18 آگسٽ 1960ع)

سنڌي ٻاراڻي ادب جي ناليواري شاعر مختيار مگڻهار (سمون) جو جنم لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري ۾ يار محمد مگڻهار جي گهر ۾ ٿيو علم ۽ تدريس جي دنيا ۾ تمام وڏو نالو رکي ٿو هن 1992ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ تعليمي اداري نالیج سينٽر جو بنياد رکيو جنهن جو ڊائريڪٽر آهي. مختيار سمي 1974ع ۾ ٻارن جي

رسالن ۾ لکڻ سان شروعات ڪئي. سندس ٻارن لاءِ ڇپيل شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "دنيا آهي گول" (1983ع)، "ڏرتي روشن ٿيندي" (1990ع)، "گلن جهڙي شاعري پوپٽ جهڙا ٻار" شامل آهن. مختيار سمون بنيادي طور تي تعليمدان آهي، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻارن جي تعليم جي حصول جي ڳالهه ڪئي آهي. سندس ٻارائتي نظم ۾ شائستگي آهي:

منهنجو پيار ڪتابن سان،
۽ تن کي پڙهڻ وارن سان،
مان شاگرد آهيان، شاگرد آهيان.
پين جي آهي مون سان ياري،
مون کي پي هوءَ آهي پياري،
لکندي آهي لامارن سان،
مان شاگرد آهيان، شاگرد آهيان". (16)

اقبال شينو (26 جون 1953ع)

ناليوارو شاعر ۽ ٻارن جو ليکڪ اقبال شينو دادوءَ ۾ پيدا ٿيو. هن وقت هاءِ وي ۾ سب انجنيئر آهي. هو سٺو شاعر آهي. سندس شاعري ڪيترن ئي ادبي رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي. ٻارن لاءِ شاعري جي سلسلي ۾ سندس "جهڙا گل گلاب جا" 1986ع ۽ "سرها گل رابيل" (2009ع) ۾ شايع ٿيل اٿس. هن وڏا نظم لکيا آهن، جن ۾ هر قسم جا موضوع آندا اٿائين.

خليل عارف سومرو (18 نومبر 1965ع)

خليل عارف جو اصل نالو خليل احمد سومرو آهي. سندس جنم دادو ضلعي جي ڪاڇي واري علائقي جوهيءَ ۾ نامياري شاعر احمد خان مدهوش جي گهر ۾ ٿيو. هن وقت تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد آهي. خليل عارف سومرو شاعري جي شروعات 1978ع ۾ ڪئي. سندس پهريون شعر سنڌي ادبي بورڊ طرفان ٻارن لاءِ نڪرندڙ رسالي گل ڦل ۾ 1980ع ۾ ڇپرو ٿيو. سندس ڪتاب پڻ ڇپيا آهن. جن ۾ ٻارن لاءِ گيتن ۽ نظمن تي ٻڌل ٻه مجموعا "مهڪار" (1984ع) ۽ "موتيون ۽ مکڙيون" (2010ع) شايع ٿيل آهن. ڪاهي واري مرض لاءِ هن وائي ۾ لکيو اٿائين:

محنت ۾ آ ماڻ،
ڪاهي ڇاجي لڻ ڪيان.

علم وَڌائي جاڻ ٿو،
پڙهان ڏئي ڏيانَ،
ڪاپي ٻا جي لئہ ڪيان.
ڪاپي آهي، ڪينس
اهليت وَڌندي ڪانہ،
ڪاپي ٻا جي لئہ ڪيان.
مِحنت تي جن ٻاڙيو،
اهي ٿئي اِنسانَ،
ڪاپي ٻا جي لئہ ڪيان.
سَمجهہ وارن لئہ منزلون،
عارف ٿين آسانَ،
ڪاپي ٻا جي لئہ ڪيان.

علي محمد درد سولنگي (21 نومبر 1965ع)

علي محمد درد سولنگي ڦلجي اسٽيشن لڳ ڳوٺ قاضي پير محمد سولنگي تعلقي ۽ ضلعي دادو جي رهواسي قاضي پير محمد جي گهر ۾ جنم ورتو. پيشي جي لحاظ کان هو هڪ استاد آهي. هن ٻاراڻي ادب ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻين ۽ مضمون پڻ لکيا آهن. سندس ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "ٻار گلن جا هار" (2005ع)، "سهڻا ٻار" (2012 ع)، "موتين داڻا" (2017ع)، "هڪ شام جو الميو" (ڪهاڻيون،2012ع) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. سندس ٻاراڻي شاعري ۾ ٻارن لاءِ نصيحت ، پيغام، سبق، ننڍن وڏن سان پيار ، هدايت، برداشت ۽ معلومات جهڙا شعر ملندا جيئن هتي ٻاڻ لکي ٿو:

ادا پڙهہ ، پڙهڻ ۾ ڀلائي اٿئي
سکڻ جي عمر بس اها ئي اٿئي
اگر آئيندي جو ڪو اونو اٿئي
تہ پوءِ علم سان روشنائي اٿئي

علي دوست "عاجز" (2 نومبر 1964ع)

علي دوست عاجز جو جنم ڳوٺ فريد آباد ۾ ٿيو ٻاڻ سنڌي شاعريءَ جو

سجاڻ شاعر آهي ۽ غزل جي صنف ۾ تمام پختي شاعري ڪئي اٿس. سندس مجموعن ۾ "خوشبو خواب"، "اڃن پوئڻر پنپولئا" (2003ع)، ۽ "جهڙا تارا جرڪئا" (2000ع) ۾ شايع ٿيل آهن.

مشتاق بخاري (27 آڪٽوبر 1969ع)

مشتاق بخاري ولد غلام علي شاهه جي جنم جو هنڌ ڳوٺ لونگاڻي شريف ضلعو شڪارپور آهي. سندس ٻاراڻي شاعري ۾ "گيتن جهڙا ٻار" (1998ع)، "سونهن سنسار جي" (2001ع) شايع ٿيل آهن. ٻاراڻي شاعريءَ ۾ هن جي شعرن جا عنوان بہ نج ٻاراڻا آهن. مثال طور "سنڌ جو نقشو"، "ماءُ"، "بابو"، "ضديرو"، "وقت"، "واچ"، "بيسارو" وغيره سندس هن نظم کي ڏسو:

سنڌ جو نقشو سهڻو آهي،
صدين تائين رهڻو آهي،
نقشي ۾ ڪي نقش ڏنا اٿم،
شهرن جا سڀ نانءَ پڙهيا اٿم.

ممتاز عباسي (11 سيپٽمبر 1971ع)

جديد رومانوي سنڌي شاعري ۾ ممتاز عباسي اهم نالو آهي. سندس جنم لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو. سندس شاعري جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. انهن ۾ ٻاراڻي شاعري جا "روشني ٿي مسڪرائي" (2005) ۽ "دنيا کي بدلائيندس" (2005) اهم آهن.

بيخود بلوچ (14 آگسٽ 1971 ع)

بيخود بلوچ جو اصل نالو فتح الله جسڪاڻي آهي، سندس جنم تعلقي پني عاقل جي ڳوٺ جمعي جسڪاڻيءَ ۾ ٿيو. بيخود بلوچ غزل جو سٺو شاعر آهي ۽ شاعريءَ جي ٻين صنفن تي بہ طبع آزمائي ڪئي اٿس. ٻاراڻي شاعريءَ جي سلسلي ۾ ٻوليون لوليون ٻارن جون (1996) ۾ جاڳو ٻارو شايع ٿيل آهن."[17] "بابا منهنجو مزدور" ۾ هڪ پورهيت پيءُ کي بهترين نموني چٽيو آهي:

بابا منهنجو آ مزدور
سور سهي تہ بہ ڏئي سرور
پنهنجو رت جلائي ٿو
سارو گهر سجائي ٿو
رهندو آهي مسرور

پريل دايو (15 مئي 1971ع)

نوجوان صحافي، اديب ۽ شاعر پريل دايو ڳوٺ نوراجا تعلقي پني عاقل ۾ ولي محمد دايي جي گهر ۾ جنم ورتو. 1980ع کان ٻاراڻي ادب ۾ لکڻ جي شروعات ڪيائين. ٻارڙن جي تنظيم ساٿي ٻارڙا ۾ شموليت سان تنظيم سازيءَ جو ڏانءُ سکيو. پريل دايي جو ٻارن جي شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب "ٻاتا جنين ٻول" (2007ع) ۽ "ٻاراڪين جا ٻار" (2014ع) ڇپيل آهن. هو جيجل جي خدمت لاءِ چوي ٿو ته:

جو به ڪري جيجل جي خدمت،
سچ پچ سو ٿو ماڻي جنت
جو نه امان جو چيو مڃي ٿو
تنهن جي مقدر ۾ آ ذلت.
ابو ٻچن سان پيار ڪري پر،
امان ڪي وڌ تن سان الفت.

قمر النساءِ جوکيو

قمر النساءِ جوکيو تعليمي ماهر، مفڪر، اديب، محبوب علي جوکيو جي گهر ۾ جنم ٿيو. ٻاراڻي ادب ۾ سندس ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن. هڪ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون "سوڀ ۽ داڻو پاڻي" ۽ ٻيو ڪتاب شاعري "ننڍڙا جيوت" ٻنهي ڪتابن ڪي پوپٽ پبليڪيشن هائوس خيرپور، سنڌ ٻاران 2019ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي. "سوڀ ۽ داڻو پاڻي" مجموعي ۾ پندرنهن (15) ڪهاڻيون آهن جن مان سندس فن ۽ فڪري لاڙي جو دلڪش شاهڪار آهي. جڏهن ته ننڍڙا جيوت (ٻالڪ شاعري) ۾ نظم آهن. جن جو تعداد ايڪيتاليهارو ڪن آهي. سندس احساس ڪي ڏسون "ڪانءُ" نظم ۾ چاڻي چوي:

ڪانءُ ڪري ٿو پٽ تي ڪان ڪان
ڪمائي ڪوڙ سارا پئسا آڻيندو
بسڪيٽ، چاڪليٽ، ڪٽمٺڙا آڻيندو
ڪتاب، ڪاپيون، پينون، ڪلر آڻيندو
بوٽ، چپل، ڪپڙا سيني لاءِ آڻيندو
سيون، ڪيس، ڪنڌون ڪوڙ آڻيندو

بابا منهنجو شيون کوڙ آڻيندو
منهنجي امڙ به خوشيون ڪندي آ
اها به ته بابا جو اوسيئڙو ڪندي آ

ملهار سنڌي (1 جنوري 1978ع)

ملهار سنڌيءَ جو اصل نالو محمد چنل ولد دودو خان بوزدار آهي. سندس جنم رتيديري ۾ ٿيو ٻاراڻي شاعريءَ ۾ هو سنڌو نالو رکي ٿو سندس ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "رانديڪو" (2003ع)، "ٻالڪ چنڊ ستارا" (2006ع)، ڌرتيءَ جا ٽانڊاڻا" ۽ مضمونن جو ڪتاب "آس جا گل تياس تي" شايع ٿيل آهن. ٻارن جي اسڪول مان وئڪيشن ڪي هن ريت پيش ڪيو اٿائين:

وئڪيشن آ ٿي وئي ٻارو!
گهمڻ ڦرڻ جو آيو وارو.
ٻالڪ سارا جهومن ڳائن،
خوشيون پيا ٿا خوب ملهائن.
ڪي ٻالڪ ويا گهمڻ ڪراچي،
چڙيا گهر ڪي ڏسڻ ڪراچي.
ڪي ويا ڪوئيٽا گرميون گذارڻ،
پنهنجي اندر ڪي ويا نارڻ.

ياسر قاضي (17 جنوري 1979ع)

ياسر قاضي، سنڌ جي مشهور شاعر مقصود گل جو فرزند آهي. سندس جنم رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو ياسر قاضي شاعر، محقق، سفرنامہ نويس ۽ اناؤنسر آهي. هن خاص طور تي ٻارن لاءِ شاعريءَ ۾ نالو ڪمايو آهي. سندس ڪتابن ۾ "ٻيڙي ۾ چنڊ" (ٻارن لاءِ شاعري 2012ع)، "اٽ ماما گوگٽو" (ٻارن لاءِ شاعريءَ 2014)، "لولو ڏنر ڪانو ڪي" (2017ع) ۽ "گل چنو گرنار جو" (مقصود گل جي وڇوڙي تي ترتيب ڏنل تعزيت نامہ 2015ع)، شامل آهن. ياسر قاضي جي شريڪ حيات ساپيان سانگي به شاعره آهي، جنهن جو مجموعو "انجان ڪائنات جي ايريا" (2007) شايع ٿيل آهي. سندس ڪجهه عنوان ۽ شاعري ٻارن لاءِ جاڻ به وڌائي ٿي ته دلچسپي پڻ جيئن شهرن جا پراڻا نالا، بجلي، هيليڪاپٽر، ڪينگرو وغيره.

مٿي ذڪر ڪيل شاعرن کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ٻاراڻي ادب جا شاعر

آهن، جن مان گهڻن جا مجموعا شايع نہ ٿي سگهيا آهن، پر انهن جي شاعري رسالن، خصوصي اخباري ڪارنر وغيره ۾ شايع ٿيل آهي ان کان علاوه ڪيترائي اهڙا شاعر نہ آهن، جن جي شاعريءَ جا مجموعا بہ آيل آهن، انهن ۾ الطاف عباسيءَ جو "جاڙا چنڊ" (1979 ع)، منظور ظفر جو "ڌرتيءَ جا گل" (1980 ع)، ڊاڪٽر نواز علي شوق جو "گيتن جي گلزاري" (1990 ع)، سڪندر سرواڻ جو "سرها گل ساٿيهه جا" (1992 ع)، رحيم بخش قمر جو "ٻاراڻا گيت" (1993 ع)، ڪملا پيسن جي ٻاراڻي شاعري جو تنوير جوڻيجو ڪيل ترجمو "ڏمڪ ڏم" (1994 ع)، نالي واري اديب آزاد قاضيءَ جو "گلابي گل" (2002 ع)، نئين ٽهيءَ جي ناليواري شاعر وسيم سومري جو "ڳاڙها ڳانا پٽ جا"، ناميارې شاعر ۽ اديب جوهر بوهيءَ جو مجموعو، "لولي (2000 ع)، مختيار گهمري جو مجموعو" ستارا جهوليءَ ۾ " (2001 ع)، ڊاڪٽر مهر خادم جو مجموعو "اڪبوٽ" (2001 ع)، نالي واري اديب ۽ شاعر احمد خان آصف مصراڻي جا ٻارن لاءِ شاعريءَ تي سهيڙيل ڪتاب "ٻاراڻا ٻول" ڇهن ڀاڱن ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي شايع ڪيا آهن، حسرت ملاح جو "ماءُ منهجا ڳل چميا" (2003 ع)، محمد علي ماجد جو مجموعو "ڌرتيءَ جا ٻار" (2003 ع)، ماڻڪ ملاح جو مجموعو " گيتن جا رانديڪا" (2004 ع)، منثار سولنگيءَ جو مجموعو "آءُ بہ جيڪر پڙهڻ وڃان" (2006 ع)، نسرين طاهره وفائي جو مجموعو "ننڍڙا سهڻا ٻار" (2005 ع)، شاعر ۽ نثر نويس سميع ساجد جوڻيجي جو مجموعو "لفظن جا پوپٽ" (2007 ع)، ناميارې ليکڪ زيب نظاماڻيءَ جو مجموعو "هلو هلون اسڪول" (2013 ع)، عاجز ميرواهيءَ جو "ٻول انمول" (2013 ع)، گوهر سنڌيءَ جو "جاڳ او ٻالڪ جاڳ" (2014 ع)، وفا مولابخش جو مجموعو " پوپٽ رنگ رنگيلا" (2013 ع)، منظور ابڙي جو مجموعو "پيارا پيارا پوپٽڙا"، وحيد محسن جو "ٻالڪ ڌرتي جا تانداڻا" (2017 ع)، محمد جواڻ جانب سومري جو "گيتن جو گلدستو"، زخمي چانڊيي جو "مٺڙا ٻار" (2020 ع)، مور مغيريءَ جو "بابا مون کي کر نہ ڏنار" (2020 ع)، شيخ نديم تصور جي شاعري جو مجموعو "ڌرتيءَ جا تارا" 2021ع ۾ شايع ٿيو، نوجوان اديب ۽ شاعر عيسيٰ ميمڻ جي ٻارڙن جي شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب "ٽم ٽم تارا"، شهمير سومري جو" مامو چنڊ"، علي عابد سومري جو ڪتاب "ڏيڍو گدڙ" 2022 ع ۽ ٻين شاعرن جا ٻيا ڪيترائي مجموعا شامل آهن.

حوالا:

1. هوندراج بلواڻي: "ٻال ساهتيه جو وڪاس" گجرات ساهتيه اڪيڊمي، احمد آباد، 1986ع، ص 33
2. اياز گل :"سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شاعري، مختصر جائزو"، ٽي ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 4/ 1996ع، ص 73
3. دليپ ڪوٺاري: "سِنڌِي ٻاراڻو اَدبُ ۽ ٻالڪ سڃاڳ تنظيمن جو متحرڪ ماضِي" (فيس بوڪ تي رکيل)
4. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 407
5. غلام محمد غازي (ترتيب) : "ڌرتي تارا"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2008ع
6. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 403
7. شمشيرالحيدري: "روشن تارا"، سنڌي لينگيئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 1
8. غلام مصطفيٰ سولنگي: "سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي"، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007ع، ص 96
9. اياز گل : "سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شاعري"، پٽائي تحقيقي جرنل، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، جولاءِ 1991ع، ص 54
10. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص596
11. اياز گل : "سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شاعري"، پٽائي تحقيقي جرنل، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، جولاءِ 1991ع، ص 55
12. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 728
13. ساڳئيو حوالو ص 608
14. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو"، (قلمي)، 1988ع، ص 291، 292
15. خالد آزاد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" (جلد پهريون)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، سنڌ، 2016ع، ص 130
16. مختيار سمون: "گلن جهڙي شاعري پوپٽ جهڙا ٻار"، ڏاهپ پبليڪيشن، 2015ع
17. خالد آزاد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" (جلد پهريون)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، سنڌ، 2016ع، ص 115

آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻيون ڪھاڻيون

حقيقت ۾ ٻاراڻي ڪھاڻيءَ کي آڪاڻي ئي چيو ويندو آھي. ۾ آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪھاڻين جي تمام گھڻي ترقيءَ جي ڪري، ٻارن واري آڪاڻي کي بہ ڪھاڻي چيو ويو. جو تہ ڪھاڻيءَ بادشاھن، شھزادن، ديون ۽ پرين مان ٻاھر ڪڍي عام ۽ سماجي زندگيءَ جي موضوعن طرف آندو ويو. اھو رجحان سنڌي ڪھاڻيءَ ۾ 1947ع کان گھڻو پوءِ آيو. آزاديءَ کان پوءِ وارين ڪھاڻين کي موضوع، پيشڪش، توڙي بيان جي حوالي سان ڊاڪٽر ھوندراج بلواڻيءَ ھنن قسمن ۾ ورھايو آھي: (1)اتھاسڪ ڪھاڻيون (تاريخي) (2) پوراڻڪ ڪھاڻيون (قديم ڌرمي) (3) پسن پکين جون ڪھاڻيون (4) ويرتا جون ڪھاڻيون (بھادرن جون ڪھاڻيون) (5) وگيانڪ ڪھاڻيون (عقل ۽ سائنس واريون ڪھاڻيون) (6) جاسوسي ڪھاڻيون (7) ٻار جيون جون ڪھاڻيون (8) مذاقي ڪھاڻيون (9) اصطلاحن ۽ پھاڪن جون ڪھاڻيون (10) لوڪ ڪھاڻيون (11)پري ڪٿائون (12) چتر ڪٿائون (13) مني ڪٿائون".[1]

ڏٺو وڃي تہ آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻي سنڌي ڪھاڻيءَ ۾ اھي سڀئي موضوع موجود آھن ۽ ڪي موضوع انھن کان وڌيڪ بہ آيل آھن. آزاديءَ کان پوءِ، مختلف رسالن ۽ اخبارن جي صفحن ۾ ڪيترين ئي ڪھاڻيون شايع ٿيون آھن، جن جي صحيح معلومات گڏ ڪرڻ مشڪل ڪم آھي، جڏھن تہ ڪتابي صورت ۾ آيل ڪھاڻين جو تعداد بہ ڪافي آھي. سنڌي ڪھاڻيءَ جي شروعاتي دور ۾ طلسمي، جادو بادشاھن ۽ پرين وارين ڪھاڻين جو رواج عام ھوندو ھو. 1957ع ۾ حقير ابن مگڻ جو ڪتاب "عقلمند وزير ۽ بيوقوف بادشاھ" آر.ايڇ برادرس" حيدرآباد پاران شايع ٿيو جنھن ۾ بھترين لوڪ ڪھاڻي ڏنل آھي. ساڳئي سال ۽ ساڳئي اداري پاران حقير ابن مگڻ جو ٻيو ڪھاڻين جو ڪتاب "دادلو شھزادو" شايع ٿيو. جنھن ۾ 10 ڪھاڻيون ڏنل آھن. 1957ع ۾ ئي آغا تاج محمد جو لکيل ڪتاب "چيدا سبق"آر.ايڇ برادرس" حيدرآباد شايع ٿيو 26 صفحن جي ھن ڪتاب ۾ نصحيت ۽ سکيا واريون ڪھاڻيون ڏنل آھن، اھڙين ڪھاڻين ۾ ليکڻ جي صحبت جو اثر، حامد ۽ ريڊ ڪراس سوسائٽي، ھميشہ ڏيان ڌري ھلو طاقت ۽ حرفت، اڻ ڪوٺيو مھمان، لومڙ ۽ دھل" . شينھن بکھڙ ۽ لومڙ، اپوجھہ آدمي، سياڻن جا قول ۽ نصحيتون شامل آھن".[2] 1957ع ۾ غلام مرتضيٰ ٻٽيءَ جي ڪھاڻين جو ڪتاب "دل بھار" اداره

گلستان پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ نصحيت آميز ڪافي ڪهاڻيون ڏنل هيون. 1957ع ۾ بلاول پرديسيءَ جي ٻارن جي ڪهاڻين جو ڪتاب "گلاب جو گل" اداره گلستان پاران شايع ٿيو. انهن سالن ۾ محمد بخش جوهر جا به ڪيترائي ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ٿيا.

1957ع ۾ لوڪ ادب جي سهيڙ جو ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ شروع ٿيو. ان تجويز هيٺ گهٽ ۾ گهٽ ڇهن جلدن ۾ اهي ڪهاڻيون/آکاڻيون شامل ڪيون ويون، جيڪي سڌي يا اڻ سڌي ريت ٻاراڻي ادب ۾ شامل آهن. ان حوالي سان "لوڪ ادب_1" (بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون، 1960ع)، "لوڪ ادب_2" (بادشاهن، وزيرن، ۽ سوداگرن جون ڳالهيون، 1963ع)، "لوڪ ادب_3" (پرين، ديون، جادوگرن، ڏائڻين ۽ نجومين جون ڳالهيون، 1963ع)، "لوڪ ادب_4" (بادشاهن، شاهوڪارن، ڏاهن، ٺڳن جون ڳالهيون)، "لوڪ ادب_5" (ٻاراڻيون آکاڻيون)، ۽ "لوڪ ادب_6" (جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون، 1964ع) شامل آهن.

لوڪ رومانوي قصن تي مرزا قليچ بيگ جا ڪيترائي ڪتاب ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهن، جن ۾ "تي ديو تي راڪاس"، "شيطان جي ناني"، "نيلو پکي"، "عجيب طلسم"، وغيره اهم آهن. فدا سرهيو ۽ اياز پاتوليءَ اداره گلشن پاران به ڪيترائي ڪتاب مرتب ڪري شايع ڪرايا، جن ۾ "اڏامندڙ گهوڙو" (1960ع)، "مغرور بادشاهه" (1960ع)، "ڪنول شهزادي" (1960ع)، "حور بغداد" (1978ع)، "سونو ڪڪڙ" (1979ع)، "ڦول راڻي" (1969ع) وغيره اهم آهن. ان سلسلي ۾ در محمد پٺاڻ جو "ڇيلڙي وارو شهزادو" (1984ع) به اهم آهي. الطاف شيخ جو "ڏاهي جهرڪي" (1999ع)، ولي محمد طاهرزادي جون "آکاڻيون" بہ ڀاڱن ۾ ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيون آهن، جن ۾ مختلف موضوعن تي لوڪ ڪهاڻيون ڏنل آهن".(3)

انور هالائيءَ جو ڪتاب "شاهه جون ڪهاڻيون" 1979ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ شاهه جي رسالي ۾ آيل ڪهاڻين کي ٻارن لاءِ آسان ڪري پيش ڪيو ويو آهي. اسحاق سميجي جو ترتيب ڏنل ڪتاب "دنيا جون لوڪ ڪهاڻيون" 2001ع ۾ شايع ٿيو.

پرين جون ڪهاڻيون ٻه لوڪ ادب ۾ اچن ٿيون ۽ خيالي دنيا (Disney world) ۾ ٻه اچن ٿيون. ان ۾ خيالي ۽ غير حقيقي دنيا سان وابسته منظر ڏيکاريا ويندا. ڪوهه ڪاف جون پريون، ڪهاڻين ۾ خاص طور تي مشهور آهن. پري هڪ خوبصورت ۽ حسين عورت جي لاءِ تصور ڪيو ويندو آهي، جنهن کي پر به هوندا آهن ۽ هوءَ گهڻو ڪري رحمدل هونديون آهن. سنڌي ۾ بيشمار پرين جون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. 1987ع ۾ لوڪ ادب سيريز جي ٿي جلد ۾ پرين، ديون جون ڪهاڻيون جمع ڪيون ويون. ان کان 1947ع ۾ هري يو.ايل. ٻنيجا جو مرتب ڪيل ڪتاب "سون پري" شايع ٿيو هن 22 صفحن جي ڪتاب ۾ جادو جو تير، چاچي پکڻ جي ڇهر ٻهر ۽ سهي جي سياڻپ" ڪهاڻيون ڏنل هيون. 1960ع ۾ عبدالواحد صديقي جو " پرين جون ڪهاڻيون" آر.ايڇ. برادرس پاران شايع ٿيو جنهن ۾ پرين سان منسلڪ بهترين ڪهاڻيون ڏنل آهن. پروفيسر اياز قادريءَ جو ڪتاب "پرين جو ڪهاڻيون" 1981ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ پرين جون چار ڪهاڻيون "جادوءَ جو تلاءُ"، "ٽي پريون"، "ساموندي پري"، ۽ "سون پري" شامل آهن. پيشڪش ۽ ٻارن جي نفسيات ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان سندس ڪهاڻيون شاندار آهن. محمد بخش جوهر ڪيترين ان قسم جون ڪهاڻيون لکيون آهن. حاجي حقير ابن مگڻ جو ڪتاب "شهزادي سون پري"، عزيز ڪنگراڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "سنڌ پري" (1999ع) پڻ شايع ٿيل آهي. منوج ڪمار جو ترجمو ٿيل ڪتاب "برف شهزادي" انگريزي ادب مان پرين جي ڪهاڻي جو بهترين ڪتاب آهي.

پکين ۽ جانورن جون ڪهاڻيون ٻڌائڻ جو رواج اسان وٽ آڳاٽي دور کان موجود آهي. فدا سرهيي ۽ اياز ٻاٽوليءَ جو "ڏاڍمندڙ گهوڙو" (1960ع)، اياز ٻاٽوليءَ جو سونو ڪڪڙ (1980ع)، حاجي حقير ابن مگڻ جو "ڪيهر شينهن جي ڏيءُ"، (1958ع)، خيال پٽيءَ جو احسان مند لومڙي" (1959ع)، محمد بخش جوهر جو "ماڪوڙن جي فوج" (1959ع)، جڏهن ته گوهر ممتاز قاضيءَ جو ڪتاب "ٻولڙيءَ جي پل ۽ ٻيون آکاڻيون" 1979ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيو هن ڪتاب ۾ ڏنل سڀ آکاڻيون سليس ۽ وڻندڙ آهن انهن ۾ سمايل اخلاقي سبق ٻارن کي سولائي سان ذهن نشين ٿي وڃن ٿا. ڪتاب، قد، روپ ۽ تصورن جي خيال کان ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. هن مجموعي جو شامل ڪهاڻيون "مند جو ميلو"، "ٻجڙي جي بدڪ"، "ٽيبلہ جي گڏي"، "ٻولڙي جي پل"، "بزرگ جو بار"، "ڪينهوڙي تي ڪيٽو"،

وغيره ٻارن جي رنگ ڍنگ واريون نراليون ڪهاڻيون آهن. ادل سومرو جو جيتن جي ڪانفرنس (1984 ع)، رضيه صديقي جو ٻڌيءَ جو ٻڪر (1984 ع)، الاهي بخش ٻانيڻ جو ڪانون جي ڪاهه (1985 ع)، دانيال طارق جو عقلمند ڪوئا، اشرف زمان جو ٻڪين جي دنيا ۾ انقلاب، عبدلرحمان جتوئي جو سياڻو ڪانءُ، الطاف شيخ جو ڏاهي جهرڪي، اويس ڀٽي جو جهرڪيءَ ڪان انٽرويو عباس سارنگ جو مجوعو "مٽيءَ جو ھاٿي" 2017 ع وغيره اهم آهن.

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي "ويرتا يا بهادريءَ وارين ڪهاڻين لاءِ لکيو آهي ته: "هي ڪهاڻيون سياڻپ ۽ شجاعت ۾ اچن ٿيون، جن ۾ سورهين، بهادرن، سياڻن، دانائن جون آکاڻيون بيان ڪيل هونديون آهن. ان ۾ رزميه قصا به هوندا آهن ته نصيحت آموز سبق به. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ دودي سومري جي بهادري، مورڙي ميربحر جي سياڻپ، وتائي فقير جا عقلمنديءَ جون ڳالهيون اهم آهن. ۾ هن قسم جون ڪهاڻيون موجوده دور جي سياڻپ ۾ به استعمال ڪري سگهجن ٿيون".(4) 1947 ع ۾ محمد يوسف ميمڻ جو لکيل ڪتاب "ٻارن جي بهادري" حيدرآباد مان شايع ٿيو 48 صفحن جي هن ڪتاب ۾ ٻه قصا "ظفر ۽ رام جي بهادري" ۽ "سلڇڻائي" انتهائي سادي ٻوليءَ ۾ ڏنل آهن. محمد بخش جوهر جو "بهادر عورت" (1959 ع) ۾ ٻيون ڪيتريون ڪهاڻيون شامل آهن.

اهڙي طرح تاريخي ڪهاڻين ۾ تاريخي واقعن ۽ ڪردارن کي افسانوي انداز ۾ ڪٿي ٻارن جي سوچ ۽ نفسيات مطابق پيش ڪيو ويندو آهي جيئن انهن کي پنهنجي ماضيءَ جي اهم تاريخي ورثي بابت سکيا سان گڏ وندر به ڏني وڃي. هندو اديبن ان سلسلي ۾ بيشمار ڪهاڻيون لکيون آهن. جڏهن ته سنڌ ۾ محمد عثمان ڏيپلائي اسلامي تاريخي پسمنظر ۾ ٻارن لاءِ ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون. تاريخي ڪهاڻين ۾ غلام مرتضيٰ ڀٽيءَ جو نالو به اچي ٿو هن 1952 ع ۾ "گلستان" رسالو جاري ڪيو هو جنهن ۾ سندس ڪهاڻيون شايع ٿيون. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ "دل بهار" (1957 ع) ۽ "جهانگير جو انصاف" (1957 ع) اهم آهن. ناميارا تاريخدان دادا سنڌيءَ سنڌ جي تاريخ، تاريخي واقعن ۽ ڪردارن تي ڪهاڻيون لکيون، جيڪي ٻارن جي معلومات ۽ دلچسپي جي لحاظ کان بهترين هيون. دادا سنڌي سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس ڪهاڻيون ڪتابي صورت ۾ 1986 ع ۾ "سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون" جي نالي سان شايع ٿيو. ڊاڪٽر شمس

الدين عرسائيءَ ٻارن لاءِ تاريخي ڪهاڻيءَ ۾ ڪتاب "لاکو ڦلاڻي" شايع ڪيو آهي. ناميارِي اديب امير بخاريءَ به اسلامي تاريخ تي مبني ٻاراڻيون ڪهاڻيون لکيون آهن.

سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪيترين ئي جاسوسي ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا ويا آهن، جن ۾ بهاري لال ڇاٻڙيا جو "سرلا ۽ ست جامڙا"، پير محمد عالم صديقيءَ جو "ٺڳن جو استاد"، عبدالرحمان جتوئي جا "عقلمند صوبيدار ۽ عقلمند ڇوڪرو" اهم ڪتابڙا آهن. انهن ڪان علاوه محمد علي پٺاڻ، محمد هاشم سومرو، فدا سرهيو ۽ ٻين جاسوسي آکاڻيون لکيون آهن. جاسوسي ادب ۾ ذوالفقار پٺاڻ جو "خوفناڪ سازش" (1993ع) ۾ شايع ٿيو. 1999ع ۾ غلام مصطفيٰ مشتاق جو "شمن جو وظيفو" شايع ٿيو. هيءَ ٻاراڻي ادب جي لحاظ کان هڪ اصلوڪو جاسوسي ڪهاڻيءَ تي مبني آهي، جنهن ۾ شمن نالي هڪ نوجوان کي جاسوس ٿيڻ جو ڏاڍو شوق آهي ۽ هو غيبي طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ ٽن ڏينهن جو وظيفو رات جو قبرستان وڃي ڪڍي ٿو. سندس ٽن ڏينهن جو تجربو انتهائي تجسس ۽ همٿ سان ڀرپور آهي. هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ويهي هڪ مشهور جاسوس ٿي پوي ٿو ۽ ماڻهن جي ڪم اچي ٿو.

ٻاراڻي ادب ۾ سائنسي ڪهاڻين جي وڏي اهميت آهي. اهي ڪهاڻيون، جيڪي سائنسي کوجنائن تي آڌاريل هجن، جن ۾ سائنسي سوچن ۽ تخيل سان نئين دنيا ۾ پهچي. ڪارٽونن جون ڪهاڻيون به سائنس فڪشن آهن. چنڊ، ستارا، خلائون ڪمپيوٽر، ٽي وي، روبوٽ، موبائيل، انٽرنيٽ جي آڌارن تي لکيل ڪهاڻيون به سائنسي افسانيت ۾ اچن ٿيون. سنڌي ادب ۾ سائنسي ڪهاڻي کي جاچڻ سان معلوم ٿيندو ته ٻاراڻي آکاڻي ۾ انهن جو چڱو خاصو تعداد ملي ويندو. ٻاراڻي ادب ۾ سائنسي آکاڻي جي اهميت جي حوالي سان ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ لکيو آهي ته: "اڄ جو دور سائنس جو دور آهي، ان ڪري ٻارن کي سائنس جي ايجادن تي آکاڻيون ڏيڻ گهرجن. انهن آکاڻين ذريعي ٻارن جي ڄاڻ، سمجهه، سگهه ۽ ڪلپنا شڪتي وڌي ٿي. وڏا ٿي ڪري هو به سائنسدان بڻجي پون. نين کوجنا ڪرڻ جي پريرڻا حاصل ڪن."[5] سنڌ جي محققن، نقادن، ان دور واري ٻارن جي اديب محمد بخش جوهر کي نظرانداز ڪيو آهي، جنهن پهريون دفعو ٻاراڻي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ سائنس فڪشن جا موضوع سڌي ريت متعارف ڪرايا. عمر الدين بيدار، خاص طور تي ٻاراڻي ادب جا جاسوسي ۽ سائنسي سلسلا شروع ڪيا، جن ۾ "هاسٽل تي واڳهه جو حملو" (1980ع)، "آسمان ٽٽو ڪري" (ليڊي برڊ سيريز جي "دي اسڪاءِ از

فالنگ" جو ترجمو) ، "پاتال جون پڇارون" (اٽ پاگا) اهم آهن. هنن ۾ ٻارن جي حوالي سان سائنسي ايجادن جي بنياد تي ننڍڙا ناول لکيا آهن. جن ۾ جاسوسي ڪهاڻي به سمايل آهي. ٻارن کي سائنسي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ نذير حسين پٽي ٻارن لاءِ سائنسي ڪهاڻيون لکيون جن ۾ "چنڊ ۽ راڪيٽ"، "خطرناڪ بم" ۽ "دنيا جو پهريون راڪيٽ" شامل آهن.

اياز پاتولي ٻارن لاءِ ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن مان گهڻن مجموعن ۾ سائنسي ۽ ڪوجنائن وارو رجحان به ملي ٿو اهڙن ڪتابن ۾ "اميد جا ڪرڻا"، "عجيب اسرار"، "برف جو محل"، "بخت جي واپسي"، "چمڪندڙ ستارا"، "هيرا لعل هزار"، "سوا لک جو هيرو"، "تارزن"، "خيرو راڻي" وغيره اهم آهن. پروفيسر فدا سرهيو جي آکاڻين جي ڪتابن ۾ سائنسي سڪيا ملي ٿي، ان سلسلي ۾ غيبي خزانو"، "ڏهه شهزاديون"، "چمڪندڙ ستارا"، "حيرت انگيز هيرو"، "ڪرامتي تختي"، "چنيهه لڪٽو" وغيره اهم آهن. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جون ڪهاڻيون "چنڊ تي جاسوسي" ۽ "بهادر انسان" وڏي اهميت رکن ٿيون. طارق قريشي جو ڪتاب "سپرمين" 2005ع ۾ شايع ٿيل آهي.[(6)]

سنڌ اهو خطو آهي، جنهن ۾ تعليم وڌڻ جي بجاءِ گهٽجي پئي. موجوده دور ۾ اسڪول بند، استاد پڙهائڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه ٿا رکن. خانگي اسڪولن ۾ تعليم مهانگي آهي ۽ اهي غيرسرڪاري اداره سنڌي نه ٿا پڙهائين. اڄ جي سنڌ جو اهم مسئلو "تعليم" آهي، ڇو جو تعليم کانسواءِ ڪو به معاشرو صحتمند ٿي نٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي ته سنڌ جي ٻاراڻين ڪهاڻين ۾ تمام گهڻا مثال ئي تعليم پرچارڪ ڪهاڻين جا آهن. اهي ڪهاڻيون خاص مقصد سان لکيو ويو آهن.

حفيظ شيخ جي ڪهاڻي "امان مان اسڪول ڪونه ويندس" ۾ هڪ هراسيل ٻارڙو ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو استاد جي مار کان خوفزده آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ نفسياتي موضوع کي پيش ڪيو ويو آهي. ممتاز مهر جون ڪهاڻيون "معصوم ٻارڙا" ۽ "جزا ۽ سزا" ٻاراڻي نفسيات کي اجاگر ڪندڙ ڪهاڻيون آهن. ادل سومري جون اڪثر ڪهاڻيون تعليم جي باري ۾ آهن. آزاد جتوئي، ثريا سوز ڏيپلائي، اڪبر جسڪاڻي پرواني پٽي، امام راشدي، عرفان مهدي، ظفر عباسي، عبدالواحد سومري، وحيد محسن ۽ ٻين ڪيترن جون آکاڻيون ٻارن ۾ تعليم جي اهميت تي لکيل آهن. ٻارن کي پڙهڻ دوران محنت، لگن، مقابلو ڪرڻ، تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ خصوصي

صلاحون ۽ نصيحت ڪيل آهي."[7] اڪرام ساگر عباسيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "مان اسڪول پڙهندس" 1993ع ۾ شايع ٿيو هن مجموعي ۾ ٻاراڻي معصوميت ۽ جذبات جون ڪيترين ڪهاڻيون آهن. عابده گهانگهرو جي ڪهاڻين جو مجموعو "ماريه، ميز ۽ لائبريري" 2014ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ سڀئي ڪهاڻيون تعليم جي اهميت بابت آهن. ان ڏس ۾ امداد جسڪاڻيءَ جو مجموعو "مستقبل جا مسيحا" (2015ع) ۾ اهم آهي.

سماجڪ ۽ مختلف موضوعن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪيترائي مجموعا شايع ٿيا آهن، جن جي ڪٿ ڪرڻ مشڪل آهي. حقيقت ۾ اهي ئي ڪهاڻيون آهن، جن آڪاڻيءَ کان ڪهاڻيءَ ڏانهن سفر ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه سينئر ليکڪن به ٻارن جا اهڙا ڪردار تخليق ڪيا آهن، جن جي ڪري اهي ڪهاڻيون ٻاراڻي ادب ۾ اچي ويون آهن. مثال طور تي 1984ع ۾ سهڻي پبليڪيشن حيدرآباد ٻاران ناماياري ليکڪ ولي رام ولڀ ٻارن جي موضوع تي لکيل سنڌيءَ جي مشهور ليکڪن جون چونڊ ڪهاڻيون گڏ ڪري "ٻار سنڌي ڪهاڻي ۾" ڪتابي شڪل ۾ ترتيب ڏنو آهي. هن مجموعي ۾ اهي ڪهاڻيون شامل آهن، جن جا مرڪزي ڪردار ٻار آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ امرجليل هڪ وڏو نالو آهي. هن ٻارن لاءِ ڪهاڻيون نه لکيون آهن، پر سندس تخليق ڪيل ڪردار "چينو" ۽ "چريٽ" سنڌ جي ذهين ٻارن جي عڪاسي ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "چيني ۽ چريٽ جون ڪهاڻيون" (2011ع) ۾ شايع ٿيل آهي. امام راشديءَ جو ڪتاب "موهن جي دڙي جو ٻار" به اهم آهي.

سنڌي ٻاراڻي ڪهاڻي ۾ نوان تجربا ڪيا ويا آهن، ۽ ليکڪن سماجڪ مسئلن ڪي تعليمي، تدريس سان گڏي پيش ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ مختلف موضوعن تي ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا آهن، جن ۾ نظير شوري جو پاڇن جي پنيان ٻوڙ (1977ع)، سليم هالائيءَ جو گل بانو، اڪبر جسڪاڻيءَ جا ڪتاب "خيرو حجم" ۽ "رمون پيتي"، امام بخش مگريي جو "ڏکن پنيان سک" (1977ع)، ادل سومري جو "آچر جا احوال" (1979ع)، منظور بيدار جو "هي ساٿي" (1982ع)، ج. ع منگهاڻيءَ جو "پتنگن پوبان ٻوڙ" (1986ع)، آزاد بخاريءَ جو سندر ناري (1986ع)، قربان منگيءَ جو راهن جو رولاڪ (شاعري ۽ ڪهاڻيون، 1987ع)، عبدالرحمان جتوئيءَ جو ٻاراڻيون آڪاڻيون

(1991 ع)، "عقلمند صوبيدار"، غفران عاقلاڻيءَ جو "ديس لاءِ دعا"، مريم ولي محمد جو پروانو سيوهاڻيءَ جو "آدام" (2000 ع)، خالد آزاد وگهيي جو "جيجل جي هنج ۾" (2001 ع)، محمد عثمان ڪتيءَ جو "شفا بخش ٻاٽي"، وحيد محسن جو "برائيءَ جو بدلو" (2003 ع)، شوڪت چاچڙ جو "آڏوري تصوير" (2008 ع)، دين محمد ڪلهوڙي جو ترتيب ڏنل "گل ڦل جون ڪهاڻيون" (2008 ع)، اويس ڀٽي جو "رانديڪو" (2014 ع)، خادم گهراڻي جو "هيرن جواهرن جو ٿيلهو" (2016 ع)، انور ابڙي جو "عَنی ۽ مَاڻُو" (2016 ع)، وحيد محسن جو "مهمان ڇهرڪي" (2016 ع)، جبار آزاد منگيءَ جو "ٽمون شرارتي" (2019 ع)، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جو "بهادر ڇوڪري" (2020 ع)، سرمد عباسيءَ جو منفرد ڪتاب " ٽام اينڊ جيري"(ڪارٽون ڪهاڻيون، 2021 ع)، ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

ترجمو ٿيل ڪهاڻين جا ڪتاب

سنڌ جي نوجوانن ٻارن جي وندر ۽ سکيا لاءِ مختلف زبانن جي ڪهاڻين ۾ ڪي ڪتاب ترجمو به ڪيا آهن ته جيئن اتان جي ماحول، موضوعن ۽ طريقن جي خبر سنڌي ٻار کي پوي. انگريزي، اردو هندي، جپاني، چيني، فرانسيسي، جرمن ۽ ٻين ڏيهي توڙي پرڏيهي ٻولين مان بيشمار ڪهاڻيون ترجمو ٿيون آهن. جيڪي اخبارن جي خاص صفحن، ٻارن جي رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيون آهن. پنهنجي دور جي مشهور محقق احسان احمد بدوي جو " وڻندڙ آکاڻيون 1963 ع ۾ شايع ٿيو هو. جنهن ۾ مختلف ٻولين جو آکاڻيون ترجمو ٿيل هيون. محمد بخش جوهر جي ڪهاڻين جا اڪثر ڪتاب انگريزي ۽ اردو ڪتابن جا ترجما آهن.

1964 ع ۾ سنڌ مدرسي جي اڳوڻي وائيس پرنسپال خانصاحب مريد عليءَ جرمنيءَ جي مشهور اديب گرم جي ڪهاڻين جو ترجمو "گرم جون آکاڻيون" جي نالي سان ڪيو. اهي ڪهاڻيون پهريون "گل ڦل" سنڌي رسالي ۾ شايع ٿيون، جن کي پوءِ "گرم جون آکاڻيون" نالي ڪتاب جي صورت ڏني ويئي. "گرم جون آکاڻيون" مفهوم ۽ اسلوب جي اعتبار کان عاليشان ڪهاڻيون آهن. خانصاحب مريد علي خان، آکاڻين جي ٻوليءَ کي آسان ۽ عام فهم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن ٻار ان کي آسانيءَ سان سمجهي سگهن. هتي آکاڻي "ڇهه نوڪر" مان ترجمي جو نمونو ۽ اقتباس مان ڏجي ٿو:

"تدبير زماني ۾، هڪ راڻي هوندي هئي، جا وڏي بدڪار ۽ جادوگرڻ هئي. ڪيس هڪ ڌيءَ هئي، جنهن جهڙي دنيا جي تختي تي ٻي ڪا به ڇوڪري حسين ۽ سهڻي ڪا نه هئي. هن پوڙهيءَ رن جو فقط هڪڙو ئي مقصد هوندو هو ته ڪهڙيءَ به ريت ماڻهن کي ٺڳي نابود ڪريان. ۽ انهيءَ مقصد سان جڏهن به ڪو سندس ڌيءَ جي سڱ جي گهر ڪندو هو ته هوءَ چوندي هيس ته "آءٌ ڌيءَ جو سڱ ان ماڻهوءَ کي ڏينديس، جيڪو منهنجا شرط پورا ڪندو." ماڻهو وري هن ڇوڪريءَ جي حسن ۽ جمال تي اهڙا موهت هئا، جو هن ٻڍيءَ جي دولاب ۾ اٽڪي، هن جي اڻ ٿيڻ جهڙن ڪمن ۾ اکيون پوري ڪٽي هٿ وجهندا هئا. . . . ۽ ناڪامياب ٿيندا هئا. پوءِ ناڪامياب ٿيڻ جي سزا اِها هئي، جو انهيءَ جادوگرڻ جي اڳيان گوڏن ڀر نمي، گردن جهڪائڻو پوندو هون. آخر هڪ نوجوان شهزادي، ايڏي حسن جي هاڪ ٻڌي، پنهنجي پيءُ کي عرض ڪيو ته "مهرباني ڪري مون کي هن ڇوڪريءَ جي ٻانهن جيتڻ جي موڪل ڏيو." (8)

"گِرِم جون آکاڻيون" جي ٻئي ڀاڱي جو سنڌي ترجمو رفيعه ملاح 2007ع ۾ ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ هي ڪهاڻيون اصل انگريزي ٻوليءَ تان ترجمو ڪيون آهن. هي ڪهاڻيون حالانڪ ٻارڙن لاءِ لکيون ويون آهن، پر وڏا به هنن ڪهاڻين ۾ خاصي دلچسپي رکن ٿا. ٻئي جلد ۾ ڏکويل پکيئڙو، وفادار جان، چورن مٿان مور، سونن پرن وارو هنج، ست پائڻ ٻارنهن پينرون، تِلَڻ جامڙوڪئي، پکي ۽ ٻکهه، مارڻ واري کان بچائڻ وارو سگهارو هوندو آهي ، ڪوڙ جي منهن ۾ ڏوڙ ، سوني جبل وارو بادشاهه، راڄي، متارو نينگر، خوش قسمت هنس ۽ بادشاهه جا نڪما پٽ شامل آهن.

هتي "ڏکويل پکيئڙو" مان اقتباس ڏجي ٿو:

"اتر ولايت جي هڪ ٿڌي ملڪ جي ڳالهه آهي، ته ڪنهن زماني ۾ هڪ وڏو مالوند ماڻهو پنهنجي گهر واريءَ سان محل جهڙي هڪ وڏي ۽ شاندار گهر ۾ رهندو هو. سندن گهر ۾ دولت جي ڪمي نه هئي، جنهن ڪري هر آسائش ۽ ضرورت جي شيءِ سندن گهر ۾ موجود هئي. جيڪڏهن ڪجهه نه هو ته اهو هو پنهنجو پيٽ ڄڻيو اولاد، جنهن جا هو ورهين کان سڪايل هئا. سندن گهر جي اڳيان هڪ خوبصورت وڻ پوکيل هو جنهن سندن خوبصورت گهر کي چار چنڊ هڻي ڇڏيا هئا. هڪ ڏينهن شاهوڪار جي زال برفباريءَ جو مزو وٺڻ لاءِ ان وڻ هيٺان ويهي صوف ڇلي ٻئي کاڌو ته سندس هٿ واري ڇريءَ آڱر کي جهير ڏئي وڍي وڌس. رت جا ڦڙا جيئن ئي هيٺ برف تي

ڪريا، ته رت ڦهلجي اهڙو گلابي رنگ ناهي بيٺو جو ان مالدار جي زال جي واتان هي لفظ نڪري ويا ته: "اي الله سائين! جيڪڏهن مون کي برف جهڙو اڇو ۽ ڦهليل رت جي رنگ جهڙو گلابي اولاد ڏئي ڇڏين ها، ته تنهنجي ايڏي اڻ کٽ خزاني ۾ ڪهڙي ڪمي اچي وڃي ها." (9)

سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپايل "ٻارن لاءِ آڪاڻيون" ۾ دنيا ڀر جي ڪيترن ئي ملڪن جون سٺيون ڪهاڻيون ڏنل آهن، اهو ترجمو مراد علي مرزا ڪيو. 1969ع ۾ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو "قيمتي ڪهاڻيون" شايع ٿيو جنهن ۾ سيئي ڪهاڻيون انگريز ليکڪ ايف. جي. گولڊ جي ڪهاڻين جو ترجمو آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان "پڙهڻي آڪاڻيون" لاجواب ڪتاب آهي، جنهن جو ترجمو نور افروز خواجه 1983ع ۾ ڪيو. الطاف حسين جوڪيي جو ترجمو "موتين مالها" هڪ سٺي ڪوشش آهي. جپاني لوڪ ڪهاڻين کي حميد سنڌي "سوني زنجير" مجموعي ۾ شامل ڪيو. جنهن ۾ اٺ ڪهاڻيون: "ٻه سچا سپنا" ، ٻه پينر"، "لوڻ ۽ جنڊ"، "آسماني زنجير"، "ڏاهو شهزادو"، لڪئي جا ليک" ۽ "لالچي بازار" شامل آهن. مشهور صحافي، اديب دادا گرداس واڌ واڻي (1911 - 1997ع) ٻارن لاءِ ڪافي لکيو. هو ٻارن جي نفسيات مطابق ڪهاڻيون لکندو هو. هن ڊينمارڪ جي ٻارن جي مشهور ليکڪ اينڊرسن جون ڪهاڻيون سنڌي ۾ ترجمو ڪيون. جيڪي "شاهي بلبل" (1979ع) جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيون. سندس لکڻ جو انداز نهايت وڻندڙ ۽ سليس هوندو هو. سندس ڪتاب ۾ "اڳي اڳي جي ڳالهه"، "روپ ونتي"، "شاهي بلبل"، "ٻاءِ ۽ پيڻ"، "هيچ جا هاجا"، ۽ "ويهه مار" ڪهاڻيون شامل آهن. گرداس واڌاوڻيءَ والٽيئر جي ٻن ناولن جا ترجما قسطوار رسالن ۾ شايع ڪرايا. جن ۾ "هورن" ۽ "ميڪر ميٽس" شامل آهن. هي ناول ترجمي جي لحاظ کان شاندار هئا. پر ڪتابي صورت ۾ اچي نه سگهيا آهن.

هند سنڌ جي ليکڪن جون دلچسپ ڪهاڻيون دانيال طارق جي ترتيب هيٺ "عقلمند ڪوئا" سان شايع ٿيو الطاف شيخ جو "ڏاهي جهرڪي" ۾ جپاني ٻوليءَ جون ڪهاڻيون ڏنيون آهن. ڪملا پاسن جي ڪتاب "ڏمڪ ڏم" جو ترجمو تنوير جوڻيجو ڪيو. منوج ڪمار جا ترجمو ٿيل ڪتاب "موگهو متر" ۽ "برف شهزادي" سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ پاران شايع ٿيل آهن. عطا محمد ڀنڀري مختلف ٻولين جي ڪهاڻين جا 50 کان مٿي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. "ڀتڪڙي نڪولا جون

،پشا يون". فرانس جي مشهور ٻاراڻي اديب ني گوسني جي آڪاڻين جو ترجمو آهي، جيڪو شفقت قادريءَ 2017ع ۾ شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ٻارن جي چلولاڻين ڪي، ٻارن جي شرارتن ڪي، سندن زندگين جي اصليت ڪي پيش ڪيو ويو آهي. اظهر "آزاد" مغل جيڪو استادي پيشي سان وابسته آهي، تنهن جو انگريزي ڪهاڻين جو ترجمو "نئين دور جون نيون ڪهاڻيون" 2021ع ۾ شايع ٿيو آهي.

حوالا:

1. ڊاڪٽر هوندراج بلوڻي: "سنڌي ٻال ساهتيه"، ماڊرن پرنٽرز، احمدآباد، 2000ع، ص 124
2. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو"، (قلمي)، 1988ع، ص 12
3. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2015ع، ص 105
4. ڊاڪٽر هوندراج بلوڻي: "سنڌي ٻال ساهتيه"، ماڊرن پرنٽرس نارودا، احمدآباد، 2000ع، ص 127
5. ساڳيو حوالو ص 128
6. مختيار احمد ملاح: "ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت"،سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2015، ص 204
7. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي،2015ع، ص 439
8. انعام الله شيخ: "گرم جون آڪاڻيون" (ڇپائيندڙ ٻاران)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو (ڇاپو پنجون)، 2005ع، ص 2
9. رفيعه ملاح: "گرم جون آڪاڻيون"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2007ع

آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻو ناول

سيني ادبي صنفن ۾ وڏن توڙن ٻارن ۾ ناول انتهائي مقبول ترين صنف آهي، ڇو جو ناول سماج سان وڌيڪ سلهاڙيل هوندو آهي. ناولن ۾ هيري پوٽر جي سيريز وڏي شوق سان پڙهي وڃي ٿي. ٻاراڻي ناول ۾ ٻن مکيه شين جي اهميت آهي، هڪ ان جو موضوع ۽ ٻيو ڪردارنگاري آهي. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي لکي ٿو ته "موضوع ٻارن جي دنيا سان واسطو رکندڙ هئڻ گهرجي. جيڪڏهن اهو ٻارن جي آس پاس جي دنيا جو نه هجي ته گهٽ ۾ گهٽ اهڙو ضرور هجي جو ٻار کي سمجهڻ ۾ يا ان جي ڪلپنا ڪرڻ ۾ دقت نه ٿئي. پريم، راڄنيتي ۽ فلاسافي وغيره جهڙن موضوعن کي ٻار ناول ۾ ڪا جڳهه نه ملڻ گهرجي. ٻارن کي اهڙا ناول وڌيڪ وڻندا آهن، جن ۾ جگياسا ۽ رومانس هجي. اپياس ڏيکاريو آهي ته ٻارن کي اتهاسڪ گهٽنائن تي آڌار رکندڙ، جيون جي مسئلن سان جڙيل، کل ۽ مزاق سان پريل، شڪار ۽ سير ۽ سفر جي ڳالهين سان وسطو رکندڙ ناول وڌيڪ وڻندا آهن. ٻار ناول جي ڪردارنگاري به صحيح ڍنگ سان ٿيڻ گهرجي. ان ۾ مختلف ڪردار هجن، پر اهي سياويڪ لڳڻ کپن. هنن جو اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ سياويڪ هجي. گهٽنائون ۽ ڪردار هڪ ٻئي سان اهڙي نموني ٺهڪيل هجن، جيئن ٻار جو انهن ۾ آخر تائين رس قائم هجي".[1]

آزاديءَ کانپوءِ، هند ۽ سنڌ ۾ ٻاراڻا ناوليٽ شايع ضرور ٿيا آهن، پر انهن جو تعداد ڪو گهڻو نه آهي ۽ انهن ۾ ڪي اهڙا شايد ڪي هجن، جيڪي ٻارن ۾ مقبول ٿيا هجن. ان جو هڪ سبب اهو آهي ته اهي ٻارن جا لکيل نه آهن، يا ٻارن جي مزاج تي اڃا نه سگهيا آهن. اسان جا پبلشر ناولن کي اسڪول توڙي ڪاليج جي ٻارن تائين پهچائڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن. اهو به چئي نه ٿو سگهجي ته انهن ۾ ناوليٽن ۾ ڪهڙا لاڙا رجحان رهيا آهن، البته ٻارن ناولن ۾ تعليم جي اهميت، زندگيءَ ۾ محنت ڪرڻ جي ترغيب جهڙا موضوع ڏٺل آهن. ڪجهه ناول مختلف ٻولين مان ترجمو به ٿيا آهن، جن ۾ اهم موضوع آهن. بهرحال ڪنهن حد تائين ڪوششون ٿيون آهن. قابل ذڪر ڳالهه اها ته موجوده دور ۾ ناوليٽ لکڻ ۾ تيزي آئي آهي، جنهن سان نيون اميدون جڙي پيون آهن.

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن لاءِ سڀ کان وڌيڪ ٻارن لاءِ ناوليٽ محمد بخش جوهر لکيا آهن، جن ۾ "آڏام ڪتولو"، "آڏامندڙ ٿالهيون" ۽ "ماڪوڙن جي فوج"، "مريخ جي

مخلوق" قابل ذڪر آهن. سندس سائنسي ناول "اڏامندڙ ٿالهيون" سندس ئي اداري باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 1956ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ دنيا ۾ بدلجندڙ لاڙا ۽ رجحان ڏسي ۽ پڙهي ورتا هئا. ان ڪري هن ٻارن لاءِ ناني ۽ بزرگن جي قصن جي جاءِ تي سائنسي ادب کي ترجيح ڏني. هي جاسوسي ۽ سائنسي ناول آهي، جنهن ۾ خلائي سيٽلائيٽ جيڪي طاقتور ملڪن طرفان مختلف ملڪن جي جاسوسي لاءِ استعمال ٿين ٿا. ان کي موضوع بڻايو ويو آهي. هن ناول ۾ اسلم ۽ سندس جاسوس دوست بهادر خان جي ڪهاڻي آهي. اسلم رستي ويندي خلائي مخلوق ڏسي ٿو ۽ پنهنجي دوست بهادر خان کي آگاهه ڪري ٿو. هو خلائي مخلوق جون ميٽنگون ڏسن ٿا. پر بيضي جهڙن انسانن کان خوفزده رهن ٿا. هو سموري وارتا پوليس کي ٻڌائين ٿا. پر پوليس وارا اعتبار نہ ٿا ڪن. محمد بخش جوهر 1950ع واري ڏهاڪي ۾ ئي سيٽلائيٽن جي اهميت کي سمجهي ورتو هو. هو لکي ٿو تہ "دنيا جي هر هڪ ملڪ ۾ ماڻهن آسمان جي بلنديءَ تي اڏامندڙ ٿالهيون ڏٺيون آهن. اڏامندڙ ٿالهيون اسان جي زماني جي ڪنهن ملڪ جي حڪومت جو خفيہ هٿيار آهي يا هي عجيب هوائي جهاز آسمان جي ڪنهن ويجهي زمين (گرهہ) مان اچن ٿا تنهن بابت مختلف رايا آهن. ڪن جو خيال آهي تہ اهي اڏامندڙ ٿالهيون مريخ مان اچن ٿيون. هي ناول انهيءَ سلسلي جو آهي. ٿالهيون مريخ مان اچن ٿيون يا چنڊ مان. ليڪن هي واقعو اسان لاءِ حيرت ناڪ آهي ۽ جڏهن انهيءَ بيضي جهڙا انسان ويٺل هجن تڏهن حيرانيءَ ۾ اضافو ٿيڻ گهرجي".(2) عمرالدين بيدار، پڻ ٻاراڻي ادب ۾ جاسوسي ۽ سائنسي ناوليٽ لکيا. جن ۾ "هاسٽل تي واڳهہ جو حملو" (1980ع)، "آسمان ٿو ڪري" (ليڊي برڊ سيريز جي "دي اسڪاءِ از فالنگ" جو ترجمو) مشهور آهن.

نامياري ٻاراڻي اديب پروانو سيوهاڻي جي ناول ۾ "هل تہ هلون چنڊ تي" 1992ع ۾ شايع ٿيو. هيءُ ناول سائنس فڪشن جي موضوع تي آهي. 1993ع ۾ نظير قاسميءَ جو جاسوسي ناوليٽ "ٽلوءَ جو خطرناڪ سفر". ٻارن جي ماهوار رسالي ۾ گل ڦل ۾ قسطوار شايع ٿيو جيڪو ٻارن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. ساڳئي سال ۾ ۽ ساڳئي رسالي ۾ م. ص. عليءَ جو جاسوسي ٻالڪ ناول "ويران حويلي" قسطوار شايع ٿيو جيڪو هڪ اصلوڪو ۽ سنڌ جي ڳوٺاڻي ماحول جي عڪاسي ڪندڙ هو جنهن ۾ خوف، خطرو ۽ خاموشيءَ جهڙا ڏيڇاريندڙ عنصر شامل هئا. هن ناول جو نمونو ڏجي ٿو:

"ڳڙگاٽ ٿيڻ سان جميل، بدحواسيءَ وچان، ٺپ ڏئي اٿي بيٺو ۽ انو به ڇرڪ ڀري ان پاسي نهارڻ لڳو، ڀت جي جاءِ تي خلا ڏسي انوءَ حيران ٿيندي پڇيو" هه.... هيءَ ڀت ڪيڏانهن وئي!؟"

"ڇي هو اهوا ڏانهن" جميل پنهنجي، بدحواسيءَ تي ڪنٽرول ڪندي چيو "گهٽ ۾ گهٽ طلسمي چڪر ۾ ته ائين ٿي ٿيندو آهي."

"هون" انوءَ سوچ ۾ ٻڏل اکين سان هوڏانهن ڏسندي چيو، "ضرور ڪا ميڪنيزم حرڪت ۾ آئي هوندي."

"الائجي،" جميل مرڪي، ڪيس چيو "باقي پاڻيان ٿو ته سچي شرارت هن رسيءَ جي نڪري آهي." [3]

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن لاءِ ڪيترائي قصصي ناوليٽ لکيا ويا، جن ۾ بادشاهن، شهزادن ۽ ديون جا قصا هوندا هئا. ان ڏس ۾ نذير حسين پني، محمد بخش جوهر، عبدالستار "خيال" پنيءَ ۽ ڪن ٻين اهڙا ناوليٽ لکيا. ان سلسلي ۾ خيال پنيءَ جو "احسان مند لومڙي" 1958ع)، "سوا لک جو هيرو" (1958ع)، "پراسرار شهزادي"، وليداد وليءَ جو "چيني بلبل" (1958ع)، فدا سرهيو جو "غيبي خزانو" (1961ع)، محمد حسن هاليپوٽي جو "دلپسند شهزادو" (1971ع) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ اسلامي تاريخ جي پسمنظر ۾ ناوليٽ لکيا، جن مان ڪي ٻارن جي حوالي سان به هئا. ان سلسلي ۾ سندس "شيرشاهه ۽ همايون" اهم آهي. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، سنڌي ٻوليءَ جو نالي وارو محقق ۽ نقاد هو، پر افسانوي ادب ۾ سندس خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. ٻارن جي ناولن جي سلسلي ۾ سندس "لاکو ڦلاڻي" ڪتابي دنيا، حيدرآباد طرفان 1982ع ۾ شايع ٿيو هي ناول سنڌ جي هڪ بهادر جوڌي جوان ۽ سورهيه سورمي جي حب الوطني ۽ هيڻن سان همدرديءَ جي ڪارنامن ۽ واقعن جو مجموعو آهي. لاکو ڦلاڻي، ننڍپڻ ۾ پنهنجي وڏن کان بهادريءَ جا جيڪي قصا ٻڌا هئا، انهن کي هن هميشهه ياد رکيو. هن ناول ۾ لاکي ڦلاڻيءَ جي بهادريءَ سان گڏو گڏ سونل سان محبت جو داستان به ڏنل آهي. لاکو نه صرف سونل جي سونهن ۽ سوڀيا تي موهت ٿئي ٿو پر سندس پورهئي ۽ محنت جو قدر ڪري ڪيس شاديءَ جو پيغام ڏيئي ٿو. ان جو مثال هن ريت آهي:

"نـ ..... نـ توهان ۾ ڏرتيءَ جو سڳنڌ آهي. ساري سنڌ جي مٽي اوهان جي پيرن جي پٽي آهي. ٿورو رکجي لاکو وري چوڻ لڳو تـ "سونل تون مون سان شادي ڪندين؟" (4)

علي بابا جو ناول "سنڌ باد جو سفر" پهريون دفعو 1993ع ۾ شايع ٿيو هي ناول ٻارن لاءِ لکيو ويو آهي. هن ناول ۾ سند باد کي سنڌي ڏيکاريو ويو آهي ۽ ٻيا سڀ ڪردار اصلوڪا سنڌي آهن. مثال طور هوٿل پري، گوڪل ديو، پاراشررشي وغيره. سڄي ناول ۾ دلچسپ قصو بيان ڪيو ويو آهي. پيئڻ بلا کي بازجي هٿان مارايو ويو آهي. "موهن جو دڙو" ناول وانگر هي بـ دراصل تهذيبي ۽ تاريخي ناول آهي. جنهن ۾ قديم سنڌ جو پسمنظر اچي وڃي ٿو. ناول جي شروعات ئي اهڙي نموني ڪئي ويئي جو سنڌ جي تهذيب سامهون اچي وڃي ٿي. مثال طور:

"هڪڙو هوندو هو مهاراجا سوير سنڌ ملڪ جو مهاراجا ڏاهن ۾ ڏاهو وڏو وير. ڳالهين جو ڪويسر ۽ وڏو طاقتور راجا. اهڙو جو ڪنهن پرپاسي واري راجا کي زور وٺڻ ئي ڪين ڏيندو هو. پري پري ولائتن ۾ سنڌ جو جهڙوڪر ڏونڪو پيو وڄندو هو. پلا سنڌ هڪ سڪاريو ملڪ. پوري وچ مان سون تي سهاڳي جيان سنڌو درياهہ پيو وهيس. پهاڙن تان جتان نهار. ماٿريون ئي ماٿريون. سنڌ سڳوريءَ جا ماڻهو بـ وڏا محنتي. زالين مڙسين سهڻا. پڙهيا ڳڙهيا. ناد. نگد ۽ ٻيا ويد پراڻ ۽ منترواريو پيا پڙهن. پوکون پيا پوکين. سرون پيا ڳاهين. نار پيا هلائين. ڊگهي ڳاڏين جا رينگٽ. گهر گهر ڏس تـ چرخو پيو هلي. چريو بـ ڏس تـ ڪانياٽي ڪنيو جهار پيو هڪلي وهيو وهيو پيو ڪري. جي جنگ ڪن تـ بـ دشمن جي لشڪر مٿان ڪانياٽين ۾ شيهي جا گولا پريو پيا سٽڪا ڪرائين. امن توڙي جنگ ۾ سنڌ ڏس تـ نغارن سان پئي گڙي". (5)

اڪبر جسڪاڻيءَ جو مشهور ناوليٽ "ٻتين واري ناني" سڀ کان پهرين آگر پبلڪيشن ايجنسي، حيدرآباد پاران 1980ع ۾ شايع ڪيو ويو. "ٻتين واري ناني" لاءِ پاڻ لکي ٿو تـ اها سندس زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي". ان ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي تـ سندس ناني ڪيڏين تڪليفن سان هن کي نپايو. سڄي ناول ۾ ڏک ئي ڏک آهن. اڪبر جسڪاڻي، هن ڪهاڻيءَ کي نهايت فنڪاراڻـ نموني ۾ لکندي، منجهس دلچسپي برقرار رکي آهي. ان ڪري ڪهاڻي هڪ ئي دفعي ۾ پوري پڙهڻ کان رهي نـ سگهبو. لڙڪ ـ مرڪ ڳاڙڙ هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪن همدرد انسانن جي چڱاين جو ذڪر آهي تـ پنهنجن جي مڪارين ۽ دوستن جي دل آزاريندڙ ڳالهين جو

بيان آهي. خاص طور تي جڏهن اڪبر واسطي، ناني گهر ۾ رکيل ٿامي جا ٿانوَ وڪڻي ٿي ڇڏي. اڪبر جو هڪ سٺو دوست، انهيءَ ڳالهه تي اڪبر سان همدردي ڪرڻ بجاءِ، ڪيس مهڻو ڏئي چوي ٿو ته: "يار ڪمال آهي، ٿانوَ ٻين کي وڪڻي ڇڏيو، اسان کي ڏيو ها ته ڇا ٿيئوَ ها. اسان به اوهان کي اوترائي پئسا ڏيون ها".[6]

ان مان اڄڪلهه جي ٻڙڪائو دوستن جي ذهنيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هيءَ ڪهاڻي معاشري جي اهڙن فردن کي وائکو ڪري ٿي، جيڪي فقط دولت کي دين ايمان سمجهن ٿا ۽ وقت تي ڪنهن جي حق ڦٻائڻ لاءِ قرآن شريف کڻڻ ۾ به دير ڪونه ٿا ڪن.

1981ع ۾ ناميارو ليکڪ سيد زوار نقويءَ جو "رات رني ڪوٽ ۾" شايع ٿيو. جيڪو ٻاراڻي ڪردارن تي آڌاريل هو. ڊاڪٽر شمس الدين عرسانيءَ ٻيو ٻاراڻو ناوليٽ "ٿئون ڇنيهه لکڻو" سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران 1993ع ۾ شايع ٿيو. هن ناوليٽ جو مرڪزي ڪردار سدورو، جنهن کي ليکڪ "ڇنيهه لکڻو" سڏيو آهي. اهو 18 سالن جو هڪ ٻار آهي. هو انتهائي غريب، سادو ۽ بي وسيلو ڇوڪر آهي. عقل ۾ اڙٻنگ ضروري آهي، ان ڪري هر آزمائش ۾ بنان سوچ سمجهه جي ٽپي پوي ٿو. سندس قسمت جو زور آهي يا اٽل ارادو جيڪو هن جي ڪاميابيءَ جو سبب بڻجي ٿو.

1993ع ۾ ليکڪ ذوالفقار ڀٽي جو ناول "خوفناڪ سازش" شايع ٿيو. هي ناول معاشرتي ۽ جاسوسي موضوع تي آڌاريل آهي. مشهور ليکڪ طارق قريشيءَ جو ناول "ٻالڪ فورس ۽ ڀوت بنگلو" سچائي اشاعت گهر، دڙي، ضلعي ٺٽي پاران 1993ع شايع ٿيو. هي ناول ٻارن پاران ڪيل جاسوسي ۽ خوف واري ماحول تي مبني آهي. هن ناول ۾ پائي، پپڻ راجا، جاني، واصف ۽ مينا مڪلي ۽ ٺٽو گهمندي ڪونڙي جو سفر ڪندي شڪارپور پهچن ٿا. جتي ميزبان گهر جا ٻار اياز ۽ زويا به ساڻن گڏجن ٿا. ائين هڪ ٻالڪ فورس تيار ٿي وڃي ٿو. ڪين هڪ بنگلي ۾ وڃڻ کان روڪيو وڃي ٿو ڇو ته اتي ڀوت رهندا آهن. پر هو تجسس ۽ جاسوسيءَ خاطر ان بنگلي ۾ وڃن ٿا. جتي ڪين خبر پوي ٿي ته اتي جن نه پر ڌوهاري رهندڙ آهن. جن خوف ڦهلايو ته اتي جن رهندا آهن. ٻارن وٽ واڪي ٽاڪي به آهي، جنهن وسيلي هو هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهن ٿا. آخر ۾ انڪل ايس پي جي مدد سان هو ڌوهارين کي گرفتار ڪرائين ٿا ۽ انعام حاصل ڪن ٿا.

نوشاد جو ناوليٽ "رولو" 2002ع ۾ شايع ٿيو. هي ناوليٽ آتم ڪٿائي آهي، جنهن جو هيرو پنهنجي ڪٿا ستن سالن جي ٻاراڻي عمر کان شروع ڪري ٿو. هڪ طرح سان هي ناوليٽ ٻاراڻي نفسيات (Child Psychology) جي نمائندگي ڪري ٿو. سچو ناول بياني ٽيڪنڪ ۾ لکيو ويو آهي. ناوليٽ جي ڪهاڻي ليکڪ جي والد جي حادثاتي موت کانپوءِ هن جي ذهني ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿي ۽ هن ناوليٽ ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ ٻار رولو ڪيئن ٿئي ٿو اهي ڪهڙا احساس آهن، جن ڪري هو اڪيلائي ۽ احساس ڪمتري واري زندگي گذاري ٿو. ناوليٽ جي ٻولي ڳوناٺيءَ شاندار ٻهاڪن سان ڀريل آهي. مثال طور:

"اسڪول ۾ داخلا کانپوءِ اسڪول سان اهڙو تہ ذهني ناتو جوڙيم، جهڙو ميهار مينهن سان جوڙيو هو".

گسائڻ ائين عيب سمجهندو هو... جيئن ڀاڙيءَ جي رن زال ٻيو مڙس ڪرڻ، عيب سمجهندي آهي". (7).

نوشاد جو ٻيو ناول "وارڊ نمبر 13" سنڌ رائيٽر پبليڪيشن، باڊهہ طرفان 2003ع ۾ شايع ٿيو. نوشاد جو هي ناول بہ ٻالپڻ کان يادگيرين ۽ ڊائري جي ورقن تي مبني آهي. هي ناول بہ آٽو بايوگرافيڪل آهي. هي ناول ليکڪ جي اها زندگي چٽي ٿو. جڏهن هو سلهہ جي مرض ۾ مبتلا ٿي جناح اسپتال جي وارڊ نمبر تيرنهن ۾ داخل ٿئي ٿو. پوري ناول ۾ مختلف مريضن جي نفسياتي مسئلا، اذيتون، ڊاڪٽر ۽ نرسن جا ڪم ناول جو موضوع آهن.

مشهور ڪهاڻيڪار اختر جانوريءَ جو ناول "پنهنجي ڌرتي پنهنجا ساهہ" (2004) پڻ اهم آهي. مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ صحافي ممتاز بخاريءَ جو ناول "جڏهن زوپ گم ٿي وئي" روزانہ ڪاوش جي ٻارن جي رسالي "ٻارن جي دنيا" ۾ 2005ع ۾ قسطوار شايع ٿيو. هيءُ هڪ معياري ناول هو. جيڪو سماجڪ موضوع تي آڌاريل هو. خالد آزاد جو ناول "سچ اڀرڻ کان پوءِ" سال 2007ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪيو ويو. هي ناول، ملڪ جي مختلف حصن مان ٻارن کي اغوا ڪري، ملڪ جي قبائلي علائقن جي خرڪار ڪئمپن ۾ قيد ۽ جبري پورهئي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. يوسف سنڌيءَ جو ناوليٽ "مريخ جا مسافر". سندس ڪتاب "مريخ جا مسافر ۽ ٻيون ڪهاڻيون" ۾ 2013ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيو. هن

SOORIH SINDHI ADAB

ناوليٽ ۾ مريخ جي زمين تي آيل مخلوق جي حملي جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي حملي جو ذڪر هن ريت ٿيل آهي:

سائو سنابو ٻيلو زندگيءَ سان ڀرپور هو. پڪي ڇهڪي ۽ وڻ جي هڪ شاخ کان ٻي شاخ تائين ٽپندا، لاٽيون لنوي رهيا هئا. زمين جون هڙئي خوبصورتيون ۽ رنگينيون هن ٿي خطي ۾ مڙي آيون هيون. دنيا جي اڪيلي آبادي "نوئيلاٽس" هتان کان فقط ڏيڍ ميل پرڀرو، هڪ سر سبز ۽ شاداب ميدان ۾ هئي. باقي سڄي ڌرتي يا تہ ٻيلن سان ڀريل هئي، يا وري ويران ۽ رڻ پٽ جو ڏيک ڏيئي رهي هئي. هڪ هزار سال اڳ ڪارن ۽ ڳورن ۾ هڪ زبردست لڙائي لڳي هئي، جنهن ۾ سڄي ڌرتيءَ جون وسنديون ويرانيءَ ۾ بدلجي ويون ۽ ڪيترائي انسان مارجي ويا ۽ هزارين سالن جي انساني تهذيب ۽ سائنسي، ترقي ڌوڙ ۾ ملي ويئي. وڏا وڏا ملڪ ڌرتيءَ جي گولي تان ايئن گم ٿي ويا، ڄڻ سندن وجود ئي نہ هو. جبلن جي ڇپرن ۽ زير زمين خندقن ۾ بچي ويندڙ ڪجھ ڳورن انسانن وري زندگي شروع ڪئي ۽ "نوئيلاٽس" شهر جو بنياد رکيو. هاڻي زمين جي سڄي آبادي انهن بچي ويل ڳورن ماڻهن جي نسل تي ٻڌل ۽ رڳو هن ئي شهر تائين محدود هئي. ان کان سواءِ ڪجھ ڪارا سائنسدان بہ اهڙي نموني بچي نڪتا، هو انسانيت جي مڪمل تباهيءَ کان اڳ راڪيٽ ۾ چڙهي مريخ طرف اڏري ويا، جتي هنن هڪ نئين تهذيب جو بنياد وڌو. پر زمين ۽ مريخ جي رهاڪن کي هڪٻئي بابت ڪابہ خبر نہ هئي." (8)

2016ع ۾ عبدالغفار سومرو جو ناول "جاڳو جاڳو" سنڌ اضافو هو. ناميارين ليکڪ ۽ صحافي انور ابڙي جا ٻارن لاءِ لکيل بہ ناوليٽ شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ پهريون "ڀڳل رانديڪو" 2008ع ۾ ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي پاران شايع ٿيو هي ناوليٽ 96 صفحن تي مبني آهي ۽ آٽوبايوگرافيڪل ناوليٽ آهي. هن ناوليٽ لاءِ ممتاز بخاري لکي ٿو تہ "ملهار جي روپ ۾ "ڀڳل رانديڪو" وارو ڪردار اصل ۾ انور ابڙو آهي. هي بہ جهڙوڪر "ٻتين واري ناني" وانگر بايوگرافيڪل ناول آهي. سنڌس ضلعي لاڙڪاڻي جو سمورو ماحول پر ويل ابتدائي زندگيءَ جو احوال لکڻ تا." (9)

انور ابڙي جو ٻيو ناول " ننڍڙو چنڊ"،ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2018ع شايع ٿيو "هن ناول ۾ هڪ پيءُ سرمد پنهنجي پٽ عتيق جي ڄمڻ تي خوشيون ڪري ٿو ۽ شروع ڏينهن کان ان جي تربيت ڪري ٿو ۽ پنهنجو وقت ان کي

SOORIH SINDHI ADAB

ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ سرمد کي ڪراچي شهر ۾ رهندي ڇهه سال ٿيا آهن، پر سندس پالڻ ۽ نپائڻ جو سڄو پس منظر عتيق کان مختلف آهي. جيڪو شهر ۾ ڄائو آهي ۽ اتان جي ماحول ۾ ئي وڏو ٿي رهيو آهي. سرمد ان کي پنهنجو ڳوٺ ۽ سڄي سنڌ گهمائي ٿو ته جيئن منجهس اهي جزا به شامل ٿين جيڪي منجهس آهن ۽ هو رڳو هڪ شهري بابو بڻجي پنهنجي ڳوٺ، ماڻهن ۽ ڪلچر کان ڪٽجي نه وڃي. ان سڀ جي باوجود عتيق خاص طور تي ٻولي جي حوالي سان ڪجهه اهڙا اثر قبول ڪري ٿو جيڪي سرمد لاءِ اڻ وڻندڙ آهن ۽ هو انهن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر ڏٺو وڃي ته سرمد پاڻ انهن اثرن کان بچي نه سگهيو آهي. مثال طور هو مختلف جاين اگهڻ بدران صحن جو لفظ استعمال ڪري ٿو ۽ ڪکڙن جي بجائي عتيق کي اهو پڌائي ٿو ته اهي بادل آهن. مجموعي طور ٻار ۽ پيءُ جي ناتي جي حوالي سان اها انوڙ جي هڪ انوکي ۽ غير روايتي ڪوشش آهي". (10)

2018ع ۾ شبانا سولنگي جو ٻارن لاءِ لکيل ناوليٽ" تارزن شڪارپور ۾ " ڇپيو. شبانا سولنگي ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ ناوليٽ مضمون ان سان گڏ ٻين ٻولين جي مان ادب ترجمو ڪندي رهي آهي. تارزن عالمي ادب جو هڪ اهڙو ڪردار آهي جنهن کان سڄي دنيا واقف آهي ۽ اهو فيڻنٽسي ڪردار وڏن توڙي ٻارن لاءِ دلچسپي جو سبب بڻيو آهي. هن ۾ تارزن ، الطاف درزيءَ کان سواءِ ٻيا سڀ ڪردار ٻار آهن. تارزن شڪارپور ۾ پنهنجي جسماني بيهڪ، شڪل ۽ صورت سان عيان ڪيو ويو آهي . شڪارپور جا ٻار هن کي فالودو به کارائن ٿا ته پنهنجا مسئلا به ٻڌائين ٿا. پوليس به ڪيس گرفتار ڪري ٿي ته هو شڪارپور ۾ غير قانوني طريقي سان آيو آهي. مطلب ته ناوليٽ رنگ پريل آهن. هن ناوليٽ ۾ ڪهاڻي جي موضوع مطابق اسڪيچ ڏنا ويا آهن.

عبدالغفار سومري جو ناوليٽ "استاد" 2022ع ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۾ استاد جي ڪردار کي اجاگر ڪيو ويو آهي. هن ناوليٽ جا ڪردار استاد ۽ شاگرد آهن. هن ناوليٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هڪ استاد ئي آهي، جيڪو ٻارن جي قسمت بدلي سگهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ دنيا جي ڪجهه ٻين ٻولين جا اهم ٻاراڻي ناولن جا ترجما ٿيا آهن. ان سلسلي ۾ ناز سنائيءَ، ڪرشن چندر جي مشهور ناول "دادر پل کي بچي" جو ترجمو "دادر پل جا ٻار" جي نالي سان 1987ع ۾ ترجمو ڪيو. ڪرشن چندر کي

ٻاراڻي ادب جي اهميت جو احساس هو هن نه فقط ٻارن لاءِ ذڪر جوڳي تعداد ۾ ڪهاڻيون لکيون، پر ڪي ناول به لکيا. "دادر پل جا ٻار" جو موضوع ٻار آهي. هن ناول ۾ ڪرشن چندر ڏرم، پڳوان، سرڳ، نرڳ، دنيا وغيره تي ڳالهايو آهي. جنهن ۾ پڳوان هڪڙي ٻار ڪي چوي ٿو ته مون ڪي بمبئي گهماءِ. ۽ پوءِ هو مختلف مرحلن مان گذرن ٿا. ڪرشن چندر ڏرم جي نالي ٽينڊڙ ٺڳي ۽ ويساهه گهاتي کي بي باڪيءَ سان چٽيو آهي. ان ناول ۾ پڳوان سان جيڪا حالت دادر پل جا ٻار ٿا ڪن. ان کي ته فقط ان دلچسپ ناول ۾ پڙهي ٿو سگهجي.

جئڪ لنڊن جي جڳ مشهور ناول (Call of Wild) جو ترجمو خواجه سليم "آهه ڏانهن موٽ" جي عنوان سان ڪيو آهي. هي ناول بنيادي طور ٻاراڻي، ادب ۾ مقبول ٿيو هو ڇو جو ان ۾ جهنگلي جانورن کي موضوع بڻايو ويو هو پر بعد ۾ ان ۾ سمايل فلسفي ان کي سنجيده حلقن ۾ به مشهور ڪري ڇڏيو. ناول "لگ جنين جا نوهه" جو مترجم خرم عباس ڪوکر آهي. ٻارن جي واڌ لاءِ انهن جو ماحول ۽ انهن جي نفسيات ڪهڙي ۽ ڪئين هجڻ گهرجي اهو سندس ناول جو وڏو موضوع آهي. مشهور سماج سڌارڪ اديب نصير مارنگ، ايچ جي ويلز جي جڳ مشهور ڪتاب، "وار آف دي ورلڊس"جو سنڌي ۾ ترجمو"مريخ جو حملو" سان ڪيو جيڪو 2003ع ۾ شايع ٿيو. هي سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن تي تمام دلچسپ ناول آهي"[11]

نامور صحافي ۽ ناول نگار جارج آرويل جي ناول "اينيمل فارم" جو ترجمو حبيب سنائيءَ 2016ع ۾ ڪيو آهي. هن ناول جا سنڌي ۾ ٻين به ترجما ڪيا آهن. آنتوان ڊ سينٽ ايگزيو پيري فرانس جي ناول نگار جو لکيل ناوليٽ "ننڍڙو شهزادو" (2017ع). جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڊاڪٽر اسحاق انصاري ڪيو آهي. ناوليٽ جو هيرو جيڪو ننڍڙو شهزادو آهي، جيڪو ڪنهن گره (ايسٽرائيڊ بي ڇهه سئو ٻارنهن) تان آيو آهي ۽ ان گره تي ننڍڙي شهزادي وٽ هڪ گل ۽ ٽي ٻرندڙ جبل آهن جيڪي سندس ڪل ملڪيت آهن. هڪ ڏينهن شهزادو ڪجهه اداس ۽ مايوس ٿي پنهنجو گره ڇڏي زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهه سوالن جي جوابن جي تلاش ۾ نڪري ٿو. هو پنهنجي هئڻ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهي ٿو. ان ساڳئي ناوليٽ جو هڪ ٻيو ترجمو شفقت وڏي "پٽڪڙو شهزادو" جي نالي سان ڪيو آهي. شفقت وڏي هڪ ٻئي ناوليٽ "ننڍي ڪاري مڇي" به ترجمو ڪيو آهي.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو روسي ٻوليءَ مان ترجمو ڪيل "ڪارڪ ۽ واليا جي عجيب وغريب مهم "(2019ع) ٻارن لاءِ هڪ فئنٽيسي ناوليٽ آهي. هن ناوليٽ هڪ ڇوڪرو ڪارڪ ۽ سندس ڀيڻ واليا مرڪزي ڪردار ۾ آهن ۽ سندن بزرگ دوست ناليوارو سائنسدان پروفيسر يانوتوف به آهي. هڪ ڏينهن ڪارڪ ۽ واليا ان سان ملڻ لاءِ سندس گهر ويا، پر هو گهر ۾ موجود نه هو. ٻارن سندس ليبارٽري ۾ سامهون الماريءَ جي مٿان رکيل هيڊي رنگ وارو شربت نظر آيو ڪارڪ اهو ڪٽي پيئڻ لڳو. ان کي شربت جو ذائقو مزيدار لڳو ۽ اڌ گلاس پنهنجي ڀيڻ واليا کي ڏنو. ٿوري دير ۾ اهي ايترا ننڍا ٿي ويا جو انهن کي خوردبينيءَ ڪانسواءِ ڏسڻ مشڪل هو! انهن ٻنهي صلاح ڪيئي ته پنپوري جا پر پٽي ان تي ويهي رهون ٿا ۽ خوردبينيءَ جي ويجهو رکون ٿا ته جيئن پروفيسر پاڻ کي ڏسي وٺندو ۽ پاڻ ٻنهي کي وري وڏو ڪندو، پوءِ ته پنپوري تي چڙهي ويٺا. پنپوري دريءَ کان ٻاهر اڏامندي شهر کان پري وڃي نڪتي. ان وقت پوپٽ پنپوري تي حملو ڪيو. ان ڪري ڪارڪ ۽ واليا ان جي پٺيءَ تان هڪ تلاءَ ۾ ڪري پيا ۽ اهي منگهڻ انهن تي حملي جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته انهن پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻي هڪ غار ۾ اچي ٽڪتا اتي پاڻيءَ جو ڪوريئڙو پٿر جي اوٽ لڪي ويٺو هو اهو به انهن کي ڪائڻ لاءِ وڌڻ لڳو ته هڪ ٻيو ڪوريئڙو به پٿر جي ڏار مان نڪري آيو ۽ ٻئي ڪوريئڙا پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا ته ڪارڪ ۽ واليا وجھ وٺي پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري آيا اتي پروفيسر سان انهن جي ملاقات ٿي بهرحال وڏين مشڪلاتن ڪانپوءِ اهي ٻار پروفيسر جي مدد سان وري ساڳئي صورت ۾ آيا ۽ پنهنجي گهر واپس پهتا. هيءَ هڪ مزيدار ناوليٽ آهي.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي جو ناوليٽ "ننڍڙي سائي ريل"2019ع ۾ پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور طرفان شايع ٿيو. هي دراصل انگلنڊ جي ليکڪا اينڊ ميري بلائيٽن جي لکيل ناوليٽ جو ترجمو آهي. هن ناوليٽ جو مرڪزي ڪردار ننڍڙو ٻار آئزڪ آهي، جيڪو پنهنجي روزاني ملندڙ خرچي مان ڪجھ پيسا بچائي رکندو وڃي ٿو ۽ ان کي مسز بان جي رانديڪن جي دڪان تان ننڍڙي سائي ريل وٺڻي هئي ۽ هو روزانو اسڪول وڃڻ مهل ان ريل کي پيار ۽ پاٻوهه مان ڏسندو هو ۽ جڏهن هن وٽ 50 روپيا جمع ٿي ويا ته اهو مسز بان جي دڪان تي ويو ۽ ان سائي ريل خريد ڪرڻ جو اصرار ڪيو، جنهن تي مسز بان ان کي چيو ته 50 روپيا ٿورا آهن اڃا ڪجھ ٻيا پئسا گڏ ڪر! ننڍڙو آئزڪ اهو ٻڌي اداس ٿي ويو ۽ دڪان تي ويٺل پوري ٻلي کي

پنهنجي مالڪياڻي جي ڳالهه نه وڻي ۽ رات جي وقت دڪان ۾ ان سائي ريل کي دريءَ مان هيٺ ڪيرايو جنهن جا پويان ڦيٿا ٽٽي پيا. مسز بان کي گهڻي حيرت ٿي ته اڄ ٻليءَ زبان ڪيو آهي! پر ٺيڪ آهي ان ڪوئن کي پڇايو هوندو. ان ڏينهن مسز بان جي ننڍڙي آئزڪ تي نظر پيئي ته ان کي سڏ ڪري اهائي سائي ريل 50 روپين ۾ ڏنائين ۽ ته پوءِ آيئزڪ به ڏاڍو خوش ٿيو! وحيد محسن جو ناول "هالار جو خواب" 2022 ع ۾ شايع ٿيو آهي. شيخ نديم تصور جو ناوليٽ "پار ۽ امن" 2023 ع ۾ شايع ٿيو.سرمد عباسيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ناوليٽ "چاڪليٽ" 2023 ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ ٻارن ۾ چاڪليٽ جي شوق سميت ڪيترائي مزاحيه انگ آهن.

حوالا:

1. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي: "سنڌي ٻال ساهتيه"، ، مارچ 2005 ع، ص 149، 150
2. محمد بخش "جوهر" : "اڏامندڙ تالهيون" ، باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد. 1957 ع، ص 1
3. م. ص. علي: "ويران حويلي"، ماهوار گل ڦل، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، اپريل 1993 ع
4. شمس الدين عرساڻي: "لاکو ڦلاڻي" ، ڪتابي دنيا، حيدرآباد. 1986 ع، ص 4
5. علي بابا: "سنڌ باد جو سفر"، (ٻيو ڇاپو)، سنڌ آرڪائيوز، حڪومت سنڌ. 2017 ع، ص 15
6. اڪبر جسڪاڻي: "ٻتين واري ناني" آگر پبلڪيشن ايجنسي، حيدرآباد 1980 ع، ص 12
7. نوشاد: "رولو"، سنڌ رائيٽر پبليڪيشن، بادهه. 2002 ع، ص 11
8. يوسف سنڌي: "مريخ جا مسافر ۽ ٻيون ڪهاڻيون"، سنڌي ادبي بورڊ، 2013 ع، ص 1
9. ممتاز بخاري: "سنڌي ناول جو سفر"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي. 2020 ع، ص 153
10. رئوف نظاماڻي: "ڳالهيون ڪتابن سنڌيون"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر (آن لائين)، 2021 ع
11. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ناول جي مختصر تاريخ"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2012 ع، ص183

آزادي کان پوءِ سنڌي ٻاراڻو ناٽڪ

1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي سبب سنڌ جا هندو اديب ۽ ناٽڪ نويس هندستان لڏي ويا. جنهن سان سنڌي ادب عموما ۽ سنڌي ناٽڪن جو خصوصا زوال ٿيو ڇو ته سنڌي پريس ۽ ٿيئٽر، اسٽيج گهڻو ڪري سنڌي هندن جي هٿن ۾ هئا. ان وقت، سنڌي ناٽڪ نگار، ناٽڪن جي اشاعت جا ادارا، اداڪار، فنڪار، گلوڪار وغيره ۾ گهڻائي سنڌ جي هندن جي هئي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ جيڪي ڊرئميٽڪ سوسائٽيون هيون، اهي به گهڻو ڪري هندو استادن ۽ شاگردن جون هيون. بهرحال اڳتي هلي اسٽيج، ريڊيو توڙي فلم ۽ ٽي.وي رستي، ڊرامن جي دنيا سٺي نموني آباد ٿي، پر ٻاراڻي ناٽڪ جي ڪا خاطرخواه ترقي ٿي نه سگهي. ان سلسلي ۾ خالد آزاد لکيو آهي ته: "ناٽڪ منڊليون ۽ ٻارن جا ناٽڪ ته هون ئي ورهاڱي سان گڏ هندستان منتقل ٿي ويا، پر هاڻي ناٽڪن جي جاءِ تي خاڪن ٽيبلوز جاءِ پري ورتي."[1] ان حقيقت جي باوجود، سنڌي ۾ ٻاراڻي ناٽڪ جي سگهاري صنف ختم ڪا نه ٿي آهي.

ٻاراڻي ناٽڪ ۾ سڀ کان وڏو نالو محمد اسماعيل جو آهي. پاڻ مشهور تعليمي ماهر، محقق، نقاد، ٿي گذريو آهي. هن ڪيترائي ناٽڪ لکيا، پر اهي سمورا تدريسي ۽ سکيا جي غرض سان لکيا آهن. جن سان شاگردن جي ڄاڻ ۽ ڪردار ۾ اضافو ٿئي ٿو. محمد اسماعيل عرساڻي بطور ناٽڪ نويس ان وقت شهرت حاصل ڪئي هئي جڏهن 1939ع ۾ سندس ناٽڪ "بدنصيب ٽري" اسٽيج ڪيو ويو هو. ان کان علاوه سندس ناٽڪن جا ڪيترائي مجموعا پڻ شايع ٿيا، جن ۾ "ڊزن ڊائلاگ" ۽ "دلڪشا" اهم آهن. "ڊزن ڊائلاگ" ناٽڪن جو مجموعو آهي، جيڪو 1953ع ۾ آر.ايڇ.احمد برادرس وارن حيدرآباد مان شايع ٿيو. هن جا اڪثر ناٽڪ تعليمي ۽ تفريحي موضوعن تي آهن، جن ۾ شاگردن جي سکيا وارا موضوع ڏنل آهن.

ان دور جي نوجوان ۽ جوشيلي استاد ۽ اديب محمد ابراهيم جويي جو لکيل هڪ ننڍو ڊرامو "آزادي ڏانهن" 1950ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان اسٽيج ٿيو. هن ڊرامي ۾ استادن ۽ شاگردن حصو ورتو هو. ان ۾ علم جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. محمد سومار شيخ پڻ ٻارن لاءِ ناٽڪ لکيا، جن ۾ "نوراني جاسوس" (1958)، "ٽيليفون"، "قبر" ۽ "مدد خان پٺان" اهم آهن. ناٽڪ "مدد خان پٺان" لاڙ ادبي سوسائٽي طرفان 1973ع ۾ شايع ٿيو هو. ان ۾

ڪلهوڙن جي دور وارو پس منظر ڏيکاريل آهي.

ان دور جي مشهور ڊراما نويس چنا شبير "ناز" (1936_2007ع)، ٻارن لاءِ به بهترين ناٽڪ لکيا، جن ۾ "ڦڙي ڦڙي تلاءُ (1966ع)، "ٽري ڪئسل" (1974)، "راز" (1972ع)، "رمندا بادل" (1974ع) اهم آهن."قلوءَ جي شادي" ناٽڪ محمد الياس جوکيي جو لکيل آهي، جيڪو آر. ايڇ بردارس ٻاران 1959ع ۾ شايع ٿيو. هي ڊراموائن پردن ۽ 21 صفحن تي مشتمل آهي. هي اخلاقي ۽ اصلاحي ناٽڪ آهي، جنهن ۾ شاديءَ جي اجاين رسمن کي ننديو ويو آهي. هي ناٽڪ لاڙي ۽ ڪوهستاني لهجي ۾ رچيل آهي".(2)

پرواني سيوهاڻيءَ پڻ ٻاراڻا ناٽڪ لکيا آهن ۽ اهي شايع به ٿيل آهن، جن ۾ "تياسيءَ جا ٽي ناٽڪ" (1983ع) ۽ "ٻارن لاءِ ريڊيو ناٽڪ" (حرڪتي ٻار ۽ رمون پيتي، 1984ع)، ڏرتيءَ جو تارو (ناٽڪ) شامل آهن. هي ناٽڪ مزاحيه ۽ سبق آموز آهن. ٻارن لاءِ هڪ بهترين ناٽڪ "وڏ چريو جزيرو" انور پنهور لکيو، جيڪو 1988ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. هي سڄو ناٽڪ علامتي آهي. هن ناٽڪ ۾ موجوده سنڌي سماج ۽ مستقبل جي للڪارن جي بهترين اپٽار ڪئي وئي هن ڪتاب جي باري ۾ نصير مرزا لکي ٿو ته انور پنهور جي ناٽڪ "وڏ چريو جزيرو" کي جيئن جيئن مان پڙهندو ويس حيران ٿيندو ويس چا...! ته ڪو بنهه ليکاري اهو به پنهنجي پهرئين ناٽڪ ۾ ايڏو انوکو ۽ نئون آئيڊيا سبحان الله مون کي ته هي ناٽڪ سچ پچو ته ميڊيا ۽ اسٽيج لاءِ لکجندڙ روايتي ناٽڪن ۾ هوا جي خوشگوار جهونڪي وانگر ٿي محسوس ٿيو آهي. ان ۾ موجود سماجي حالتن جي اپٽار، ڪردار جي تمام سولي چرپر ٿيل آهي. هن ناٽڪ جا سيئي ڪردار اسڪول جا ٻار آهن. جيڪي غير معمولي، موضوع تي گفتگو ڪري رهيا آهن. ڊرامي جو موضوع مختيار (تيرهن سالن جو قد ۾ ننڍو پر ٿلهو) نالي هڪ شاگرد هيئن ٻڌائي ٿو:

مختيار: (هٿ ڪٺندي) اياز، توهان کي خبر آهي، ته اسان جي پاڙيسري ملڪ، وڏي جزيري جو دنيا سان رابطو ڪٽجي ويو آهي.

پندرهن سالن جو قداور چوڪري اياز: (عجب مان واقعي)

مختيار: (ڪنڌ لوڏيندي) سچي پچي، رابطو ائين ڪٽجي ويو آهي، جن ڪو شمسي نظام مان زهره سيارو گم ٿي ويو هجي.

اياز: (هٿ کي موڙو ڏيندي) توهان ڪٿان ٻڌو"

مختيار: (اشارو ڪندي) هينئر هينئر، ٻڌ ٿان خبرن ۾." (3)

مشهور ٻارن جي اديب اسرار شام جي ناٽڪن جو ڪتاب " وڏي جڏهن آءُ وڏو ٿيندس". سنڌي لينگيئج اٿارٽيءَ پاران 2004ع ۾ شايع ٿيو هن مجموعي ۾ سنڌس ٻارنهن ناٽڪ: "موڪل"، "نتيجو"، "ڪلاس روم"، "واٽ ويندي"، "اڄ جو استاد"، سرٽيفڪيٽ"، "ڊاڪٽر اسي مت ڪسي"، "ننڍو ڪڪڙ چور"، گدلاڻ"، "وڏي جڏهن آءُ وڏو ٿيندس"، "يس سر" ۽ "ٻچڙيوال" شامل آهن. هي سڀئي ناٽڪ تعليمي ۽ اصلاحي موضوعن تي لکيل آهن. موجوده دور ۾ پير نويد هاشميءَ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ ڊرامانگاري ۽ اداڪاري طرف به پير پاتو آهي ۽ ٻارن لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن.

ڊاڪٽر غلام مصطفیٰ سولنگي جو ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪ " پروفيسر مٺو"، 2019ع ۾ پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور طرفان شايع ٿيو. ٻارن جي ذهني تربيت ڪرڻ لاءِ هڪ اهم ناٽڪ آهي ۽ هن ۾ پڻ ۽ بري ڪردار جي نفسيات کي ظاهر ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پروفيسر مٺو پکين ۽ جانورن کي تعليم ڏيڻ لاءِ پيلي ۾ اچي ٿو ۽ سنڌس پئي نسل وارا طوطا ان جي ڳالھ ٻڌڻ ڪانپوءِ ان کي مار ڏين ٿا ۽ نيڪ دل ڪانءُ ان کي انهن بيوقوف طوطن کان بچائي ٿو ۽ ان ڪانپوءِ ان کي جهنگ جي بادشاهه شينهن ڏي وٺي وڃي ٿو جيڪو پاڻ به جديد ڪمپيوٽر هلائي رهيو هو. ان جي چوڻ تي سڀيئي پکي ۽ جانور پروفيسر طوطي جي ڳالھ ٻڌن ٿا هن ناٽڪ ۾ پکين ۽ جانورن کي ڪردارن جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي انهن ۾ مسٽر مٺو، ميڊم ريحانا ، طارق، ڪومل، پروفيسر خالد، جهنگ جا طوطا، ڪانءُ ، شينهن، اٺ ريگستاني، هاٿي چڙيا گهري، موتي ڪتو ڳيرو ڳوٽ وڏيرو، لومڙي ۽ بگهڙ شامل آهن.

ڊاڪٽر غلام مصطفیٰ سولنگي جو ٻارن لاءِ لکيل هڪ ٻيو ناٽڪ "پوپٽ" 2019ع ۾ پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور طرفان شايع ٿيو. هن ناٽڪ ۾ صرف چار ڪردار آهن جاويد، لاريب، ادي ۽ چوڪرو. ليکڪ هن ناٽڪ ۾ پوپٽ جي نفاست کي ڪاريگري سان چٽيو آهي ۽ هڪ احساس پيدا ڪيو آهي ته جيتن جڻن ؛ گلن ؛ ٻوٽن ۽ وڻن ۾ به ساهه هوندو آهي انهن کي تڪليف ڏيڻ سان اهي به انسانن وانگي ڳوڙها ڳاڙيندا آهن ! هڪ ڏينهن جاويد باغ مان گل پٽي رهيو هو ته پوپٽ ان کي بچائيندي گل تي اچي ويٺو ۽ جاويد گل کي پٽڻ وساري ويھي ٿو؛

پوپٽ ستن رنگن سان سينگاريل خوبصورت ڏيک ڏيئي ٿو ان کي رومال ۾ بند ڪري گهر کڻي اچي ٿو:

جاويد پوپٽ کي قيد ڪرڻ چاهي ٿو ; رات جو ٽيوب لائيٽ جي روشني تي ان جا رنگ ڏسڻ جي خواهش رکي ٿو ۽ ان کان علاوه پنهنجي هڪ دوست وانگي پوپٽ کي ڪتاب ۾ رکڻ چاهي ٿو اهڙيءَ عمل سان ته ويچارو پوپٽ مري ويندو ! پوپٽ پنهنجي پالڻهار کان دعا گهري ٿو ته مون کي معصوم ٻار ٻڌاءِ مالڪ مهربان ان جي دعا قبول ڪري ٿو ۽ اهو معصوم ٻار ٻڌجي وڃي ٿو. جڏهن جاويد حيران ٿي وڃي ٿو ته هي ٻار ڪيڏانهن آيو ! اهو ٻار جاويد کي ڏسي ته مان اهو ئي پوپٽ آهيان، تو مون کي قيد ڪري تڪليف ڏني آهي انهن جي وچ ۾ وٺندڙ ۽ نفيس ڊائلاگ آهن. جيڪي هن ناٽڪ کي خوبصورت بڻائن ٿا . جاويد ان پوپٽ جون ڳالهيون ٻڌي حيران ٿي وڃي ٿو ۽ ڪمري جو دروازو کولي ان کي آزاد ڪري ٿو ۽ پاڻ خاموش ٿي وڃي ٿو۔۔۔ !

ٻارن لاءِ مختلف دورن ۾ ريڊيو، اسٽيج ۽ ٽي.وي لاءِ به ڪيترائي ناٽڪ لکيا ويا آهن. ريڊيو پاڪستان تان گهڻو اڳ "ٻارن جي ٻاري" مشهور پروگرام شروع ٿيو هو. جنهن جو ٻارن جي دلچسپي ۽ اتساهه جي حوالي سان وڏو ڪردار رهيو. هي پروگرام ڪي سال هليو. ريڊيو پاڪستان خيرپور به ڪافي معلوماتي پروگرام شروع ڪيا هئا. جڏهن ته ڪي ناٽڪ حيدرآباد ريڊيو تان نشر ٿيا. جڏهن ته پي.ٽي.وي تان ڪي ناٽڪ پيش ٿيا. جن ۾ زيب سنڌيءَ جو پي. ٽي. ويءَ لاءِ لکيل ٽيلي ڊرامو "وڇايل ٻار" 1986ع ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو. جيڪو انتهائي درديلو ناٽڪ هو. پي.ٽي. وي تان ٻارڙن جو پروگرام "روشن تارا" تمام گهڻو مقبول هوندو هو. اهڙي طرح سنڌ ٽي. وي ۽ ڪي ٽي.اين تان الف ليليٰ ۽ ڪارٽونن جا ڪي ناٽڪ پڻ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيل آهن.

ٻارن جي ناٽڪن جي ترجمن جي سلسلي ۾ سنڌي جي ڏاهي اديب محمد ابراهيم جويي صاحب جو برٽالٽ بريخت جو ترجمو ٿيل "گليلو" 1977ع ۾ شايع ٿيو هي هڪ تاريخي ناٽڪ آهي، جنهن ۾ سترهين صدي جي جڳ مشهور سائنسدان گليلو گليلي جي شاندار شخصيت ۽ عملي ڪارنامن، رومي ڪليسا جي مذهبي چريائپ ۽ علم دشمني، وقت جي حاڪمن ۽ امير طبقي جي ماڻهن جي خود پسندي ۽ علم ناشناسيءَ، بي قدريءَ هوس ۽ لالچ جي تصوير چٽيل آهي. گليلو جرمن ناٽڪ نويس برٽالٽ بريخت جي ڊرامي Galelio جو ترجمو آهي، جنهن ۾ نيئن زندگي

جي نئين معنيٰ جي تشريح ٿيل هئي. هي ناٽڪ وڏن تورڙن ٻارن لاءِ ساڳئي اهميت رکي ٿو. اهڙي طرح مشهور افسانه نگار ڊاڪٽر نجم عباسي (1927_1995) چيني انقلاب بابت Red Lantern جو سنڌي ۾ "ڳاڙهو لاليٽن" جي نالي سان 1974ع ۾ ترجمو ڪيو. هي ناٽڪ وڏن تورڙن ٻارن لاءِ اهم آهي. ڳاڙهو لالٽين هن دور جي انقلابي چين جي ڪروڙين عوام اڳيان اسٽيج تورڙي فلم وسيلي پيش ڪيو ويو. ان جو دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. مناسب آهي ته سنڌي عوام به دنيا جي عظيم انقلابي ادب جي ههڙن شاهڪارن کان واقف ٿئي. جرمن اديب ۽ ڊراما نگار گوٽولڊ ايفريئم ليسنگ (1729_1781ع) جو ڊرامو "Nathan the Wise" ادبي دنيا ۾ وڏو مقام رکي ٿو. هي ناٽڪ 1779ع ۾ شايع ٿيو هو. هن ڊرامي ۾ مذهبي رواداري لاءِ هڪ قسم جي جستجو ڏيکاريل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان ناٽڪ کي ذولفقار راڄپر "ڏاهو ناٿن" جي نالي سان ترجمو ڪيو آهي، جيڪو 2012ع ۾ شايع ٿيو. هن ناٽڪ ۾ مذهبي رواداريءَ جي مسئلي کي پيش ڪيو ويو آهي ۽ لبرلزم جي پرچار ڪئي وئي آهي." (4)

شاعر اديب، ڪهاڻيڪار وفا منظور چوهاڻ جو ٻارن لاءِ ناٽڪ "ابا مونکي پڙهاءِ" جنوري 2024ع ۾ مهراڻ ادبي سنگت شڪارپور طرفان شايع ٿيو.

حوالا:

1. خالد آزاد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، سنڌ، 2016ع، ص 180
2. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو"، (قلمي)، 1988ع، ص 180
3. انور پنهور: "وڏ ڇريو جزيرو"، مخدوم بلاول پبليڪشن، ڪراچي، 1988ع، ص 1
4. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڊرامي جي تاريخ"، سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع، ص 219

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن لاءِ مضمون نگاري

سنڌي مضمون نگاريءَ جي ارتقا ۽ ترقي اخبارن ۽ رسالن ذريعي ٿي هئي، پر آزادي کان پوءِ هندو اديب هندستان لڏي وياءِ هتان جون پريسون به بند ٿي ويون، ڇو جو انهن مان اڪثر جا مالڪ هندو اديب هئا. مضمون نگاريءَ جي شروعات هڪ دفعو وري تڏهن ٿي جڏهن ڪجهه رسالا ۽ اخبارون جاري ٿيون. پر مضمون نگاري اڃ تائين اوتري ترقي ڪري نه سگهي جا آزاديءَ کان اڳ ڪئي هئي. خاص طور تي ذاتي ۽ شخصي مضمون ترقي ڪري نه سگهيا آهن. آزاديءَ کان پوءِ افسوس ته سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ مضمون نگاري، ڪا خاص ترقي ڪري نه سگهي آهي، صرف درسي گهرجن تائين ڪي مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن جا لکندڙ گهڻو ڪري ٻار ڪونهن ، بلڪ وڏا اديب آهن، جن ٻارن لاءِ مضمون لکيا آهن".(1)جيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف دور ۾ ٻارن لاءِ ڪي ادبي رسالا يا اسڪولي مخزن جاري ٿيا آهن يا اخبارن جا ڪي خاص صفحا جاري ٿيا آهن، انهن ۾ ٻارن لاءِ مضمون شايع ٿيندا هئا، انهن جو ڳاڻيٽو ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي. جڏهن ته ڪتابي صورت ۾ ڪي گهڻا ڪتاب شايع نه ٿيا آهن. ٻاراڻي مضمونن جي ڪتابن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته انهن ۾ گهڻو ڪري ٻارن جا تعليمي مسئلا، مونجهارا ۽ سماجي مسئلا بيان ٿيل آهن. ڪن مضمونن ۾ اسان کي عالمي امن، انساني برابري، ڀائيچاري، انسان جي آزادي ۽ ترقي پسند ويچار ڌارا جا درشن به ٿين ٿا.

1947ع ۾ آغا تاج محمد ۽ ٺاڪرداس ڊي. ڪيسواڻيءَ جو لکيل ڪتاب "ٻاراڻيون ڳالهيون" پوڪرداس اينڊ سنس ڪراچيءَ پاران شايع ٿيو. 60 صفحن جي هن ڪتاب ۾ 10 اخلاقي مضمون : ڪيڏڻ، ماءُ پيءُ، پڙهڻ، خدا يا ايشور، ڀڳتي يا بندگي، پرارٿنا، چوڪرن جا چڱا ڪم، ڊپ نه ڪريو ۽ ملڪي محبت ڏنل هئا. عطا حسين موسوي بلند پايه اديب ۽ وڏو تعليمي ماهر هو. آزاديءَ کان پوءِ هن ذاتي ۽ شخصي مضمونن واري رجحان کي زنده رکيو. سندس مضمونن جا به مجموعا "ڪچ ڪو ڏيون" (1950ع) ۽ "ڪشڪول" شايع ٿيل آهن. سندس مضمون ٻارن توڙن وڏن ۾ پسند ڪيا ويندا آهن. هڪ ٻيو تعليمي نگار محمد اسماعيل عرساڻي پڻ ٻارن جي بهترين مضمون نگار ٿي گذريو آهي. سندن مضمونن جا ڪي مجموعا پڻ شايع ٿيل آهن. جن ۾ "نقش عمل" (1951ع)، "خيال خاطر" (1951ع)،

"سنڌي سباجهڙا" (1953ع) ۽ "تياريون وٺيون" (1980ع) شامل آهن. هن جي ڪتابن ۾ سنڌ ۾ پکين ۽ جانورن جو شڪار، نقش عمل، خيال خاطر، تياريون وٺون ۽ سنڌي سباجهڙا خصوصي اهميت جا حامل آهن. انهن ۾ نقش عمل ۽ خيال خاطر منجهه اخلاقيات ۽ تعليمات بابت مضمون آهن. سندس ٻيو ڪتاب "اخلاقي مضمون" پڻ 1947ع ۾ شايع ٿيو."[2]

سنڌ ادب جي ڏاهي اديب محمد ابراهيم جويي ٻارن جي روشن خياليءَ لاءِ ٻين ٻولين مان مضمونن جا ڪتاب ترجمو ڪيا. ان سلسلي ۾ ناز سنائي لکي ٿو ته: پلو ٽارچ جو "ٻارن جي تعليم" (1972ع) ۽ ٻيو روسو جو "ايملي عرف تعليم" (1949ع)، اهي ٻئي ڪتاب ٻارن جي ذهني تربيت لاءِ گائيڊ لائين جو ڪم ٿا ڏين ۽ انهن ٻنهي ڪتابن ۾ ٻارن لاءِ وڏيون اخلاقي ڳالهيون شامل آهن. ان کان سواءِ جويو صاحب به ڪتاب "ٻارن جو مسيح" ۽ "ماڻهو جو پاڳ" به شايع ٿي چڪا آهن. جن مان پهريون ڪتاب لاجواب آهي. جويي صاحب ٻارن لاءِ انهن ڪتابن کان سواءِ ڪي مضمون به لکيا، جن مان سائين ٽيڪن مل منهنجو استاد" گل ڦل (ڊسمبر 1979ع) ۾ بهترين مضمون آهي."[3] ان دور جي استاد قربان علي نقشبندي (1919-1975ع) جي مضمونن ۾ ٻارن جي اصلاح جو ڪم ڪيل آهي. "پرائمري ماستر جا فرض"، "قديم تعليمي دستور ڪيستائين هلندو"، کلڻ مان فائدا، "جسماني تعليم"، "ڏنگو ٻار"، "همسفر"، "نئين گاج" وغيره اهم آهن. سندس ٻولي آسان ۽ وڻندڙ آهي. اديب انقلابي، ادبي دنيا ۾ سياسي ادب، تنقيد ۽ تحقيق جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس اهم ڪتاب "دنيا جا انقلابي ٻار" (1982) ۾ ٻارن جي انقلابي تحريڪن جي حوالي سان بهترين معلومات ڏني اٿائين. ڊاڪٽر نواز علي شوق جو "وڏن جو ادب" (1980ع) ۾ اخلاقي مضمون ڏنل آهن. محبوب علي جوکيي جو "مثالي شاگرد" (1981ع) ۾ هڪ سٺي شاگرد هجڻ وارا مضون ڏنل آهن. غلام هالائيءَ جو "گفتا ۽ گفتار" (1984ع) ۽ ٻيا ڪيترائي شايع ٿيل آهن.

ان کان علاوه شاگردن ۽ استادن جي بهتري ۽ مدد لاءِ ڪيترائي نصابي مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيا آهن. جيڪي شڪارپور، سکر، لاڙڪاڻي، حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن جي پبلشرن جا شايع ٿيل آهن. انهن مضمونن جو مقصد شاگردن لاءِ امتحانن ۾ سهولت پيدا ڪرڻ آهي. انهن مضمونن ۾ معلومات سان گڏ وندر جو خاص ڌيان رکيو ويندو آهي. هن قسم جا بيشمار ڪتاب سنڌي ۾ شايع ٿي چڪا

آهن ۽ ڪي پراڻا وري وري شايع ڪيا ويا آهن. ان سلسلي ۾ پرمانند ميوارام جو "گل ڦل"، ليکراج عزيز جو "ادبي آئينو"، ڊاڪٽر نواز علي شوق جو "هيڪار"، مولانا غلام اصغر ونڊير جو "سنڌي مضمون نگاري" (5 ڀاڱا، 1952ع)،بلاول پرديسيءَ جو "مضمونن جو مجموعو" (1960ع)، جمال الدين هوت خان خاصخيليءَ جو "سولو سنڌي گرامر ۽ مضمون" (1968ع)، الله بخش ٽالپر جو "مضمون نويسي" (پاڱو پهريون ۽ ٻاڱو ٻيو، 1965ع)، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جو جديد مضمون نگاري (1981ع) ، ڊاڪٽر عبدالغفور سنڌيءَ جو "ماڊرن مضمون نگاري"، ماريا قريشيءَ جو "سنڌيءَ جو سينگار" ، محمد علي دائودپوٽي جو "منجهان ولڙين واس" محمد اقبال لاکو جو "مضامين اقبال"، مشتاق گبول جو "سنڌي مضمون" (2018ع) ۽ ٻيا ڪيترائي شايع ٿيل آهن".[2]

ناميارِي محقق پروين موسيٰ ميمڻ جو ٻارن لاءِ اخلاقي ۽ نصحيت آموز مضمونن تي ٻڌل ڪتاب "اخلاقي قدر" 2010ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ جن موضوعن تي مختصر مضمون آهن انهن ۾ دوستي، حسن اخلاق، سادگي، سچ، امن، اميد، علم، ڪتاب، روحانيت ۽ ٻيا موضوع شامل آهن. ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو مضمونن جو هڪ ٻيو مجموعو "گلدستو" پڻ شايع ٿيل آهي.

اويس ڀٽي جو لکيل مضمونن جو ڪتاب "گلن مٺ" (2013ع) ۽ ٻيو "مٺي ڳالهه" (2019ع) شايع ٿيل آهن. مٺي ڳالهه" ۾ ٻارن جي اخلاقيات جي حوالي سان اهم مضمون آهن. جن ۾ واعدو پاڙڻ، مٺي ڳالهه، تڪبر، ٻڌي، حسد، سچ ۽ ڪوڙ، علم، لالچ، فضول خرچي، مهرباني، بهادري ۽ بزدلي، احسان، معاف ڪرڻ، ثابت قدمي ۽ والدين سان سلوڪ" شامل آهن. عبدالحئي ڀٽي جي مضمونن جو مجموعو "ماڻڪ هر هڪ هٽ ۾" 2013ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ اهي مضمون ڏنل آهن، جيڪي اڪثر ڪري سنڌن امتحانن ۾ ايندا آهن.

2019ع ۾ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي جي ٻارڙن مضمونن جو ڪتاب "موتين هار" پوپٽ پبلسنگ هائوس خيرپور پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڪونج، مکي هائوس، ساڍيلو پاڻيءَ واري مسجد، عجيب و غريب جانور، معصوم شاهه جو منارو، ڪارٽون جي تاريخ، نينهن جبل، جراسڪ پارڪ، پوپٽ ۽ ٻيا مضمون شامل آهن. سندس ٻيو ڪتاب "نرالا مضمون" ٻارن لاءِ ترجمو ڪيل آهن، جيڪو پڻ 2019ع ۾ پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور پاران شايع ٿيو. پنهنجي پاران ۾ ڊاڪٽر

غلام مصطفیٰ سولنگي لکي ٿو تہ هي مضمون نرالا ان ڪري آهن، جو انهن ۾ نئين ڄاڻ ڏني وئي آهي ۽ اها ڄاڻ خاص طور تي ٻارڙن لاءِ گهڻي اهميت واري آهي". (4) هن ڪتاب ۾ ٽوٽل ٻارهن مضمون شامل آهن جيڪي ٻارن جي ذهني سطح تي پورا لهن ٿا. مضمونن جو وچور هن طرح آهي خلائي شهر، حيران ڪندڙ واچون، ميراٿن ڊوڙ، وائيس ـ برقي ترجمان، گولا ڪندڙ اوزار ۽ ٻارڙن جي حقن جو ڏاهه، ريل جي آتم ڪهاڻي، اچو تہ سون ڏاهيون، آبدوز سمنڊ جي راڻي، ايلس ان ونڊرلينڊ آهن.

سنسار پبليڪيشن پاران ناميارې ليکڪ سڪندر سرواڻ جو ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ لکيل مضمونن تي آڌاريل ڪتاب "دودا منهنجي ديس جا" 2019ع ۾ شايع ٿيل آهي. ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو عالم ۽ اديب ۽ اسڪالر هو. جنهن تحقيق جي ميدان ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو. پڙهن جي لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب سان ٿي هئي. هن ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ مضمون بہ لکيا هئا. سندس ڪتاب "بهادر ڇوڪري" 2020ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ مختصر ٻارهن ڪهاڻيون ۽ چار مضمون، مزاحيا خبرون ۽ غلام مصطفیٰ حيدر سان ڳالهہ ٻولهہ شامل آهي.

حوالا:

1. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 513
2. ساڳئيو حوالو ص 514
3. ساڳئيو حوالو ص 516
4. ناز سنائي: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو ماضي، حال ۽ مستقبل"، ماهوار ڪينجهر، حيدرآباد، آڪٽوبر 1993ع، ص 31
5. ڊاڪٽريٽ غلام مصطفيٰ سولنگي: "نرالا مضمون"، پوپٽ پبلشنگ هائوس، 2019ع، ص 1

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن ڪي مشهور نثري ليکڪ

آغا تاج محمد خان (1904_1959ع)

نامور تعليمدان، عالم ۽ اديب خان صاحب تاج محمد، علمي ۽ ضلعي مدرسو، ڳوٺ ٻاگڙجيءَ ۾ ڄائو. تعليم کاتي ۾ اسپيڪٽر آف اسڪولس ۽ مضمون به ڏنائين. 1948ع کان صوبائي اسڪائوٽ ڪمشنر رهيو. آغا تاج محمد، شاعر، ليکڪ، تعليمدان ۽ وڏو منتظم هو. ٻارن لاءِ نه صرف گرامر، حسابي، رياضي، مضمون نويسي ۽ سکيا جا ڪتاب لکيائين، پر ٻارن لاءِ اکاڻيون ۽ سبق آموز مضمون به لکيائين.(1) ٻارن جي ڪتابن جي سلسلي ۾ سندس "نئون سنڌي گرامر" (ٽي ڀاڱا، 1939ع)، "سوکس" (1944ع)، ۽ جاگرافي ۽ مضمونن جا ڪتاب شامل آهن. ادبي ڪتابن ۾ "چيدا سبق" 1947ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ ٻارن جي اخلاق جي حوالي سان مضمون ڏنل آهن. 1947ع ۾ سندس هڪ ٻيو ڪتاب "ٻارڙيون ڳالهيون" پوڪرداس اينڊ سنز ڪراچيءَ طرفان شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڏهه اخلاقي مضمون ڏنل آهن. سندس ٻين ڪتابن ۾ "اخلاقي سبق" ۽ "نيڪ نصيحتون" (1950ع) پڻ شامل آهن. سندس سڀني ڪتابن ۾ ٻارن جي سکيا ۽ اخلاق تي زور ڏنل آهي.

محمد بخش "جوهر" (1919_2010ع)

محمد بخش "جوهر" ولد وريام جتوئي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هن پنهنجي زندگيءَ جا 45 سال صحافت کي ڏنا. هن خاص طور تي سنڌي جاسوسي ۽ ٻاراڻي ادب ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي. ڪيترائي طبعزاد ۽ ترجما، جاسوسي قصا، ڪهاڻيون ۽ ناول ترجمو ڪري سنڌي ادب کي شاهوڪار ڪيائين. سندس باري ۾ قاضي خادم لکيو آهي ته: "گذريل صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ پوڪرداس جو نالو ئي ڪتاب جي ڪاميابيءَ جي ضمانت هئو. جنهن جا ناول پوءِ جاسوسي ناولن جي هڪ متوالي، صحافي ۽ ليکڪ محمد بخش جوهر، نئين سر ڪجهه تبديلين سان ڇپارايا ۽ آر ايڇ احمد اينڊ برادرس بڪ سيلرز، حيدرآباد کان ڇپرايا. هن ڪي اهي جاسوسي ڪردار برزبان ياد ٿي ويا هئا. چو جو هو سندس زندگيءَ جي پوين ڏينهن ۾ مون سان گڏ اخبار 'هلال پاڪستان' ۾ به ڪم ڪري چڪو هو ته ان کان اڳ 'خادم وطن' ۾ ڪم ڪرڻ دوران به هن سان چڱو ساٿ رهيو هو. هن سان گڏ ٿي مون ۽ ٻين ڪن اديبن ڪراچي ٽي وي ءَ تان سنڌيءَ ۾ جاسوسي ادب جي عنوان سان هڪ پروگرام به ڪيو هو".(2)

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ سائنسي ۽ جاسوسي ادب جو هڪ نئي وڏو نالو محمد بخش جوهر جو هو. هن سائنس فڪشن تي ٻارن لاءِ ڪيترائي ناول ۽ ڪهاڻيون لکيون. ائين ڪٿي چئجي ته آزاديءَ کان پوءِ هي واحد ليکڪ هو جنهن ٻارن لاءِ تمام گهڻو لکيو ۽ هر قسم جو تفريحي ۽ سکيا وارو ادب ٻارن کي مهيا ڪيو. سنڌس اڪثر ڪتاب آر.ايچ. برادرس ۽ محمد يوسف اينڊ برادرس وارن شايع ڪيا. سنڌس سائنس فڪشن تي ناولن ۾ "اڏام کٽولو"، "اڏامندڙ ٿالهيون" ۽ "ماڪوڙن جي فوج" اهم آهن. محمد بخش جوهر جي ڪهاڻين جو مجموعو "مريخ جي مخلوق" 1958ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ هن مختلف سائنسي ڪهاڻيون ڏنيون آهن. مثال طور "مريخ جي مخلوق"، "ٻه اکيون ٻه پڃرا"، "خبيث جو آستان"، "جواريءَ جو روح"، "شيشي جي ڏاڪڻ"، "هٿ وڏي ويو"، "منهن گم ٿي ويو"، "پراسرار هڏي" وغيره اهم آهن. 1959ع ۾ محمد بخش جوهر جو "جادوءَ جو پکو ۽ عجيب واقعو" لکيائين، جيڪو طلسمي ۽ فئنٽيسي آهي. 1956ع ۾ محمد بخش جوهر جو لکيل "مڙدن جي راڻي" باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد طرفان 22 صفحن تي شايع ٿيو. ٻاراڻي ادب جي هيءَ هارر ۽ ٿرلر ڪهاڻي 9 بابن ۾ ورهايل آهي. ساڳئي سال ۽ ساڳئي اداري پاران سنڌس جاسوسي ڪهاڻيءَ جو ڪتاب "خزانه" شايع ٿيو، جيڪو مسٽر جم ڪاربٽ جي انگريزي ڪتاب جو ترجمو آهي. ساڳئي سال ۾ سنڌس "خوفناڪ هٿ" شايع ٿيو. جيڪو خوف وارين ڪهاڻين تي مبني آهي. 1957ع ۾ محمد بخش جو هر جو هارر ۽ ٿرلر ڪهاڻين جو موجموعو "خوني آڪاٽيون" آر.ايچ. احمد اينڊ برادرس پاران شايع ٿيو هن مجموعي ۾ "ڪوئن جو ڪاچ"، "دهل جو آواز" ۽ "ڪارو ڪتو" ڪهاڻيون آهن. اهي وندر، تجسس ۽ خوف سان ڀرپور آهن. ساڳئي سال ۽ ساڳئي اداري پاران سنڌس ڪتاب هڪ غريب خدا جي دربار ۾" شايع ٿيو. جنهن ۾ سڀ ڪهاڻيون فئنٽيسي" ۽ مافوق الفطرت ڳالهيون آهن.

1958ع ۾ محمد بخش جوهر جو لکيل ڪتاب "اڏام کٽولو" آر.ايچ احمد اينڊ برادرس پاران شايع ٿيو هن ۾ 22 صفحن تي مبني هڪ سائنسي ۽ فئنٽيسي ڪهاڻي ڏنل آهي. جيڪا موضوع جي لحاظ کان نهايت دلچسپ آهي. ڪتاب ۾ ٻولي عام فهم آسان ڪم آندي وئي آهي. ساڳئي سال ۽ ساڳئي اداري پاران سنڌس ڪتاب "ٽي سونهري وار" شايع ٿيو هن مجموعي ۾ ٽي طلسمي ڪهاڻيون آهن. جيڪي ٻاراڻي ادب ۾ اهم آهن. ساڳئي ئي سال سنڌس ڪتاب

"شيطان جو پانهون" شايع ٿيو. جيڪو فئنٽيسي ۽ اخلاقي موضوع تي آهي. ساڳئي سال ۾ سنڌس خوفناڪ اسرار" به اهم جاسوسي ڪتاب لکيائين. ساڳئي سال ۾ ساڳئي اداري پاران سنڌس "ماڪوڙن جي فوج" ، جيڪو هڪ فئنٽيسي ناوليٽ آهي.

سنڌس سائنسي ناوليٽ "اڏامندڙ ٿالهيون" 1957 ع ۾ شايع ٿيو هي ناول ترقي يافته ملڪن طرفان خلا ۾ پنهنجا ناهيل سيٽلائيٽ موڪلي، ٻين ملڪن جي جاسوسي ڪندا هئا. محمد بخش جوهر، 1955 ع واري دور ۾ اهڙن سيٽلائيٽن جي اهميت کي سمجهي ورتو هو ۽ طبعزاد ناول لکيو. هو لکي ٿو ته "دنيا جي هر هڪ ملڪ ۾ ماڻهن آسمان جي بلنديءَ تي اڏامندڙ ڏٺيون آهن. اڏامندڙ ٿالهيون اسان جي زماني جي ڪنهن ملڪ جي حڪومت جو خفيه هٿيار آهي يا هي عجيب هوائي جهاز آسمان جي ڪنهن ٻئي زمين (گرهه) مان اچن ٿا تنهن بابت مختلف رايا آهن. ڪن جو خيال آهي ته اهي اڏامندڙ ٿالهيون مريخ مان اچن ٿيون. هي ناول انهيءَ سلسلي جو آهي. ٿالهيون مريخ مان اچن ٿيون يا چنڊ مان . ليڪن هي واقعو اسان لاءِ حيرت ناڪ آهي ۽ جڏهن انهيءَ بيضيءَ جهڙا انسان ڏٺل هجن تڏهن حيرانيءَ ۾ اضافو ٿيڻ گهرجي." (3)

محمد بخش جوهر جو "ٽارزن" جو ڪردار، سنڌس ڪارناما ڪهاڻين، ڪارٽونن ۽ فلمن وسيلي عام ٿيا. محمد بخش جوهر، سنڌي ٻوليءَ ۾ "ٽارزن" (1960 ع)، "ٽارزن ۽ شيدي" (1962 ع) ۽ ٻيا اهڙا ننڍا ناوليٽ لکي سنڌي ٻوليءَ کي شاهوڪار ڪيو. مجموعي طور تي، محمد بخش جوهر، ٻارن جي ادب جو منفرد اديب هو جنهن سائنسي ۽ سماجي مسئلن تي انيڪ ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ ٻارن جي وندر، تعليم ۽ اضافي معلومات هوندي هئي.

حاجي حقير ابن مگڻ (1901 – 1981ع)

حاجي حقير ابن مگڻ خاصخيليءَ جو جنم ٽنڊي قيصر ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. حاجي حقير ابن مگڻ آزاديءَ کان اڳ ئي ٻارائي ادب تي ڪم شروع ڪيو هو. هن هر قسم جون ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ ٻارن لاءِ جاسوسي، سائنسي، تعليمي، سوانحي، مذاقي، اصلاحي وغيره ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون. سنڌس ڪيترائي ڪتابڙا شايع ٿيل آهن. جن ۾ "عقلمند وزير ۽ بيوقوف بادشاهه" 1957 ع ۾ شايع ٿيو هي هڪ قصصي ناوليٽ آهي، جنهن ۾ لوڪ ڏاهپ ڏيکاري وئي آهي. ساڳئي سال سنڌس "جادوءَ جي منڊي" شايع ٿيو 51 صفحن جو هي قصصي ناوليٽ ۾ طلسمي

آکاڻي تجسس سان ڀرپور آهي. ساڳئي سال سندس "دادلو شهزادو" شايع ٿيو. هن قصصي ناوليٽ ۾ هڪ راڻي پنهنجي شهزادي کي دنيا ۾ ڪاميابيءَ لاءِ ٻارنهن آکاڻيون ٻڌائي ٿي. "سندس ٻين ڪتابن ۾ "شهزادو صبر ۽ سون پري" (1958ع)، "ڪيهر شينهن جي ڌيءُ" (1958ع)، "پولڙي راڻي" (1958ع)، "جادوءَ جي گڏي" (1958ع)، "سليماني گل گلاب"، "پنج ڀينرون" (1959ع)، "راڻي ناز بيگم" (1963ع) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن."[4]

1957ع ۾حاجي حقير ابن مگڻ جو ڪتاب "جادوءَ جي منڊي" آر.ايڇ احمد ائنڊ برادرس پاران شايع ٿيو. هن ۾ هڪ ماڻهوءَ وٽ اهڙي منڊي ڏيکاري وئي آهي، جنهن سان هو سڀ ڪجهه ممڪن ڪري سگهي ٿو. مجموعي طور تي حاجي حقير ابن مگڻ، ٻارن جي ان دور جي رجحان يعني جادو ۽ طلسم واريون آکاڻيون لکيون. جن ۾ آسان، عام فهم ٻولي ۽ بياني طريقو هوندو هو. هو پنهنجي دور ۾ ٻارن جو ڪامياب اديب هو. سندس مختلف داستانن، قصن ۽ آکاڻين کي جي ڪليات کي سهيڙي 2020ع ۾ شايع ڪرايو آهي.

محمد اسماعيل عرساڻي (1906_1986ع)

ٻاراڻي ناٽڪ ۾ سڀ کان وڏو نالو محمد اسماعيل جو آهي. پاڻ مشهور تعليمي ماهر، محقق، نقاد، مضمون نگار، ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. هن ڪيترائي ڊراما تدريسي ۽ سکيا جي غرض سان لکيا آهن. جن سان شاگردن جي جاڻ ۽ ڪردار ۾ اضافو ٿئي. 1939ع ۾ سندس ڊرامو "بدنصيب ٽري" اسٽيج ڪيو ويو هو. هي ڊرامو ورهاڱي کان پوءِ به ڪيترن ئي سالن تائين سنڌ جي مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اسٽيج ٿيندو رهيو آهي. محمد اسماعيل عرساڻيءَ آزادي کان پوءِ به ڪيترائي ڊراما لکيا جيڪي اڄ به ڪتابي صورت ۾ موجود آهن. انهن ۾ "ڊرَن ڊائلاگ" (1952) شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ ٻارنهن ننڍا ناٽڪ شامل آهن. جيڪي خصوصي طور تي پرائمريءَ جي ٻارن لاءِ مفيد آهن. پهريون ناٽڪ "سياڻو قاضي" ۾ هڪ ٻار جي مالڪيءَ جو مسئلو ڏنل آهي. قاضي فيصلو ٿو ڪري ته ٻار کي ٻه اڌ ڪيو وڃي، پر سندس حقيقي ماءُ ٻار تان پنهنجي مالڪيءَ جي حق تان دستبردار ٿئي ٿي ۽ قاضي کي اصل ماءُ جي خبر پئجي وڃي ٿي. ٻيو ناٽڪ به انصاف جي مسئلي تي "شير شاهه جو انصاف" آهي. ٽيون ناٽڪ" به نه ٻارنهن" ۾ ايڪي ۽ ٻڌيءَ جو درس ڏنل آهي.

محمد اسماعيل عرسائيءَ جو ڊرامو "سورٺ ۽ راءِ ڏياچ" هڪ وڏو ۽ تاريخي موضوع تي آهي، جيڪو ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد ۾ اسٽيج ٿيو ۽ 1955ع ۾ آر ايڇ احمد برادرس پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ مڪمل داستان کي ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سندس مجموعي "حسن پروين" (1956) ۾ ٽي ڊراما "قول جي سچائي"، "حسن پروين" ۽ "ميوه مشقت" شامل آهن. سندس "دلڪشا" (1960) به هڪ سماجي ناٽڪ آهي. سندس ناٽڪن لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي ته "عرسائي صاحب جي ڊرامن ۾ دريائي، ملڪائي ۽ ڏيلاٽي وارو ادبي چسڪو ڪونهي. فقط واقعات گفتگو وسيلي مرتب ڪيل آهي. ڪيترائي ڊائلاگ فقط ٻارن جي وندر لاءِ لکيا ويا آهن. البته "بدنصيب ٽري" موضوع جي لحاظ کان معياري ناٽڪ آهي".[5]

محمد اسماعيل عرسائيءَ ٻارن لاءِ ٻيا به ڪتاب لکيا، جن ۾ خيال خاطر (مضمون 1951) ۽ نقش عمل (مضمون 1951ع) اهم آهن.

نذير حسين پٺي (وفات 1988ع)

نذير حسين ولد غلام عباس پٺيءَ جو تعلق حيدرآباد سان هو. هو بنيادي طور پرائمري استاد هو ۽ ڪيترائي سال ٽنڊو محمد خان ۾ تدريسي خدمتون ڏنائين. ٽنڊو محمد خان ۾ "اداره گلشن ادب" جي قيام ۾ سندس به اهم ڪردار هو. هن اداري پاران ٻاراڻي ادب ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو. نذير حسين پٺيءَ جا ڪيترائي ننڍڙا ناوليٽ ۽ جاسوسي ۽ سائنسي ڪتابڙا به شايع ٿيا. انهن ۾ "ڳالهائيندڙ پتلا"، "جادوءَ جو صوف" (1959ع) ٻاراڻي ادب ۾ اهم آهي، جنهن ۾ هڪ جادوئي صوف ڏيکاريو ويو آهي، جنهن سان طلسماتي ڪرشما ٿين ٿا. ساڳئي سال ۾ سندس ٻاراڻي ادب ۾ سائنسي ناوليٽ "چنڊ ۽ راڪيٽ" شايع ٿيو. ساڳئي ئي سال ساڳئي اداري پاران "خطرناڪ بم" 28 صفحن تي مبني ڪتابڙو شايع ٿيو. هن ۾ هڪ بهترين سائنسي ڪهاڻي ڏنل آهي، پر اصل ليکڪ جو نالو ڏنل نه آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ئي وقت تجسس ۽ دلچسپيءَ جو سامان ڏنل آهي. ساڳئي ئي سال ۾ سندس سائنسي ڪهاڻي ڪتابي صورت ۾ "دنيا جو پهريون راڪيٽ" شايع ٿي. ساڳئي ئي سال سندس هڪ ٻي جاسوسي ۽ سائنسي ڪهاڻي "برف جو ماڻهو" آر ايڇ احمد اينڊ برادرس پاران شايع ٿي. هيءَ ڪهاڻي وندر واري سامان سان آسان ٻوليءَ ۾ بيان ٿيل آهي. ساڳئي ئي سال ۾ سندس "ٻرندڙ ڏيئا" ساڳئي اداري پاران شايع ٿيو. 21

صفحن جي هن ڪتاب ۾ جملي ٻه سائنسي ٻاراڻيون ڪهاڻيون آهن: "ٻرندڙ ڏيئا" ۽ "سچ جا پٽ". ڪهاڻين جو ترجمو عام فهم ۽ آسان ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي.

1962 ع ۾ آر ايڇ احمد ائنڊ برادرس ڇاپيو سنڌس "خوفناڪ جزيرو" ننڍڙو ناوليٽ شايع ٿيو. جنهن ۾ هڪ اڻڄاتو جزيرو ڏيکاريو ويو آهي، جتي تمام گهڻو خزانو پوريل هو. سليم ۽ ملڪ انهيءَ خزاني تائين پهچڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿا. اها هڪ فينٽيسي ڪهاڻي آهي، جنهن جي ٻولي دلچسپ، عام فهم ۽ آسان آهي. هن ناوليٽ کي بدلائي ديسي ماحول ۾ آندو ويو آهي. ساڳئي سال ۾ نذير حسين پٺيءَ جو ڪتاب "سونو بال" ساڳئي اداري پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ جملي ٻه ڪهاڻيون "سونو بال" ۽ جادوءَ جو وڻ" آهن . جيڪي شايد اردوءَ تان ترجمو ٿيل آهن. ٻئي ڪهاڻيون مافوق الفطرت ماحول جي عڪاسي ڪن ٿيون.

1965 ع ۾ نذير حسين پٺيءَ جو ڪتاب "علي بابا ۽ چاليهه چور" آر ايڇ احمد ائنڊ برادرس پاران شايع ٿيو هي ڪتاب علي بابا ۽ چاليهه چور واري قصي جو اختصار آهي. سنڌس ٻين ڪتابن ۾ "سند باد جهازي" (1983 ع)، "سلطانه ڏاڙيل" (ناوليٽ 1978 ع)، "پولڙو ۽ چنڊ" (1983 ع)، "برف جي شهزادي" (1983 ع)، "ڏانچي جو ناچ" (1983 ع)، "بندرو جادوگر" (1983 ع)، "مهاڻو ۽ جن" (1984 ع) وغيره اهم آهن.

مقبول پٺي (1927 _ 1977ع)

مقبول احمد پٺي ولد محمد موسيٰ جو جنم نصرپور ۾ ٿيو سنڌس باري ۾ تنوير عباسيءَ لکيو آهي ته: "مقبول پٺي هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هو. محب وطن، عوام دوست، اڻ ٿڪ ۽ ايماندار سياسي ڪارڪن، ريسرچ اسڪالر، پرنٽر، پبلشر، بوڪ سيلر، آرگنائيزر، ايڊيٽر، اناؤنسر، ڪمپيئر، افسانه نگار ۽ سڀ کان وڌيڪ هڪ پرخلوص، پيارو دوست." (6)

مقبول پٺي ٻارن جو رسالو "گلستان" کي 1951 ع ۾ ٻيهر جاري ڪيو هي رسالو ٻارن جي تنظيم "بزم گلستان" جي جهنڊي هيٺ نڪرندو هو. هي رسالو دادا شيوڪ رام جي "گلستان" جي هند وڃڻ کان پوءِ ٻارن جي ادب جي ڪمي کي پورو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪڍيو ويو. ٻارن جي باتصوير رسالي ۾ هر دفعي دلچسپ آکاڻيون، شعر ۽ معلوماتي مضمون هوندا هئا. مقبول پٺيءَ ان کان سواءِ ٻارن جي جڳ مشهور ڪتاب کي "الف ليليٰ" کي جديد نموني ۾ تصويرن سان ڇپرايو. ان کان

علاوه ٻاراڻين ڪهاڻين ۾ مهرنگار مسرور جي ڪتابن جا ترجما ڪيا، جيڪي نيشنل بوڪ فائونڊيشن طرفان شايع ٿيا. انهن ۾ "ڪتو نوريٽڙي جي ڪٽ ڪٽ" (1973 ع)، "چنگيا اهي تي ڪير هئا" (1973 ع)، "ڪتو نوريٽڙي جو ٻهريون سفر" (1973 ع)، "انوکا پکي" (1973 ع)، "هڪ هئي ڊنڊ" (1974 ع)، "چنگيا جا جوتا" (1974 ع) ۽ "چنگيا جي اڏامر ڪتولي" (1974 ع) ڪتاب به شايع ٿيل آهن.

فدا سرهيو (8 جون 1932 ع)

پروفيسر فدا احمد ولد آخوند حافظ محمد سرهيو جو جنم سعيد پور ٽڪر ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ ٿيو. شاعري، نثر نويسي ۽ ٻاراڻو ادب سندس پسنديده موضوع رهيا آهن. ٻاراڻي ادب ۾ سندس تمام وڏو ڪردار آهي. اياز پاٽوليءَ سان گڏ، هن ٽنڊو محمد خان ۾ "اداره گلشن ادب" 1957 ع ۾ ادارو قائم ڪيو. جنهن جي پليٽ فارم تان هنن ٻارن لاءِ ۽ وڏن لاءِ سوين ڪتاب شايع ڪيا آهن."[7] ٻاراڻي ادب ۾ هن لوڪ ڪهاڻيون پڻ تحرير ڪري اداره گلشن ادب ٽنڊو محمد خان طرفان شايع ڪيون، جن ۾ "هڪ ڏينهن جو بادشاهه"، "گامون سچار"، "غيبي خزانو"، "ڏهه شهزاديون" اهم آهن. ان کان علاوه ٻاراڻي ادب جا ڪيترائي ڪتاب مرتب ڪري اداره گلشن ادب ٽنڊو محمد خان طرفان شايع ڪيا، جن ۾ "ٽڙيل گل"، "گلشن جا گل"، "هٻڪار"، "پنکڙيون"، "هيراموتي"، "هيرا لعل هزار"، "روشن تارا"، "موتئي جون مکڙيون"، "چمڪندڙ ستارا"، "ڪڙيا ڪنٽهار"، "روشن ڏيئا" وغيره اهم آهن. سندس ڪهاڻيون، ساديون ۽ سکيا ڏيندڙ آهن.

اياز پاٽولي (2 اپريل 1939ع)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب کي فروغ ڏيندڙ اديب ۽ ليکڪ محمد هاشم المعروف "اياز پاٽولي" ٽنڊي محمد خان شهر ۾ پيدا ٿيو. جنوري1957 ع ۾ "اداره گلشن ادب" جو قيام عمل ۾ آڻي ان جي پليٽ فارم تان ٻاراڻا اشاعتي سلسلا جاري ڪيائين. هن جولاءِ 1960 ع ۾ "بزم گلشن سنگت" جو به قيام عمل ۾ آندو جنهن جون سموري سنڌ ۾ 45 شاخون قائم ٿيون ۽ اٽڪل ويهه هزار ماڻهو ان تنظيم جا ميمبر بڻيا. سندس تنظيم 'اداره گلشن ادب' پاران ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جو تعداد لڳ ڀڳ 300 (طبعزاد توڙي ترجمو/ترتيب) آهي."[8] سندس ڪتابن جي سلسلي ۾ 'هيرن جو هار'، 'گلابي مکڙيون'، 'گلڙن جو گلدستو'، 'ماڻڪ ۽ موتي'، 'سڳند'، 'ٽڙيل گل'، 'هڪ ڏينهن جو بادشاهه'، 'اڏامندڙ گهوڙو'، 'هٻڪار'،

'پنکڙيون'. 'جيڏانهن پير، تيڏانهن خير'،'ماڪ پنا گل' ۽ ٻيا شامل آهن. هن 77_1976ع ۾ 'ٻارن جو ڊائجسٽ' ۽ ' گلشن ڊائجسٽ' نالي سان ٻارن جا ڊائجسٽ به جاري ڪيا. سنڌي ادبي سنگت، اداره سنڌي ادب، اداره چرا غ ادب، ٻارڙن جي ٻاري، اداره گلزار ادب، گلن جهڙا ٻارڙا ۽ اداره حب الوطن جهڙن ادارن سان پڻ سلهاڙيل رهيو. 2021ع ۾ سنڌي لينگئيج اٿارٽي طرفان، اياز پاٽوليءَ جو " ڪراڙ جا ڪنول" آن لائين شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون (اصلوڪيون توڙي ترجمو) ڏنل آهن. ڪتاب کي ٻارن لاءِ دلچسپ بنائڻ لاءِ ڪهاڻين جي نسبت سان تصويرون پڻ شامل ڪيون ويون آهن.

اياز پاٽوليءَ کي ڪيترائي ايوارڊ ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ پڻ مليا. سندس ڪهاڻيون اسڪولن کان وٺندي عام ٻار تائين مشهور رهيون آهن.

عنايت الله عباسي(4 فيبروري 1927ع)

عنايت الله ولد عبدالڪريم عباسيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. ڪاليج ايجوڪيشن ۾ پروفيسر هو ۽ پرنسيپال جي عهدي تي رٽائر ٿيو. 1950ع ۾ "فنڪار" رسالو جاري ڪيو هئائين. ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۾ هن محمود يوسفاڻيءَ سان گڏجي 1978ع ۾ "شان برادرس" حيدرآباد ۾ قائم ڪيو. هن اداري ٻارن کي معياري لوڪ ادب ۽ اصلاحي باتصوير نصحيت آموز ڪهاڻيون شايع ڪيون. عنايت الله عباسيءَ ٻارن لاءِ ڪيترائي ادبي ۽ لوڪ ادبي ڪتاب لکيا ۽ مرتب ڪيا. انهن ۾ "حليمان پوپري" (ڪهاڻيون، 1978ع)، "شيطان جو ٻار"(ڪهاڻيون، 1978ع)، "لالچي عبدو"(ڪهاڻيون، 1978ع)، "ڇا اوهان کي معلوم آهي" (معلومات، 1978ع)، "درياهي ڌاڙو (ڪهاڻيون، 1979ع)، روشنيءَ جا منارا" (ڪهاڻيون، 1979ع)،"بارود ۽ آتشبازي"(ڪهاڻيون، 1979ع)،"قلم جي ڪهاڻي" (1979ع) ،"منٻي (1979ع)، "گهرو هنر" (1981ع) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن." (9)

ولي محمد طاهرزادو(1928ع_1986)

ولي محمد طاهرزادو شيديءَ جو جنم، ميمڻ محلا ٽنڊوالهيار ۾ ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ جو ملازم هو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن ۾ ڪيترائي ٻارن لاءِ پڻ شامل هئا. ٻارن جي ڪهاڻين جي سلسلي ۾ "آڪاڻيون" (ڀاڱو پهريون _ 2005) ۽

"آکاڻيون" (ٻاگو ڀيو_ 2005) اهم آهن. سندس ڪتاب وتايو فقير 2005ع ۾ شايع. جنهن ۾ هن ٻارن لاءِ واتائي جا ٽوٽڪا گڏ ڪري ڏنا آهن. سندس ٻيو ڪتاب "شخصيتون" پڻ 2005ع ۾ شايع ٿيو. ٻارن جي راندين جي باري ۾ ٻن جلدن ۾ ڪتاب لکيائين.

سندس آکاڻين ۾ ٻارن جي ونڊر ۽ سکيا لاءِ هر قسم جو موضوع ۽ مواد موجود آهي. "آکاڻيون" جي پهرين ڀاڱي ۾ نو (09) آکاڻيون ڏنل آهن. جن ۾ "گوسڙو چوڪرو"، "ريسارو هنج الحرا جو خزانو"، "ظالم"، "ٻه ساهيڙيون"، "چار حڪيم"، "جادوءَ جو گهوڙو"، "شاعر جي سزا"، "چار دوست" شامل آهن جڏهن ته ٻئي ڀاڱي ۾ به 9 آکاڻيون: "گٿن جو پلو سو سپ جو پلو"، "تالو قائم ڪيئن رهندو"، "وڏن ماڻهن جون ڳالهيون"، "لومڙي ۽ ٻلي"، "شبنم پري"، "ٻيڙيءَ جو ٽڪو"، "سدا گلاب"، "پنهنجا گهر پنهنجا وطن" ۽ "سچائي" شامل آهن. سندس "لومڙي ۽ ٻلي" جو نمونو ڏجي ٿو:

"هڪڙي هئي لومڙي ۽ ٻي هئي ٻلي. لومڙيءَ کي هئي ٻناڪ هٽڻ جي عادت. سو هڪ دفعي ٻليءَ کي چيائين. ته اَدي مان ته ڪنهن کي وٽ ڏيان ٿي ڪونه ڪو به مون کي پڪڙي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪو اوپرو ڏسان ته وٺي ڀڄان ۽ جي ڪو مٿان اچي پوي ته ڪٿي مڪر ڪريان. چڻ ته مئل آهيان. مان ڏاڍي چالاڪ آهيان. مجاڻ ته اتي وڻ جي پٺيان ڪنهن شڪاريءَ بيٺي ڪنهن شڪار کي تاڙيو. تنهن لومڙي کي ڏسي ڪري بندوق سڌي ڪئي ته ٻلي جيڪا مائٽيءَ ۾ شينهن جي سڳي ماسي ۽ تمام هوشيار پڻ هئي." (10)

عمر الدين "بيدار" (1929_ 2003ع)

عمر الدين بيدار ولد محمد آچر سهتو جو جنم ڳوٺ دليپوٽا ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. هو هڪ ئي وقت شاعر. ڪهاڻيڪار. ناول نگار ۽ مضمون نگار ۽ صحافي هو. ڪيترائي سال "هلال پاڪستان" سان وابسته رهيو. پاڻ شروع ۾ ماهوار "بادل" حيدرآباد جو ايڊيٽر هو. جتي هن جاسوسي ڪهاڻين کي جڳهه ڏني. ان کان پوءِ روزانه هلال پاڪستان ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪيائين. ڪراچيءَ مان "اديون" رسالو ڪڍيائين جنهن جو پاڻ ايڊيٽر هو. ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ "سنسار پبليڪيشن" قائم ڪيائين. جتان 1980ع ۾ "ٻاراڻو ادب نمبر"، "هوشو شيدي (سونح. 1981ع)، ۽ "صوفي شاهه عنايت جهوڪ وارو" (1981ع) شايع ڪيائين. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

1980 ع ۾ عمر الدين بيدار جو لکيل "ٻاراڻو ادب" شان برادرس، حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. جنهن ۾ سندس ٽي ڪهاڻيون "چريو چوزو"، "موٽا ٻڪي" ۽ "چالاڪ لومڙ" ڏنل هئا. عمر الدين بيدار، خاص طور تي ٻاراڻي ادب جا جاسوسي ۽ سائنس فڪشن وارا ڪتاب شروع ڪيا، جن ۾ "هاسٽل تي واڳهه جو حملو" (1980 ع)، "آسمان تي ڪري" (ليبڊي برڊ سيريز جي "دي اسڪاءِ از فالنگ" جو ترجمو)، "پاتال جون پڇارون" (اٺ ڀاڱا)، "پتڪڙي ڇوڪري" (1980 ع) اهم آهن. هنن ۾ ٻارن جي حوالي سان سائنسي ايجادن جي بنياد تي ننڍڙا ناوليٽ لکيا آهن، جن ۾ جاسوسي ڪهاڻي به سمايل آهي".(11)

مراد علي مرزا (1929 – 2011ع)

مراد علي مرزا جو شمار سنڌ جي نالي وارن مترجمن، ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جڏهن ته ٻارن لاءِ ڪتابن ۾ "شاهه عبداللطيف ڀٽائي" (1984 ع)، "ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون" ۽ "ٻارن لاءِ آکاڻيون" (1977) شامل آهن. ڪهاڻين جي ڪتاب ۾ ڪل چوڏهن ننڍڙيون آکاڻيون آهن. دنيا جي جدا جدا ملڪن جون آهن جيڪي انهن ملڪن جي شروعاتي حرفن سان الف – بي وار ترتيب سان ڏنل آهن. يعني، پهرين آکاڻي آسٽريليا ملڪ جي آهي. ٻي آکاڻي اڪوئڊور جي ، ٽين آکاڻي انڊونيشيا جي آهي: "ارڙ نانگ"، "جهنگلي هرڻ"، ۽ "باندر ڪڇو" ۽ وڻ جو موضوع چالاڪي حرفت آهي. "هرڻ ۽ واڳهه" ۽ "بهادر ڪنيار" آکاڻين جو موضوع اڻ ڄاڻائي ۽ بيوقوفي آهي. "بادشاهه ۽ پادري"، "چار نوجوان"، "بادشاهه ۽ هاري"، "ڏيڏيءَ جي زبان"، آکاڻين جي موضوع عقلمندي ۽ حاضر جوابي آهي، پٿر جو شورو، جو موضوع ڳوٺاڻن جي سادگي ۽ شهرين جي حرفت آهي. "تيسر زال" جو موضوع ضد ۽ تيسو آهي. "آزاد گهوڙو" جو موضوع بيپرواهي آهي ۽ آخري آکاڻي "پوڙهو ۽ مڪتب" جو موضوع "لڄ" آهي.

اسماعيل بن واصف (3 جون 1931ع)

اسماعيل بن واصف جو جنم نالي واري اديب محمد بخش واصف جي گهر ۾ ضلعي نواب شاهه، تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ "راضي جتوئيءَ" ۾ ٿيو هو به پنهنجي والد وانگر نالي وارو اديب ٿي ابريو. اسماعيل بن واصف ڪيترائي ڪتاب

لکيا. ان کان علاوه هن لوڪ ڪهاڻيون، رومانوي داستانن ۽ سماجي مسئلن تي ڊراما لکيا. فلمن لاءِ ڪهاڻيون ۽ هدايتڪاري به ڪيائين. شاگردن لاءِ ڪورس جا ڪتاب به لکيائين هن لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب سان ڪئي. سندس ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻين جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ سونهري گل" (1967 ع). "بادشاهه جو خواب" (1967 ع). "ننڍڙو شهزادو" (1967 ع) . "پلوات" (1968 ع) ۽ "جانورن تي رحم ڪجي" (1968 ع) اهم آهن.

محبوب علي جوکيو (1933_1986ع)

نامور تعليمدان ۽ مشهور استاد محبوب علي جوکيو، محراب پور ۾ ڄائو. محبوب علي جوکيو بهترين استاد هئڻ سان گڏ سٺو ليکڪ به هو. ڪيترا ڪتاب لکيائين. هن ٻاراڻي ادب جي ترقي لاءِ پنهنجي شهر محراب پور ۾ "ٻاراڻو سنڌي ساهت گهر"1980ع ۾ قائم ڪيو. هن ادري گهڻو ڪري محبوب علي جوکيي جا ڇهه ڪتاب شايع ڪيا. جن ۾ "انڌن جو ديس" (ڪهاڻيون، 1980 ع) "سفيد باندر" (ڪهاڻيون،1980 ع)، "دلچسپ معلومات" (1981 ع)، "گڏهه ۽ موسيقي" (ڪهاڻيون، 1981 ع)، "دوستيءَ جي هار" (1981 ع)،" پيار جو ڪرشمو"(1981 ع)، ڪير ۽ ڪڏهن" (عام معلومات، 1981 ع)، "دلچسپ معلومات"(1981 ع)، اسلامي معلومات، (1981 ع)،سنڌ بابت معلومات (1981 ع) اهم آهن. محبوب علي جوکيي جا ٻين ادارن ٻاران به ڪتاب شايع ٿيل آهن. جن ۾ "مثالي شاگرد"،" استاد جو ادب"، "منهنجا مضمون" (سنڌي مضمون نگاري)، "مهراڻ سنڌي گرامر"، "مهراڻ انگلش گرامر"، "مهراڻ انگلش ڪمپوزيشن"، "گل جي گلفتار"،'سچ جا سنيها' ۽ 'وڪرسو وهاءِ' ۽ ڪي ٻيا شامل آهن. محبوب علي جوکيي ته انيڪ مضمون لکيا، پر درسي لحاظ کان سندس ڪتاب 'منهنجا مضمون' نهايت اهم آهي. ڪتاب جي 'پيش لفظ' ۾ هو لکي ٿو ته: "مضمون نويسي هڪ ذات به آهي ته فن به. فن هئڻ جي حيثيت ۾، انهيءَ صنف ۾، گهري اڀياس ۽ گهڻي لکڻ جي مشق سان، مهارت حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ لکڻ جي انداز ۾ پختگي، رواني، رنگيني ۽ رعنائي پيدا ڪري سگهجي ٿي".(12)

سندس اولاد پڻ ٻاراڻي ادب سان شروعات ڪئي. ڊاڪٽر الطاف جوکيو، محبوب ، هن وقت لساني ماهر آهي، هن پڻ ٻاراڻي ادب ۾ پاڻ ڪي موکيو آهي. بانو محبو ب جوکيو سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي، هن پڻ

ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن. قمرالنساءِ جو ڪيو جا ٻه ٻاراڻي ادب ۾ ڪتاب شايع ٿيل آهن.

امر جليل (8 نومبر 1936ع)

قاضي عبدالجليل، "امر جليل" جو جنم روهڙي شهر ۾ ٿيو. امرجليل ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊرامانويس ۽ ڪالم نويس آهي. شايد ئي ڪو سنڌي افساني نگار هجي، جنهن کي ايڏي وڏي چاهه سان پڙهيو ويو هجي، جيئن امرجليل کي پڙهيو ويندو آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. امرجليل بنيادي طور تي ٻارن جو ڪهاڻيڪار نه آهي، پر سندس چيني ۽ چريٽ جون ڪهاڻيون ٻارن جي حوالي سان بهترين آهن. امرجليل جي ڪهاڻين جو مجموعو "چيني ۽ چريٽ" جون ڪهاڻيون" ڪاڇو پبليڪيشن پاران 2011ع ۾ شايع ٿيو هن ڪتاب جون سڀئي ڪهاڻيون چيني ۽ چريٽ جي ڪردارن تي مبني آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ امرجليل لکيو آهي ته: "مون کي رانديڪا وڻندا آهن. مان رانديڪا وٺندو آهيان ۽ رانديڪا سنڀالي رکندو آهيان. ننڍڙا ٻار مون کي وڻندا آهن. مان پنجهتر سالن جو پوڙهو ٿي ويو آهيان، پر چيني سان گڏ مون پڻ پنهنجي ٻال اوستا تان هٿ نه کنيو آهي. رستي تي ٻارن کي ڪرڪيٽ راند ڪندي ڏسان، ته بيهي رهان! راند ۾ هنن سان شامل ٿي وڃان! مون کي وسري ويندو آهي ته چا جي لاءِ گهران نڪتو هوس! ٽيلفون جو يا بجليءَ جو بل ڏيڻ لاءِ گهران نڪتو هوس؟ سيڌو سامان يا ڊبل روٽي وٺڻ لاءِ گهران نڪتو هوس؟ مون کي ڪجهه به ياد نه رهندو آهي. هڪ ٻار جي نگاهه سان دنيا کي ڏسڻ مون کي وڻندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو منهنجي انيڪ ڪهاڻين ۾ ٻار مرڪزي ڪردار ٿي پوندو آهي، جيئن "زندگي هڪ ڪن"، "ڪتيل ٻانهن جو وارث"، "موسٽ ڊينجرس مين ان پاڪستان"، "ڪاري ڪتي آهي"، "ڌرتيءَ جي ڌوڙ آسمان جا تارا"، "سرد لاش جو سفر"، "منهنجو پٽ مهدي" ۽ "چيني ۽ چريٽ جون ڪهاڻيون." (13)

چينو دراصل امرجليل جي اندر ويٺل هڪ ٻار جو ڪردار آهي، جيڪو ڪڏهن به وڏو نه ٿيو آهي، ان ڪردار ۾ عام ٻارن کان وڌيڪ ذهانت ۽ تجسس سمايل آهي. هو هر شيءِ کي پنهنجي معصوميت سان ڏسي ٿو ۽ سوال ڪري ٿو. هين لفظ ۾ "چينو" سنڌ جي ذهانت جي علامت آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو ته
چيني مون کان سوال پڇيو "ادا بادشاهه سگريٽ جيترا ٽيندا آهن چا؟"

چيني جو سوال ٻڌي مان حيران ٿيس. جواب ڏيڻ بدران چيني کي پڇيم ته اهڙي بي معنيٰ سوال مٿي ۾ ڪيئن آيو اٿئي؟"

چيني وراڻيو، ڪجهه سگريٽن جي پاڪيٽ تي لکيل هوندو آهي King Size، تنهن مان اندازو لڳايو اٿم ته بادشاهه قد بت ۾ سگريٽن جيترا ٿيندا آهن."[14]

جڏهن ته امر جليل جو ڪردار "چريٽ" بظاهر بيوقوف آهي، پر بيوقوفيءَ ۾ عقل ۽ سياڻپ واريون عجيب ڳالهيون ڪندو آهي. هي هڪ مڪمل ٻاراڻو ڪردار آهي، جنهن وٽ هڪ عام ٻار وانگر جذبا، خواهشون ۽ غلطيون به آهن. ان ڊس ۾ ڪهاڻيون "چريٽ ۽ نرس"، "چريٽ ۽ هڪ مداري"، "چريٽ ۽ انصاف"، "چريٽ ۽ راشن ڪارڊ"، "چريٽ ۽ انقلاب"، "چريٽ ۽ ملان"، "چريٽ ۽ ڪدو جو چمپل"، "چريٽ ۽ ماسي حاجران آف هوسڙي"، "چريٽ ۽ ڪبر" ۽ "چريٽ ۽ ڪانءُ" اهم آهن.

ڊاڪٽر نواز علي "شوق" (1 جولاءِ 1940)

ڊاڪٽر نواز علي "شوق" ولد تاج محمد خان سهرياڻي جو جنم ڳوٺ رحمت خان سهرياڻي ضلعي جيڪب آباد ۾ ٿيو. ڪراچي يونيورسٽي "شعبہ سنڌي" مان پروفيسر جي حيثيت ۾ رٽائر ٿيو. ڊاڪٽر شوق نه صرف محقق آهي پر اعلىٰ قسم جو نقاد به آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ٻاراڻي ادب ۾ "ملاوٽ جا ماهر" (مزاحيه مضمون ۽ خاڪا)، "هڪار" (شاگردن لاءِ چونڊ مضمون)، "معلوماتي مٺيا"، "وڏن جو ادب" (1981ع)، "اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ" (ترجمو)، "گيتن جي گلزاري" (شاعري، 1990ع)، "مرزا قليچ بيگ" (1980ع) شامل آهن.

عطا محمد ڀنڀرو (1936_2020ع)

عطا محمد ولد محمد بخش ڀنڀري جو جنم ڳوٺ ٻچل ڀنڀري، تعلقي سوڀيديري، ضلعي خيرپور ۾ ٿيو. هو بنيادي طور تي تاريخ جو مورخ ۽ مترجم آهي، پر سندس شروعات ٻاراڻي ادب سان ٿي. 1967ع کان "هوشو" نالي رسالو جاري ڪيائين. سندس اصلوڪين ۽ ترجمو ڪهاڻين جو تعداد هڪ سئو کان به مٿي آهي، جن مان ڪتاب شايع ٿيا آهن ۽ ڪي اڃان اڻڇپيل آهن. جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو: "ڪاٺ راڻي" (1999ع)، "بسنتي" (1999ع)، "سورهيه سانوڻ" (1999ع)، سونهن ديوي ۽ ست جاموڙا" (1999ع)، "پکين پچارون"، "ڦلواڙي"، "صبح صدوري"، "گنيشن گونجارون"، "ڦل پتي"، "موتين مالها"، "پير پکا"، "پچ لاڙ"، "پچ پتو"، "سورهيه سانوڻ"، "ڏنو ۽ سندس ڏاند"، "مکهن مگٽهار"، "ڀهڳڻ ۽ ٻلي"، "قول

جي ڪڇي شهزادي"، "گونگ ٻڌ جي مورتي ۽ ٻه ڳالهايو"، "لاما ۽ ڏکڻ"، "شهزادي بورباري"، "گابي جي ڪل"، "ڏنو ٿيئي نه ڪنو"، "گدڙ شينهن جهنگ جو بادشاهه"، "تڙول، متارو، ناريل چوڪرو"، "توبي ڪتي ۽ بگهڙ جي ڳالهه"، "تنڊر شهزادي"، "لالو ۽ لالچي لومڙ"، "ڪرامتي پادري"، "ڪٽي جي شرط"، "ڪيڏاري جي قرباني"، "ٻناڪي ڊنگو" "هڪ جنگهيو فوجي"، "شهزادو پالار ۽ پٿر جي داڙهي"، "پاڇو نه ڪنهنجو"، "ڏاتار ۽ سهڻي"، "بهادري"، "سياڻو ڪوري"، "ڏاها پاڻ"، "ڪڙمي ۽ واگهه"، "چار دوست"، "درسني ۽ سهٽيون چوڪريون"، "سڪار پري"، "ٻه پاڻ"، "ڪپتيو قاضي"، "منگهن ميهار ۽ سندس زال"، "منگهي"، "جهڙپ رچ"، "گندي چوڪري"، "جادوئي ڪيڙو"، "موسو متوالو"، "بيد جان ۽ سهڻي شهزادي"، "بادشاهه جا سيهڙ"، "تڪمو لارس" ۽ "اُٿموٽ" شامل آهن".[15]

عطا محمد ڀنڀري، ٻارن جي نفسيات مطابق هر قسم جون ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ ترجمو ڪيون آهن. اهي ڪهاڻيون ٻارن جي عمر ۽ سندس نفسيات جي ترجماني ڪن ٿيون.

بلاول "پرديسي" (1931 – 1999ع)

محمد بلاول المعروف بلاول "پرديسي" ولد محمد يعقوب وگهامل جو جنم ڳوٺ خاڻوٽ، تعلقي هالا، ضلعي مٽياريءَ ۾ ٿيو. بنيادي طور شاعر هو پر ننڍن ۽ وڏن لاءِ ڪهاڻيون به لکيائين سندس ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ "سوني صندوق" (1959ع)، "زندگي جا حادثا" (1969ع) ۽ "جادوءَ جو گلاب" شامل آهن. بلاول "پرديسي" وڏن سان گڏ ٻارن لا دل وندرائيندڙ ڪهاڻيون لکيون. جيڪي سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيون. هن ٻارن لاءِ بهترين ريڊيائي گيت به لکيا.

الطاف شيخ (14 نومبر 1944ع)

الطاف شيخ جي وجهه شهرت سفرنامن جي ڪري آهي پر ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ به هو پوئتي نه آهي. سندس ٻارن جي ڪهاڻين ۾ "ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون" (1990ع) ۽ "ٻارن جون آکاڻيون" (1983ع) ، "جل پکيءَ جي اڪڪتي" (2017ع) ، "ڏاڏي پوڙهي ۽ ڪر ڪر جبل"، "سونهري ٻلي ۽ لالچي زال مڙس"، "مينهن ۽ ڏيڪي جي ڳالهه"، "جادوءَ جي ديگڙي" شامل آهن.

الطاف شيخ جي ڪهاڻين جو ڪتاب "ٻارن جون آکاڻيون"، نيو فيلڊس پبلشرز، ڪراچي ٻاران 1983ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ 21 ڪهاڻيون آهن. جن ۾ اجنبي جوان، پولڙو ۽ ٻار، راهه جو انصاف، وڏي وڏي آکاڻي"، ٻار ڪاٺڻ واري ڇوڪري، پوڙهو ۽ لومڙي ۽ ٻيون ڪهاڻيون شامل آهن. هن ڪتاب جون اڪثر ڪهاڻيون پرڏيهي ادب تان ورتل آهن. سندس ڪتاب "ڏاهي جهرڪي" ۾ 12 ڪهاڻيون ڏنل آهن. جن ۾ "تاني"، "شيشي جو بوچ"، "حاجي سڳوري لاءِ دعوت"، "ظالم جو موت"، "ڪانگ ۽ جهرڪيءَ جو مقابلو"، "هاري ۽ نانگ"، "ڏاهي جهرڪي"، "آءُ مرڻ چاهيان ٿو"، "ٻکين جو بادشاهه"، "هيرن جو صوف"، "مغرور بادشاهه" ۽ "واڳوءَ ۽ عورت" شامل آهن. هتي ڪهاڻي "شيشي جو بوچ" مان سندس عبارت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي ته بئنڪاڪ شهر ۾ هڪ تمام وڏي نالي ۽ ساک وارو هيرن جو واپاري رهندو هو. سندس نالو قارا چمن هو. قارا چمن ڪنهن به قيمتي هيري يا پٿر کي ڏسڻ سان پهرين نظر ۾ ئي ان جو ملهه ٻڌائي سگهندو هو. سندس مقابلي ۾ سڄي بئنڪاڪ ۾ ڪو ٻيو ڪوبه جواهري نه هو. ملڪ جون راڻيون، شهزاديون ۽ امير ماڻهن جون زالون هيرن جي چونڊ ۽ خريداري لاءِ هن جي دڪان تي اينديون هيون".(16)

سندس ڪتاب "جل پريءَ جي اڳڪٿي" ۾ ٻارڙن ۽ وڏڙن جي لاءِ جاپاني ڪٿائون آهن. هن ڪتاب ۾ ٽوٽل پنج ڪهاڻيون آهن. الطاف شيخ جي ڪهاڻين ۾ وندر به آهي ته ڄاڻ ۽ سکيا به آهي. دنيا جهان جي ڄاڻ سندس ڪهاڻين ۾ ملي ٿي. هو ڏيهي توڙي پرڏيهي ٻارڙن جا معاشي، معاشرتي ۽ ثقافتي رجحان پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪري ٿو

شمس الدين عرساڻي(1939_2017ع)

ڊاڪٽر شمس الدين ولد نور محمد عرساڻيءَ جو جنم هالا نوان، تعلقي هالا، ضلعي مٽياريءَ ۾ ٿيو سندس شمار وڏن نقادن ۽ محققن ۾ ٿئي ٿو خاص طور تي سندس پي. ايڇ. ڊي جو مقالو "آزادي کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر" وڏي اهميت رکي ٿو ڪلوڪلڌ هن ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، ناول ۽ سائنسي ڪتاب ۽ درسي ڪتاب به لکيا آهن. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "آزادي ۾ اسير" (2003ع) پڻ شايع ٿيل آهي. ٻاراڻي ادب ۾ "لاکو ڦلاڻي" (ٻاراڻو ناول: 1986ع)، "بيت ڪهاڻيون_ "پکو

ٻاراڻو" (2010ع). "ننڍون ڇنڊيھ لڪڻو" (ٻاراڻو ناول: 1992ع). "بنيادي سائنس" (پهرين درجي لاءِ 2012ع). "الف بي بي ٻاراڻو ٻول" (1993ع). "ٻڪو ٻاراڻو" (2012ع). آفاق Cosmos" (ترجمو 2020ع). شامل آهن.

1980ع واري ڏهاڪي تائين، ٻارن لاءِ ناول تمام گهٽ لکيا ويا هئا. ڊاڪٽر شمس الدين عرسانيءَ جو ناول "لاکو ڦلاڻي"، 108 صفحن تي ڪتابي دنيا حيدرآباد پاران 1982ع ۾ شايع ٿيو هي هڪ تاريخي ناول آهي، جنهن ۾ سنڌ جي هڪ بهادر جوڌي، جوان ۽ سورهيه لاکي ڦلاڻيءَ جي حب الوطني ۽ هيڻن سان همدردي ڏيکاري وئي آهي. سندس ٻيو ٻاراڻو ناوليٽ "ننڍڻ ڇنڊيھ لڪڻو" سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران 1993ع ۾ شايع ٿيو هن ناوليٽ جو مرڪزي ڪردار سدورو، جنهن کي ليڪڪ "ڇنڊيھ لڪڻو" سڏيو آهي، اهو 18 سالن جو هڪ ٻار آهي. هو انتهائي غريب، سادو ۽ بي سهارو ڇوڪر آهي. عقل پر اڙاٻنگ ضروري آهي، ان ڪري هر آزمائش ۾ بنان سوچ سمجهه جي ٽپي پوي ٿو. سندس قسمت جو زور آهي يا اٽل ارادو جيڪو هن جي ڪاميابيءَ جو سبب بڻجي ٿو.

سندس "بيت ڪهاڻيون" ۾ ٻاراڻي ڪورس جون ڪهاڻيون ۽ بيت ڏنل آهن. پاڻ سائنسي ڪهاڻيون بہ ترجمو ڪيون اٿائين. ان سلسلي ۾ سندس "سائنسي افسانا" شايع ٿيل آهي. ڊاڪٽر شمس الدين عرسانيءَ ٻارن لاءِ ٻيون بہ ڪافي ڪهاڻيون لکيون آهن. جيڪي ان دور جي رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. ٻارن لاءِ سائنسي چار جا ڪتاب بہ لکيا اٿس.

حسام سومرو (1944_2001ع)

نامور صحافي محمد حسين 'حسام' سومرو ولد محمد ابراهيم سومرو، حيدرآباد ۾ ڄائو. 1960ع ۾ سندس پهريون ڪتاب 'موج تبسم' شايع ٿيو. 1960ع ۾ حيدرآباد جي اشاعتي اداري آر ايچ احمد اينڊ برادرس جو مدينہ پرنٽنگ پريس ۾ پروف ريڊر مقرر ٿيو ساڳئي سال ٻارن لاءِ سندس ٽي ڪتاب، امين ڪتاب گهر حيدرآباد جي تعاون سان شايع ٿيا، جن ۾ 'گل صنوبر'(1962ع). 'ناني پوڙهي' (1962ع) ۽ 'عبرتناڪ آکاڻيون' (1964ع) شايع ٿيون. 1964ع ۾ روزاني 'خادم وطن' ۾ ٻارن جي صفحي 'ڦلواڙي' کي سنڀاليائين. اهڙي طرح 'ڦلواڙي' نالي سان ٻارن جي علمي ادبي تنظيم جو قيام عمل ۾ آندائين. 1978ع ۾ روزاني هلال پاڪستان جي صفحي 'گلن جهڙا ٻارڙا' جو انچارج

ٿيو. ان دوران گلن جهڙا ٻارڙا تنظيم جو بنياد پيو جنهن سنڌ ۾ نہ رڳو ٻاراڻي ادب ۾ واڌارو ڪيو پر ٻاراڻي ادب جا ڪيترائي نوان ليکڪ بہ اڀريا".[17]

محمد حسين حسام سومري جو ڪتاب "ناني پوڙهي" 1962ع ۾ آر.ايچ.احمد برادرس پاران شايع ٿيو. جنهن ۾ جملي 21 ڪهاڻيون ڏنل هيون ۽ اهي بادشاهن جي مختلف مزاجن مطابق آهن. انهن ڪهاڻين ۾ هڪڙو هو بادشاهہ. بي تاج بادشاهہ عادل بادشاهہ. مسلمان بادشاهہ. خدا ترس بادشاهہ. رحمدل بادشاهہ. شير دل بادشاهہ. بزدل بادشاهہ. پڇتائيندڙ بادشاهہ وغيره اهم آهن. هنن ڪهاڻين پڙهڻ سان ٻار پنهنجي مثالي بادشاهہ بابت نظريو پختو ڪري سگهي ٿو.

عبدالرحمان جتوئي (1 نومبر 1946ع)

عبدالرحمان جتوئي ولد عبدالله جتوئيءَ جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. هن ٻاڻ ڪي ٻاراڻي ادب لاءِ اربي ڇڏيو آهي. سندس ڪيترائي ننڍا ڪتابڙا شايع ٿيل آهن. جن ۾ "اخلاقي ڪهاڻيون" (1984ع). "عقلمند صوبيدار" (1984ع). "عقلمند طوطو". "عقلمند درويش". "علقمند جهرڪي". "عقلمند ڪانءُ". (ارباب عادل سان گڏ). "عقلمند قاضي" (غلام مصطفيٰ سولنگي سان گڏ (1988ع). "عقلمند فقير" (عبدالجبار عبد سان گڏ) "مزدور شهزادو". "حجم ۽ ديو". "هنيلا جن". "هيٺن جو همدرد". "سچون ڪهاڻيون". "ماڻڪ موتي" (چار حصا). "عقلمند حڪيم". "عقلمند ٻوڙو". "عقلمند مالهي". "ابابلين جي بمباري". "سياڻو گدڙ". "عقلمند چوڪرو". "عقلمند سپهہ سالار". "عقلمند سهو". "نيل نديءَ جي ڪنوار". "اسلامي آکاڻيون" ۽ "سوري جنين سيج" شامل آهن".[18]

سندس ڪتاب "ماڻڪ موتي" چونڊ ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ ٻارڙن لاءِ 18 مختلف ڪهاڻيون آهن. جيڪي تاريخي سچن واقعن ۽ انهن قصن تي ٻڌل آهن. جيڪي نبي سڳوري صلي الله عليہ وسلم جي دور، اصحاب سڳورن ۽ بعد واري زماني سان تعلق رکن ٿيون.

مجموعي طور تي عبدالرحمان جتوئي پنهنجي هر ڪهاڻيءَ جي ڪتاب ۾ اهڙا ڪردار پيدا ڪيا آهن. جيڪي ذهين ۽ عقلمند آهن. سندس مقصد اهو آهي تہ هو ٻارن کي اهڙيون ڪهاڻيون پڙهائي ٿو جنهن سان سندن زندگيءَ ۾ اخلاقي قدر پيدا ٿين ۽ ماڻهن ۾ سندن عزت ۽ مان مٿاهون ٿئي.

اڪبر جسڪاڻي (1958 ـ 1999ع)

اڪبر ولد چام خان جسڪاڻيءَ جو جنم جوهي، ضلعي دادو ۾ ٿيو. هن سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو. هڪ طرف هن ٻاراڻيون ڪهاڻيون لکيون ته ٻئي طرف ماهوار "گل ڦل" جي ايڊيٽر هئڻ جي ناتي ٻاراڻي ادب کي ترقي ڏيارڻ ۾ به اهم ڪم ڪيو. هن جي ٻارن جي ڪهاڻين جي مجموعن ۾ "گلن جهڙا گهاءَ" (ڪهاڻيون 1980ع) "بتين واري ناني" (ناوليٽ 1985ع)، "رمون پيٽي" (1982ع) ۽ "خير و جحم" (1986ع) شايع ٿيا. هو پنهنجي دور جو ٻاراڻي ڪهاڻيءَ جو مشهور ليکڪ هو. جو ته هن ٻارن جي مزاج، پسند ۽ ماحول مطابق ڪهاڻيون لکيون.

"بتين واري ناني" ۾ لکيو اٿائين ته اها سندس زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي. ان ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته سندس ناني ڪيڏين تڪليف سان ڪيس نڀايو. جڏهن ته "رمون پيٽي" سندس پاڙي جو ڪردار هو. اڪبر جسڪاڻي انتهائي سادي سودي ٻوليءَ ۾ مختصر مگر بامعنيٰ ۽ بامقصد ڪهاڻيون لکيون. جن ۾ ٻارن لاءِ نصيحت، شغل ۽ معلومات آهي. هڪڙي ڪهاڻي ۾ ڪاپي پاس ڪندڙ شاگرد لاءِ لکي اٿس. اڪبر جسڪاڻي هوندي ته ٻاراڻي هر موضوع تي ڪهاڻيون لکيون. پر سندس اهم موضوع تعليم هو. سندس اهم ڪهاڻين ۾ چو واٽو، بابا ڪنهن کي چوان، لک پڙهن لوڪ ۾، وئڪيشن، آفيسر ٻار ۽ ڪار". اٺ پٽڻ، بنا عنوان جي شامل آهن. هو تعليم جي اهميت مان واقف هو ان ڪري محنت سان صحيح ۽ بامقصد تعليم حاصل ڪرڻ جو حامي هو. هڪ ڪهاڻي "وقت ۽ وير" ۾ لکي ٿو:

"سوچ جي ساگر مان جڻ ته ٻاهر ڪناري تي نڪري آيو. رات جا اٺ ڪلڪ به وڃي رهيا هئا. ڪتاب رکي ڊائري کولي لکڻ لڳو: "وقت ۽ وير ڪڏهن به ڪنهن جو انتظار نه ڪندا آهن. جنهن انسان ۾ وقت سان گڏ هلڻ جي سوچ آهي، سو ڪڏهن به هن دنيا ۾ شڪست کائي نه ٿو سگهي. وقت جو هڪ سيڪنڊ به قيمتي آهي. جيڪو گذري وڃڻ کان پوءِ ڪڏهن به واپس نه موٽندو آهي. انسان ڏک کائڻ کان پوءِ زندگيءَ سمجهندو آهي." (19)

'مخمور' يوسفاڻي ٻلي (29 مارچ 1943ع)

محمود يوسفاڻي ولد حاجي محمد حاجي عبدالرحمان يوسفاڻيءَ جو جنم ڳوٺ حيدرآباد ۾ ٿيو. بنيادي طور تي صحافي هو. پاڻ 1974 ع ۾ ٻارن جي رسالي "گلن جهڙا ٻارڙا" جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ ان کان پوءِ "گلن جهڙا ٻارڙا" نالي جماعت ناهي. ان جون مختلف شهرن ۾ شاخون قائم ڪيائين ۽ جاڳرتا پيدا ڪيائين. سراج ميمڻ جي هلال پاڪستان اخبار ۾ محمود يوسفاڻي جي ادارت ۾ گلن جهڙا ٻارڙا جو ٻارن لاءِ هفتي وار صفحو شايع ٿيندو هو. هن پاڻ به ٻارن لاءِ مضمون ۽ ڪهاڻيون لکيون. سندس ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ گل بهار (1960 ع)، بخت جي بازي (1967 ع)، قول قليل (1967 ع)، لاڙلو (1980 ع)، شان (1980 ع)، ڪابولي (1980 ع)، ظلم جو چار (1980 ع)، مڪڙي (1980 ع) وغيره اهم آهن.[20]

شمس سومرو (1948_2012ع)

شمس الدين ولد غلام حسين سومري جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت ڪندو هو ۽ ٻاراڻي تنظيم "بزم گلزار" جو سرگرم ڪارڪن رهيو. گل ڦل ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪيترئيون ئي ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکيائين ۽ انهن جا ڪتاب به شايع ڪيائين. سندس شايع ٿيل ٻارن جي ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ "چتڪمڙي ٻلي" (1982 ع)، "ماسي ڪتو" (1984 ع)، جي ڦتاڪو خان" 1983 ع)، "شيري ۽ پوري"، جنهن کي رب رکي (1998 ع)، نيڪيءَ جو بدلو نيڪي (2000 ع) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.[21] هن ٻارن جي مزاج ۽ نفسيات مطابق ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس ڪتاب "ماسي ڪتو" ۾ ست ڪهاڻيون آهن. جن ۾ ماسي ڪتو، چوڙيون، چماٽ، ڳنڍڙيون، گدرو، پنڊ ۽ گڏي شامل آهن. سڀني ڪهاڻين ۾ جي ٻولي عام فهم آهي.

امير بخاري (1941_2007ع)

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر، ليکڪ، صحافي ۽ مضمون نگار امير علي شاهه ولد جعفر علي شاهه بخاريءَ جو جنم گهوٽڪي تعلقي جي ڳوٺ ٻيرڙي بخارا لڳ ماٿيلي، مومل جي ماڙيءَ ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان استاد هو. هن ٻاراڻي ادب ۾ پاڻ تمام گهڻو موڪيو ۽ ٻارن لاءِ اصلاحي آکاڻين تي ٻڌل

ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "خالد الله جي تلوار"، "طارق بن زياد"، "غازي صلاح الدين"، "اسان جو قائد اعظم" ۽ "سنڌ ۽ سنڌين جي ڀلائي جي وات" (مضمون) شامل آهن.

بشير احمد ڀٽي (18 جنوري 1950ع)

بشير احمد ولد غلام مرتضيٰ ڀٽيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي زولاجي ڊپارٽمينٽ ۾ ملازمت ڪري رٽائر ٿيو. پاڻ مترجم، صحافي ۽ ٻاراڻي ادب ۾ وڏو مقام رکندڙ اديب آهي. 1975ع کان "گلستان" رسالي کي جاري ڪيائين. ان کان پوءِ 1982ع ۾ حيدرآباد مان "ڪهاڻي پبليڪيشن" قائم ڪري ٻاراڻي ادب ۾ با تصوير ڪتاب شايع ڪيائين."[22] سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ما اڪثر ڪهاڻي پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيل آهن. جن ۾ ڀولڙا ۽ چنڊ (1982ع)، "چنڪمڙي ٻلي" (1982ع)، آڱوٺي جيترو ڇوڪرو" (1982ع)، "برف جي شهزادي" (1983ع)، "ڏانچي جو ناچ" (1983ع)، "پتاشن جو مينهن" (1983ع)، "ففتي ففتي" (ٽوٽڪا، 1983ع)، "جل ڦتاڪو خان" (1983ع)، "مڪر مڇن جو بادشاهه" (1983ع)، "سنڌ باد سيلانيءَ جا ست سفر" (1983ع)، "مهاٽو ۽ جن" (1983ع)، "ٽي ڀينرون" (1984ع)، "بندرو جادوگر" (1983ع)، "ڪليلا و دمنہ" (1984ع)، "چرچن جي چنڊي" (ٽوٽڪا، 1983ع) وغيره اهم آهن. سندس ترجمو ٿيل ڪتابن ۾ "بينظير ڀٽو جو قاتل بچي ويو" ۽ ڪاميابيءَ جا ٻارنهن سبق" پڻ شايع ٿيل آهن.

ادل سومرو (15 آگسٽ 1955)

ناميارو شاعر ۽ نثر نگار ڊاڪٽر ادل سومري جو اصل نالو عبدالڪريم ولد محمد صالح سومرو آهي. سندس جنم سکر شهر ۾ ٿيو. ادل سومري 1971ع کان لکڻ شروع ڪيو. شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي چيئرمين طور خدمتون ڏئي رٽائر ڪيو اٿائين. ادل سومرو، غزل، وائي، نظم ۽ بيت جو بهترين شاعر ليکيو وڃي ٿو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ٻاراڻي ادب ۾ به سندس تمام گهڻيون خدمتون رهيون آهن. هن نه صرف ٻارن لاءِ شاعري ڪئي آهي پر ڪهاڻيون به لکيون آهن. ٻاراڻي ڪهاڻين ۾ "آچر جا احوال" (1979ع)، "جيتن جي

ڪانفرنس" (1984ع)، "نئين دور جا نوان سبق" (نش 1990ع)، "مڇرن جي گڏجاڻي" ۽ "ڪاٺ جي ننڍڙي ريل" اچي وڃن ٿا.

ادل سومري جي ڪتاب "آچر جا احوال" ۾ هڪ ٽي ڪردار جون اٺ مختلف ڪهاڻيون آهن. ڪتاب جي مهاڳ ۾ رفيق سومرو لکي ٿو ته "ادل سومري جون ڪهاڻيون ٻارن کي وندرائيندڙ مواد سان ٽمٽار آهن، جن ۾ سندن مسئلن ۽ مجبورين کي چٽيو ويو آهي. جن ۾ وڏن ٻارن سان بي پرواهيءَ وارو ورتاءُ بيان ڪيو ويو آهي. ٻارن کي سکڻ کان اڳ، ننڍي عمر ۾ ڪم ونڻ واري لاڙي کي چٽيو ويو آهي."(23)

ڪهاڻي "ڊور ڪلتي ڊڪ ۾" ۾ تعليم جي اهميت تي زور ڏنل آهي. "ڏياريءَ جو ڏڻ ۾ "هڪ مسلمان ڇوڪري کي ڏياري جي ڏينهن ملهائڻ تي تنقيد جو سامنو ڪرڻو پوي ٿو. ملان چويس ٿو ته:

"لاحول ولا قوة . . . . ڏياري ڪافرن جي ڏياري، تو مسلمان جي پٽ ملهائي توبهه توبهه."(24)

"ناني جي ناس آچر جي آس" هڪ مزيدار ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ آچر ناني جي ناس جي پيسن مان ٻارن جي آڪاٽين ۽ بيتن جو ڪتاب خريد ڪري ڇڏيو "عيد ابهري آئي" ۾ هڪ غريب ٻار جي داستان آهي، جنهن ۾ سندس ننڍڙيون ننڍڙيون خوشيون غربت جي نظر ٿي وڃن ٿيون. "منڊي ڪڪڙ جي ڪرامت" ڪهاڻي دراصل "ڦتين جي فصل جي موڪل" ڪهاڻي جو تسلسل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي. ڦتين جي فصل کان پوءِ اسڪول پيهر کليو ٻارن جو امتحان ٿيو. پاس صرف اهي ٿيا جن استاد کي سوکڙيون ڏنيون.

ادل سومري جو ڪتاب "جيتن جي ڪانفرنس" ۾ گهڻو ڪري جيتن ۽ جانورن جون ڪهاڻيون (Fables) آهن. هن ڪتاب ۾ نو (09) ڪهاڻيون آهن. هنن ڪهاڻين ۾ فني سناءُ لوڪ ڪهاڻين وارو آهي. ڪهاڻي "نيڪدل طوطو" ۾ آزاديءَ جي اهميت کي بيان ڪري ٿو "جيتن جي ڪانفرنس" ۾ سهڻي ساهه وارن جيتن ظلم جي خلاف گڏيل جدوجهد لاءِ اهميت کي اجاگر ڪيو آهي، جنهن ذريعي مظلوم، ظالم لاءِ شڪست مقدر بڻائي سگهجي ٿو "شرارتي ڪوئو ڪر چولي" ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سونهن، سٺن لڇڻن بنان بيڪار آهي جا مورڳو ٽي ڪنهن نه ڪنهن مصيبت جو سبب ٿي سگهي ٿي. "چار چور ۽ سانوڻ ڊڪڻ" ۾ حلال جي روزي جو درس ملي ٿو "نئين دور جا نوان سبق" ۾ سوچ ۽ ويچار وارا سبق آهن:

الف . اک وارو پورو سبق پنهنجي گھرائپ سان موجود آهي، ان کي هر عمر وارو پنهنجي ذهني معيار مطابق سمجهي لطف اندوز ٿيندو.

ب . ٻار ۾ ادل سومرو ٻارن جا قسم بيان ڪندي لکي ٿو هر ڪو ٻار پنهنجي ڌرتيءَ جي حوالي سان سجاڳ ٿيندو آهي. جنهن ٻار جي ڪا ڌرتيءَ نه هوندي آهي، اهو انٽرنيشنل ٻار سڏبو آهي.

عبدالعليم پٽي

عبدالعليم عبدالعزيز پٽيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هن 1975ع کان سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ لکڻ شروع ڪيو. هن خاص طرح سان ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ قصصي ناوليٽ لکيا آهن. ان سلسلي ۾ سندس "پوتن جو آستانو" (1978ع) احباب پبليڪشن، حيدرآباد پاران 28 صفحن تي شايع ٿيو. هيءَ هڪ مافوق الفطرت واقعن تي مبني قصصي ناوليٽ آهي. 1978ع ۾ ٻئي سندس "بادشاهه ۽ درويش" احباب پبليڪشن، حيدرآباد پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ جملي چار ڪهاڻيون آهن، جن ۾ گلن جو هار، بادشاهه ۽ درويش، سائي جهرڪي ۽ جادوءَ جو جهاز شامل آهن.

عبدالعليم پٽيءَ جو پوتن جون شرارتون" احباب پبليڪشن، حيدرآباد پاران 1978ع ۾ شايع ٿيو. هيءَ هڪ مافوق الفطرت واقعن تي مبني قصصي ناوليٽ آهي. سندس ٻين ڪتابن ۾ "پوتن جو بنگلو"، "سهڻو خواب" (1978ع)، "اداس شهزادو" (1978ع)، "ڪاري ٽوپي" (1983ع) پڻ شايع ٿيل آهن.

علي مرتضيٰ ڌاريجو (2 سيپٽمبر 1950ع)

سائنسي ادب ۽ سنڌ سائنس سوسائٽيءَ جي سلسلي ۾ زولاجي شعبي جو پروفيسر علي مرتضيٰ ڌاريجو منفرد مقام رکي ٿو. هن سائنس جي موضوع تي رسالا به جاري ڪيا آهن جن سان سائنسي مضمونن ۾ خاطر خواهه اضافو ٿيو آهي. اهڙي طرح مختلف سيمينارن ۾ سائنسي موضوعن تي ليڪچر به ڏئي چڪو آهي. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ "سرير جي آتم ڪهاڻي" (1996ع)، "ڪينسري بيماريون" (1995)، "چانئين جي سائنس" (1994)، "اسان جون اکيون" (1992)، "جنس جي سائنسي ڄاڻ" (1991)، "هيلٿ ٽيچنگ گائيڊ بوڪ" (ٽي جلد 1990)، "فرسٽ ايڊ" (1983)، "انوکا گرهه" (1982)، "مائڪروب" (2016ع)، "گرمي"، "جاندار

شيون ۽ ٻوٽا"، "جتي ويڄ نہ طبيب" (2011ع)، ٿينڊڙ ڌرتي ۽ مڇندڙ منڊون (2011ع)، "ڪائنات جو مڪمل نظريو" (اسٽيفن هاڪنگ جي ڪتاب جو ترجمو 2019ع) وغيره شامل آهن."(25) ٻين ڪتابن ۾ "سيل جي آتم ڪهاڻي"، "مغز جي آتم ڪهاڻي" ۽ "هڏ جي آتم ڪهاڻي"، "موسمي تبديلي ۽ ماحوليات جي ڊڪشنري" (2014ع)، "قرآن ۽ سائنس" (2011ع)، "تحفظ ماحول اسلام" (2000ع)، "صحت جي سائنسي ڄاڻ" 2017ع)، "چارلس ڊارون جيون ڪٿا" (2021ع)، ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

ڊاڪٽر علي مرتضيٰ نہ صرف سائنس تي لکيو آهي پر جديد دور جي تقاضا پٽاندر ماحوليات جي ڊڪشنري کي ترتيب ڏئي سهيڙيو آهي تہ جيئن سنڌي ماڻهن کي ان جديد علم جي ڏکين لفظن جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ معنيٰ ۽ مطلب جي خبر پئجي سگهي. ڊاڪٽر علي مرتضيٰ جي ويجهي ماضيءَ وڏي سائنسي خدمت سندن ترجمو ٿيل ڪتاب "جتي ويڄ نہ طبيب" آهي، جيڪو هر گهر ۾ ڪتاب جي صورت ۾ هڪ ڊاڪٽر فراهم ڪرڻ جهڙو ڪارنامو آهي.

زيب سنڌي (7 سيپٽمبر 1957ع)

زيب سنڌي ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نويس، ڪالم نگار، مترجم، پبلشر ۽ ريڊيو ڪمپيئر طور مشهور آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سندس پهرين ڪهاڻي "زخمي دل" (1974ع) "رهبر ڊائجيسٽ" ۾ شايع ٿي هئي. ساڳئي وقت هو ڪجهه سالن تائين ٻارن لاءِ بہ لکندو رهيو. 1975ع ۾ "گلن جهڙا ٻارڙا" رسالي ۾ سندس ڪجهه پرڏيهي لوڪ ڪهاڻين جا ترجما بہ شايع ٿيا. جن ۾ "ڳالهائيندڙ مينا"، "وفادار مينا" ۽ "اڪيلو چالاڪ ۽ بيوقوف جوڙو" شامل آهن. ٻارن لاءِ لکيل سندس ڪيترين ڪهاڻيون ٻين رسالن کان سواءِ گل ڦل ۾ بہ شايع ٿيون. گل ڦل ۾ شايع ٿيل سندس ڪهاڻين ۾ "ماڻهو" (جون 1980ع)، "سڪس ملين ڊالر مين" (1981ع)، "هڪ ڇوڪري هڪ عجيب ملڪ ۾" (1981ع) ۽ زندگي زهر جهڙي" (مارچ 1978ع) اهم آهن. زيب سنڌي 1986 ۾ پاڪستان ٽيليويزن لاءِ ناٽڪ لکڻ شروع ڪيا. سندس پهريون ٽي وي ڊرامو "وڇايل ٻار" سندس ساڳئي عنوان واري ڪهاڻيءَ تي آڌاريل هو. زيب سنڌيءَ جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪوبہ ڪتاب نہ ڇپيو آهي.

پروانو سيوهاڻي (21 جولاءِ 1958ع)

پرواني سيوهاڻي جو اصل نالو منظور علي سومرو ولد گل محمد سومرو آهي سندس جنم سيوهڻ شريف ۾ ٿيو. لکڻ جي شروعات 1975ع کان ڪيائين. ٻاراڻي ادب لاءِ تمام گھڻو لکيو آهي. هن سيوهڻ مان ٻارن جي ادبي ترقيءَ لاءِ 1978ع ۾ "سرهاڻ پبليڪيشن" قائم ڪئي، جنهن جي پليٽ فارم تان ماهوار سرهاڻ رسالو به جاري ڪيو. جنهن 60 کان مٿي پرچا ڪڍيا آهن".(26) "سرهاڻ پبليڪيشن". پرواني سيوهاڻيءَ جا پنهنجا اصلوڪا، ترتيب ڏنل ۽ ٻين جا به ڪتاب شايع ڪيا آهن. جن ۾ "اُنڌي فقيرياڻي" (1979ع)، "سهڻي صلاح" (1979ع)، "ساهت سوکڙي" (ڪهاڻي، 1981ع)، "حيدربخش جتوئي نمبر" (1981ع)، گھنگھر گھاريم ڏينهڙا" (1981ع)، "منظور شهيد" (1981ع)، "ٿياسيءَ جا ٽي ناٽڪ" (1983ع)، "تماشو" (ڪهاڻيون،1984ع)، "پکين جي ديس ۾" (ڪاڻيون، 1986ع)، "روبوٽ" (1984ع)، "ٻارن لاءِ ريڊيو ناٽڪ" (حرڪتي ٻار ۽ رمون پيتي، 1984ع)، ڌرتيءَ جو تارو (ناٽڪ)، "هل ته هلون چنڊ تي (ٻارن لاءِ سائنسي سفرنامو، 1992ع)." ٻارن جا گيت" (شاعري، 1994ع)، منهنجون يادون، منهنجو نانيڙ" (ٻارن لاءِ آتم ڪٿا، 1993ع)، " اڏام (ڪهاڻيون، 2001ع)، خير ۽ خيالي (ڪهاڻيون، 1995ع) ۽ ڪي ٻيا ڪتاب پڻ شامل آهن.

سندس ڪهاڻين جي ڪتاب" اڏام کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سال 2001ع ۾ ٻاراڻي ادب جو بهترين ڪتاب قرار ڏئي انعام ڏنو هو. ان کان سواءِ هن پرواني سيوهاڻي لاءِ مهرخادم لکيو آهي ته: "پرواني سيوهاڻي نه صرف ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکيا پر عملي طور ڪوششون وٺي ٻارن جي ادب جي اشاعت ۾ پنهنجو ڀرپور صلاحيتون استعمال ڪيون آهن. هن جي ڪهاڻين جا ڪتاب "اُنڌي فقيرياڻي"، "سهڻي صلاح" ۽ "تماشو" ذڪر لائق آهن".(27)

الاهي بخش ٻانيڻ (ڀهرين جون 1958ع)

مشهور شاعر، ليکڪ ۽ براڊ ڪاسٽر الاهي بخش ٻانيڻ جو جنم ڳوٺ نيروارو تعلقي ٺري ميرواهه، ضلعي خيرپورميرس ۾ ٿيو. نومبر 1983ع ۾ ريڊيو پاڪستان ۾ بطور پروڊيوسر ڀرتي ٿيو ۽ پاڪستان جي مختلف ريڊيو اسٽيشنن تي خدمتون ڏنيون اٿائين.

الاهي بخش ٻانيڻ ريڊيو جي نوڪري دوران ڪيترائي يادگار پروگرام پيش ڪيا، جن ۾: ٻارن لاءِ "ٻارڙن جي ٻاري" اهم آهي. الاهي بخش ٻانيڻ ڪي ننڍپڻ کان ئي لکڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ جو شوق هو. هن شاعريءَ سان ادبي دنيا ۾ پير پاتو اڳتي هلي هن ڪهاڻيون به لکيون ۽ ٻاراڻي ادب تي به قلم کنيو. ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين تي مشتمل سندس ڪتاب "ڪانوَن جي ڪاهه "آگر پبليڪيشن حيدرآباد پاران 1985ع شايع ٿيل آهي. سندس اهم ڪهاڻين ۾ راڻديڪن سان رهاڻ، ٻيلي ۾ ملاکڙو، ميلاپ، لالچي واپاري، سلڇڻي پري شامل آهن".(28)

مشتاق مسرور باريچو (21 سيپٽمبر 1951ع)

مشتاق مسرور باريچي، حاجي حسين بخش مرتضائي باريچو جي گهر ٽنڊي مير غلام حسين لطيف آباد نمبر 9 حيدرآباد ۾ جنم ورتو. مشتاق مسرور باريچو روزانو آفتاب حيدرآباد جو 25 سال نيوز ايڊيٽر رهي چڪو آهي. ان کان علاوه روزانو خادم وطن، روزنو مهراڻ حيدرآباد ۽ روزانو الوحيد حيدرآباد تي پڻ مختلف پروگرام لکيا ۽ ڪيا اٿس".(29)

وڏي تعداد ۾ هن ڪتاب تحرير ڪيا آهن. مشتاق مسرور باريچي سنڌي ٻولي ۾ پهريون قانون جي ڊڪشنري، ديوان قلندر فارسي اردو ڪلام ترجمي سان ان کان علاوه اسٽوڊنٽس ڊڪشنري ڪمپيوٽر انٽرنيٽ ڊڪشنري، ميڊيڪل ڊڪشنري، صحافت جي ڊڪشنري ڇپجي رهي آهي. ان کان علاوه هن جا 35 کان وڌيڪ عام معلومات جا ڪتاب لکيا اٿس. خانگي اسڪولن جي ڪي جي نرسري ڪلاسن کان وٺي مٿين ڪلاسن جي سطح جا نصابي ڪورس ڪتاب گائيڊ لکيا اٿس. ڪيترائي مذهبي ڪتاب پڻ لکيا اٿس ۽ پڻ ترجمو ڪرڻ کان علاوه ترتيب ڏنا اٿس. آرٽس جي موضوع تي ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿس. ان کان علاوه مختلف تاريخي ڪتاب لکيا اٿس، جن ۾ اسلامي تاريخ پڻ شامل آهي، جيڪي اسان شاگردن جي نصابي گهرجن کي آڏو رکندي لکيا ويا آهن. هن ٻارن لاءِ ٻه ادبي ڪتاب به ترجمو ڪيا آهن، جن ۾ "چمڪندڙ لاشون" (ناول، 1977ع) ۽ "گمشده خزانو" (ناول، 1977ع) اهم آهن.

ارباب علي "عادل" چوهاڻ (20 مئي 1957ع)

ٻاراڻي ادب جي ليکڪ، اديب ۽ شاعر ارباب "عادل" چوهاڻ جو پورو نالو ارباب علي ولد محمد ابراهيم چوهاڻ آهي. سندس جنم شڪارپور ۾ ٿيو. بنيادي طور تي استاد آهي. هن لکڻ جي شروعات 1980 ع ڌاري ڪئي. ارباب عادل ٻارن لاءِ ڪافي ڪجهه لکيو آهي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'عقلمند ڪانءُ' (عبدالرحمان جتوئيءَ سان گڏ)، 'عقلمند جهرڪي'، 'شرارت' (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، 'عبرت ناڪ انجام' (ڪهاڻيون)، 'جادوءَ جي منڊي' (ڪهاڻيون)، 'ڪانءُ مينهن ماري' (ڪهاڻيون)، 'شرارتي شمون' (ڪهاڻيون) ۽ 'سهڻا ٻار سمورا' (ٻارن لاءِ شاعري) قابل ذڪر آهن. ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن. ارباب عليءَ ٻارن جي سوچ ۽ ساڃاهه مطابق ڪهاڻيون لکيون آهن. "ٻارن جي تعليم" سندس ڪهاڻين جو وڏو موضوع آهي. سندس بهترين ڪهاڻين ۾ همدرد دوست، لالچي ڇوڪري، مار سنواں چا هوءَ ڏائڻ هئي، رحم شامل آهن. ارباب علي ٻارن جي لاءِ ڪيترائي مضمون به لکيا آهن ۽ شاعري به ڪئي آهي". [(30)]

محمود مغل (27 نومبر 1961ع)

ڊاڪٽر محمود الحسن ولد ميان نور محمد مغل جو جنم سيوهڻ ۾ ٿيو هو. سنڌ جي انهن اديبن مان آهي، جن ٿوري عرصي ۾ ڪمپيئر، ڪهاڻيڪار، ناول نگاري ۽ ڊراما نويسي ۾ پنهنجو نالو ڪمايو آهي. محمود مغل لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ڪهاڻين سان ڪئي. محمود مغل 1975ع کان باقاعده گل ڦل لاءِ ڪهاڻيون، خط ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا. هو انهن چند ليکڪن مان هو جن مستقل مزاجيءَ سان گل ڦل لاءِ لکيو. سندس تربيت ۾ انور هالائيءَ جو وڏو ڪردار آهي. سندس ڪهاڻين جي خوبي اها آهي ته هن ٻارن جي لاءِ دنيا جي مختلف ٻولين مان بهترين ڪهاڻيون ترجمو ڪيون ۽ ڪي ڪهاڻيون قسطوار پڻ شايع ڪيون. سندس مضمون "وتائي جي ڏاهپ" (مئي 1975ع) شايع ٿيو هو. ان کان پوءِ، هن طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو سلسلو شروع ڪيو. مارچ 1975ع واري گل ڦل ۾ سندس "سمنڊ جو سون" (انگريزي ڪهاڻيءَ جو ترجمو)، سيپٽمبر 1975ع واري گل ڦل جي پرچي ۾ سندس ڀرپور ڪهاڻي "سچ جي سزا" شايع ٿي. ساڳئي سال سندس ٻي هڪ شاندار ڪهاڻي "ماءُ جي آس" (مارچ 1975ع) ۾ شايع ٿي هئي.

"محمود مغل ٻارن لاءِ ماهوار گل ڦل جي دور کان ڪهاڻيون شروع ڪيون،

جن ۾ "ڳاڙهي لوئي" (چيني ڪهاڻي جو ترجمو، جنوري 1976ع)، "چانديءَ جو ٻيڙو" (هالينڊ جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو، نومبر 1977ع)، "ننڍو شڪاري" (رومانيہ جي لوڪ ڪهاڻيءَ جو ترجمو، مارچ 1978ع)، "جاني لاثاني" (هالينڊ جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو، مارچ - اپريل 1979ع)، "بنان عنوان جي.." (مئي 1979ع)، "گم ٿيل ٻيڙي" (آسٽريليا جي لوڪ ڪهاڻيءَ جو ترجمو مئي 1980ع)، "بنا عنوان.." (نومبر 1980ع)، "روپ جي واپسي" (رومانيہ جي لوڪ ڪهاڻيءَ جو ترجمو مارچ کان ڊسمبر 1981ع)، "بلا عنوان جي.." (جنوري 1982ع)، "ڇپ ڪپيل جهرڪي" (جاپاني لوڪ ڪهاڻيءَ جو ترجمو، مئي 1982ع)، "ڪئي جي شادي" (جاپاني لوڪ ڪهاڻيءَ جو ترجمو، آڪٽوبر 1982ع)، حق (مارچ 1983ع) ۽ مسلمان ۽ سائنس (مضمون، جنوري 1979ع)، "ٻارن جو عالمي ڏينهن، (مضمون، ڊسمبر 1979ع)، شامل آهن."[31]

سندس ڪهاڻي "روپ جي واپسي" هڪ طويل ترين ڪهاڻي آهي، جيڪا مارچ 1981ع کان ڊسمبر 1981ع تائين ڏهن قسطن ۾ شايع ٿي هئي. سندس ٻي ڪهاڻي "جاني لاثاني" پڻ چئن قسطن ۾ شايع ٿيل آهي. محمود مغل ٻين ٻارن جي رسالن بہ لکيو، جن ۾ سندس ڪهاڻي "وچوٽي" چٽنگ رسالي ۾ 1978ع ۾ شايع ٿي ۽ "ڪتائي" ماهوار ٻالڪ سيپٽمبر 1980ع ۽ "پسو پکيئڙن" (روم جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو، لاٽ، 1984ع) ۾ شايع ٿي. سندس سڀئي ڪهاڻيون اهم آهن، انهن ۾ "ڳاڙهي لوئي" بنيادي حيثيت رکي ٿي، اها چيني لوڪ ڪهاڻيءَ جو ترجمو آهي. هن ڪهاڻيءَ جي شروعات هن ريت ٿيل آهي:

"لوئي ڏاڍي سٺي هئي.

چائي وِي، اها دڪان تي ڏٺي هئي. انهيءَ لوئيءَ کي پاسن کان ڳاڙهي رنگ جي ٿلهي بارڊر عجيب سونهن بخشي هئي. اها لوئي پري کان ڏسڻ ۾ ٿي نرم ۽ گرم نظر اچي رهي هئي ۽ اهڙي تہ خوبصورت هئي جو دل ڏسڻ سان ڏانهس ڇڪجي رهي هئي. چائي وِي، پنهنجي ماءُ کي انهيءَ لوئي کي هٿ لائيندي ڏٺو هن جي ننڍي دل بي اختيار چاهيو تہ، "ڪاش اها لوئي پنهنجي ماءُ کي وٺي ڏي سگهان."[32]

منظور بيدار (14 اپريل 1961ع)

منظور احمد "بيدار" ولد غوث بخش چانگ جو جنم سکر ۾ ٿيو. 1977 ع ۾ هن سکر ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ "مکڙي پبليڪيشن" قائم ڪيو، جتان ڪتابي سلسلو "روز ٽڙن رابيل" (1977 ع) شايع ڪيو. سندس ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ "هي ساٿي سيئي" (1984 ع) ۽ "بک بچڙو ٻول" (1986 ع) شايع ٿيل آهن. هن ٻارن لاءِ سماجي، معاشي، طلسمي ۽ سائنسي موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون آهن." (33)

ظفر عباسي (2 اپريل 1964ع)

ڊاڪٽر ظفر الدين عباسيءَ جو جنم ڪنڊياري، ضلعي نوشهروفيروز ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر آهي. هو شاعر، محقق، مترجم ۽ پبلشر آهي. ننڍي عمر ۾ ئي سندس ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ٿي چڪا هئا. ظفر عباسيءَ 1979 ع ۾ ڪنڊياري ۾ "ساهتي پبليڪيشن" قائم ڪئي جتان، هن پنهنجي ٻاراڻي ادب جا ڪتاب شايع ڪيا. ان سلسلي ۾ ظفر عباسي جي ٻاراڻي ڪهاڻيون جي مجموعن ۾ "گهرا گهرا گهاءَ" (ڪهاڻيون، 1979 ع)، ڦڙي ڦڙي تلاءُ (1980 ع)، تارا تارن هيٺ" (ڪهاڻيون ، 1981 ع) ۽ "رڪيل لڙڪ" (1982 ع) شايع ٿيا.

"ظفر عباسيءَ جي اڪاڻين ۾ هر قسم جا موضوع شامل آهن. انهن ۾ ٻاراڻي نفسيات، وندر، چاهت ۽ سکيا وارو پهلو موجود آهي. سندس شروعاتي ڪهاڻيون گل ڦل، روزانه هلال پاڪستان ، سرهاڻ پبليڪيشن ۾ شايع ٿيون. سندس ڪهاڻين ۾ شهري ۽ ڳوٺاڻو ماحول گڏوگڏ شامل آهي ۽ ٻولي بہ وڻندڙ آهي. سندس اهم ڪهاڻين ۾ لوهي زنجير يا سونا زيور، زندگي او زندگي، مرڪندڙ مهاڻو، اجهو سچ لڌو، سفارش، پنڻ آهي عيب، جيئان ٿو آسري، ضد جو انجام ، اڏوري آس، حليم حرڪتي شامل آهن." (34)

نذير شورو (11 ڊسمبر 1961ع)

نذير احمد ولد عبدالڪريم شوري جو جنم ضلعي سجاول ۾ ٿيو هو مشهور ڪهاڻيڪارن شوڪت حسين شوري جو ننڍو ڀاءُ آهي. 1970 ع واري ڏهاڪي ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکيائين. جن جو مجموعو "ٻاڇي پٺيان ڊوڙ" (1977 ع)شايع ٿيو سندس ڪتاب ۾ 12 ڪهاڻيون: "مان ڊاڪٽر ٿيندس"، "ٽانگا ننڊ نہ ڪن"، "پڳل ماٺهو"، "آخري سهارو"، "پهلي سمنڊ جو عشق"، "منزلون ۽

فاصلا"، "هاريون"، "خالي هٿ"، "مئل جيئرا جذبا"، "ننا نالي"، "گهاٽي ٻاٽيءَ ۾ ٻڏل شهر" ۽ "ٻاجهي ٻنبان دوڙ" شامل آهن. سندس ڪهاڻيون ٻارن جي نفسياتي پهلوئن جون ترجمان آهن.(35)

آغا قيوم (18 مارچ 1962ع)

آغا قيوم ولد آغا عبدالڪريم پٺاڻ جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. حيدرآباد ۾ نوڪريءَ سان گڏ هن 1981ع ۾ "لالي پبليڪيشن" قائم ڪئي، جنهن جي پليٽ فارم تان ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙ ڪيائين. هن اداري ڇهه سال ٻارن جي ادب لاءِ ڪتابي سلسلا جاري ڪيا، جنهن جو مرتب آغا قيوم پاڻ هوندو هو. ان سلسلي ۾ سندس "لالي" (1981ع)، "سهي" (1981ع)، "تئين وات" (1981ع)، "ڪنگ ڪانگ" (1982ع)، "ڪير ڏارا" (1982ع)، "ڏاڏي جو ڏيئو" (1983ع)، "ڪرڪيٽ راند" (1984ع)، "جي دور دنيا جا" (1985ع)، "ڪتابين جي ڪيچل" (1985ع)، "واهڻ واهڻ" (1985ع) ۽ "هندستان ڇڏي وڃو" (1986ع) شامل آهن".(36) ادبي دنيا ۾ سندس ڪتاب "اگهاڙو سچ" مشهور آهي.

اسرار شام (1954_2014ع)

سنڌي ٻاراڻي ادب جي ناليواري ليکڪ ۽ صحافي اسرار شام جو جنم ٽنڊي ڄام جي هڪ علمي ادبي گهراڻي ۾ ٿيو. اسرار جو اصل نالو اسرار احمد ميمڻ آهي. 1987ع کان وٺي سنڌي ٻارڙن لاءِ علمي، ادبي، ثقافتي، معلوماتي ۽ تفريحي ڪتابي سلسلو شروع ڪيائين، جنهن جو نالو "سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن" رکيائين. ان ڪتابي سلسلي جا 60_70 کان وڌيڪ ڪتابڙا منظرعام تي اچي چڪا آهن. پاڻ وقت بوقت سنڌي ٻارڙن لاءِ مختلف تفريحي پروگرامن جو بندوبست پڻ ڪندو رهيو آهي".(37) سنڌي ۽ اردو اسٽيج ڊرامن جي فيلڊ ۾ به وڏو حصو ورتو اٿس. سندس ڊرامن جو ڪتاب سنڌي لينگئيج اٿارٽي پاران شايع ٿيل آهي. سندس طويل انٽرويوءَ تي مشتمل ڪتاب "آئون ڪو ڄاڻان" ڇپجي چڪو آهي. جڏهن ته ٻندرهن کن اڻ ڇپيل ڪتاب اٿس. سندس ڪهاڻيون، ٻارن جي عمر سوچ مطابق وندر، سکيا ۽ نفسيات جي نمائندگي ڪن ٿيون.

ٻاراڻي ادب لاءِ ڪم ڪرڻ جي لحاظ کان: سدا حيات اسرار شام سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن، حيدرآباد جي سرواڻ جي حيثيت ۾ 'سنڌي ٻارڙا' جي ڪتابي

سلسلي وارين ڪڙين سان ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ اوسر لاءِ پاڻ اربي لڳاتار ٻن ڏهاڪن تائين پاڻ موکيو. هن 'تصويري نظم' جي عنوان سان عڪسي ٻاراڻي شاعري پڻ ڪئي.[38]

آزاد جتوئي (1956 – 2009ع)

آزاد جتوئي جو اصل نالو حضور بخش ولد الهه بخش جتوئي هو. سندس جنم ڳوٺ محراب پور، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هو صحافي ۽ ڪهاڻيڪار هو. ادب ۾ شروعات ٻاراڻين ڪهاڻين سان ڪيائين. ان کان علاوه سياسي، سماجي پسمنظر ۾ ڪي ڪهاڻيون لکيون هئائين. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "ڏکيو ڏيهه سندر سپنا" 2011ع ۾ شايع ٿيو.

سندس اڪثر ڪهاڻين جو مرڪزي نقطو سنڌي سماج، سنڌي ٻار ۽ عام ماڻهو هو. سندس ڪهاڻي "دوستيءَ جو سفر" ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ محنتي هوشيار شاگرد، غلط دوستيءَ جي صحبت ۾ اچڻ ڪري پهريائين ناپاس ٿيو ۽ پوءِ زندگي ۾ ناڪاميون ڏسڻ لڳو. اهڙي طرح ڪهاڻي "سنگتي" جو به موضوع اهو ئي آهي "جهڙي صحبت تهڙو اثر". ڪهاڻي ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو ته: "منهنجي صلاح وٺين ته اهڙن دوستن کي ڇڏي ڏي جيڪي نڪمين ڳالهين کانسواءِ ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهن. رڳو مالڪن جا پئسا زيان ٿا ڪن. سئنمائون ڏسن ۽ ناجائز حرڪتون ٿا ڪن ۽ جيڪي صرف چند گهڙين جو مزو وٺي سگهن ٿا".[39]

اهڙي طرح سندس ڪهاڻي "امان مان ڊاڪٽر ڪونه ٿيندس" ۾ ٻاراڻي نفسيات کي چٽيو ويو آهي. "جي ٿو ڪڇان" پڻ ٻاراڻي ادب ۾ اعليٰ ڪهاڻي آهي. ان کان علاوه سندس ڪهاڻيون "غلط نشان" "ڏکيو ڏيهه سندر سپنا"، "ٽي ٽبڪا" "جنم جنم زندگي"، "اڻ کٽ سلسلا" قابل ذڪر ڪردار ۽ اهم ڪهاڻيون آهن.

قربان منگي (1 اپريل 1961ع)

قربان علي ولد حسين بخش منگيءَ جو جنم خيرپور (ميرس) ۾ ٿيو. ٻاراڻي ادب جي خدمت ۾ سندس نالو اهم آهي. 1978ع کان ٻارن لاءِ "پوپٽ" رسالو ڪڍي رهيو آهي ۽ 1982ع کان "سنڌ ٻالڪ سنگت" هلائيندو پيو اچي. ٻارن لاءِ قربان نه صرف ڪهاڻيون لکيون آهن پر شاعري به ڪئي آهي. 1987ع ۾ سندس

ٻاراڻي شاعري ۽ ڪهاڻين جو گڏيل ڪتاب "راهن جو رولاڪ" شايع ٿيو جنهن ۾ ٻارن جي ونڊر ۽ سکيا لاءِ بهترين ڪهاڻيون ڏنل آهن.

عرفان مهدي (1966ع_1991ع)

عرفان مهدي ولد غلام مهدي ميمڻ جو تعلق هالا سان هو. هن لکڻ جي شروعات اسڪولي زماني کان ٻاراڻي ادب سان ڪئي ۽ ٻارن جي ماحول ۽ نفسيات واريون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون. هن ٻارن لاءِ 1980ع ۾ هالا ۾ "وک وڏايو پبليڪيشن" قائم ڪئي، جنهن ٻاراڻي جا گڏيل ڪتابي سلسلا شايع ڪيا. ان سلسلي ۾ هن جي ترتيب هيٺ "چورن مٿان مور" (1980ع)، بوندون بس نہ ڪن" (1980ع)، "ورهين جا وچوڙا" (1980ع)، پرچن شال پنهوار" (1980ع)، "هھڙو ڪهر ڪتي" (1980ع) شايع ٿيا. هن جون پنهنجون ڪهاڻيون وڻندڙ ۽ نصيحت ڀريون آهن." (40)

محمد صالح ڪھڙو (15 مارچ 1961ع)

محمد صالح ولد فضل محمد ڪھڙو جو جنم ڳوٺ ڪھڙا، تعلقي لکي غلام شاهہ ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو پيشي جي لحاظ کان پاڻ اشاعتي اداري مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور سان سلهاڙيل آهي. صالح ڪھڙي جا ديني، تعليمي، ٻارن، ادبي ۽ سماجي موضوعن تي 50 کان وڌيڪ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هن ٻاراڻي ادب لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، هن ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، لوڪ قصا، لطيفا، عام ڄاڻ ۽ ڏاهپ جا قصا لکيا آهن. ٻاراڻي ادب ۾ سندس 'شام جا ٺڳ' (ڪهاڻيون: 1991ع)، 'پوڙهو جن' (ڪهاڻيون: 1996ع)، 'ٺهڪ ئي ٺهڪ' (1996ع)، 'مور ۽ سهي جي ڳالهہ' (1999ع)، 'سنڌ جي تاريخ (2000ع)، ايجادن جون آکاڻيون' (2000ع)، 'عالمي معلومات' (2004ع)، 'سسئي پنهون (2005ع)، 'عمر مارئي' (2005ع)، 'مومل راڻو' (2005ع)، 'سورٺ راءِ ڏياچ2005) ع)، 'سهڻي ميهار' (2005ع)، "ليليٰ چنيسر" (2006) ،'نوري ڄام تماچي"(2008ع)، ڪل جا ڪتمنڙا' (2006ع)، 'ملان دوپيازو ۽ بيربل (2007ع)، 'ملان ۽ موالي' (2007ع)، 'مورڙيو ۽ مڇ مانگر' (2007ع)، ليليٰ مجنون' (2007ع)، 'وتائي فقير جا پوڳ ۽ چرچا' (2007ع)، 'سنڌ جي معلومات' (2007ع)، 'چوندسنڌي لوڪ ڪهاڻيون2010) ع)، 'ملا نصيرالدين جا چرچا' (2015ع)، اسلامي معلومات جو خزانو' (2015ع)، 'ڳجهارتون' (2016ع)، 'ڪير ڪير آهي، چا چا آهي' (2016ع)

قابل ذڪر آهن. صالح کھڙي شاگردن جي رهنمائيءَ لاءِ مختلف ڪلاسن لاءِ گائيڊبون پڻ تيار ڪيون آهن، جيڪي مختلف ادارن طرفان ڪيترائي دفعا ڇپجي چڪيون آهن. صالح کھڙي ٻارن جي ادب لاءِ انتهائي ڪارائتو ڪم آهي." (41)

يوسف سنڌي (1 آڪٽوبر 1964ع)

محمد يوسف ولد محمد هاشم ميمڻ جو جنم دڙي ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو هو پبلشر، ڪهاڻيڪار، مترجم ۽ شاعر هئڻ سان گڏوگڏ وڏو محقق، مترجم ۽ نقاد پڻ آهي. ان سلسلي ۾ هن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. هن نه صرف سوانحي ادب ۾ تخليقي خاڪا ۽ ڊائريون لکيون آهي، پر ڪيترن ئي نالي وارن شخصيتن جون آتم ڪهاڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو به ڪيون آهن. يوسف سنڌيءَ جو ٻاراڻي ادب ۾ سائنس فڪشن تي لکيل ناوليٽ "مريخ جا مسافر ۽ ٻيون ڪهاڻيون"، سنڌي ادبي بورڊ پاران 2013ع ۾ شايع ٿيو. هن ناوليٽ ۾ مريخ جي زمين تي آيل مخلوق جي حملي جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. جڏهن ته ڪهاڻين ۾ شيطان جي دوستي، ڪروڙپتي فقير، وڏائيءَ جو انجام، چيتي جا چٽڪمرا نشان، شهيد جي ماءُ، سوري جنين سيج، عظيم سوڪڙي، ماضي، حال ۽ مستقبل، وطن جي راهه ۾ ۽ بدلو هئين به وٺبو آهي شامل آهي. يوسف سنڌيءَ جو هن ڪتاب کان اڳ ٻاراڻين آکاڻين جو ڪتاب " شهيد جي ماءُ" 1990ع ۾ شايع ٿيو هو جنهن ۾ ڪجهه ساڳيون ۽ ڪجهه ٻيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ننڍڙا مجاهد، پوائنٽو سفر، شرط، اجايو وهم، چونڪاري جي وات، سلڇڻي نينگري ۽ شرارتي ڪئو ٻيون ڪهاڻيون آهن. سندس سڀئي ڪهاڻيون وندر، سياسي مسئلن ۽ مزاح سان ڀريل آهن.

فيروزه سمون (ڦرين مئي 1949ع)

ميڊم فيرزه سمون ولد محمد جمن سمون جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو ٻاڻ تعليم کاتي ۾ درس تدريس سان منسلڪ رهي آهي. فيروزه سمون جي ايم. فل جي سلسلي ۾ لکيل ٿيسز "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو" آهي، جيڪا هن 1988ع ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جي نگرانيءَ ۾ ڪئي هئي. پر هيءَ ٿيسز اشاعت هيٺ اچي نه سگهي آهي. ٻاراڻي ادب سان چاهه هجڻ ڪري، هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون به لکيون آهن، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. 1988ع ۾ سندس آکاڻين جو مجموعو "ڪوئن جا ڪارناما" شايع ٿيو جڏهن ته سندس ڪهاڻين ۾ عيد ڪارڊ، ڪانگ ڪي لڏ ۾ مزو وڏن جو چيو مڃجي، جيڪي

ڏينهن گذري ويا، وڻ بہ ٻڏن ٿا، ڪائي نہ مڃي، بي ايمانيءَ جو بدلو قربانيءَ جو ٻڪر، ڏاهپ جي ڏور، ڪٽي مان ڪيچ ٿين، مهمان جو رزق، ڪوڙ جو نتيجو، سيٽ نمبر وغيره اهم آهن". (42)

عبدالجبار 'عبد' سومرو (20ڊسمبر1960 ع)

ناميارو قلمڪار عبدالجبار عبد ولد فقير مولوي جان محمد سومرو شڪارپور جي ڳوٺ مريد سيٺار ۾ ڄائو عبدالجبار عبد پيشي جي لحاظ کان استاد آهي.هن وقت تائين سندس ننڍا وڏا 55 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن مان ٻاراڻي ادب ۾ عقلمند فقير، راڪاس ۽ برڙباڪاس، چور جي ڳولا، اوڌر ۽ نقد، ضدي ٻالڪ، جادوءَ جو ڏنبو، ڏيڏر شهزادو، جادوءَ جي ٽوپي، ڏائڻ شهزادي، پراسرارحويلي، بت تراش شهزادو، صحرا جو چور، وچايل دولت، فقير تہ ڦند، امڙ جي دعا، ڏاڏا سائين آءٌ بہ روزو رکندس، فيصلو، سوداگر، سندس پاڳ ۽ حورن جي هنج ۾ شامل آهن. 1994ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد پاران ٻاراڻي ادب تي ٻيو نمبر انعام مليو. عبدالجبار عبد، نثار بزميءَ جي ٻاراڻي شاعري جو مجموعو "ٻت ٻت تنهنجا ٻول" ۽ شوق شڪارپوريءَ جي ٻاراڻي شاعريءَ جو ڪتاب "ٻار اکين جا تار"پڻ ترتيب ڏئي شايع ڪرايا آهن. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "نئين اميد" 2023ع ۾ شايع ٿيو آهي.

حبيب سنائي(28 جون 1965ع)

مشهور اديب ۽ مترجم حبيب سنائيءَ جو پورو نالو محمد حبيب ميمڻ آهي، هن هالن پراڻن، ضلعي مٽياريءَ ۾ جنم ورتو. هي اديب ۽ ڪهاڻيڪار سان گڏ ترجمي نگار ۽ مضمون نگار بہ آهي. ٻاراڻي ادب جي ترجمن ۾ "ڊريڪولا" (2016، ناول جو ترجمو)، "اٿنيمل فارم" (ناول ترجمو2016ع)، "ننڍڙن ٻارن لاءِ آکاڻيون"(ترجمو) شامل آهن. سندس اڪثر ڪتاب آن لائين شايع ٿيل آهن.

ڊريڪولا جو نالو ذهن ۾ ايندي ئي خوف واري ڪيفيت محسوس ٿيندي آهي. ناول "ڊريڪولا" جو ليکڪ برئم اسٽوڪر آهي، هن ناول جو سنڌي ترجمو حبيب سنائي ڪيو آهي. هن ۾ ٻڌايل آهي تہ " آئون جوناٿن هارڪر جڏهن هيءَ داستان لکي رهيو آهيان، تڏهن موت کان بہ وڌيڪ ڀوائتي ۽ اڻڄاتي نصيب جي خوف ۾ ورتل آهيان. مينا، منهنجي زال، جيڪڏهن تون هي قصو پڙهي،سگهين تہ منهنجي روح لاءِ دعائون ڪجانءِ."

حبيب سنائيءَ "اينيمل فارم" ناول جو بہ ترجمو ڪيو آهي، جنهن جو ليکڪ جارج آرويل نامور صحافي ۽ ناول نگار هو. هن ناول ۾ 1984 ۾ مستقبل ۾ اينڌڙ آپيشاهي نظام واري جو نقشو چٽيو ويو آهي. ان ناول ۾ ڪم آيل انوکا اصطلاح اڳتي هلي ڪري ضرب المثال بنجي ويا آهن. هي ناول ٻارن توڙي وڏن ۾ مقبول رهيو آهي. حبيب سنائيءَ جو ٽيون ترجمو ٿيل ناول "ڊگهي ۽ سادي سارا" آهي، جنهن جو اصل ليکڪ پيٽريشيا مئڪ لاڪلن آهي. سنڌس ڪتاب اي ايل اي ALA پاران ٻارن لاءِ اهم ترين ڪتابن طور چونڊيل آهن. Cassie Binegar, Seven Kisses in a Row ۽ تازو ڊگهي ۽ سادي سارا" جي تسلسل ۾ Skylark، ۽ Story of Caleb شايع ٿيا، ۽ اهي ٽئي ٽي وي ڊراما سيريل طور فلمايا ويا.

حبيب سنائيءَ جو ڪتاب "ننڍين ٻارن لاءِ آکاڻيون" آن لائين شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ ٽي آکاڻيون "ياڳ پري"، "جانو ۽ ڦرهي وارو ڪانو" ۽ "ادرڪ ماني وارو نينگر" شامل آهن. حبيب سنائيءَ آسڪر وائلڊ جون ڪي ٻارن لاءِ ڪهاڻيون پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيون آهن، جن ۾ "خوش خرم شهزادو" ۽ "خود غرض ديو" اهم آهن. هتي "خوش خرم شهزادو" ڪهاڻيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"شهر جو هر رهواسي مجسمي کي ڏسيو پيو ٺرندو هو. ميونسپالٽي جو هڪڙو ڪائونسلر، جيڪو پاڻ کي فنڪارانہ ذهانت رکندڙ طور مڃرائڻ لاءِ هٺ پيو پيو هٺندو هو، سو اڪثر اهو چوندو هو تہ "هيءُ ايترو خوبصورت آهي، جيترو اهو واءِ پرکڻو ڪڪڙ (مرغ بادنما)." "متان ماڻهو ڪيس بي عمل (جيڪو هو ڪونہ هو) هئڻ جو طعنو هڻن، انهيءَ کان اڳ ئي هو وڌيڪ چوندو هو تہ "پر هي ايترو سو ڪارائتو ڪونهي".

انور ابڙو (پهرين جنوري 1965ع)

انور ابڙو ڳوٺ لالي جاپاڻ، تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻو ۾ پيدا ٿيو. هن وقت سنڌ مدرسۃ الاسلام ڪراچي ۾ آفيسر آهي. سنڌس ڪيترين ئي تصنيفون مختلف ادبي رسالن ۾ شايع ٿينديون رهن ٿيون ۽ سنڌس ڪتاب بہ شايع ٿيل آهن. جن ۾ ٻاراڻي ادب جي ڪهاڻين جا مجموعا "منهنجو چنڊ مارجي ويو" (2009ع)، عنبي ۽ مائو (2016ع)، وڏي پيڻ" (2020ع) ۽ ٻارن جي ناولن ۾ "پڳل رانديڪو" (2008ع) ۽ "ننڍڙو چنڊ" (2018ع) شامل آهن. ان کان علاوه چوڏاري چمڪاٽ (ٻارن لاءِ تقريرون ۽ خاڪا_ 2018ع)، 'ٻڌو پڙهو ۽ رنگ ڀريو' (معاون

ليکڪ: ٻارن لاءِ ابتدائي سنڌي قاعدو، 2009 ع) ۽ "روشني کي مينار ": حيدر بخش جتوئي (اردو) ۾ ٻارن لاءِ مختصر سوانح حيات 2018 ع) شامل آهن."[43]

سندس ڪتاب "عني ۽ مائو" پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور پاران 2016 ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ سيئي ڪهاڻيون ڏاڍيون دلچسپ ۽ سبق آميز آهن جن ۾ "بابا ته بابا ٿيندو آهي"، "مار ناهي سنوار"، "ادا رفيق"، "چماٽ" ۽ ٻيون ڪهاڻيون شامل آهن. هنن ڪهاڻين جي خوبصورتي جو هڪ سبب اهو به آهي جو هي ڳوٺاڻي پسمنظر ۾ لکيل آهن. ليکڪ انهن ڪهاڻين ذريعي ٻارن جي نفسيات سان خوب انصاف ڪيو آهي. هنن ڪهاڻين ۾ نصيحت به آهي ته، مزاح وارو عنصر به شامل آهي. سندس ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب "وڏي پيٽ" به پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور پاران2020 ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ 15 ڪهاڻيون: وڏي پيٽ، لغر ۽ ڏور، ٽيني، جيئندو، حرڪتي ٻار، زون زون، سارنگ ۽ سانول، فن ڏي، گرم پاڻي،بابا، اسان اڳتي نه وڙهنداسين، وئڪيشن، بستري تي ٻيهي ڪيل تقرير، لغڙ وارو گهر ۽ فيدفيدر واري ٽانڪي" جهنگل جو بادشاهه، ڇهه فٽ پري شامل آهن. هي سيئي ڪهاڻيون بامقصد ۽ اصلاحي آهن.

انور ابڙي جا ٻارن لاءِ لکيل به ناوليٽ شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ پهريون "پڳل رانديڪو" 2008 ع ۾ ڪاچو پبليڪيشن، ڪراچي پاران شايع ٿيو. هي هڪ آٽوبايوگرافيڪل ناوليٽ آهي، جنهن ۾ ملهار جي روپ ۾ "پڳل رانديڪو" وارو ڪردار اصل ۾ انور ابڙو محسوس ٿئي ٿو. جڏهن ته سندس ٻيو ناوليٽ "ننڍڙو چنڊ"، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2018 ع شايع ٿيو. هن ناول ۾ ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگيءَ جا عڪس ملن ٿا، جيڪي هڪ پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ علامتي طور به محسوس ڪري سگهجن ٿا.

عبدالواحد سومرو (15 فيبروري 1967ع)

عبدالواحد ولد حافظ عبدالغفور سومري جو جنم شهدادڪوٽ ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان سول انجنيئر آهي ۽ هن جو وقت ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي. هن پهريون مضمون 1985 ع ۾ سائنس جي حوالي سان ڇپيو جيڪو ڪمپيوٽر تي هيو ان سلسلي ۾ پوءِ گل ڦل، هلال پاڪستان جي ٻاراڻي صفحي کان عوامي آواز جي نڪرنڊڙ ٻاراڻي صفحي تي ٻارن لاءِ پرڏيهي ملڪن جون ڪهاڻيون، ڪجهه سائنسي ايجادن جي حوالي سان ڇهجنديون رهيون. ننڍن ٻارن جي

لحاظ کان کيترين کهاڻيون لکيون اٿائين".(44) ان سلسلي ۾ سنڌس ڪتاب "چار ڪهاڻيون" (ترجمو _ 2001 ع)، "عقلمند ٻار" (ترجمو 2002 ع) ۽ "سچ نہ بيلو نچ" (ترجمو 2001 ع) شايع ٿيل آهن. ٻاراڻي ادب ۾ سنڌس هڪ جاسوسي ڪهاڻي (ناوليٽ) "قاتل ٻلي" 2022 ع ۾ شايع ٿيل آهي. "آزادي زنده باد" ترجمو ٻارن لاءِ ڏيهي پرڏيهي ڪهاڻيون فيبروري 2024. ان کان علاوه نئين ٽهيءَ جي پلوڙ ڪهاڻيڪار آهي. سنڌس ڪهاڻين جو مجموعو "مان سنڌ گهمڻ نہ ويندس" (2014 ع)، ڌرتيءَ جو پٽ (ڪهاڻيون)، ايلسا (ناوليٽ)، مس ڪال (ناول)، شايع ٿيل آهن عبدالواحد سومرو هڪ مشاهداتي ڪهاڻيڪار آهي. هن سماجي مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو آهي.

الطاف ملڪاڻي (19 اپريل 1967 ع)

علي گوهر المعروف الطاف ملڪاڻي ڪهاڻيڪار، شاعر، محقق، مترجم، ايڊيٽر ۽ پبلشر طور سڃاتو وڃي ٿو. سنڌس جنم دادو شهر لڳ ڳوٺ درگاهہ ملڪاڻي شريف ۾ ٿيو. سنڌس مختصر ڪهاڻين جو مجموعو "ساپيائن کان رٺل سپنا"، 1994 ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سنڌس ٻيو ڪتاب "ٽاٽلي" (اجيت ڪور جي ناوليٽ جو ترجمو) 1999 ع ۾ ڇپيو. ٻارن جي مشهور رسالي "ارڙڪ مرڙڪ" جو پهرين نگران انچارج ۽ پوءِ 1997 ع ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو. ٻارن جي مخزن ماهوار "لاٽ" جو چيف ايڊيٽر (1993 ع)، ماهوار "گلستان" جو ايڊيٽر (1993 ع)، ٻارڙن جي "سنڌ رنگ" جو سب ايڊيٽر (1995 ع)، ٻارن جي مئگزين "دوستيءَ" جو اعزازي صلاحڪار (1995 ع) ۽ "سندباد" ڪتابي سلسلي جو سب ايڊيٽر رهي چڪو آهي".(45) ٻاراڻي ادب جي حوالي سان سنڌس ترتيب ڏنل هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن: "پلئہ پايو سچ" (شاهہ لطيف جي زندگيءَ بابت سوال جواب)، "سوريءَ سڏ وار" (صوفي شاهہ عنايت شهيد جي زندگيءَ بابت سوال جواب)، "سوري سڏ ڪري" (لطيف سنگت سنڌ جي ٻارڙن ڏانهن آزاد سمي جا خط). هن مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٻارن لاءِ ڪيترائي نظم، ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا آهن.

خالد ڀٽي (پهرين سيپٽمبر 1968ع)

ليکڪ ۽ چترڪار خالد سيف الله ولد مولوي محمد مراد، شڪارپور ۾ جائو. ٻارن جي ادبي رسالي 'سنگتيءَ' جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي. جنهن جا 2000ع

SOORIH SINDHI ADAB

ڪان 2004ع تائين 33 ڪڙيون ايڊٽ ڪيا اٿائين. سندس لکڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. هن وقت استاد طور فرض سرانجام ڏئي رهيو آهي. سندس ڪتاب ۾ "حديث پاڪ" ۽ ٻارڙا"، "منڙو محمد"، نماز صوفين جون صدائون، 'سچا ٻول' (نبي سائين جا ٻول 2006ع)، "چڻن سالن جو ٻوڙهو (ڪهاڻيون 1996ع)، 'شيطان جون ڪهاڻيون' (حڪايتون 1996ع)، 'شيطان جون شرارتون' (حڪايتون 1997ع)، نصحيت ڀريون ڪهاڻيون (ٽي حصا)، "گلڙن جون ڳالهيون' (ٻارن جي نفسيات، 2005ع)، 'واندڪائي' جي وندر' (ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون، 2007ع)، 'عورت جي نفسيات'، 'روشني روشني' (ترجمو ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، "ڪائنات جون ڪهاڻيون (مونو لاگ)، ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ (ٻارن لاءِ قصا، 2012ع" 'چا، چوءِ ڪيئن' (ٻه ڀاڱا) شامل آهن.

خالد ڀٽيءَ جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن، انهن جي ٻولي سولي، سلوڻي ۽ ٻارن لاءِ عام فهم آهي. سندس ڪهاڻيون معلوماتي، ناصحاڻيون، تفريحي ۽ تعليم جي موضوعن تي آهن. هن علامتي ڪهاڻيون به لکيون آهن. سندس ڪهاڻي "پتڪڙا پوپٽ" ناصحاڻي ڪهاڻي آهي، "ٻاڻيءَ جو موٽ" معلوماتي آهي، "سنڌ جي دانهن" تفريحي ۽ تربيتي آهي، "اندر جوعڪس"نفسياتي ڪهاڻي آهي، "انوکي رت" علامتي ٽيڪنڪ تي لکيل آهي، "شينهن جي ڏاڍمڙسي" تربيتي آهي ۽ "ڏنگو بادشاهه ۽ داناءُ وزير" ، "ٽلهو بادشاهه ڪيئن سنهو ٿيو" تفريحي ڪهاڻيون آهن. مجموعي طور تي هن ٻارن لاءِ مختلف موضوعن جهڙوڪ سائنس فڪشن، ٻارن جي نفسياتي مسئلن، تعليمي مسئلن ۽ نيڪي بديءَ جي قدرن تي ڪهاڻيون لکيون آهن.

شگفته شاهه (٢٤ اپريل ١٩٦٥)

شگفته شاهه جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هوءَ سٺي ڪهاڻيڪاره، ڊراما نگار، ڪالم نگار ۽ ناول نويس آهي. سندس ھي وڏي سڃاڻپ چترڪار واري به آهي. هوءَ لڳاتار لکندي رهي آهي ۽ پنهنجي آرٽ سان به هن باقاعده نڀايو آهي. سندس ناول "جلهن تڙندا ڳاڙها گل" ڪهاڻين جو ڪتاب "واجهائيندي ورهيه ٿيا" شاعري جو مجموعو "خالي ڪينواس" شايع ٿيل آهن. ٻاراڻي ادب ۾ انڪل آرٿر جون ڪهاڻيون (ترجمو2020ع)، ٻارن جي دنيا (ڪهاڻيون،2020ع) شايع ٿيل آهن.

SOORIH SINDHI ADAB

طارق قريشي (17 سيپٽمبر 1969ع)

طارق قريشي جو شمار نئين ٽهي جي سٺن ڪهاڻيڪارن، ناول نگارن ۽ ڊرامانويسن ۾ ٿئي ٿو سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ "ٻه شاعر ٻه ڪهاڻيڪار" (گڏيل مجموعو 1992ع)، "سپر مين" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون 2005ع) "ٽين اڪ" (1996ع)، "صديءَ جو سفر" (1994ع) ۽ "پنجين موسم" (1993ع) شايع ٿي چڪا آهن. 1993ع ۾ طارق قريشيءَ جو ٻالڪ جاسوسي ناول "ٻالڪ فورس ۽ ڀوت بنگلو" شايع ٿيو. هي ناول ٻارن ٻاران ڪيل جاسوسي ۽ خوف واري ماحول تي مبني آهي.

عابده گهانگهرو (1 فيبروري 1969ع)

عابده گهانگرو ڏيءُ ڪامريڊ محمد هاشم گهانگهرو جو جنم محراب پور ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هوءَ نالي واري محقق ۽ اديب ڊاڪٽر ڪمال جامڙي جي شريڪ حيات آهي. گذريل پندرهن سالن کان لکي رهي آهي. روزاني عوامي آواز ڪراچيءَ ۾ عورتن جي شايع ٿيندڙ صفحي سورميءَ جي لاڳيتو ڏهن يارهن سال انچارج/ايڊيٽر رهي چڪي آهي. عوامي آواز ۾ سندس ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهيون آهن. ڪهاڻين جا ٻه مجموعا "تخليق جو انت" (2014ع) ۽ "ماريه، ميز ۽ لائبريري" (ٻارڙن لاءِ آکاڻيون ـ 2014ع) شايع ٿيل آهن.

سنڌس ڪهاڻين جو مکيه موضوع عورتن جا مسئلا آهن. سندس ڪهاڻين ۾ "ايوارڊ" ۽ ٻيون شامل آهن. سندس اهم ڪهاڻين ۾ "الا ڏاهي م ٿيان"، "خود غرض ماءُ"، تخليق جو انت"، "انصاف ڪيي" ۽ "مرڪ" شامل آهن."(46)

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي (1 آگسٽ 1971ع)

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ ولد غلام حيدر سولنگيءَ جو جنم ڳوٺ سهتا شريف، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. هن مڪمل طور تي پاڻ کي ٻاراڻي ادب لاءِ ارپي ڇڏيو آهي. ٻارن جي مشهور رسالي "گل ڦل" جي ادبي ڪردار تي پي ايڇ ڊي ڪري چڪو آهي. هن وقت پاڪستان ٽيليويزن تي سينئر پروڊيوسر طور خدمتون ڏئي رهيو آهي. ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي سنڌي ٻوليءَ جي انهن اديبن مان هڪ اهم ليکڪ آهي جيڪو ٻارن لاءِ مسلسل لکندو رهيو آهي. سندس ٻهرين ڪهاڻي "علم لڪائي عيب" (1983ع) ۾ شايع ٿي هئي. هن وقت تائين ٻاراڻين

ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا: "عقلمند قاضي" (عبدالرحمان جتوئيءَ سان گڏ – 1988ع)، "مايوس ڇوڪريءَ جي آڪاٽي" (ترجمو 1990ع)، "ٽي ڪارڪون" (ترجمو 2001ع) "سياڻو شاگرد" (ترجمو 2001ع)، "ڳائيندڙ ڪنبي" (2014ع)، "ناني نوران جون آکاڻيون" (2017ع) شايع ٿيل آهن.[47] 2019ع ۾ پوپٽ پبلڪيشن طرفان ٻاراڻي ادب جا سندس ڏهه ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ "ننڍڙي سائي ريل" (ترجمو ناول)، "جهرڪيءَ جو ٻچڙو" (ڪهاڻيون)، "بابا جي دعا" (ڪهاڻيون)، پروفيسر منو" (ناٽڪ)، .پوپٽ" (ناٽڪ)، "ڪارڪ ۽ واليا جي عجيب و غريب مهم" (ناوليٽ جو ترجمو)، "ترالا مضمون" (ترجمو مضمون)، "آخري ڪلاس" (ڪهاڻيون)، "موتين هار" (مضمون) شامل آهن.

غلام مصطفيٰ جي ڪهاڻين جي خاص خوبي اها آهي ته ٻارن جي نفسيات موجب ڪهاڻين ۾ سماجي، معاشي ۽ تعليم جي موضوع تي اڪثر ڪري غريب ٻارن جون ڪهاڻيون لکي ٿو.غلام مصطفيٰ سولنگي جو "ناني نوران جون آکاڻيون" سنڌي ادبي بورڊ پاران 2017ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ 12 مختلف عنوانن تي ڏاڍيون مزيدار ڪهاڻيون ڏنل آهن، جن کي اسڪولي ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ استادن کي همٿائڻو پوندو ڪهاڻين ۾ پوڙ ۽ ناني نوران، سوداگر، لقمان حڪيم، سيارو ۽ ربو ڏاڙي، ربو ڏاڙي سان بحث، مداري، ببلو جي ڳالهه، سياڻو شخص،ڪارنامو، نصيحت، بزرگ ۽ بادشاهه ۽ مامو موسو. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "جهرڪيءَ جو ٻچڙو" ۾ 13 ڪهاڻيون :جڏهن ڪڪر پاڻ ۾ ملندا آهن، خاص نمبر، ميلاپ، هيروئن جي لعنت، پڇتاءَ جا لڙڪ، حقيقي شڪر، انسانيت جو قاتل، اڻپوري منزل، سچائيءَ جي روشني، سمنڊ موتي ويو ڏاهي لومڙي، پٿر جو ماڻهو ۽ جهرڪيءَ جو ٻچڙو شامل آهن. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "آخري ڪلاس" اردو ۽ انگريزي ٻولين مان ترجمو آهي. هن ڪتاب ۾ ٽوٽل 18ڪهاڻيون آهن جنهن ۾ ڪهاڻي جي نسبت سان اسڪيچ به ڏنا ويا آهن. ڪهاڻين جا عنوان هن طرح آهن سوناهڻ، سنا پاڙيسري،ڪانيليا جا جواهر، لکڻ سولو آهي!، سڪا، رجي ويا، ڏرتيءَ جو هٽيو ڪڪرن کي التجا، پکين کي نه مارجي، ٻه ڀينر، سمنڊ جو ڀاڻي لوڻانو ڇو ٿيندو آهي؟، ڪلفيون، حقيقي تعريف، سنا ڪم، طاقتور، ڦوڪ سان ٿڌو ـ ڦوڪ سان ڪوسو لاليا، ٻوليون سکي ويئي، پر طوطو گرفتار ٿي ويو! ۽ آخر ۾ ٽائيٽل ڪهاڻي آخري ڪلاس ڏني وئي آهي.

ان کان علاوه، غلام مصطفيٰ سولنگيءَ ناوليٽ ۽ ناٽڪ به لکيا آهن، جيڪي پوپٽ پبليڪيشن طرفان 2019ع ۾ شايع ٿيا. انهن ۾ "پوپٽ" (ناوليٽ)،

"پروفيسر منو" (ناٽڪ)، "ڪارڪ ۽ واليا جي عجيب و غريب مهم" (يان لاري جو ناوليٽ جو ترجمو) ۽ "ننڍڙي سائي ريل" (ناوليٽ)شامل آهن. غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جذبي ۽ ضرورت مطابق لکيو آهي. هن ڏنو ته ٻارن ۾ ناول جي ڪمي آهي ته ناول ترجما ڪيا، ناٽڪ لکيا ۽ ڪهاڻيون لکيون. سندس سڀ ڪهاڻيون سٺيون، سوليون، دلچسپ هئڻ سميت مقصد پريون پڻ آهن.

ذوالفقار پٽي (12 مارچ 1972ع)

ذوالفقار علي پٽي، ٻاراڻي ادب ۾ مضمون نگار، ناول نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر آهي. سندس جنم وحدت ڪالوني حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس پهريون ڪتاب "سهڻا گل گلاب جا" 1985 ۾ شايع ٿيو. ذوالفقار علي پٽي جا ٻارن لاءِ ٻه ناول "خوفناڪ سازش" (1993ع) مهراڻ پبليڪيشن ٻاران، جڏهن ته "انجام" ڪونج پبليڪيشن پاران شايع ٿي چڪا آهن. ان ڪان علاوه، سندس ناول "خلائي جنگ" هڪ رسالي ۾ قسطوار شايع ٿيو.

وحيد محسن (پهرين ڊسمبر 1968ع)

وحيد محسن ولد عبدالقادر سومري جو جنم ڳوٺ رستم، ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. هن ٻاڻ کي ٻاراڻي ادب لاءِ ارپي ڇڏيو آهي، هن ٻاراڻي ادب ۾ نه صرف ڪهاڻيون لکيون آهن. پر بهترين شاعري به ڪئي آهي. سندس ڪهاڻيون ۽ شاعري مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ "برائيءَ جو بدلو" (ڪهاڻيون 2003ع)، "مهمان جهرڪي" (ڪهاڻيون 2016ع)، "ٻالڪ ڌرتيءَ جا ٽانداڻا" (شاعري 2017ع)، " راندين جو هفتو"، (ڪهاڻيون 2018ع)، "ننڍڙي پري" (ڪهاڻيون 2019ع)، "ڪاغذ جو ٻيڙيون" (ڪهاڻيون 2020ع)، "مهمان چڙيا" (اردو 2020ع) "پنيوريون ۽ خديجا" (ڪهاڻيون 2021ع) ۽ "هالار جو خواب" (ناول 2022) شايع ٿيل آهن.

"مهمان جهرڪي" ۾ مختلف موضوعن تي سبق آموز ۽ دلچسپ ڪهاڻيون ڏنل آهن. "ڪاغذ جو ٻيڙيون" ۾ سندس 14 ڪهاڻيون شامل آهن. سندس ڪتاب "پنيوريون ۽ خديجا" ۾ 12 ڪهاڻيون: ٽي ساهيڙيون، مزدور ٻار، پنيوريون ۽ خديجا، جيڏو تنهنجو نانءُ، اڇي ڏاڙهي وارو ڪاڪو، وقت جي ڏور، معصوم ٻڪي، ڏاڏي امان، ننڍي ڀيڻ، روشنيءَ جا خواب، نيڪدل پري ۽ بهادر شهزادو آهن. هو

پنهنجي هنن ڪهاڻين لاءِ لکي ٿو ته "هن ڪتاب ۾ مون ڪجهه ڪهاڻيون تعليم جي موضوع تي به لکيون آهن. جيڪي اوهان کي حقيقت جي تمام ويجهو نظر اينديون. ڇو ته انهن ڪهاڻين جو تعلق زندگيءَ سان وڌيڪ جڙيل آهي ۽ مون پنهنجي ماضيءَ جي انهن حسين گهڙين کي انهن ڪهاڻين وسيلي ياد ڪيو آهي. جنهن ۾ منهنجا استاد اوهان کي نظر ايندا ۽ ان سان گڏ منهنجا اهي ڪجهه دوست به نظر ايندا. جيڪي مون سان گڏ پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول ۾ گڏ پڙهيا هئا. انهن سڀني کي مون پنهنجي ڪهاڻين جي ڪردار ۾ آڻي پنهنجي ٻالڪپڻ واري زندگي جا عڪس اوهان آڏو عيان ڪيا آهن".(48)

خالد آزاد (1 جنوري 1978ع)

نوجوان اديب خالد حسين حاجي جڙيي وگهيو جو جنم مسو پرگڙي پرسان ڳوٺ جلال وگهيي تعلقي حيدرآباد ۾ ٿيو. هو ٻاراڻي ادب ۾ انتهائي متحرڪ رهيو آهي. هڪ طرف ٻاراڻيون ڪهاڻيون، شاعري ۽ ناول لکيا اٿائين ته ٻئي طرف ڪهاڻين جي سلسلي ۾ "جيجل جي هنج ۾" (2001ع، ڪهاڻيون) ، جانورن جو بادشاهه (ترجمو 2001ع)، "ڏاها ڀائر" (ترتيب 2001ع) "سچ ايرڻ ڪان پوءِ" (ناوليٽ 2005ع)، مڪئي جا ڦلا (2013ع) شايع ٿيل آهن. سندس ٻاراڻي ادب سان عشق آهي. سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ ٽن جلدن ۾ لکي اٿائين. جيڪا ڇاڻ ۽ تحقيق سان ڀرپور آهي".(49)

سندس ڪهاڻين جو مجموعو "جيجل جي هنج ۾"، روشن دنيا پبليڪيشن، ٽنڊو ڄام، پاران 2001ع ۾ شايع ٿيو هن ڪتاب ۾ 12 ڪهاڻيون شامل آهن. ڪتاب جي ٽائيٽل ڪهاڻي جيجل جي هنج ۾، سنڌ اندر مغل دور ۾، ٺٽي شهر ۾ مدرسي ۾ پڙهندڙ ٻارن جي مغلن جي ڏاڍ خلاف ٻارن جي جدوجهد جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. جڏهن ته مجموعي ۾ شامل ڪهاڻي "ڪارو جن"، ڪالا باغ ڊيم جي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. مجموعي ۾ شامل ٻين ڪهاڻين ۾ ڏاڏي دنيا، سنڌ ڇائو ۽ ٻيون ڪهاڻيون شامل آهن. "اوزون جي تباهي" هڪ سائنسي فڪشن آهي جنهن ۾ دنيا ۾ وڻن جي ڪٽائي ۽ ماحول جي تباهي واري موضوع کي ڪنيو ويو آهي.

سندس ناوليٽ "سچ ايرڻ ڪان پوءِ" سنڌي ادبي بورڊ، پاران 2007ع ۾ شايع ٿيو هي ناول، ملڪ جي مختلف حصن مان ٻارن کي اغوا ڪري، ملڪ جي

قبائلي علائقن جي خرڪار ڪئمپن ۾ قيد ۽ جبري پورهئي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هي ناول ڊرامائي انداز ۾ لکيل آهي، جيڪو ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيو. هي ناول بعد ۾ مختلف رسالن ۽ اخباري صفحن ۾ قسطوار صورت ۾ پڻ ڇپيو ۽ هن جو سال 2010 ۾ اردو ترجمو پڻ ٿيو، جيڪو انوکي ڪهانيان رسالي ۾ ڪجهه قسطن جي صورت ۾ پڻ شايع ٿيو.

عبدالحئي پتو (2 آگسٽ 1975ع)

شاعر اديب عبدالحئي پتو جو جنم ماٿيلو مومل جي ماڙي پرسان ٿيو. هي ٻارڙن جي نمائنده تنظيم 'ٻالڪ ادبي فورم' جي باني ڪارن مان آهي. ان تنظيم جو مرڪزي صدر رهي چڪو آهي. عبدالحئي پتو ٻارڙن جي اندر جي احساسن جو آواز آهي. هو ٻارن جي سماجي ڪيفيت کي چڱي طرح پرکي ٿو ۽ انهن کي ٻارڙن آڏو آڻي سندن مستقبل کي سنواري ٿو هو وڏڙن جي ارمانن ۽ اڌورن خوابن جي احساسن کي پنهنجي قلم جو وس پارائي ٿو ۽ مستقبل لاءِ ڏکن، سورن کان آجپي جو ڏس ڏيئي ٿو. هن جا ٻارن لاءِ ڪهاڻين، شاعري ۽ خاڪن تي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جن ۾ گلابن جي خوشبو (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، 2000ع)، سهڻا ٻالڪ سنڌ جا (ٻارن لاءِ شاعري)، ماڻڪ هر هڪ هٽ ۾ (ٻارن لاءِ مضمون: 2013ع)، "قلم ٻارن هٿ ۾" (شاعري، 2019ع) شامل آهن".(50)

"گلابن جي خوشبو" جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جنهن ۾ 20 ڪهاڻيون آهن. هرڪهاڻيءَ ۾ ڪا نه ڪا نصحيت ڏنل آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو " سهڻا ٻالڪ سنڌ جا" ۾ 28 نظم ۽ بيت ڏنل آهن، جن ٻارن جي وندر ۽ سکيا جي حوالي سان هر قسم جا موضوع اچي وڃن ٿا. " ماڻڪ هر هڪ هٽ ۾ " ۾ ٻارن لاءِ اهي مضمون ڏنل آهن، جيڪي اڪثر ڪري سندن امتحانن ۾ ايندا آهن. هن آسان ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ ٻاراڻو ادب تخليق ڪيو آهي.

عبدالغفار سومرو (پهرين جنوري 1974ع)

عبدالغفار ولد پير محمد سومري جو جنم ڳوٺ ستار ڏنو ڏکڻ، تعلقي ڏهرڪي، ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ ٿيو هو تعليم کاتي ۾ استاد طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ٻاراڻي ادب سان ڪيس وڏو چاهه آهي. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ "جيڪو پيءُ کي پڳ پڌائي" (ڪهاڻيون 1996ع)، لالچي ڪانءُ (ڪهاڻيون

2013ع) ۽ جاڳو جاڳو (ٻارن لاءِ ناوليٽ 2016ع)، "استاد"(ٻارن لاءِ ناوليٽ 2022ع) شايع ٿيل آهن.

غلام مصطفيٰ سولنگي (8 مارچ 1976ع)

اديب، شاعر ۽ صحافي غلام مصطفيٰ سولنگي ولد احمد خان سولنگي، دادو ضلعي جي ڳوٺ ڳهيلا ۾ جنم ورتو. هن عملي زندگيءَ جي شروعات صحافت کان ڪئي. ڪن اخبارن ۾ 'رم جهم' ۽ 'مکڙيون' نالي ٻارن جا صفحا ترتيب ڏنائين. پان سعيدآباد مان ٻارڙن جا رسالا 'ڪنول' ۽ 'ٻارڙن جي ٻاري' جاري ڪيائين. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ "درد جي موسم" (شاعري 2001ع)، "سنڌيءَ ۾ ٻارن جي شاعريءَ جي اُسرت" (2007ع)، 'اسيمبليءَ جو راڳ' (محمد صديق مسافر جي شاعري)، 'چنبو سچ' (تبصرا، 2012ع)، 'منهنجو شهزادو سمهي رهيو'، " دانهون مهنجي ديس جون" (ڪالم: 2013)، "ٻارن جي عدالت" (ٻارن جي اديبن جا انٽرويو 2020ع) "واهه ڙي تارا گول تارا" (ٻارن لاءِ شاعري، 2020ع) شامل آهن.

سندس ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو "پڻسو لڏم پٽ تان" سنڌ راڻي پبليڪيشن پاران شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ نصيحت پريا 8 نظم، 6 گيت ڏنل آهن. انهن ۾ پڻسو لڏم پٽ تان، ريل، سچ، چولن وارو سنڌي ٻالڪ، ٻڏي، ٻارن جي دنيا، عزم، سنڌي ٻولي، بابا، سائيڪل، سيارو مداري، خرچي، قصو، اسڪول ۽ درس، هائيڪا، مون کي به پڙهاءِ، خوشخبري شامل آهن.

دليپ ڪوٺاري (4 جنوري 1973ع)

ناميارو ليکڪ ۽ شاعر دليپ ڪوٺاري، مٺيءَ ۾ پهلاج مل ڪوٺاري لوهاڻي جي گهر ۾ جنم ورتو. لکڻ جو آغاز ٻاراڻي ادب کان ڪيائين. دليپ ڪوٺاري ڪيترن سالن کان ڳوٺاڻي ترقيءَ جي سهڪاري رٿا 'ٿرديپ' سان 'دستاويزبندي ۽ اشاعت سازي آفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي. سماجي ترقيءَ جي اتساهيندڙ مثالي ڪهاڻين، ٻارن جي لڪل ذهني ۽ تخليقي صلاحيتن کي اُجاگر ڪرڻ، صنفي برابريءَ جي شعور کي هٿي وٺرائڻ، لوڪ ڏاهپ کي سهيڙڻ ۽ امن ۽ رواداريءَ جي ڦهلاءَ وارن موضوعن تي هن ٿرديپ جي توسط ۽ ذاتي لڳاءَ سان تحرير، تحقيق، ترجمي ۽ ترتيب وسيلي 15 ڪتابڙا ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. جن ۾: 'سستو چلهو- سؤکي سانجهه'، 'سهنج جو سامان'، 'پيڙو پاڻي- نيڙو پاڻي'، 'ٻار گهرن ٿا پيار' (ترجمو 2005ع)، 'ننڍا قرض- وڏا لاڀ'، 'پيار منجهان ڏيان پينگهو لوڏي' (سنڌي

لولين، هلراڻن ۽ هيجاڻن جي چونڊ، 2011 ع)، 'منيءَ-هٿڙن جي ڪلاءِ ٻوڏ سٽيل ٻارڙا' (ٻارن جي چترڪاري ۽ ٺهڪندڙ شعرن جون سٽون)، 'اصلوڪن لوڪن جا آواز' (ڌرتي ڌڻين جي شاعريءَ جا چونڊ اسم)، 'اچو تہ پنهنجو ڳوٺ سڌاريون' (صفائي سٿرائي ۽ ٻارن جي پورهئي جي حوصلي شڪنيءَ تي ڇهن طبعزاد ۽ ٻن چونڊيل گيتن جو ڪتابڙو)، 'ڏيئي سنديون لاٽون' ترديپ سماچار جا چونڊ اداريا) ۽ 'امن جي آرسي وغيره شامل آهن". (51)

عبدالسلام ٿهيم (1980ـ2023ع)

عبدالسلام ٿهيم ولد محمد مبارڪ ٿهيم جو تعلق جاتي، ضلعي سجاول سان آهي. هو نوجوان ڪهاڻيڪار آهي. 14 ڪهاڻين تي مبني سندس ڪتاب "اوسيئڙي ۾ جڙيل آس" 2013ع ۾ شايع ٿيو. عبدالسلام لکڻ جي شروعات ٻاراڻين ڪهاڻين سان ڪئي. ڪتاب جي ٽائٽل ۾ واحد پارس هيسباڻي لکي ٿو تہ "هن جي ٻاراڻين ڪهاڻين ۾ "گلاب ڇولن وارو"، "نواب بوٽ پالش وارو"، "رزاق قلفي وارو"، "شعبان مال چارڻ وارو" ۽ ٻيا ڪردار هوندا آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ مريخ جي دنيا نہ پر هن ڌرتيءَ واري دنيا هوندي آهي.

سندس ڪتاب "اوسيئڙي ۾ جڙيل آس" ۾ "فيس پڪچر"، "چونڪارو"، "ٻيرن ۾ ڪوڪا"، "چٽيل تير"، "بيحسي"، "فتح سبب"، "اوسيئڙي ۾ جڙيل آس" اهم ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت پسندي بہ آهي تہ رومانس بہ آهي. عبدالسلام ٿهيم، ٻارن لاءِ ڪيترائي ناٽڪ پڻ لکيا آهن، جيڪي اسٽيج بہ ٿيا آهن.

هوش محمد ڀٽي (جنم 1986ع)

هوش محمد ڀٽيءَ جو جنم باڊهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن اسڪول جي زماني کان 1995ع ۾ پهرين ڪهاڻي عوامي آواز جي صفحي "جوت" ۾ لکي هئي. پوءِ هن ٻارن لاءِ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون. مطالعي ۽ مشاهدي کان پوءِ هن ميچوئر ڪهاڻيون لکيون. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "انگن جي راند" (2010ع) شايع ٿيل آهي. سندس ٻاراڻي ادب ۾ "پوپٽ ڏاڍا پيارا آهن" 2016ع شايع ٿيل آهي. هن ٻاراڻي ادب ۾ سياسي لاڙا پڻ متعارف ڪرايا آهن.

اويس پنھو (23 جنوري 1988ع)

اويس پنھو جو پورو نالو اويس احمد ولد ارشاد احمّد پنھو آهي. سندس جنم ڳوٺ مبارڪپور تعلقي ٺل، ضلعي جيڪب آباد ۾ ٿيو. هن وقت سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو ۾ سنڌيءَ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ طور ڪم ڪري رهيو آهي. اويس پنھو لکڻ جي شروعات 2003ع کان ڪئي جڏهن هو نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. سندس پهرين لکڻي "آڳي ويچار ڪر" 2003ع ۾ ماهوار "ساٿي" رسالي ۾ ڇپي. ان کان پوءِ هن مسلسل مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٻارن لاءِ لکيو آهي. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ "جهرڪيءَ کان انٽرويو" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، 2012ع)، "گلن مٺ" (مضمون، 2013ع)، "رانديڪو" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، 2014ع)، تعليمي ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪجي؟ (تعليم، 2014ع)، "پيارَ جو پيرڊ" (ڪهاڻيون، 2015ع)، مٺي ڳالهه (مضمون، 2015ع)، "ٻَهه ٻَهه ڪنڌڙ ٻالڪ" (ٻاراڻي شاعري، 2016ع)، "ڪاميابيءَ جو راز" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون 2016ع)، دنيا جي حقيقت (مذهب،2018)، "سمنڊ ڪنارن جي ٻولي" (شاعري، 2018)، مٺي ڳالهه (ٻارن لاءِ مضمون، 2019)، "جيءَ جيارو (سيرت نبوي ٻارن لاءِ 2019)، سبق (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، 2019)، اڻ توريو اڳهايو (سوانحي ادب، 2019ع)، "اڄهو اڄڙي ويو (ٻاراڻو ناول)، ميرو ٻاٽي (ٻاراڻو ناول)، "غارَ جي ڪبوتري" (ٻارن لاءِ سيرت طيبه تي خود ڪلامي ڪهاڻيون) پوپٽ شينهن (ٻارن لاءِ پرڏيهي ناول ترجمو) ۽ ڪي ٻيا ڪتاب شامل آهن". (52)

سندس ڪهاڻيون، مختصر، آسان ۽ عام فهم آهن. انهن ۾ ٻارن لاءِ سماجي مسئلا به بيان ٿيل آهن ته مزاح سان ڀريل واقعا به آهن. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "سبق" پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور ٻاران 2019ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ ٻارن لاءِ سبق ڏيندڙ ڪهاڻيون شامل ڪيو ويون آهن. جن ۾ وڏو ماڻهو، تڪڙ، بري عادت، سبق، فرسٽ پوزيشن، مطالعي بلبل جون واڌايون، سوناري مڇي، ٻاڙيسري، ڏڪارو وڻ ۽ ٻيون ڪهاڻيون شامل آهن. اويس پنھي جو ڪتاب "جيءَ جيارو" ٻين مڙني ٻاراڻي ادب جي ڪتابن کان منفرد آهي. اويس هن ڪتاب ۾ حضور ﷺ جي زندگي مان مثال ڪٺي ٻارڙن کي ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ سمجهاڻي ڏني آهي. هن ڪتاب ۾ ٻارڙن لاءِ اتساهيندڙ ليڪ ڏنا ويا آهن. انسانيت، نماز، روزو، زڪوات جي فضليت ۽ اهميت، زندگي جي اٿڻي ويهڻي، اسڪول، مسجد، والدين، استاد، سکڻ، سيکارڻ،

پڙهڻ، پڙهائڻ، ڪاڙهڻ، پيڻ، اٽڻ، ويهڻ هن ڪتاب ۾ ڇپيل لڪٽين جا موضوع آهن، جن کي پڙهي ٻالڪ پرپور حظ حاصل ڪري سگهي ٿو

حوالا:

1. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1974 ع، ص 23
2. ڊاڪٽر قاضي خادم: "يادگيريون" ٽي ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو (1) 2019 ع، ص 45
3. محمد بخش "جوهر": "آڌامنڊڙ ٽالهيون"، باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد، 1957 ع، ص 1
4. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1974 ع، ص 55
5. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1994 ع، ص 166
6. تنوير عباسي: "منهن تنين مشعل"، نيو فليڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1990 ع، ص 67،66
7. اعظم پٽي: "پروفيسر فدا سرهيو"، پير محلا ٽنڊو محمد خان جي فيسبڪ ٽائيم وال تان 8 جون 2021 ع تي ڪنيل
8. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد پهريون)، سنڌي لئينگئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2000 ع، ص 336
9. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو"، (قلمي)، 1988 ع، ص 243
10. ولي محمد طاهرزادو: "آڪاٽيون" (ٻاگو ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2005 ع
11. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ٻوليءَ ۾ جاسوسي ادب"، پيڪاڪ پبلشرز، ڪراچي، 2022 ع، ص
12. محبوب علي جوکيو: "منهنجا مضمون"، سنڌي ساهت گهر محرابپور، 1980 ع، ص 3
13. امر جليل: "چينيءَ چريت"، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، 2011 ع، ص 15
14. ساڳئيو حوالو ص 57
15. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب ۾ ٻارڙن لاءِ لکيل آکاڻين جي اهميت"، ڪارونجهر جرنل، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي، 2011 ع، ص 33
16. الطاف شيخ: "ڏاهي جهرڪيءَ جون ڪهاڻيون"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر (آن لائين"

17. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا". (جلد چوٿون). سنڌي لئينگئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 345

18. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب ۾ ٻارڙن لاءِ لکيل آکاڻين جي اهميت". ڪارونجهر جرنل، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي. 2011ع. ص 34

19. اڪبر جسڪاڻي: "وقت ۽ وير". ماهوار گل ڦل، آگسٽ 1977ع، ص 13

20. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو". (قلمي). 1988ع، ص 263

21. ساڳيو حوالو ص 211

22. هيءَ معلومات بشير احمد پنيءَ کان موبائيل فون تي جون 2022ع ۾ حاصل ڪئي وئي.

23. ادل سومرو: "آچرجا احوال". سنڌي ادبي سنگت، 1979ع، ص 2

24. ساڳيو حوالو ص 19

25. مختيار احمد ملاح: ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار". ريڪاڻون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 347

26. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا. (جلد پهريون). سنڌي لئينگئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص_55

27. مهرخادم: "سنڌي ٻالڪ ساهت جي مختصر تاريخ". مهراڻ، 4، 1994ع، ص 166

28. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا. (جلد پهريون). سنڌي لئينگئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع

29. خان محمد جروار، انچارج انسائيڪلوپيڊيا، سنڌيانا کان جولاءِ 2022ع ۾ ورتل معلومات

30. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب ۾ ٻارڙن لاءِ لکيل آکاڻين جي اهميت". ڪارونجهر جرنل، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي. 2011ع، ص 31

31. محمود مغل صاحب جي ڪهاڻين جي معلومات ڪائنس جولاءِ 2022ع ۾ موبائيل فون تي ورتي وئي.

32. محمود مغل: "ڳاڙهي لوئي". ماهوار گل ڦل، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، جنوري 1976ع

33. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب ۾ ٻارڙن لاءِ لکيل آکاڻين جي اهميت". ڪارونجهر جرنل، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي. 2011ع، ص 31

34. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ". ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2015ع، ص 474

35. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب ۾ ٻارڙن لاءِ لکيل آکاڻين جي اهميت". ڪارونجهر جرنل، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي. 2011ع،ص 44

36. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو"، (قلمي)، 1988 ع، ص 306
37. خالد آزاد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" (جلد ٻيو)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، سنڌ، 2016 ع، ص 165
38. دليپ ڪوٺاري: "سنڌي ٻاراڻو اَدب ۽ ٻالڪ سڄاڳ تنظيمن جو متحرڪ ماضي" (فيس بوڪ تي رکيل)
39. آزاد جتوئي: "ڏکيو ڏيهه سندر سهنا"، 2011 ع، ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل
40. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو"، (قلمي)، 1988 ع، ص 241
41. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ٻارهون)، سنڌي لئينگج اٿارٽي، حيدرآباد، 2018 ع، ص32
42. فيروزه سما: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو تنقيدي جائزو"، (قلمي)، 1988 ع، ص 248
43. هيءَ معلومات انور ابڙي کان جولاءِ 2022 ع ۾ موبائيل فون تي ورتي وئي.
44. هيءَ معلومات عبدالواحد سومري کان پاڻ کان روبرو، جون 2022 ع تي ريگل چوڪ ڪراچي تي ورتي وئي.
45. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ڇهريون)، سنڌي لئينگج اٿارٽي، حيدرآباد، 2000 ع، ص 243
46. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب ۾ ٻارڙن لاءِ لکيل آکاڻين جي اهميت"، ڪارونجهر جرنل، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي، 2011 ع، ص 45
47. ساڳئيو حوالو ص 44
48. وحيد محسن: "ڀنيوريون ۽ خديجا"، سمونڊ پبليڪيشن، ڪراچي، 2021 ع، ص 16
49. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب ۾ ٻارڙن لاءِ لکيل آکاڻين جي اهميت"، ڪارونجهر جرنل، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي، 2011 ع، ص 46
50. عبدالحئي پلي جي 33 سالگرهه جي موقعي تي نڪتل سووينئر، 2 آگسٽ 2008 ع
51. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا (جلد پنجون) سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012 ع، ص159
52. هيءَ معلومات اويس پلي کان جولاءِ 2022 ع ۾ موبائيل فون تي ورتي وئي.

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن لاءِ اشاعتي ادارا،
جماعتون ۽ مخصوص رسالا

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ اشاعتي ادارن، رسالن ۽ جماعتن جو تمام وڏو ڪردار هوندو آهي. اشاعتي ادارا ڪجھ خدمت، ڪجھ ڪاروبار ۽ ڪجھ شوق خاطر اشاعتي ڪم ڪندا آهن. پر ڪامياب اهي ئي ٿيندا آهن. جيڪي ڪاروبار جي نيت سان معياري ادب شايع ڪندا آهن. رسالا بہ ساڳئين اصولن تي ڪم ڪندا آهن، ڇو تہ ڪجھ رسالا مڪمل ادبي هوندا آهن تہ ڪي گڏيل سڏيل مواد شايع ڪندا آهن. ادبي جماعتن جو هڪ الڳ ڪردار آهي. ادبي جماعتون، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ترقي ۽ ڦهلاءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون.

اگر آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جي حوالي سان ڏسبو تہ خبر پوندي تہ 1947ع کان اڄ 2024ع تائين ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري سطح تي اشاعتي ادارن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. ٻاراڻي ادب جون جماعتون جڙنديون رهيون آهن ۽ مختلف رسالا شايع ٿيندا رهيا آهن ۽ مختلف اخبارن ۾ ٻارن جا مخصوص صفحا جاري ٿيندا رهيا آهن. پر افسوس اهو آهي تہ اهي ادارا، رسالا يا جماعتون مستقل طور قائم رهي نہ سگهيون آهن. جنهن جي ڪري ٻاراڻي ادب کي ڪافي نقصان پهتو آهي. اسان هتي انهن مان صرف چند ادارن جو مختصر جائزو وٺنداسين:

آر.ايڇ.احمد برادرس حيدرآباد

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي جاسوسي ناول کي ترجيح ڏيڻ جي سلسلي ۾ هڪ ئي ادارو "آر.ايڇ.احمد برادرس" اهم هو. هي اشاعتي ادارو 1950ع ۾ حاجي رحمت، حاجي احمد ۽ حاجي قاسم ڪاروباري لحاظ کان قائم ڪيو. محمد اسماعيل ميمڻ بہ هن اداري جو سرواڻ هو. هن اداري جي حيدرآباد جي مشهور ڪتب فروش ۽ ناشر شروع ۾ صرف ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو. پر پوءِ ان کي وڏائي اشاعتي ڪاروبار ڪرڻ لڳو. ورهاڱي کان پوءِ هندو ڪتب فروش ۽ ناشرن جي لڏي وڃڻ جي ڪري جيڪو خال پيدا ٿيو هو ان کي پرڻ ۾ آر.ايڇ احمد برادرس وارن جو وڏو هٿ هو. هنن علمي، ادبي، درسي بيشمار ڪتاب شايع ڪيا".(1) هن اداري تمام گهڻا ڪتاب شايع ڪيا، انهن ۾ گهڻو ڪري ٻارن جي ڪهاڻين، ٽوٽڪن، مضمونن ۽

ناٽڪن، لوڪ آکاڻين جا ڪتاب هئا. ان کان علاوه، هن ادارن ٻارن لاءِ گرامر مضمون نويسي، جاگرافي ۽ شرحون شايع ڪيون هي ادارو 1980ع ڌاري بند ٿي ويو. هن اداري جي ٻاراڻي ادب جي مکيه ليکڪن ۾ محمد بخش جوهر، حقير ابن مگڻ، نذير حسين پٺاڻ، خيال پٺاڻ ۽ ڪي ٻيا هئا. اهڙن ڪتابن مان ٻارن جي حوالي سان ڪي هي آهن:

ڪتاب جو نالو	ليکڪ/ مرتب	اشاعت جو سال
گل ۽ خوشي	حقير ابن مگڻ	1956ع
شڪسته حال شهزاديون	حقير ابن مگڻ	1956ع
خوني آکاڻيون	محمد بخش جوهر	1957ع
عقلمند وزير ۽ بيوقوف بادشاهه	حقير ابن مگڻ	1957ع
جادوءَ جي منڊي	حقير ابن مگڻ	1957ع
طلسمي ڪينهڙو	گل محمد شاهه رضوي	1957ع
ڪفايت شعاري	آغا تاج محمد خان	1957ع
چيدا سبق	آغا تاج محمد خان	1958ع
ٻولڙي راڻي	حقير ابن مگڻ	1958ع
پنج پينرون	حقير ابن مگڻ	1958ع
جادوءَ جي گڏي	حقير ابن مگڻ	1958ع
جادوءَ جي منڊي	حقير ابن مگڻ	1958ع
دادلو شهزادو	حقير ابن مگڻ	1958ع
رسومات تباهي	حقير ابن مگڻ	1958ع
سليماني گل گلاب جو	حقير ابن مگڻ	1958ع
شهزادو صبر ۽ سون پري	حقير ابن مگڻ	1958ع
ڪيهر شينهن جي ڌيءَ	حقير ابن مگڻ	1958ع
هيءَ ماني ڪير کائيندو	حقير ابن مگڻ	1958ع
جادو جو پکو	حقير ابن مگڻ	1958ع
مڙدن جي راڻي	محمد بخش جوهر	1958ع
اڏامر ڪتولي	محمد بخش جوهر	1958ع
ٽي سونهري وار	محمد بخش جوهر	1958ع

هير رانجهو	محمد بخش جوهر	1958 ع
سرالڪ جو هيرو	خيال پٽي	1958 ع
ظرافت لطيف	خالد حسين ايم. عرسائي	1959 ع
ڦلوءَ جي شادي	محمد الياس جوکيو	1959 ع
برف جو ماڻهو	نذير حسين پٽي	1959 ع
پرندڙ ڏيئا	نذير حسين پٽي	1959 ع
خطرناڪ بم	نذير حسين پٽي	1959 ع
برف جو محل	نذير حسين پٽي	1959 ع
جادوءَ جو صوف	نذير حسين پٽي	1959 ع
چنڊ ۽ راڪيٽ	نذير حسين پٽي	1959 ع
خوفناڪ جزيرو	نذير حسين پٽي	1959 ع
دنيا جو ڦيريون راڪيٽ	نذير حسين پٽي	1959 ع
شير شاهه جو انصاف	پير محمد اي. قريشي	1959 ع
احسان مند لومڙي	خيال پٽي	1959 ع
الهه دين ۽ ان جو ڪرامتي ڏيئو	گل محمد آزاد صوفي	1959 ع
ڪاري ٻلي	محمد بخش جوهر	1959 ع
اڏامندڙ ٿالهيون	محمد بخش جوهر	1959 ع
عقلمند جو استاد	محمد بخش جوهر	1959 ع
ماڪوڙن جي فوج	محمد بخش جوهر	1959 ع
نيڪيءَ جو فرشتو	محمد بخش جوهر	1959 ع
عجيب ٺڳ	محمد بخش جوهر	1959 ع
شيطان جو پانهو	محمد بخش جوهر	1959 ع
وتايو فقير	محمد بخش جوهر	1959 ع
بهادر عورت	محمد بخش جوهر	1959 ع
باهه جي راڻي	محمد بخش جوهر	1959 ع
پنج پينرون	محمد بخش جوهر	1959 ع
چرچن جي چنٽي	محمد بخش جوهر	1959 ع
چرئي جا چرچا	محمد بخش جوهر	1959 ع

دلير عورت	محمد بخش جوهر	1959ع
ڳجهارتون	محمد بخش جوهر	1959ع
موچي توتڪا	محمد بخش جوهر	1959ع
شيخ چلي	محمد بخش جوهر	1959ع
ڏاهپ جون آکاڻيون	عبدالوحيد صديقي	1960ع
پرين جون آکاڻيون	عبدالوحيد صديقي	1960ع
ٺڳن جو استاد	پير محمد عالم صديقي	1961ع
حضرت سليمان جو خزانو (ناول)	نثار احمد مفتي	1961ع
جان عالم انجمن آرا	محمد بخش جوهر	1961ع
ناني پوڙهي	محمد حسام سومرو	1962ع
گل شاهه ۽ گل پري	محمد بخش جوهر	1962ع
سونو بال	نذير حسين پٽي	1962ع
قراني انصاف	نذير حسين پٽي	1962ع
ڪنڊ ۽ پڳڙا	محمد الياس جوکيو	1962ع
راڻي ناز بيگم ۽ طوطا مئنا	حاجي حقير ابن مگڻ	1962ع
هڪ غريب خدا جي دربار ۾	محمد بخش جوهر	1963ع
سيرت منصور	محمد بخش جوهر	1964ع
اسلامي اخلاقي ڪهاڻيون	محمد بخش واصف	1964ع
ٽارزن ۽ شيدي	محمد بخش جوهر	1964ع
ٽارزن	محمد بخش جوهر	1964ع
علي بابا چاليهه چور	نذير حسين پٽي	1965ع
خوفناڪ هٽ	محمد بخش جوهر	1965ع
گل شاهه ۽ گل پري	محمد بخش جوهر	1965ع
نادان زال	محمد بخش جوهر	1966ع
نيڪ نصحيتون	محمد بخش جوهر	1969ع
عذرا جي بهادري	محمد بخش جوهر	1970ع

مٿي ڏنل ڪتابن کان علاوه ٻه سنڌن ٻيا به ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل هئا. سنڌ جي تاريخ ۾ هن اداري جو تمام وڏو ڪردار آهي.

اداره گلشن ادب ،ٽنڊو محمد خان

اداره گلشن ادب، 1957ع ۾ فدا سرهيي ۽ اياز پاتوليءَ ، ٽنڊو محمد خان ۾ قائم ڪيو. هن اداري جي قيام جي سلسلي ۾ خالد آزاد لکي ٿو ته "ٻارن لاءِ هي علمي، ادبي ۽ اشاعتي ادارو ٽنڊي محمد خان ۾ اياز پاتوليءَ، جنوري 1957ع ۾ قائم ڪيو. اياز پاتوليءَ جي ساٿين ۾ محمد ابراهيم پياسي ۽ خواجا محمد اشرف شامل هئا. هن اداري هيستائين 300 کان مٿي ڪتاب شايع ڪرايا آهن، جن ۾ اڪثريت ٻارن جي ڪتابن جي آهي. هن اداري 1976_ 1977ع ۾ "ٻارن جو ڊائجيسٽ" ۽ "گلشن ڊائجيسٽ" پڻ شايع ڪيا. هن وقت هي ادارو غير فعال آهي".(2)

هن اداري طرفان خاص طور تي ٻارن لاءِ ترتيب ڏنل ڪتاب شايع ڪيا ويندا هئا. جن جا مرتب فدا سرهيو ۽ اياز پاتولي هوندا هئا. هنن مرتب ٿيل ڪتابن ۾ گهڻو ڪري آکاڻيون هونديون هيون ۽ ٻارن لاءِ مضمون، شاعري، عام ڄاڻ وغيره ڏنل هوندي هئي. آکاڻين جا موضوع منفرد ۽ لاجواب هوندا هئا، جن ۾ سماجڪ، طلسمي ، جاسوسي، سائنسي ۽ عام وندر جا موضوع اچي وڃن ٿا. هتي ڪجهه ڪتابن جي فهرست ڏجي ٿي:

ڪتاب جو نالو	ليکڪ/ مرتب	اشاعت جو سال
هيرن جو هار	فدا سرهيو ۽ اياز پاتولي	1958ع
گلابي مکڙيون	=	=
غيبي خزانو	=	=
گلڙن جو گلدستو	=	=
ماڻڪ ۽ موتي	=	=
سڳنڌ		1959ع
ٽڙيل گل	=	=
ڪرامتي تختي	=	=
هٻڪار	=	1960ع
پنکڙيون	=	=
اڏامندڙ گهوڙو	=	=
گلشن جا گل	=	=

مغرور بادشاهه		1961ع
روشن تارا	=	=
گل ۽ مکڙيون	=	=
ڪنول شهزادي	=	=
موتئي جون مکڙيون	=	=
معصوم محمود	=	1962ع
هيرا موتي	=	=
حيرت انگيز هيرو	=	=
ڪڙيا ڪٽنهار	=	=
عجب اسرار	فضل احمد بچاڻي	=
چمڪندڙ ستارا	=	=
ڳامون سچار	فدا سرهيو	=
ٻاڏ وهيٽي پري	محمد ابراهيم جويو	1963ع
هيرا لعل هزار	فدا سرهيو ۽ اياز پاتولي	=
چنيهه لکڻو	=	=
جوت	=	=
گلدستو	=	=
بخت جي واپسي	اياز پاتولي	
مشڪ و عنبر	=	=
خير راڻي ڊائجيسٽ	=	=
رات راڻي ڊائجيسٽ	=	1967ع
پنکيون ۽ جهوتا	=	=
پاسبان وطن	=	=
املهه مائڪ	=	=
هيرو پٿر	=	=
گلشن ڊائجيسٽ	=	=
ماڪ ڦنا رابيل	=	=
جيڏانهن پير تيڏانهن خير	=	=

هرندڙ ڏيئا	=	=
قيمتي ڪهاڻيون	ميمڻ عبدالمجيد	1969 ع
جهاني گڏي	اياز پاتولي	=
چانڊاڻ	=	=
ڪرامتي تختي	=	=
ناناٽو نينگر	=	=
چونڊيل گل	=	=
اميد جا ڪرڻا	=	=
ڦول راڻي	=	=
بخت جي بازي	=	=
عجب دنيا تنهنجا رنگ هزار	=	1978 ع
بخت سان ڪنهن جي ريس	=	=
حور بغداد	=	1979 ع
سونو ڪڪڙ	=	1980 ع
گامون جي گفتار	=	=
سرها گل گلاب جا	=	1985 ع

17 جولاءِ 1960 ع تي "اداره گلشن ادب" جي زيرِ سايه "بزم گلشن" جو بنياد پيو. جنهن اڳتي هلي تحريڪ جي صورت اختيار ڪئي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لڳ ڀڳ پنج سؤ ميمبر ٿيا. ان ڪان سواءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ان جون شاخون قائم ٿيون.

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ,جام شورو. سنڌي زبان جو هيءُ سڀ ڪان وڏو علمي ، ادبي ۽ ثقافتي ادارو آهي، جيڪو پاڪستان قائم ٿيڻ ڪان اڳ تڏهوڪي سرڪار جي سرپرستيءَ سان برپا ٿيو پر ان جو اشاعتي پروگرام ورهاڱي ڪان پوءِ 1954_1955 ع ڪان وٺي عمل ۾ آيو".(3) سنڌي ادبي بورڊ جو ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. هڪ طرف ماهوار گل ڦل جي آبياري ته ٻيا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا آهن. هن اداري خاص طور تي مرزا قليچ بيگ جي ٻارن وارن

ڪتابن جي ڀيهر اشاعت ڪري وڏو ڪم ڪيو آهي. گڏيل قومن طرفان 1979ع جي سال کي 'ٻارن جو عالمي سال' ڪري ملهائڻ واري اعلان جي نتيجي ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٻين ادارن ٻارن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا. ان سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ وفاقي حڪومت جي تعاون سان 1981ع ۾ تمام گهڻا ڪتاب شايع ڪرايا. هن اداري ٻارن لاءِ ڪهاڻين، مضمونن، گيتن، نظمن ۽ عام سکيا جا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا آهن، جن مان ڪي هن ريت آهن:

ڪتاب جو نالو	ليکڪ/ مرتب	اشاعت جو سال
سنڌي لوڪ ڪهاڻيون	ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ	1962ع
ٽي ديو يا راڪاس	مرزا قليچ بيگ	1959ع
عجيب طلسم	مرزا قليچ بيگ	1960ع
لبا خان درزي ۽ خليفو ڪهنگ	مرزا قليچ بيگ	1960ع
نيلو پکي	مرزا قليچ بيگ	1960ع
ٻه جاڙا ڀائر	مرزا قليچ بيگ	1960ع
وامق عذرا	مرزا قليچ بيگ	1960ع
عجيب ڳالهيون	مرزا قليچ بيگ	1961ع
پٽيل اکيون پوريل اکيون	مرزا قليچ بيگ	1964ع
ڀائي وائي ۽ ڀائي وز	مرزا قليچ بيگ	1964ع
رستم	مرزا قليچ بيگ	1964ع
شهزادي محبوب جي آکاڻي	مرزا قليچ بيگ	1964ع
گرم جون آکاڻيون (I)	خانصاحب مريد علي	1964ع
ايسپ جون آکاڻيون	ديوان ننديرام	1971ع
ٻارن جي تعليم	مترجم محمد ابراهيم جويو	1972ع
ٻارن جون آکاڻيون	مراد علي مرزا	1977ع
پولڙي جي پل ۽ ٻيون آکاڻيون	گوهر ممتاز قاضي	1981ع
پرين جون ڪهاڻيون	اياز قادري	1981ع
ٻاراڻا گيت (شاعري)	استاد بخاري	1981ع
حضور صلعم جي حياتيءَ جو مختصر احوال	سيد سردار شاهه	1981ع

منو مرسل	علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي	1981 ع
سنڌ جا عظيم صوفي بزرگ	تنوير عباسي	1981 ع
استادن جو ادب	محبوب علي جوکيو	1981 ع
وڏن جو ادب	ڊاڪٽر نواز علي شوق	1981 ع
مثالي شاگرد	محبوب علي جوکيو	1981 ع
ٻاراڻا گيت	استاد بخاري	1981 ع
ڏورين ٻولين جون ڪهاڻيون	غلام نبي ميمڻ	1981 ع
ڪلاسيڪي شاعري	پروفيسر عطا محمد حامي	1981 ع
پاڪستان جا پراڻا شهر	رشيد ڀٽي	1981 ع
مشهور سنڌي ڪهاڻيون	اياز قادري	1981 ع
گهرو هنر	عنايت الله عباسي	1981 ع
شهري حياتي ۽ ڳوٺاڻي حياتي	قاضي خادم	1981 ع
دريا جي سامونڊي ڪنارن سان زندگي	حبيب الله صديقي	1981 ع
سمنڊ جا اسرار	ڪريمداد پتافي	1981 ع
پورهئي جو مان	ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي	1981 ع
شهري حياتي	ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي	1981 ع
برک سائنسي کوجنائون ۽ ايجادون	محمد عثمان ڏيپلائي	1981 ع
بدن ۽ ان جا ڪم	علي مرتضيٰ ڌاريجو	1981 ع
ماکوڙي، ماکي ۽ جي مک	ڊاڪٽر هارون رشيد ميمڻ	1981 ع
ڪوريئڙي جي حياتي	ڊاڪٽر هارون رشيد ميمڻ	1981 ع
جبلن رڻن ٻٽن ۾ انساني زندگي	محمد اسماعيل عرساڻي	1981 ع
لوڪ شاعري	ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو	1981 ع
ننڍا ناٽڪ	محمد اسماعيل عرساڻي	1981 ع
سکي گهر (گهريلو زندگي بابت)	عزيز سومرو	1981 ع
کهه جي ڪهاڻي	پرفيسر محمد امين	1981 ع
ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون	مراد علي مرزا	1983 ع

مهڪار (شاعري)	خليل عارف سومرو	1995ع
واندڪائي جي وندر	مخدوم غلام محمد ڀٽي	1995ع
سائنس بخشي سونهن (شاعري)	غلام محمد غازي	1999ع
ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون (ڪشنچند بيوس)	مرتب نصير مرزا	2001ع
شخصيتون	ولي محمد طاهرزادو	2005ع
آکاڻيون (1)	ولي محمد طاهرزادو	2005ع
آکاڻيون (2)	ولي محمد طاهرزادو	2005ع
سرها گل	سيد اظهر گيلاني	2005ع
سچ اپرڻ کان اڳ (ناول)	خالد آزاد	2005ع
رنگا رنگي گيت	غلام محمد غازي	2006ع
سنڌي ديس جون رانديون (1)	ولي محمد طاهرزادو	2006ع
سنڌي ديس جون رانديون (2)	ولي محمد طاهرزادو	2006ع
جيڪب ۽ گرم جون آکاڻيون	رفيعه ملاح	2007ع
اڏوهي تصوير (ڪهاڻيون)	شوڪت چاچڙ	2008ع
ڏرتي تارا (نثار بزمي)	مرتب غلام محمد غازي	2008ع
گل ڦل جون ڪهاڻيون	مرتب دين محمد ڪلهوڙو	2008ع
مشهور سنڌي ماڻهو	غلام محمد لاکو	2009ع
موتي ۽ مکڙي	خليل عارف سومرو	2010ع
رنگ موسيقي خوشبو	استاد امير علي خان	2012ع
هلو هلون اسڪول (شاعري)	زيب نظاماڻي	2013ع
پنهنجي ٻولي پياري ٻولي (شاعري)	ڊاڪٽر ذوالفقار سيال	2013ع
مريخ جا مسافر (ناوليٽ ۽ آکاڻيون)	يوسف سنڌي	2013ع
ٻاراڪين جا ٺار (شاعري)	پريل دايو	2014ع
سنڌ جا درسگاهه	دادا سنڌي	2014ع

ٻارڙن جو شاهه	راز شاهاڻي	2014 ع
اڪڙيون نيل ڪنول	مقصود گل	2014 ع
ڌرتيءَ جا ٽانڊاڻا (شاعري)	ملهار سنڌي	2014 ع
ٻالڪ ڌرتيءَ جا ٽانڊاڻا	وحيد محسن	2017 ع
ٻتين واري ناني ۽ ٻيون ڪهاڻيون	اڪبر جسڪاڻي	2019 ع
گيتن جي گلزاري (شاعري)	ڊاڪٽر نواز علي شوق	2020 ع

گل ڦل رسالي جو تاريخي ڪردار

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ گل ڦل رسالي جو وڏو ڪردار آهي. هي ٻاراڻو رسالو 1959 ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شروع ڪيو ويو. هن رسالي جي ادبي ڪردار تي ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگيءَ پي. ايچ ڊي ڪئي آهي. هن رسالي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻار اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري ادب ڪي يقيني بڻايو آهي. هن رسالي سنڌي ۾ ڪهاڻي، ناٽڪ، شخصيات، لطيفيات، شاعري ۽ ٻين صنفن ۾ بهترين ادب ۽ اديب پيدا ڪيا آهن. "1961 ع تي حيدرآباد شهر ۾ ٻارن جي رسالي "گل ڦل" طرفان رسالي جي سالگرهه جي موقعي تي ٻارڙن جو ميلو به ڪرايو ويو هو، جنهن ۾ سنڌ جي تمام وڏن اديبن کان سواءِ ڪافي ٻارن به شرڪت ڪئي هئي. هي ميلو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پهرين ڪوشش هئي، جنهن ۾ ٻارڙن اهڙي دلچسپي پيدا ڪئي". (4)

هن رسالي ايڊيٽرن ۾ محمد ابراهيم جويو غلام رباني، شوڪت شورو، انور هالائي، اڪبر جسڪاڻي، طارق عالم ابڙو، نجم پنهور، دين محمد ڪلهوڙو، ظفر عباسي ۽ ڪي ٻيا رهيا آهن. هي رسالو اڄان به هلندڙ آهي. سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ گل ڦل سنڌي ٻوليءَ جي اهم ترين خال کي ڪجهه پريو بيٺو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بنياد ٻالڪ ساهت تي ۽ اڪيلي سر گل ڦل اها ذميداري کنيون بيٺو آهي.

شيخ اياز کان علاوه، ڊاڪٽر تنوير عباسي، غلام محمد گرامي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، انور هالائي، شمشيرالحيدري، ڊاڪٽر نواز علي شوق، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، خيرالنساءِ جعفري، نورالهديٰ شاهه، زرينا بلوچ، سوسن مرزا، ج. ع منگهاڻي، جي. ايم مهڪري، شوڪت حسين شورو نثار بزمي، غلام حمد

لاکو ڊاڪٽر ادل سومرو، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، طارق عالم ابڙو، ڊاڪٽر محمود مغل، اڪبر جسڪاڻي، نصير مرزا، امداد حسيني، فيروزه سما، شگفتا شاهه، فقير شهمير چانڊيو، پروفيسر عبدالرحمان جتوئي، امام راشدي، عزيز ڪنگراڻي، اياز گل، غلام محمد غازي، الطاف سومرو، نياز پنهور، زوار نقوي، ذوالفقار سيال، علي مرتضيٰ جتوئي، مختيار مگڻهار، ملڪ نديم، وغيره لاڳيتو لکندا رهيا. انهن مان مڙني سرجڻهارن جي لکڻين جي ڪري گل ڦل ايترو تہ مشهور ٿيو جو پير حسام الدين راشدي، مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ، ڊاڪٽر اين ميري شمل ۽ رضا علي عابدي بہ ان جي واکاڻ ڪندي نہ ٿڪبا هئا.

گل ڦل جي شروعاتي جي حوالي سان ناميارو ليکڪ نثار حسينيءَ لکيو آهي تہ: "اڄ جي ٻاراڻي ادب جي لڳاتار اشاعت ۾ سنڌي بورڊ پاران جاري ٿيندڙ ماهوار رسالو "گل ڦل" ئي اچي ٿو جيڪو ساڳئي روايتي رينگڻ سان ورهين کان پيو رڙهي. عمر جي لحاظ کان ٻارن کي ٽن عمر گروپن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ سڌريل ملڪن ۾ ٻاراڻو ادب هر عمر جي ليول مطابق سرجيو ۽ ڇاپيو وڃي ٿو پر اسان وٽ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ اها سوچ ڪنهن کي بہ ڪانهي. باقي لاشڪ سائين محمد ابراهيم جويي جي نگرانيءَ ۾ "گل ڦل" پهرين عمر گروپ جي ٻارن لاءِ ئي ڪڍيو ويو هو، پر پوءِ اڳتي هلي اهو چونچون جو مربو بنجي ويو". (5) جڏهن تہ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي انور هالائي جي دور بابت لکيو آهي تہ "گل ڦل" بورڊ جو مشهور رسالو آهي. انور هالائي جي محنتن رسالي ۾ ڏاڍي نواڻ آندي آهي. هن رسالي ۾ هر قسم جو مواد ڏنو وڃي ٿو خاص قابل ذڪر ڪالم آهن: سنڌ جو تاريخي ڪهاڻيون ۽ سائنسي ادب". (6)

گل ڦل ۾ شايع ٿيندڙ علمي مواد، مضمون، ڪهاڻيون، شاعري، ترجما ۽ ٻيا ليک بيحد لاڀائتا آهن. تنهنڪري گل ڦل سنڌي ٻاراڻن رسالن جي قافلي جو سرواڻ رهيو آهي.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1963ع ۾ "سنڌي اڪيڊميءَ" جي نالي سان، سنڌ يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي وائيس چانسلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ، سنڌ يونيورسٽيءَ اولڊ ڪئمپس حيدرآباد جي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ قائم ڪيو

مشهور تعليمي ماهرن ۽ اديبن محمد حنيف صديقي، پير حسام الدين شاهه راشدي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٽنڊو ڪي رجسٽرار محمد حسين ترڪ ۽ سنڌي شعبي جي صدر پروفيسر علي نواز جتوئيءَ، هن اداري جي قائم ڪرڻ ۾، ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ جي هر ممڪن مدد ڪئي. محمد حنيف صديقي کي اعزازي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ اڪيڊميءَ جي انتظام لاءِ انهن ئي ميمبرن تي مشتمل هڪ صلاحڪار ڪاميٽي ناهي وئي. هي ادارو سنڌي علم، ادب، تهذيب، تاريخ ۽ ثقافت جو اهڃاڻ آهي". (7)

ٻارن جي ادب جي ڪميءَ کي محسوس ڪندي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ٻارن جي ادب لاءِ هڪ خاص ۽ مستقل شعبو قائم ڪيو جيڪو ٻارن کي سنڌ جي عظيم شخصيتن جي باري ۾ معلومات ڏيڻ ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ هو. سنڌالاجي ٻاران ماهنامه سائنس ذريعي ٻاراڻي سنڌي سائنسي ادب مواد تي ڌيان ڏنو ويو پر هي رسالو اڳتي هلي بند ٿي ويو. هن اداري ٻاراڻي ادب ۾ ڪجهه ڪتاب شايع ڪيا آهن. پر هاڻي ڪافي وقت کان ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو بند آهي.

ڪتاب جو نالو	ليکڪ/ مرتب	اشاعت جو سال
ٻاراڻا ٻول	ڊاڪٽر تنوير عباسي	1975ع
پرڏيهي ڪهاڻيون	مترجم نور افروز خواجه	1983ع
گيت ڪيڏوڻا	ڊاڪٽر ذوالفقار سيال	1983ع
قائد اعظم محمد علي جناح	ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	1983ع
ڪليلا و دمنه	مترجم بشير احمد پٺي	1984ع
شاهه عبداللطيف	مراد علي مرزا	1984ع
سچل سرمست	ملڪ نديم	1984ع
سيرت النبي	ڊاڪٽر عبدالمجيد	1984ع
مرزا قليچ بيگ	محمد قاسم ٻگهيو	1984ع
ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون	تنوير جوڻيجو	1985ع
مولانا عبدالله سنڌي	ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ	1985ع
نرالا گرهه	علي مرتضيٰ ڌاريجو	1985ع
رنگ برنگي ڦوڪڻا	ادل سومرو	1995ع
مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان	بشير پٺي	1995ع

سائنس پٺي سمجھائي (شاعري)	غلام محمد غازي	2003ع
رانديڪن جي راند (شاعري)	غلام محمد غازي	2003ع

سنڌي لينگئيج اٿارٽي حيدرآباد

سنڌي ٻولي اختياري هڪ خودمختيار ادارو آهي، جيڪو سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ سياحت کاتي جي انتظامي ڪنٽرول هيٺ ڪم ڪري رهيو آهي. هي ادارو 1991ع ۾ قائم ٿيو. اختياريءَ جو هڪ بورڊ آف گورنرس آهي، جيڪو اختياريءَ جي ڪم ڪار جي نگراني ڪرڻ سان گڏ، اختياريءَ جي مقصدن لاءِ پاليسيون جوڙيندو رهندو آهي. هن اداري جو پهريون بورڊ آف گورنرس، سنڌ جي ناميارِي عالم ۽ اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سربراهيءَ ۾ جوڙيو ويو هو اختياريءَ جي قيام واري وقت کان وٺي، مختلف عالم اديب هن اداري جا چيئرمين مقرر ڪيا ويا. جن وقت بوقت پنهنجي علمي ۽ ادبي قابليت ۽ استعداد سان سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج لاءِ ڪم ڪيو". (8)

سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ ٻاران ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ 1993ع کان ٻارن جي ادب لاءِ هڪ الڳ سيڪشن قائم ڪيو ويو. هن اداري ٻاراڻي ادب جي هر شعبي ۾ ڪتاب شايع ڪيا آهن، جن مان ڪي هي آهن:

ڪتاب جو نالو	ليکڪ/ مرتب	اشاعت جو سال
اسان جون اکيون	ڊاڪٽر مرتضيٰ ڏاريجو	1992ع
ٻاراڻا گيت	الحاج رحيم بخش قمر	1993ع
ناني سڱوران (ڪهاڻيون)	جاويد عباسي	1993ع
لوليون ٻوليون	بيخود بلوچ	1995ع
سياڻو ڪوري	عطا محمد ڀنڀرو	1995ع
جاندار (سائنس)	جاويد عباسي	1995ع
مثالي ٻاراڻو ڪتاب	پروفيسر شيخ محمد فاضل	1995ع
اسان جو جسم (سائنس)	بدر رضوان عباسي	1996ع
بنيادي ايجادون	خير محمد بلوچ	1999ع
هڪ سو سائنسي رانديون	نصير سارنگ	2000ع

ڏاها پائر	عطا محمد ڀنڀرو ۽ خالد آزاد	2001ع
جانورن جو بادشاهه	خير محمد بلوچ ۽ خالد آزاد جو ترجمو	2001ع
مريخ جو حملو (ناول)	مترجم نصير سارنگ	2003ع
ٻارن لاءِ سنڌي انگريزي باتصوير لغت	بشير احمد منگي	2004ع
سنڌيءَ ٻر ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي	مرتب: غلام مصطفيٰ سولنگي	2007ع
ناميارا سائنسدان (ٽي ڀاڱا)	قاضي منظر حيات	2009ع
دنيا جا عجوبا	خير محمد بلوچ	2009ع
وقت ۽ امتحان (ايڊيسن بابت)	قاضي منظر حيات	2010ع
جاڳو ٻارو	بيخود بلوچ	2010ع
ٻليءَ جو نسل	خير محمد لغاري	2010ع
اسيمبليءَ جو راڳ	محمد صديق مسافر جي شاعري	2010ع
دبلي ٿي چٽڪي (ريڊيائي گيت)	مرتب نصير مرزا	2011ع
برف شهزادي	مترجم منوج ڪمار	2011ع
موڳو مٽر ۽ سوني ڪڪڙ	مترجم منوج ڪمار	2011ع
روشن تارا (شاعري)	شمشير الحيدري	2012ع
سائنسي چاڻ	قاضي منظر حيات	2012ع
اسان جو شاهه لطيف (ٽي ڀاڱا)	ڊاڪٽر فهميده حسين	2012ع
علم جي دولت (مرزا قليچ بيگ جي شاعري)	مرتب ڊاڪٽر مخمور بخاري	2012ع
وڏي جڏهن آءُ وڏو ٿيندس (ناٽڪ)	اسرار شام	2012ع
پوپٽ رنگ رنگيلا	وفا مولابخش قمبراڻي	2013ع
جدولي حساب	مرتب احسان لغاري	2013ع

جانورن جي عجيب دنيا	ترجمو ولي رام ولڀ	2013ع
هڙ ۾ آئيندو (ڪهاڻيون)	فقير شهمير چانڊيو	2015ع

آگم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد

لطيف سائينءَ جي سر 'سارنگ' ۾ استعمال ٿيل لفظ 'آگم' جي نسبت سان قائم ڪيل ڇپائي جو ادارو مشهور اديب ۽ ڊراما نگار نعا. ر حسينيءَ 1977ع ۾ حيدرآباد ۾ قائم ڪيو. هن اداري جي ڪتابن جي پڌرائيءَ جو ڳاڻيٽو 115 آهي، جنهن ۾ 5 رسالا، ڪجهه ڪتابي سلسلا، افسانوي ادب، تاريخ، شاعري، سفر ناما، ٻارن جا ڪتاب وغيره شامل آهن. هن اداري "ٻالڪ ڪتاب لڙي"، "پرڀات پبليڪيشن" ۽ "روشن تارا ساهت سرڪل" جي عنوانن سان ٻارن لاءِ ڪهاڻين، شاعري ۽ مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيا. جن مان گهڻن کي مختلف ادارن پاران ايوارڊ به مليا. ان سلسلي ۾ ڪي ڪتاب هن ريت آهن:

ڪتاب جو نالو	ليکڪ/ مرتب	اشاعت جو سال
ڌرتيءَ جا تارا	نصير مرزا	1979ع
پتلين جو تماشو	ادل سومرو	1982ع
منهنجي ديس جا ٻار	ذوالفقار سيال	1982ع
حرڪت ۾ برڪت	سليم عاقلاڻي	1983ع
ماسي ڪتو	شمس الدين سومرو	1984ع
رمون پيئي	اڪبر جسڪاڻي	1984ع
ٻتين واري ناني	اڪبر جسڪاڻي	1984ع
جيتن جي ڪانفرنس	ادل سومرو	1984ع
پڊيءَ جو ٻڪر	رضيه صديقي	1984ع
ڪانون جي ڪاهه	الاهي بخش ٻانيڻ	1985ع
چمڪندڙ چنڊ	ثريا سوز ڏيپلاڻي	1985ع
سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون	دادا سنڌي	1985ع
خيرو حجم	اڪبر جسڪاڻي	1985ع
پتنگ پوڀان ڊوڙ	ج. ع. منگهاڻي	1985ع

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور

خيرپور جي "پوپٽ" پبلشنگ هائوس"، سنڌ ٻالڪ سنگت خيرپور جي فورم تان قربان منگي هلائي رهيو آهي. هيءُ پبليڪيشن مئي 1977ع ۾ قيوم منگيءَ خيرپور ۾ شروع ڪئي. هن اشاعتي اداري مختلف ادبي ڪتابن، ٽماهي مخزن "پوپٽ" کان علاوه ٻارن جا ٻيا ادبي ڪتاب شايع ڪيا آهن. "پوپٽ" مخزن 1977ع ۾ قربان منگيءَ جي ايڊيٽرشپ ۾ جاري ٿي، هن ڪيترائي ڪتابي سلسلا جاري ڪيا آهن ۽ ٻاراڻا ڪتاب به شايع ڪيا آهن، جن ۾ ڪي هن ريت آهن:

ڪتاب جو نالو	ليکڪ/ مرتب	اشاعت جو سال
پوپٽ پهرين ڪڙي	مرتب قربان منگي	مئي 1977ع
مڪار مهمان	مرتب قربان منگي	ڊسمبر 1979ع
جيجل ماءُ	مرتب قربان منگي	1980ع
ڪل سنڌ ٻالڪ ميلو 82	مرتب قربان منگي	1982ع
چرپٽ ۽ ڪانءُ	مرتب قربان منگي	1982ع
سائنس جي دنيا (شاعري)	بدر جميل مينڌرو	
ٻيڙيءَ ۾ چنڊ (شاعري)	ياسر قاضي	2013ع
سائنس ڏنو سوجهرو (شاعري)	آزاد بخاري	2015ع
مڇلي شهزادي	بينا فصاحت	
ٽارزن شڪارپور ۾ (ناوليٽ)	شبانه سولنگي	
مهمان جهرڪي (ڪهاڻيون)	وحيد محسن	2016ع
عني ۽ مائو (ڪهاڻيون)	انور ابڙو	2016ع
گل ۽ مڪڙيون (شاعري)	اختر درگاهي	2016ع
ننڍڙي سائي ريل	غلام مصطفيٰ سولنگي	2019ع
پروفيسر منو	غلام مصطفيٰ سولنگي	2019ع
پوپٽ	غلام مصطفيٰ سولنگي	2019ع
ڪارڪ ۽ واليا جي عجيب و غريب مهم (ناوليٽ)	غلام مصطفيٰ سولنگي	2019ع

چٽنگ پبليڪيشن سن

اديب ۽ پبلشر ناز سنائيءَ جو اصل نالو محمد عثمان ولد محمد خان ميمڻ آهي. هن مانجهند، تعلقي ڪوٽڙيءَ، ضلعي جامشوري ۾ جنم ورتو. هن ٻاراڻي ادب تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. ٻارن لاءِ رسالي چٽنگ جا مسلسل پرچا ڪڍيائين .ان ڪان سواءِ هن ڪينجهر مومل ۽ چٽنگ پبليڪيشن جا لاتعداد پرچا ڪڍيا آهن. نازسنائي هڪ پبلشر جي حيثيت ۾ سنڌ تحقيقي بورڊ، جي. ايم .سيد اڪيڊمي ۽ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد جو باني چيئرمين آهي. چٽنگ پبليڪيشن ۾ شايع ٿيل ادب مان معلوم ٿئي ٿو ته هن ٻارن ۾ قومي ۽ سياسي شعور جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن سلسلي جي ڪتابن ۾ ڪجهه هن ريت آهن:

ڪتاب جو نالو	ليکڪ/ مرتب	اشاعت جو سال
اُجورو	مرتب ناز سنائي	1975ع
شهيد عبدالرزاق سومرو	=	=
لولي	=	=
ڪنٽهار ڪڙيا	=	=
باغي ماءُ	=	1976ع
آس ۽ اوسيئڙو	=	=
ٻاراڻي راند	=	=
پٿر جو ماڻهو	=	=
سنڌرسوچ	=	=
بغاوت	=	=
جنگ جاري رهي	=	1977ع
جي ايم سيد	=	=
عيد	=	=
ٻارن جو ٻڌرنامو	=	=
سونا زيور	=	=
وڏي جڏهن مان وڏو ٿيندس	=	1978ع

لطيف قومي شاعر	=	=
هڪ ڏينهن جي بادشاهي ملي ته	=	=
مونِ ڪيئن عيد ڪئي	=	=

1978ع ۾ هن تنظيم ۽ رسالي تي پابندي وڌي وئي۽ ناز سنائي کي جيل اماڻيو ويو سياسي پارٽين سال لاڳاپيل ٻارن "سجاڳ ٻار تحريڪ" جڙي، جنهن پڻ ڪتابي سلسلا شروع ڪيا. جنهن ۾ وڏو ڪردار اياز لطيف پليجي جو هو ان کان علاوه 1978ع ڌاري ٻارن جي تنظيم "ساٿي ٻارڙا سنگت" به سياسي ادب ۾ دلچسپي رکي.

سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1991ع کان نور احمد ميمڻ جي سربراهيءَ ۾ معياري سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. هن اداري، ادب جي هر صنف ۾ ڪتاب شايع ڪيا آهن. هن اداري ٻاران ٻارن جي لاءِ پرائمري، تعليمي ڪتاب، ڪهاڻيون، سائنسي ڄاڻ جا 50 کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿيل آهن. انهن ۾ ڪهاڻين ۽ سائنسي ڄاڻ ۽ تعليم جا ڪتاب رنگين تصويرن سان شايع ٿيل آهن. انهن ڪتابن جو ڪجهه تفصيل هن ريت آهي:

ڪتاب جو نالو	موضوع	اشاعت جو سال
ڪائنات جو مطالعو	سنڌيڪا سائنس سيريز مرتب نور احمد ميمڻ	1994ع
سائنس ۽ ايجاد جي دنيا		1994ع
بنيادي سائنس		1994ع
ٻڌاءِ ته سهي (ٽي ڀاڱا)	عام ڄاڻ سيريز	
ماحول بابت ٻاراڻو ڪتاب	آفتاب ابڙو	1996ع
ٿيندڙ ڌرتي ملجندڙ مندون		
اسان جي دنيا	سنڌيڪا جونيئر ناليج ، مرتب ڊاڪٽر مرتضيٰ ڌاريجو محمد بخش	1996ع

	سومرو ۽ نديم گل	
ڌرتيءَ تي ساهوارا		1996ع
انسانذات ۽ جسم		1996ع
ابتدا ڪيئن ٿي؟		1996ع
ٻڌايو ته ائين ڇو؟		1996ع
مشهورپيغمبر ۽ سڌارڪ	سنڌيڪا شخصيت سيرين مرتب نور احمد ميمڻ	1994ع
مشهور عالم ۽ مفڪر		1994ع
مشهور قومي اڳواڻ		1994ع
مشهور فاتح ۽ سورما		1994ع
مشهور حڪمران		1994ع
مشهور سنڌي سپوت		1994ع
احسان جو بدلو	ٻارن لاءِ تصويري ڪتاب	
ڪانءَ جا مٽ مائٽ		
نصحيت ڀريون ڪهاڻيون	خالد ڀٽي	1996ع
روشن تارا گيت	نديم احمد سولنگي	1996ع
قدرت جا نظارا		
وتايو فقير ۽ خيرات جي ماني		
ٻارن جو ٻٽائي	نوراحمد ميمڻ	
سنڌيڪا تصويري ڪهاڻيون		
سائنس ڇا آهي؟	سنڌيڪا سائنس سيريز	
شيون ڪيئن ٺهيون ڪم ڪن؟		
ٻوٽن جي زندگي		
اوهان جو جسم ڪيئن ٿو ڪم ڪري؟		
جانورن جي دنيا		
خلا، شمسي نظام ۽ ڪهڪشائون		

ٻاراڻا ٻول (ڇهه ڀاڱا)	مرتب احمد خان مصراڻي	1997ع
چاليهه مهينا مڇيءَ جي پيٽ ۾	نصيحت ڀريون ڪهاڻيون	
ڀٽڪڻ ٻڪين هاڻي ماريا		
سچ جا سپاهي ڪوڙ جا لشڪر		

مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور

سنڌ جي خاص طور تي ديني ادب جي سلسلي ۾ "مهراڻ اڪيڊميءَ جو وڏو ڪردار آهي. هي ادارو 1989ع ۾ قمر ميمڻ شڪارپور ۾ قائم ڪيو. هن ديني ڪتابن کان سواءِ ٻارن جي سلسلي ۾ نصحيت آموز ۽ عام ڄاڻ جا به ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا آهن. جن مان ڪي هي آهن:

ڪتاب جو نالو	ليکڪ/ مرتب	اشاعت جو سال
ڇا، ڇو ۽ ڪيئن (معلومات)	خالد ڀٽي	1999ع
ايجادن جون آکاڻيون	محمد صالح ڪهڙو	2000ع
نادان شينهن	احمد مرتضيٰ لالا	
الله جا سپاهي درياءَ ۾ صندوق امن جو هيرو مسٽر مور	امداد علي قادري	
رحمدل ٻادشاهه	غلام محمد شاهواڻي ۽ محمد صديق مسافر	
سوڀ	غلام محمد شاهواڻي ۽ محمد صديق مسافر	
پينبو بادشاهه	انجيئر غلام مصطفيٰ ميمڻ	
حجم ۽ ديو سياڻو گدڙ هيڻن جو همدرد ٽي ساڙيل	عبدالرحمان جتوئي	
ٽڪڙ ڪم شيطان جو	احمد مرتضيٰ لالا	

ٿڪن جي ٽوڪري قيمتي منڊي زهريلا ناڳ		
شمن جو وظيفو (جاسوسي ڪهاڻي)	انجنيئر غلام مصطفيٰ ميمڻ	
گهامڻ خان	عبدالمالڪ ميمڻ	
شام جا نڳ پوڙهو جن موريءَ سهي جي ڳالهه	محمد صالح کهڙو	1991ع
گدڙ ۽ جهرڪي ايماندار حجم	نذير احمد ناز	
پراسرار حويلي جادوءَ جو ڏنڊو	عبدالجبار عبد	
لنڊي گدڙ جي حڪومت	عبدلغفار ڏڪڻ	
فيصلو ۽ شهزادي	غلام محمد شاهواڻي	
پوڳ بازار	عاجز علي اڪبر ٻرڙو	
هيٺلا جن	عبدالرحمان ميمڻ	
ڀريون خون	امداد علي قادري	
شرارت ڪانءُ مينهن ماري	ارباب علي "عادل" چوهاڻ	
خوني	محمد صديق مسافر	1994ع
ڳامون جا ڳتا	انجنيئر غلام مصطفيٰ ميمڻ	
آخري غلطي دال جا دڙڪا	مخفي ميمڻ	
ٽي پتلا	محمد ابراهيم سومرو	
مسخرو جاسوس	ڊاڪٽر سليم مصطفيٰ ميمڻ	
قاتل جي ڳولا سچا ٻول	سردار احمد ڳڏاڻي	

آخر ڪيستائين	نياز مسرور بدوي	
جنت ڏانهن سفر	حسام ميمڻ	
الله جو شينهن	غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ	
ٽي ڪارڪون سياڻو شاگرد	غلام مصطفيٰ سولنگي	
شيطان جون ڪهاڻيون شيطان جو شرارتون	خالد پٽي	
سچا ٻول ٻڪيو شينهن	ارشاد ساگر گڏاڻي	
چالاڪ ٻلو	روشن ضمير	
سياڻو ٻڪرار	عبدالرحمان ڪمبوهه	
موالي رڇ	ساحل شاهه	
ننيڙي چوري	سڪندر [illegible]	

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کان علاوه، ٻيا به ڪيترائي ٻاراڻا ڪتاب هن اداري شايع ڪيا آهن. ان کان سواءِ 30 قرآني آکاڻيون پڻ شايع ڪيون آهن. مهراڻ اڪيڊميءَ ٻاران 2000ع کان رسالو "سنگتي" پڻ جاري ٿيو، جنهن جا 30 کان مٿي شمارا نڪتا هئا.

ڪجهه ٻيا ٻاراڻا اشاعتي ادارا

مٿي ذڪر ڪيل ادارن کان علاوه، ٻيا به سوين ادارا آهن، جن سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا آهن. 1973ع ۾ نيشنل بڪ فائونڊيشن ڏهن سنڌي ٻاراڻن ڪتابن کي شايع ڪيو، جن ۾ ناهيد جعفريءَ جي ڪهاڻين جو ترجمو "باغ بهار" (1973ع)، سيف الملوڪ جي ڪهاڻين "سٺا اخلاق" (1973ع)، مقبول پٽيءَ جا ڪٺو نوريٹڙي جي ڪٺ ڪٺ" انوکا پکي ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. مرزا محمد نواز بيگ جو تعلق، ٽنڊي ٺوڙهي جي مشهور مرزا خاندان سان آهي. هن 1976ع ۾ ٽنڊي ٺوڙهي ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ "اداره بوستان ادب" قائم ڪيو جنهن جي پليٽ فارم تان پنهنجا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيائين، جن ۾ ڳجهارتون (1976ع)، سليس آکاڻيون (1976ع)، عام معلومات (ٽي حصا)، عقل جو امتحان (1977ع)، مشهور موجد (1978ع)، وهم عقيدا ۽ رواج

(1978 ع)، تي قلندر (1979 ع)، سنڌ باد ۽ هند (1980 ع) شامل آهن. 1981 ع ۾ لال ايڇ کتريءَ کاهيءَ ۾ "بخاري پبليڪيشن" قائم ڪئي، جتان هن پنهنجا ڪتاب "غريب شاگرد" (1982 ع)، "خيالن جوخزانو" (1983 ع) ۽ "ڏيئا منهنجي ڏيهه جا" (1981 ع) شايع ڪيا. 1978ع ۾ حميد جمالٽيءَ سکر ۾ "ساٿي پبليڪيشن" قائم ڪئي، جتان هن پنهنجا ڪتاب "لاوارث شهزادو" (1978 ع) ۽ "پليت هٽ" (1984 ع) شايع ڪيا. 1978ع ۾ محمود يوسفاڻي ۽ عنايت الله عباسيءَ حيدرآباد ۾ "شان پبليڪيشن" قائم ڪئي، جتان عنايت الله عباسيءَ جي ڪهاڻين جا ڪتاب "حليمان پوپري" (1978 ع)، "شيطان جو ٻار" (1978 ع) ۽ "لالچي عبدو" (1979 ع) شايع ڪيا.

سنڌ جي مشهور ادبي اداري "نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ٻاران سيد دانيال طارق جو "عقلمند ڪئا" (1976 ع)، ۽ الطاف شيخ جو "ٻارن جون آکاڻيون" (1983 ع) شايع ٿيا. روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري ٻاران ، ٻارن جي ادب ۾ "مولانا قاسم سومري جا "ڊگي ۽ گڏھ جي ڳالهه" شينهن ۽ ڪوئي جي ڳالهه"، لالچي دربان"، سياڻو ڳيرو" هرڻ ۽ لومڙ جي ڳالهه" ۽ الطاف شيخ جا "مينهن ۽ ڊگي جي ڳالهه" ڏاهي جهرڪي ۽ "جادو جي ديگڙي" شامل آهن. سنڌي ساهت گهر ٻاران غلام محمد عازيءَ جي شاعريءَ جو مجوعو "وطن گل آ مون لاءِ" (2002 ع)، ۽ آزاد قاضيءَ جي شاعريءَ جو "گلابي گل" (2002 ع) شايع ٿيل آهن. سچائي اشاعت گهر ٻاران يوسف سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "شهيد جي ماءُ" ، طارق قريشيءَ جو ناول "ٻالڪ فورس ۽ پوٽ بلڊنگ" ، منٺار سولنگيءَ جي شاعريءَ "آءٌ به جيڪر پڙهڻ وڃان ها" (2006 ع)، منٺار سولنگيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "ٻارن لاءِ آکاڻيون" (2006 ع) ۽ پريل دايي جي شاعريءَ جو "ٻاتا جنين ٻول" (2007 ع) شايع ٿيل آهن. ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" اڪيڊمي شڪارپور / ڪراچي ٻاران ٻالڪ ڏرتيءَ ٽانڊاڻا (ٻارن لاءِ شاعري) ---- وحيد محسن ---- ڇاپو پهريون --- ڊسمبر 2017 ع. راندين جو هفتو (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) --- ليکڪ: وحيد محسن --- ڇاپو پهريون ڊسمبر 2018 ع. ننڍڙي پري (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) --- ليکڪ: وحيد محسن --- ڇاپو پهريون ڊسمبر 2019 ع. ڪاغذ جون ٻيڙيون --(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) --- ليکڪ: وحيد محسن --- ڇاپو پهريون ڊسمبر 2020 ع. هالار جو خواب (ٻارن لاءِ ناول) --- ليکڪ: وحيد محسن --- ڇاپو پهريون ڊسمبر 2022 ع. نئين سوچ (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ڪهاڻيڪار:

حاڪم علي ڪنوهر ... ڇاپو پهريون ڊسمبر 2022 ع. انگريزي الفابيٽ ٽيڙو ٻتي (ٻارن لاءِ شاعري) ... منصور "دانش" سومرو .. جنوري 2023 ع. نئين اميد (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ... عبدالجبار عبد ... آڪٽوبر 2023 ع. آزادي زنده آباد (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ... عبدالواحد سومرو ... ڇاپو پهريون جنوري 2024 ع شايع ٿيل آهن.

ظفر جوڻيجي جي فينيڪس بوڪس به ٻارن جا ڪافي ڪتاب شايع ڪيا آهن. جن جو پنهنجو هڪ معيار به آهي انهن ۾ "ڏاها ٻار" روئٽو چند" سچ سائنس، ڇا ٿون منهنجي امڙ آهين"، "ڏنو شاعر"، جاڪوڙي ٻالڪ، راناديڪا ۽ سائنس ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، سنسار پبليڪيشن ڪراچي، محمد علي ماجد جي ڪاڇو پبليڪيشن ۽ قمر آفتاب ابڙي جي پيڪاڪ پبليڪيشن به گهڻا ٻاراڻا ڪتاب شايع ڪيا آهن. اهڙي طرح ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جي اچا به وڏي لسٽ آهي.

ٻارن لاءِ نڪرندڙ خصوصي رسالا

آزاديءَ کان پوءِ پوري سنڌ مان ٻارن لاءِ بيشمار رسالا جاري ٿيا آهن. جن ۾ مختلف صنفن ۽ موضوعن تي تمام گهڻو مواد ڇپيل آهي. هر رسالي جي پنهنجي اهميت آهي، پر انهن رسالن ۾ گل ڦل کان علاوه، ٻيا لڳاتار هلي نه سگهيا آهن. هتي اسان ٻارن لاءِ نڪرندڙ رسالن جي لسٽ ڏيون ٿا، جنهن کي خالد آزاد جي ادبي تاريخ جي مدد سان لکيو ويو آهي:

رسالي جو نالو	ايڊيٽر	شهر	سال
ماهوار دلبهار		حيدرآباد	سيپٽمبر 1947ا
ماهوار گلستان	غلام مرتضيٰ ٻتي مقبول احمد ٻتي	حيدرآباد	1953ع
ماهوار گلستان	مقبول احمد ٻتي	حيدرآباد	1956ع
ماهوار گل ڦل	مختلف	حيدرآباد	جنوري 1959
ماهوار گل بهار		حيدرآباد	1960ع
گلن جهڙا ٻارڙا		حيدرآباد	1960ع
ٻارن جو ڊائجيسٽ		ٽنڊو محمد	1967ع

	خان		
ٻہ ماهي روشن ادب		سڪرنڊ	1967ع
اطفال ڊائجسٽ	مير امان الله خان تالپر	ميرپور خاص	جنوري 1973ع
ماهوار گلن جهڙا ٻارڙا	محمود يوسفاڻي	ڪراچي	1975ع
سرهاڻ	پروانو سيوهاڻي	سيوهڻ	1975ع
ماهوار گونج		حيدرآباد	1978ع
ماهوار ساٿي	مهيش مليرائي	گهوٽڪي	1978ع
ماهوار ٻالڪ	خان محمد پنهور	حيدرآباد	1980ع
سلسليوار سنڌي ٻارڙا	اسرار شام	حيدرآباد	1987ع
ٻہ ماهي مرڪ	سڪندر سرواڻ	ڪراچي	1989ع
ماهوار لاٽ	الطاف ملڪاڻي	حيدرآباد	1990ع
ماهوار گلستان	ناز سنائي	حيدرآباد	1991ع
ٻالڪ رنگ	علي نواز پکيهو	ڪراچي	1991ع
ماهوار ناياب	شبير ساگر	ٽنڊو ڄام	1992ع
ماهوار ساٿي	تاج محمد نظاماڻي	حيدرآباد	1992ع
ٻہ ماهي گلڙا	قمر ميمڻ	شڪارپور	1992ع
ماهوار چانڊاڻ	همدرد سنڌي	دادو	1993ع
پندرنهن روزه ارڇڪ مرڇڪ	جعفر ميمڻ	حيدرآباد	1993ع
سلسليوار ٻارڙن جي ٻاري	غلام مصطفيٰ سولنگي	ڀان سعيد آباد	1995ع
ماهوار ڪنول	غلام مصطفيٰ سولنگي	ڀان سعيد آباد	1996ع
ٽي ماهي آس	محمد حسين خاصخيلي	ٺٽو	1995ع
سلسليوار مهڪ	محمد صالح کهڙو	شڪارپور	1996ع
سلسليوار روشن راهون	جاويد اقبال	پنگريو	1996ع

1997ع	ٽنڊو ڄام	حبيب الله ميمڻ	ماهوار گلڙا
1997ع	رڪ	اعجاز قادر مهر	حوصلو پبليڪيشن
1998ع	رتوديرو	ملهار سنڌي	ماهوار ٽانڊاڻو
1998ع	ڏوڙو نارو	ڪريم آريسر	ماهوار ماهتاب
1998ع	عمرڪوٽ	بنسي مالهي	ماهوار پوپٽ
1998ع	ميرواهه گورچاڻي	ارمان لغاري	گلڙن جي گفتار
1999ع	ميرپور بٺورو	خدا بخش ڪتري	ماهوار ٻاڪ
1999ع	خانواهه	وهاب جروار	ماهوار رانديڪو
1999ع	ٽنڊو ڄام	مير شاهنواز ٽالپر	ماهوار روشن دنيا
1999ع	شڪارپور	خالد پٺاڻ	ماهوار خرچي
1999ع	شڪارپور	خالد پٺاڻ	ماهوار سونهن
1999ع	ڪراچي	سرفراز عباسي	ماهوار روشن راهه
1999ع	شاهپور چاڪر	آڪاش انصاري	ماهوار سارنگ
1999ع	شهدادڪوٽ	سنجڻ ڪمار ساگر	ماهوار ڪوڪو موڪو
1999ع	شڪارپور	وفا منظور چوهاڻ	مهراڻ جا تارا
1999ع	ڏکڻ شڪارپور	عبدالوهاب عثماني	سلسليوار هٻڪار
2000ع	حيدرآباد	واحد پارس هيسباڻي	ماهوار گلن جهڙا ٻارڙا
2000ع	شڪارپور	خالد پٺاڻ	ٻه ماهي سنگتي
2000ع	ٽنڊو ڄام	يارمحمد نظاماڻي	ماهوار روشن تارا
2000ع	ڳڙهي ياسين	سميع ساجد جوڻيجو	ماهوار پوپٽ
2000ع	ٽنڊو ڄام	راجيش ڪمار	سلسليوار سندر ٻارڙا
2001ع	خيرپور	زبير سومرو	سلسليوار سوچ
2001ع	مٺي	آڪاش ڪتري	سلسليوار ٻالڪ ديپ
2002ع	رتوديرو	مقصود گل	ٽماهي گلدستو

ماهوار منزل	ڊاڪٽر اياز حسين تينون	ميروخان	2002ع
سلسليوار سنڌڙي	منظور بيدرا	ڏهرڪي	2002ع
ٻارن جي دعا	آفتاب گل رند	حيدرآباد	2003ع
سلسليوار علم	وفا علي بخش. جوڻيجو	مرزا پور	2003ع
ماهوار رنگين دنيا	علي رضا لاڙڪ	ڄامشورو	2003ع
سلسليوار سرهاڻ	ٽيڪم ميگهواڙ	عمرڪوٽ	2003ع
ماهوار اجرڪ	ماجد عباس سمون	شهدادڪوٽ	2004ع
ماهوار انڊلٺ	سنڌ سونيتي پٽو	ڄام شورو	2004ع
سلسليوار سنڌي ٻار	آزاد هجيب	چتوچنڊ. ٺٽو	2004ع
سلسليوار گلزار سنڌ	احسان لغاري	حيدرآباد	2004ع
سلسليوار معصوم مرڪ	سڪندر علي	سڄاول	2004ع
سلسليوار ٻالڪ دنيا	وفا گولو	ٺل	2004ع
سلسليوار ٻالڪ منڊل	آمنه علي پلي	ٽنڊومحمد خان	2005ع
سلسليوار دوست پبليڪيشن	غلام محمد غازي	سکر	2006ع
ماهوار ادا سائين	محمد وسيم خان	حيدرآباد	2006ع
ماهوار چانڊوڪي	سرور دائود پوٽو	ٺٽو	2006ع
ماهوار ٻالڪ اسيمبلي	رياض مهدي خاصخيلي	ڪراچي	2006ع
سلسليوار نئين لاٽ	رميش راجا	ڏهرڪي	2006ع
سلسليوار رابيل	ڊاڪٽر داد محمد بروهي	جيڪب آباد	2007ع
سائنٽيفڪ ميگزين	خادم حسين سيلرو	شهدادڪوٽ	2007ع
سلسليوار روشن تارا	عبدالسلام ٿهيم	جاتي	2008ع
ماهوار سجاڳي	سرور ڪوسو	حيدرآباد	2008ع

سلسليوار سونهن	ڊاڪٽر داد محمد بروهي	جيڪب آباد	2008ع
سلسليوار ڦلواڙي	سنڌيا عرساڻي	حيدرآباد	2009ع
ماهوار ست رنگ	غلام مصطفيٰ لوچي	ٽنڊو ڄام	2009ع
سلسليوار چنڊ	خان محمد خاطي ڪيريو	ڇو ڏکي سانگھڙ	2010ع
سلسليوار ٻاراڻو ادب	علي محمد پنهور	ڪوٽڙي	2011ع
سلسليوار ٻارڙن جو آواز	حفيظ عباسي	خيرپور	2012ع
سلسليوار گل تارا	پروانو سيوهاڻي	سيوهڻ	2013ع
سلسليوار مهراڻ جون مرڪون	ايم ملوڪ درس	ڪپرو	2013ع
ٽي ماهي پنکڙيون	سهيل احمد ڪنهر	عمرڪوٽ	2014ع
ماهوار اتساھ	اسلم ڪتياڻ	ڪراچي	2014ع
سلسليوار سجاڳ	قمرالدين ڪوسو	شڪارپور	2014ع
ٽي ماهي ٻارن جي سنگت	الطاف ملڪاڻي	حيدرآباد	2015ع
سلسليوار منڙا ٻار	نورمحمد پنهور	حيدرآباد	2016ع
ٻالڪ سوچ	آصف ڪلهوڙو	دادو	2018ع

اخبارن جا ٻارن لاءِ خصوصي صفحا

ٻارن جي ادب جي ترقيءَ ۾ سنڌي اخبارن به ماضي ۾ هاڪاري ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ٻارن جي ادب جي واڌ ويجھه لاءِ نهايت شاندار ڪم ڪيو آهي. ماضي ۾ اخبارن ٻاران ٻارن جا هفتيوار خاص صفحا شايع ٿيڻ سان گڏ اخباري ادارن ٻاران ٻارن لاءِ رسالا به شايع ڪيا ويا. ماضي ۾ سمورن اخبارن ٻاران ٻارن جا هفتيوار صفحا شايع ڪيا ويندا هئا. پر هاڻي اهو سلسلو ڄڻ ته بند ٿي ويو آهي.

ماهوار اديون ۽ ماهوار سوجھرو جون خدمتون به ساراھ لائق آهن. روزانه اخبارون ۾ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ناميارې ناول نگار، دانشور سراج ٻاران روزاني "هلال پاڪستان" اخبار جو ايڊيٽر ٿيڻ بعد ٻارن لاءِ هفتيوار صفحي سان گڏ

1974 ع ۾ "گلن جهڙا ٻارڙا" رسالو شايع ڪيو ويو. روزاني "سنڌ ٽائيمس" اخبار به 1980 ع ۾ ناميارې شاعر نياز ھنھور جي ايڊيٽرشپ ۾ ماھوار "ٻالڪ" رسالو جاري ڪيو. جڏھن ته 1993 ع ۾ روزاني "ڪاوش" ٻاران "ٻارن جو سنڌ رنگ" ۽ "ٻارن جي دنيا" رسالا شايع ڪيا ويا. جن ٻارن جي ادب ترقي ۽ واڌ ويجهه ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. روازني "عبرت" ٻاران به ٻارن لاءِ پندرنھن روزه رسالو "ارچڪ مرچڪ" شروع ڪيو ٻين ۾ ٻارڙن جي ٻاري (روزانه عبرت)، ڦلواڙي (روزانه خادم وطن)، ٻارڙن جي محفل (روزانه آفتاب)، ٻارن جي دنيا (روزانه آفتاب)، ٻاراڻي محفل (روزانه ھلال پاڪستان)، معصومن جي مجلس (روزانه مهراڻ)، رسالي جا ٻارڙا (روزانه خادم وطن)،ٻالڪ رنگ (روزانه عبرت)، ٻارن جو صفحو (روزانه سنڌ نيوز)، ٻارڙن جي ٻاري (روزانه سنڌ نيوز)،جوت (روزانه عوامي آواز)، جاڳو ٻالڪ (روزانه عوامي جاڳو)، ٻارن جي بختور (روزانه بختور)، تارا ڏرتيءَ تي (ڪوش مڊ ويڪ) ۽ ٻين اخبارن ۾ به ٻارن جا صفحا شامل ھوندا ھئا. ان ڪان سواءِ "نيشنل بوڪ فائونڊيشن" وارن به "چٽنگون" ۽ ڪجهه ٻيا ڪتاب ان سلسلي ۾ تصويرن سان سينگاري شايع ڪيا.

حوالا:

1. الھه رکيو ٻٽ: "سنڌي طباعت ۽ اشاعت جي تاريخ"_ايم_فل لائبريري سائنس لاءِ لکيل مقالو_ سنڌ يونيورسٽي سال 1981 ع، ص 181
2. خالد آزاد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" (جلد پهريون)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، سنڌ، 2016 ع، ص 61، 62
3. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي نثر جي تاريخ"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1977 ع، ص 33
4. ناز سنائي: "سنڌي ٻاراڻي ادب جو ماضي، حال ۽ مستقبل"، ماھوار ڪينجھر، حيدرآباد، آڪٽوبر 1993 ع، ص 31
5. نثار حسيني: "اڄ جو ٻاراڻو ادب" (منھنجو سائين، نثار حسيني"، مرتب نصير مرزا)، 2015 ع، ص 122
6. غلام محمد لاکو: "سنڌي ۾ ڇهجندڙ ٻاراڻو ادب"، ماھوار گل ڦل، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1979 ع، ص 11
7. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا"، (جلد پهريون)، سنڌي لئينگج اٿارٽي، حيدرآباد، 2000 ع، ص 303
8. سنڌي لينگئيج اٿارٽي حيدرآباد جي ويب سائيٽ تان ڪنيل

آزاديءَ کان پوءِ هند ۾ ٻاراڻو سنڌي ادب

ورهاڱي کان اڳ، سنڌي هندو اديبن جو سنڌي ادب جي هرشعبي ۾ مرڪزي ڪردار هو. سنڌن لاڏڻ سان سنڌي ادب کي تمام گهڻو ڇيهو رسيو ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي لکي ٿو ته "اوچتو هندستان جو ورهاڱو ٿيو ادب جو ڪچڙو ٻوٽو جيڪو ڦلواڙي بڻجي جوڀن نزاڪت پسائڻ وارو هو. سو اسرڻ کان اڳ ئي اکڙي ويو. سنڌي ڪهاڻي جيڪا ترقي پسنديءَ جي جهنڊي هيٺ ترقيءَ جي راهه تي هئي. تنهن کي ورهاڱي جو ڏک سهڻو پيو. نتيجي طور ترقي پسند ڪهاڻي، پنهنجي سنڌي هندو ليکڪن سميت ڀارت لڏي آئي." (1)

سنڌ جي هندن جي اڪثريت هندستان لڏي وئي، اتي شروع ۾ روٽي ۽ مڪان جي جستجو ۾ رهيا. پر جيئن ته هو واپاري ۽ تعليم ۾ اڳتي هئا. ٿوري عرصي ۾ هنن پوري هندستان جي معيشت تي حاوي ٿي پيا. آزادي کان پوءِ سنڌي هندو اديبن پنهنجي ادبي موڙيءَ کي سنڀالي نئين سر سرجڻ شروع ڪيائون. ورهاڱي سان سنڌي ادب هند ۽ سنڌ ۾ ورهائجي ويو. ادب جي ٻولي ورهائجي وئي. ان سلسلي ۾ امر جليل لکي ٿو ته "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي آهي، هڪ ڪهاڻي هند ۾. هڪ سنڌ ۾ لکي وڃي ٿي. ٻئي سڏائڻ ۾ سنڌي آهن، پر ٻولي مختلف اٿن. هڪ هندي ۽ سنسڪرت ۾ لڙهي رهي آهي ۽ ٻي اردو ۽ فارسي ۾ ٻڏي رهي آهي. اها وڇوٽي وڌي رهي آهي، تيزي سان، تمام تيزيءَ سان. اهو وقت پري ڪونهي جڏهن هند جي سنڌين کي سنڌ جي ڪهاڻي ۽ سنڌ وارن کي هند جي سنڌي ڪهاڻي سمجهه ۾ نه ايندي. اها آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي تي سڀ کان وڏي چوٽ هوندي." (2)

هند جي زمين تي پير کوڙيندي ئي هنن آهستي آهستي سنڌي ميڊيم اسڪول کوليا، انهن مان گهڻن اسڪولن ۾ ماهوار ۽ ششماهي مئگزين جاري ڪيا ته ٻاراڻي ادب جي بہ شروعات ٿي پئي. هندستان جي سنڌي آبادي وارن علائقن ۾ رسالا نڪتا، اشاعتي ادارا قائم ٿيا ۽ تنظيمون جوڙيائون، جنهن سان ٻاراڻي ادب ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. سنڌ ۾ دادا شيوڪ ۽ ميلارام واسواڻي سميت جيڪي بہ عالم ۽ اديب ٻارن جي ادب سان وابسته هئا، انهن هڪ دفعو ٻيهر ٻاراڻي ادب جي لاءِ هند ۾ جاکوڙ شروع ڪئي. اهڙي طرح، هندستان ۾ هر قسم جو ادب سرجڻ لڳو هنن مختلف شهرن مان

ٻارن جي لاءِ رسالا جاري ڪيا، ادبي جماعتون ۽ سوسائٽيون قائم ڪيون. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر هوندار بلواڻي لکي ٿو ته "شروع واري ماحول ۾ ٻارن جي لکڻ طرف گهٽ ڌيان ڏنو ويو پر پوءِ ڏيري ڏيري انهيءَ طرف به اديبن جو ڌيان وڃڻ لڳو ورهاڱي کان اڳ ٻال ساهتيه جنهن مقام تي پهتو هو، تنهن مقام تي وري پهچائڻ جون ڪوششون ٿيڻ لڳيون. ٻارن جي لاءِ ڪتاب ڇپائڻ جون اجمير مان ڪوششون ٿيون. پرومل ڪيولراماڻي "چالاڪ پنڊت" (1949ع) ۽ ٻيا ڪتاب ڇپايا. ديپچندر بيلانيءَ ۽ پربداس برهمچاريءَ گڏجي ان قسم جون ڪوششون ڪيون. هنن "سهاسي آڪاٽيون (1956ع) ۽ ان جهڙا ٻيا ڪتاب پڌرا ڪيا. چيئانند لعلواڻيءَ پنهنجي "ٻارت جيون منڊل" طرفان ڪئي ڪتاب ڇپايا. ٻارن لاءِ ڪي رسالا به شروع ڪيا ويا. 1948ع ڌاري سنڌ مان اڳ نڪرندڙ مشهور ۽ لوڪپريه رسالو "گلستان" بمبئيءَ مان وري نئين سر نڪتو."(3)

اڄڪلهه هند ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪافي نوان تجربا ٿيا. ڪافي رسالا جاري ٿيا ۽ هند سرڪار ٻال ساهتيه تي انعام ڏيڻ لڳي. ٻاراڻي ادب جي حوالي سان ڪيترائي اديب مشهور ٿيا، جن ۾ پرسرام ضيا، موتي پرڪاش، لڇمڻ ڪومل، ليکراج، هنس جيوت گولاڻي، هوندراج بلواڻي، ومي سدارنگاڻي، ديال آشا، ڍولڻ راهي، هري دلگير، ڀڳوان نردوش، چينو لعلواڻي، ڪيرت مهرچنداڻي، روپ ڪماري، ڪمل پياسي، ڪلاپرڪاش ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. پر انهن سڀني ۾ هوندراج بلواڻي اهم آهي، ڇو ته هن پنهنجي سموري حياتي، ٻاراڻي ادب کي ارپي ڇڏي آهي. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ آزاديءَ کان پوءِ هند جي سنڌي ادب کي ٽن دورن ۾ ورهايو آهي:

1. پنر رچنا جو دور (1948ع کان 1957ع)
2. اميدن جو دور (1958ع کان 1965ع)
3. وڪاس جو دور (1966ع کان 1992ع)

ٻاراڻي شاعري:

هندستان ۾ سنڌي ٻارن لاءِ شاعريءَ جو پهرين مجموعو گوردن ٻارتيءَ "لاتيون" 1958ع ۾ شايع ٿيل آهي. ان کان سواءِ پرسرام ضيا جو "باغ بهار" (1963ع)، ڪلا پرڪاش جو ممتا جون لهرون" (1963ع)، ڪمل پياسيءَ جو

"تمڪندڙ تارا" (1965 ع)، ڍولڻ راھيءَ جو "ٻاراڻيون ٻوليون" (1967 ع)،نيوندرام روچاڻيءَ جو "ڪالو ڀالو" (1968 ع) ، هري دلگير جا "مٺڙيون لاتيون" ۽ مزيدار گيت" (1983 ع)، گيت گلابي (1987 ع)، ٻروليون (1991 ع)، ڪيمن مولاڻيءَ جو ارچڪ مرچڪ، روشن گولاڻيءَ جو "اسين ننڍڙا ٻارڙا"، ڊاڪٽر ديال آشا جو "مهڪندڙ مکڙيون" (1974 ع)، لڇمڻ ڪڪڙيجا جو "ٻارو اچو ڳايون"، روچي خوابي جو "چندا ماما، ڪنعيالال ڪرپلاڻيءَ جو "روشن منارو" ، روپ ڪمار گهايل جو "گل گلابي" (1980 ع)، ڀڳوان نردوش جو "رنگ به رنگي گل" (1981 ع) اهم آهن.

آزاديءَ کان پوءِ هند ۾، ٻارن جي شاعريءَ ۾ ڪي گهڻا نالا ڪونه آهن. البت سنڌ جي پيٽ ۾ موضوعن جي گونا گونيت وڌيڪ نظر اچي ٿي. هوندراج بلواڻي لکيو آهي ته: "سنڌ ۾ اسڪولي ٻارن لاءِ گيت لکي ٻال گيتن جي جيڪا پرمپرا شروع ڪئي وئي، تنهن کي سنڌ ۾ ئي ڪوي ڪشنچند بيوس نئون موڙ ڏنو ۽ صحيح معنيٰ ۾ جن کي ٻال گيت چئجن اهڙا گيت لکيا. ٻارن جي لاءِ نواڻ ڀريل گيت لکڻ جي پرمپرا هت هندستان ۾ به قائم رهي. ورهاڱي کان پوءِ تعداد توڙي معيار جي خيال کان ٻارن جي لائق سٺا گيت رچيا ويا آهن. انهن گيتن ۾ وشين ۽ پيشڪش کان نواڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪن ڪوين ڪي تجربا به ڪيا آهن. ٻارن لاءِ هر قسم جون ڪوتائون لکيون ويون آهن." (4)

هندستان ۾ ٻارن لاءِ "ٻال گيت" جي نالي سان 1999 ع ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن جو ايڊيٽر ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ شيام لال ڪماري آهن. هري دلگير کان علاوه، ٻاراڻي شاعريءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻا مجموعا هوندراج بلواڻيءَ جا شايع ٿيل آهن. جن ۾ "هيرا موتي" (1967 ع)، بنسري" (1967 ع)، ڪنمنڙا" (1977 ع)، ٻارن جا لوڪ گيت" (1976 ع)، ارچڪ مرچڪ" (1979 ع) اهم آهن.

ٻاراڻي آکاڻي:

هندستان ۾ ٻاراڻي سنڌي آکاڻيءَ تي تمام گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي. هنن ٻارن لاءِ آکاڻي نالو رکيو آهي، اسان وانگر ان کي ڪهاڻي نه ٻڌايو آهي. ڊاڪٽر هوند راج بلواڻيءَ "سنڌي ٻال ساهتيه" ۾ هند ۾ شايع ٿيل آکاڻين جو فڪري ۽ موضوع وار ذڪر ڪيو آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر جيتو لعلواڻي لکي ٿو ته "ٻارن لاءِ ڪهاڻين/آکاڻين جي ڏس ۾ ورهاڱي بعد پهريون آکاڻين جو ڪتاب "ڏاڏي جون

آکاٽيون" جيوت گوگيا جو 1961 ع ۾ شايع ٿيو ان بعد انيڪ سنڌي ليکڪن جي ڪهاڻين جا مجموعا جهڙوڪ "سائي جهنڊي" ميلارام واسواڻي (1966 ع)، "ٽئين بستيءَ" گورڌن ڀارتي (1962 ع)، "تارن ڀري رات" هوندراج بلواڻي (1967 ع)، "ٻاهر جو گولو" آتمارام لالواڻي (1970 ع)، "ٽئين زماني جو ڪوئو" ايشور چندر وغيره ذڪر لائق آهن. بعد ۾ جيوت گوگيا ۽ هوندراج بلواڻيءَ جا چڱا ڪتاب شايع ٿيا. ٻين جن اديبن جا ٻاراڻين ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ٿيا، انهن ۾ ذڪر لائق اديب آهن: لڇمڻ ڀمڀاڻي، واسديو سنڌو ڀارتي، لڇمڻ ڪڪڙيجا، ريتا شهاڻي، ڪيمن مولاڻي، ڪلپنا اشوڪ چيلاڻي، واسديو نرمل، وينا شرنگي، ڊاڪٽر جيتو لالواڻي وغيره."[5]

ٻاراڻو ناول:

آزاديءَ کان پوءِ هند ۾ ٻاراڻي ادب ۾ ڪافي ناول شايع ٿيا آهن. ان سلسلي ۾ موهن ڪلپنا جو "سرڳ جي ڳولا" (1958) اهم آهي. هن ۾ حقيقي خوشيءَ جو موضوع کنيل آهي. موهن خود هن ناول بابت لکي ٿو: "ٻارن لاءِ هيءَ منهنجي پهرين رچنا آهي." ناول ۾ ناول جو هيرو سرگم به ٻار ئي آهي، جنهن ۾ مستي، شوخي، ساهس، سچائي ۽ ڪلپنا جي اڏام سان گڏوگڏ، دنيا جي اندر ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي خواهش به آهي. ٻار اڪثر چنچل، ڀورالا، ضدي، شرارتي ۽ همت ڀريا ٿيندا آهن. پنهنجي معصوم شرارتن، ناٽڪي ويرتا ۽ فلسفيانه گفتگوءَ سان، هو اهڙا ته مسئلا ڪڙا ڪري ڇڏيندا آهن، جو انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻارن جي من و گيان جا ڪيترائي طريقا ڳولايون ٿا ۽ پوءِ به ڀروسو نه هوندو آهي ته ڪو حل ملي سگهندو به يا نه؟ سرگم جي سيني ۾ هڪ رامي آهي، ڪو ايملي آهي، ڪو شيڪر آهي."[6]

ٻين ناولن ۾ ديپچندر تلوڪ چند جو "سندر رامائڻ" (1963 ع)، دولترام هيمنداس ڪلياڻي جو "راجا وڪرماجيت جون 22 پتليون" (1963 ع)، دولترام هيمنداس ڪلياڻي جو "چار درويش" (1963 ع)، سترامداس سائل جو "سهراب ۽ رستم" (1964 ع)، هوندراج بلواڻي جو "هڪڙو هو راجڪمار" (1968)، ڪنعيو ڳوبلاڻي جو "ڀڳڙو مندر ۾" (1971 ع)، راجيش ڪتواڻي جو "ڀوپ جادوگر" (1976 ع)، جڳديش لڇاڻي جا "گلن ڦلن جي راڻي" (1982) ۽ روپ نگر جي راجڪماري (1982 ع)، ميول آهوجا جو "لال جادوگر" (1983 ع)، ٺهلرام جيسومل "آزاد" جو هيرا موتي" (1985 ع)، جيوت گوگيا "جوت" جو "شينهن ۽ ٻڪري" (1990 ع)، منوهر بيدي ۽ جڳديش لڇاڻي جو "ملي ڪبو مقابلو" (1990 ع)،

ٺهلرام جيسومل "آزاد" جو "معصوم مرڪ" (1991 ع)، جگديش لچاڻي جو "لال هيري جي ڳولا" (1992 ع)، هوندراج بلواڻي جو "ٺئون نرالو جهنگل" ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

ٻاراڻو ناٽڪ:

ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ ٻاراڻي ناٽڪ تمام گهڻي ترقي ڪئي، ان جو هڪ سبب اهو به هو ته هند ۾ اسٽيج ناٽڪ پنهنجي عروج تي پهتل هو ۽ ان کي ڏرمي حيثيت به حاصل رهي آهي. "ورهاڱي کان پوءِ جيڪو پهريون ٻارن جو ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو اهو آهي "ڇهچتا" جيڪو منوهر داس ڪوڙي مل ٻاران 1964 ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ صحت تي ننڍا ننڍا ناٽڪ شامل ڪيا ويا آهن. بعد ۾ جيڪي ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا، تن ۾ هوند راج بلواڻيءَ جا "ڏهين جو نوٽ"، (1968) "رنگ رنگيلي" (1980) ۽ "انمول موتي" (1982)، چيني لالواڻيءَ جا "ترنگي روشني" 1986)، "شريمان ڦيرو ڦرڪي" (1996)، "مسٽر گپوڙيداس" (1998) ۽ "مڃر مامو" (2006)، ڪيرت مهر چنداڻيءَ جا "گلن جهڙا ٻارڙا" (1969) ۽ "سدا مهڪن گلڙا" (1970)، ڀڳونتي ڪريجا جو "جمني ڪئي شادي" (1980)، چندرسين ناواڻيءَ جو "پوست جو ڏيو" (1982) رام ڀڳچنداڻيءَ جو "پلي آيو آرتوار" پوپٽي هيرانندڻيءَ جو "راڻي پدمڻي" (1982) ۽ ٻيا شامل آهن. اهڙيءَ ريت هندستان ۾ جاري ٿيندڙ ٻارن جي رسالن ۾ "گلستان" (حيدرآباد)، جهرمر (احمدآباد) "ڦلواڙي"، "ادبي چمن" ۽ ٻين ۾ ٻارن جا 30 کن ناٽڪ ڇپيل آهن، جن مان ڏهاڪو کن ته رڳو هوند راج بلواڻيءَ جا لکيل آهن. ساڳيءَ طرح "آڪاشواڻيءَ" جي احمدآباد، بڙودا، دهلي، ممبئيءَ ۽ ٻين اسٽيشنن تي 25 جي لڳ ڀڳ ٻارن جا ڊراما/ ناٽڪ هلي چڪا آهن، جن جي ليکڪن ۾ هوند راج بلواڻي، ڪيرت مهر چنداڻي، هريش ڪڪواڻي ۽ چينو لالواڻي شامل آهن، هي سلسلو اڃا تائين هلندڙ آهي."[7]

ٻارن لاءِ مضمون نگاري:

هندستان ۾ پڻ ڪي ٿورا ٻارن لاءِ مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيا آهن. ٻارن جي موضوع ۽ سنڌي ٻال ادب تي ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ سرل ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ انيڪ مضمون جوڙيا آهن. ڪتابن جي سلسلي ۾ داس طالب جو "مضمون

مالها"(1951ع)، سنتداس جهانگياڻي جا "ٻاپ جي مايا"(1967ع)، ڪيرت مهرچنداڻي جو "ٻڪڙيل گل" (1982ع)، "گل ڦل" 1983ع، پرمانند ميوارام جو "گل ڦل"، موتي پرڪاش "چونڊ گل" (2008ع) وغيره اهم آهن.

هند ۾ ٻاراڻي ادب جي سلسلي ۾ 1960ع کان 2000ع تائين جو عرصو شاندار رهيو آهي. هند ۾ ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ جو هڪ سبب اهو به هو ته اتي ان کي سرڪاري سرپرستي حاصل رهي. هن دور ۾ ڪيترائي اديب ٻاراڻي لکڻين سان سڌي يا اڻ سڌي ريت وابسته هئا. انهن ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، جيوت گوگيا "جوتي"، ايشور چندر،هوندراج دکايل، آسو محبوباڻي، ڀڳوان نردوش، پرسرام ضيا، هري دلگير، جگديش لڇاڻي، جيٺو لالواڻي، ديال آشا، روشن گولاڻي، روپ ڪمار گهايل، رام پاڳچنداڻي، ريتا شهاڻي، ڪشن خوبچنداڻي، ڪمل پياسي، گوورڌن محبوباڻي، هوندراج بلواڻي، ڪلا پرڪاش، آشا چاند، ڪيمن مولاڻي، لڇمڻ ڪومل، لڇمن ڪڪڙيجا، ليکراج هنس، منوهر نهالاڻي، موتي پرڪاش، موهن ڪلپا، هري موٽواڻي، واسديو نرمل، واسديو سنڌو پارتي، وينا شرنگي، ومي سدارنگاڻي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. هن وقت، هند ۾ ٻاراڻو ادب زوال پذير آهي، ڇو ته هند ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو تمام تيزيءَ سان گهٽجي رهيو آهي ۽ سنڌي ميڊيم تعليم ختم ٿي رهي آهي. هند جا سنڌي ٻار سنڌي ميڊيم جي جاءِ تي هندي ۽ انگريزيءَ کي ترجيح ڏين ٿا. گهرن ۾ ٻار سنڌي جي بجاءِ انگريزي ۽ هندي ڳالهائين ٿا. ان کان علاوه، ٻاراڻي ادب وارا اديب هڪ هڪ ٿي لوڪ پڌاري رهيا آهن ۽ انهن جي جاءِ تي نئون نسل ٻاراڻي ادب ۾ دلچسپي نه ٿو رکي. هتي ورهاڱي کان پوءِ هند ۾ ٻارن جي ڪن خاص مشهور ليکڪن جو احوال ڏجي ٿو:

جيوت گوگيا "جوتي" (1929_1995ع)

جيوت گوگيا "جوتي"، هند ۾ ٻاراڻي ادب جو بنيادي ليکڪ هو. هن ٻاراڻي ادب ۾ ناول، ناٽڪ آکاڻيون لکيون. 1961ع ۾ سندس "ڏاڏيءَ جون آکاڻيون باتصوير شايع ٿيون جنهن تي هند سرڪار کيس ايوارڊ پڻ ڏنو. 1968ع ۾ سندس "پرين جون آکاڻيون" شايع ٿيون جيڪو پڻ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. سندس ٻين آکاڻين جي ڪتابن ۾ آکاڻيون ئي آکاڻيون (1979ع)، "نانيءَ جون

آکاڻيون" (1981ع)، "رنگ برنگي آکاڻيون" (1986ع) ۽ ناول "شينهن ۽ ٻڪري" (1990ع) شايع ٿيل آهن.

ڪمل پياسي (1929_2014ع)

ڪمل ڪيولراماڻي پياسي جو جنم جيڪب آباد ۾ ٿيو. هو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. ٻاراڻين ڪهاڻين جي مجموعن ۾ "سائي جهنڊي" (1966ع) اهم آهي، جنهن ۾ هن سنڌي ٻار جي جيوت جو معاشي مسئلن کي پيش ڪيو آهي. جڏهن ته سندس ٻارن جي شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ٽمڪندڙ تارا" (1984ع) ، "پنکڙيون گلاب جون" (1984ع)، "ديپ لليت" ۽ "ڪوڙ ٽڻ گل ڦل ۽ سرهاڻ" شامل آهن.[8]

گوورڌن "ڀارتي" محبوباڻي (1929 _ 2010ع)

گوورڌن محبوباڻيءَ جو جنم ڳوٺ آراضي، تعلقي سيوهڻ، ضلعي ڄامشوري ۾ ٿيو. سندس سڄاڻپ گهڻ رخي آهي. سندس ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ "پيلو چنڊ لال داغ" (1966ع) شامل آهي. ان کان علاوه گوورڌن محبوباڻي ڪيتريون ٻاراڻيون آکاڻيون پڻ لکيون آهن، جن جي مجموعن ۾ "نئين بستي" (1963ع) ۽ "چنڊ تي چڙهائي" (1991ع) شامل آهن.[9]

جڳديش لڇاڻي (4 ڊسمبر 1939ع)

جڳديش ولد ڇوپراج لڇاڻيءَ جو جنم پير ڳوٺ، ضلعي خيرپور (ميرس) ۾ ٿيو. سندس شهرت مضمون نگاري، تنقيد ۽ افسانہ نگاري جي ڪري آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جڏهن ته ٻارن جي آکاڻين ۾ "جهرڪي لڏو ٽڪو" (1979ع)، "روپ نگر جي راج ڪماري" (1982ع)، "گلن ڦلن جي راڻي" (1983ع)، "ڪٺي انڌي ڪنوار" (1983ع)، "ٻال ڪهاڻيون" (1985ع)، "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" (1989ع)، "هڪڙو هو ڏاهري" (1989ع)، "ملي ڪبو مقابلو" (1991ع)، "لال هيري جي ڳولا" (1992ع)، "وگيان جون آکاڻيون" (1994ع)، ڪڪڙ ۽ ڪينٺون" (2011ع) ٻيون ڪيتريون ٻاراڻيون ڪهاڻيون بہ شامل آهن. جڳديش لڇاڻي ٻارن جي نفسيات ڄاڻيندڙ ڪهاڻيڪار بہ آهي.[10]

پگوان "نردوش" (13 آڪٽوبر 1942 ع)

پگوان ڪمون مل هوتچنداڻي، ڳوٺ دريا خان مري ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو. هن شعر جي شروعات 1960ع کان ڪئي. سنڌس ٻهرين رچنا، هڪ گيت "وطن جي آن رکڻي آهي، وطن جي آن رکنداسين" 1965ع ۾ شايع ٿيو. سنڌس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. انهن ۾ ٻارن لاءِ رنگ برنگي ڦوڪڻا (ٻاراڻي شاعري، جو مجموعو: 1978ع)، "گل گلاب جا" (ٻاراڻيون ڪهاڻيون: 1975ع)، 'سوني مڇي' (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون: 1976ع) ۽ 'رم جهم رم جهم' (ٻاراڻا گيت 1995ع) شامل آهن".[11]

هوندراج بلواڻي (9 جنوري 1946ع)

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، جو جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ٻاراڻي ادب لاءِ پاڻ کي ارپي ڇڏيو اٿائين "سنڌي ٻال ساهتيه" جي عنوان تي پي ايڇ - ڊي ڪري چڪو آهي. ڪيترين ئي ٻاراڻن ڪتابن جو ليکڪ آهي ۽ بيشمار رسالن جو سهيڙيندڙ ۽ ايڊيٽر آهي. ٻاراڻي ادب ۾ هو نقاد، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار، ڪالم نگار، ترجمان، ايڊيٽر، شاعر ۽ محقق طور مشهور آهي. پوري هند ۾ ٻاراڻي ادب ۾ هن کان وڌيڪ ڪو به اهڙو اديب نه آهي، جنهن دل ۽ جان سان ٻارن لاءِ ايترو ۽ هر صنف تي لکيو هجي. هن هند جي ٻاراڻي ادب تي پي.ايڇ.ڊي به ڪئي آهي. هن جي ٻاراڻي شاعري، ناٽڪ، آڪاڻيون، خاڪا، ٽوٽڪا، شاعري، قصا، لوڪ ڪهاڻيون، سفرناما، مضمون، سائنسي ۽ جاسوسي ڪهاڻيون، رسالن جي اشاعت سميت تمام وڏو ڪردار آهي. هن نه صرف مقدار جي لحاظ کان سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ لکيو آهي، پر اهو معياري به آهي. ٻاراڻي ادب به سنڌس ايترو ته ڪم آهي، جو خود ان تي پي.ايڇ.ڊي ٿي سگهي ٿي.

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي "ٻال ساهتيه جو وڪاس" تي ٿيسز لکي ۽ پي ايڇ ڊي جي ڊگري 1992 ۾ حاصل ڪئي. جيڪا ٿيسز 2005 ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي. پنهنجي ادبي ڪارنامن جي ڪري ڪيس تمام گهڻا ايوارڊ ٻڻ ملي چڪا آهن. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي جي ٻال ساهت جا اصلوڪا مجموعا هن ريت آهن: "جادونگري" (1967)، "تارن ڀري رات" (1967ع)، "بنسري" (1967ع)، "هيرا موتي" (1967ع)، "برف جو پتلو" (1967ع)، "به راجڪمار" (1967ع)، "ذهين

جو نوٽ" (1968ع)، "هڪڙو هو راجڪمار" (1968ع)، "راجوءَ جي ٽوپي" (1968ع)، "دنيا رنگ برنگي" (1969ع)، "سوليون پروليون وٺون انعام" (1969ع)، "ٽي گهوري" (1969ع)، "ڪل گهٽو جيءَ گهٽو" (1969ع)، "ٿهڪن جي برسات" (1969ع)، "ڪاڪو ڪوڏومل" (1969ع)، "پپوءَ جو پيارو موتي" (1970)، "جادوءَ جو ڪٽورو" (1970ع)، "چرچا مهاپرشن جا" (1971ع)، "پالش وارو" (1971)، "سونا پري" (1975)، "چهر بهر چٽڻي" (1975)، "گول گپا" (1976)، "ڪتا منا گول گپا" (1976)، "ٽي باندر" (1976)، "بيربل جو پاءُ" (1976)، "ڪتمنڙا" (1977)، "ٿهڪ ئي ٿهڪ" (1977)، "ڪل ته سهين" (1977)، "جادوءَ جي بوتل" (1977)، "ڏياريءَ جو ڏيئو" (1978)، "جهرڪي ۽ آڪيرو" (1978)، "ٿنڌو سفيد ماڻهو" (1978)، "مامي جون مڇون" (1978)، "ٽي سونا وارا" (1978)، "ستن سالن جي ڇوڪري" (1978)، "چمتڪاري گهوڙو" (1978)، "ڏنار جي ڏيءَ" (1978)، "صوف جي ڪهاڻي" (1978)، "جادوئي ڪمي" (1978)، "ٽهڪن لاءِ ٽول" (1979)، "دنيا جون بهترين ٻال ڪهاڻيون" (1979)، "گلستان جا ٻال گيت ۽ ٻال ڪهاڻيون" (1997)، "گلڙا گلستان جا" (1997)، "سنڌ جي سوڪڙي" (1979) "سوني جهرڪي ۽ ڏيڏر" (1979)، "بيوقوف سهو" (1980)، "انمول موتي" (1982)، "گيان جو خزانو" (1982)، "چوٽون باندر" (1983)، "شاهوڪار ڪوئو" (1983)، "سادو راجا" (1984)، "بجرنگ بلي" (1984)، "چونڊ سنڌي ٻال ڪهاڻيون" (1984) "مرگارام ۽ طوطارام" (1985)، "ڪوئي لڏي هنڌ ڳڙي" (1985)، "ٻارن جو گجو پائي" (1986)، "پنهنجي نگري پياري" (1987)، "چريت راجا" (1987)، "پراپڪاري پمون" (1988)، "ارچڪ مرچڪ" (1989)، "ٽئين ناني" (1990)، "ٻارن جون لوڪ رانديون" (1992)، "قدرت جي گود ۾" (1993)، "سياڻا سمجهو ٻارڙا" (1994)، "ڇو منتر" (1995)، "ٽنگ جيڏو ڇوڪر" (1996)، "ماستر موڪل تي" (1997)، "ڪرامتي مشين" (1998)، "رنگ رنگيلي محفل" (1998)، "گول متول" (2003)، "گوپو ۽ ٽوپوءَ جي جوڙي" (2008)، "ٽئون نرالو جنگهل" (2009)، "ايسرداس جو اسڪوٽر" (2010)، "آڪاٽين جو دڪان" (2012) شامل آهن. جڏهن ته ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ جي ٻين ڪتابن ۾ "سيتارام جي دنيا" (1965)، "هوءَ روئي ويئي" (1966)، "هڪ مرڪ ٻه لڙڪ" (1967)، "خوني تارچ" (1971)، "ٿمپائر سنيما ۾ خون" (1975)، "هڪ

سون جو رهيو" (1979)، "چنو ماڻهو"(1980)، "قيد ٿيل روشنيءَ جا ٽڪرا" (1980)، "گرم ماس جا سوداگر" (1982)، "درٻاري" (1987)، "امنگ ٻارن جو ٿيئٽر"(1988)، "اڪر پوري" (2003)، "ارادن جي آڌو" (2009)، شامل آهن".(12)

هوندراج بلواڻيءَ جي هن ادبي پورهئي مان معلوم ٿئي ٿو ته هن ٻارن جي هر موضوع تي لکيو آهي يا ترجمو ڪيو آهي. دنيا جهان جا موضوع ڪٺي هن سنڌي ٻوليءَ ۾ سمايا آهن. اهو به معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ ڪان اڳ ٻالڪ ساهت جو مطالعو ڪيو اٿس، ڇو ته هن انهن ڪهاڻين ۽ ڪتابن کي نيئن انداز ۾ به پيش ڪيو آهي.

چينو لالواڻي (8 مارچ 1945ع)

چينو ولد ماڌو داس لالواڻي جو جنم ڪنڊياري، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. پاڻ ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس، محقق ۽ صحافي آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن ٻاراڻي ادب ۾ پڻ تمام گهڻو موڪيو آهي. ان سلسلي ۾ هن ٻارن لاءِ ناول، ناٽڪ، آکاڻيون ۽ ٻيا ڪتاب لکيا آهن. ٻاراڻي ادب ۾ سندس 'آڪاشي ياترا' (ٻاراڻو سائنس فڪشن 1982ع)، 'ماءُ' (صحت: 1982ع)، 'ڪتنبي صحت' (1982ع)، "علي بابا گم" (ناول، 1993ع)، جادوئي چڊو" (ناول، 1983ع). 'شاديرڪ تعليم- بدني سکيا' (ورزش، 1984ع)، "امرت ڪٿائون" (ترجمو 1985ع)، "ترنگي روشني" (ناٽڪ 1986ع)، 'سنڌي پروليون' (لوڪ ادب: 1995ع)، "شريمان ڦيروڦرڪي" (طويل ناٽڪ 1996ع)، "مسٽر گهوڙي داس" (ناٽڪ 1996ع)، "دي گيم" (ناٽڪ 1996ع)، "ٻليءَ جو صبر" (ڪهاڻيون 1997ع)، "ميجر مامون" (ايڪايون، 2006ع)، 'ڪتابي ڪيڙو' (ڪهاڻيون: 2008ع)، راڄ پٽ جو راهه" (2012ع)، ۽ 'سنڌي ٻال رنگ منچ' اهم آهن".(13)

دريءَ مان ٻاهر" ڪهاڻيءَ ۾ هندستان ۾ رهندڙ هڪ سنڌي ٻار جو ڪردار پيش ڪيل آهي، جيڪو ٻاهر وڪڻندي سنڌ جي ياد جا هوڪا پيو ڏئي.

وِمي سدارنگاڻي (15 آگسٽ 1971ع)

وِمي سدارنگاڻيءَ جو جنم اجمير، راجستان ۾ ٿيو. جڏهن ته سندس ابا ڏاڏا، خدا آباد (ضلعي دادو) سنڌ جا هئا. وِمي، هند ۾ رهندڙ سنڌي اديبن جي ٽين پيڙهيءَ سان واسطو رکي ٿي. وِميءَ ننڍيءَ عمر ۾ ئي هِڪ سٺيءَ تعليمدانِ طور پاڻ کي

SOORIH SINDHI ADAB

مجائي ورتو آهي. هن ڪجهه درسي ڪتاب به لکيا آهن، جن ۾ "سنڌي پهريون ڪتاب" (1994ع)، "سنڌي پيو ڪتاب" (1994ع)، "سنڌي اکر مالا_1 (1997ع)، سنڌي اکر مالا_2 (1997ع) ۽ "سنڌي پاٺ مالا_1 (1997ع) شامل آهن. هن ٻارن لاءِ نثر ۽ نظم ۾ چار ڪتاب به لکيا آهن، جن ۾ "مڪڙيون" (ٻاراڻا ناٽڪ) 1995ع، "ٻليءَ جو اسڪول" (ٻاراڻا گيت/ نظم) 1998ع، "سباجهي راڻي" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) 1999ع، "مَمِي اِئين ڇو آهي؟" (مونولاگ) 2001ع شامل آهن. شاعريءَ جا ٻه مجموعا ڇپيا آهن: سونهري رنگ جي ڪاراڻ (1996ع) ۽ سچ الائي ڪٿي ڪِري پيو (2004ع) به شايع ٿيل اٿس".(14)

ڊاڪٽر روشن گولاڻي (29مئي 1972ع)

ڊاڪٽر روشن لکميچند گولاڻي جو جنم احمد آباد ،هندستان ۾ ٿيو علمي ادبي ميدان ۾ سندس سڃاڻپ شاعر، مترجم، ڪالم نگار ۽ ليکڪ طور ڪئي وڃي ٿي. هند ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي سرڪاري ادارن جو ميمبر آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ ٻارن لاءِ رنگ برنگي گل (ٻاراڻا نظم)، منڙي منڙي لاٽ (ٻاراڻا نظم)، روشن آواز (گيت ۽ غزل، 2011ع)، روشن تارا (ٻاراڻا نظم، 2012ع)، رنگ برنگي پوپٽ (ايڊٽ ڪيل، 2014ع)، روشن ٻاراڻا ٻول (ٻاراڻا نظم،2015ع)، ٻال گلشن (ٻاراڻا نظم،2017ع،)، مور نچي ٿو (ٻاراڻا نظم، 2018ع)، ڪاغذ جي ٻيڙي) ٻاراڻا نظم،2018ع)، باغ بهار (ٻاراڻو ادبي مخزن، 2020ع) شامل آهن".(14)

SOORIH SINDHI ADAB

حوالا:

1. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي : "سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر"، سنڌي ساهت ڪتاب گهر، حيدرآباد، 1996ع، ص 7
2. امر جليل: "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي" (جائزو)، ساهت ڌارا، دهلي اپريل 1965
3. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي: "سنڌي ٻال ساهتيه"، ماڊرن پرنٽرز، مارچ 2005ع، ص 52
4. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي: "سنڌي ٻال ساهتيه"، ماڊرن پرنٽرز، احمد آباد، 2005ع، ص 58
5. ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي: سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر" (سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس _مقالا، ترتيب پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ پروفيسر سليم ميمڻ)،

ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2016ع، ص 271، 272

6. موهن ڪلپنا: ”سرڳ جي ڳولا“، ناري پبليڪيشن، حيدرآباد، 2016ع

7. خالد آزاد: ”سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ“ (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، سنڌ، 2016ع، ص 182

8. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2015ع، ص 549

9. ساڳيئو حوالو ص 555

10. ساڳيئو حوالو ص 668.

11. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد پيو)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2010ع، ص 103

12. هيءَ سموري معلومات ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻيءَ جي لکيل مضمون ”سنڌ هند جي ٻال ساهت جو سرسري نقد، مني ڪهاڻيون جوڙيندڙ محقق ”ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي“، سنڌ سلامت ويب سائيٽ تان آن لائين ڪنيل آهي.

13. خالد آزاد: ”سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ“ (جلد پهرون)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، سنڌ، 2016ع، ص 197

14. تاج جويو: ”ومي سدارنگاڻيءَ جي تخليقن جو جائزو“، آن لائين فيس بوڪ تان ڪنيل

15. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد پيو)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2017ع، ص 401

SOORTH SINDHI ADAB

ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" اڪيڊمي شڪارپور/ ڪراچي
ٻاران ٻارن لاءِ شايع ٿيل ڪتاب

01. ٻالڪ ڌرتيءَ تاٺاٺا (ٻارن لاءِ شاعري) .... وحيد محسن .... ڇاپو پهريون ... ڊسمبر 2017ع.

02. راندين جو هفتو (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ... ليکڪ: وحيد محسن ... ڇاپو پهريون ڊسمبر 2018ع.

03. ننڊڙي پري (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ... ليکڪ: وحيد محسن ... ڇاپو پهريون ڊسمبر 2019ع.

04. ڪاغذ جون ٻيڙيون ...(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ... ليکڪ: وحيد محسن ... ڇاپو پهريون ڊسمبر 2020ع.

05. هالار جو خواب (ٻارن لاءِ ناول) ... ليکڪ: وحيد محسن ... ڇاپو پهريون ڊسمبر 2022ع.

06. نئين سوچ (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ڪهاڻيڪار: حاڪم علي ڪتوهر ... ڇاپو پهريون ڊسمبر 2022ع.

07. انگريزي الفابيٽ نيڙو پٽي (ٻارن لاءِ شاعري) ... منظور "دانش" سومرو .. جنوري 2023ع.

08. نئين اميد(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ... عبدالجبار عبد .... آڪٽوبر 2023ع.

09. آزادي زنده آباد (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ... عبدالواحد سومرو ... ڇاپو پهريون جنوري 2024ع.

سنڌي ٻاراڻي ادب جي مختصر تاريخ .... مختيار احمد ملاح .... ڇاپو پهريون .... مارچ 2024ع

❋❋

SOORIH SINDHI ADAB

مختيار احمد ملاح سنڌي ادب ۾ ٽن ڏاڪن کان ڪم ڪندڙ بنيادي نصابي اديب ۽ محقق طور سڃاڻپ رکي ٿو. هن ادب جي مختلف صنفن تي مختلف انداز ۾ تحقيقي ڪم ڪيو آهي. نہ رڳو اهو پر هن ڪيترائي ڪتاب مرتب ڪري سنڌي ادب جي جهول ۾ وڌا آهن.

مختيار احمد ملاح خاموش ڪردار. ڪم سان ڪم رکڻ واري سوچ تحت جيڪي رندا روڙيا آهن. سي ڳڻائڻ لاءِ وڏو ميدان گهرجي. ٿورڙن پيرائن ۾ سندس تعارف ڪرائڻ مشڪل ٿيو پوي.

مختيار احمد ملاح جو هي ڪم ٻاراڻي ادب جي تاريخ جي حوالي سان تمام اهم آهي. سندس هي اهم ۽ تاريخي ڪم بنھ منفرد آهي. اهڙي دور ۾ جتي ٻاراڻي ادب تي ڪم ٿيڻ ئي گهٽجي ويو آهي. اُن دور ۾ مختيار احمد ملاح جو هي تحقيقي ڪتاب "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" هڪ پاسي ٻاراڻي ادب جي جاڳرتا مهم تہ آهي ئي پر اوائلي دور کان وڪريل ليکڪن توڙي لکڻين کي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪرڻ پڻ آهي.

يقينن هن اهم ۽ جامع انداز ۾ ٿيل تحقيق وري تحقيق جا دروازا کوليندي. نہ رڳو ايترو پر ٻاراڻي ادب جي ٻيهر تعمير بہ ٿيندي ۽ نئين سنئين ڪم شروع ٿيندو.

اهڙي اهم ڪم سرانجام ڏيڻ تي مختيار احمد ملاح کي واڌايون. انهي اميد سان تہ هي ڪتاب بہ سندس ٻين تحقيقي ڪتابن جيان تحقيق جي جهان ۾ اهم جڳهہ والاريندو.

عبدالواحد سومرو

ڪراچي

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488